# رَوائِحِ رِیحانیؒ

شرح

# لَوائِحِ جامیؒ

غُلامِ حُسین "مُشتاق" سچّاروِیؒ

سَروَرٹ پبلیکیشن

حیدر آباد - سندھ

# حجة الاسلام حضرت امام غزالي رحمة الله عليه
# جو ارشاد مبارڪ

مون ڏهه سال مجاهدي لاءِ خلوت نشيني اختيار ڪئي. انهيءَ خلوت دوران مون تي اهڙن (وهبي) معاملن جو انڪشاف ٿيو، جن جو احاطو ڪرڻ يا اندازو لڳائڻ ممڪن نہ آهي. پر انهن سمورن نفعو ڏيندڙن مان هڪ حقيقت، جنهن جو مون ڪي يقين آهي، اُها هيءَ آهي تہ صوفي حضرات ئي معرفت الٰهيءَ جي سڌي راهہ جا پانڌيئڙا آهن. سندن سيرت باقي سيني جي سيرت ڪان وڌيڪ سٺي آهي. سندن طريقو ٻين سيني ماڻهن جي طريقي ڪان درست آهي. هنن جو خُلق سمورن جي خُلق ڪان پاڪيزه آهي. يا ائين سمجهو تہ تمام عقلمند ماڻهن جي عقل، تمام حڪيمن جي حڪمت، تمام عالمن جي علم ۽ سندن رموز و اسرار هڪ هنڌ گڏ ڪيو وڃي تہ بہ صوفي حضرات جي سيرت ۽ اخلاق ڪان بهتر نٿا ٿي سگهن، ڇو تہ هنن جا سمورا ظاهري ۽ باطني زندگيءَ جا احوال ۽ افعال، حرڪات ۽ سڪنات براهہ راست نبوّت جي نوراني سيني مبارڪ جي نور سان فيضياب ۽ منوّر هوندا آهن ۽ هن ڪائنات ۾ نورِنبوت ڪان وڌيڪ ڪوبہ نور نہ آهي، جنهن مان روشني حاصل ڪئي وڃي.

(المنقذ من الضلال)

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

مَوْلَایَ صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا أَبَدًا

عَلٰی حَبِیْبِكَ خَیْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

مُحَمَّدٌ سَیِّدُ الْكَوْنَیْنِ وَالثَّقَلَیْنِ

وَالْفَرِیْقَیْنِ مِنْ عُرْبٍ وَّمِنْ عَجَمِ

صلی اللہ تعالیٰ علیہ وعلیٰ آلہٖ واصحابہٖ وبارک وسلم

# روائح ريحاني

شرح

# لوائح جامي رحمة الله تعاليٰ عليه

حضرت مولانا نورالدين عبدالرحمٰن جامي رحمة الله تعاليٰ عليه

ترجمو ۽ تشريح

**غلام حسين 'مشتاق' سچاروي**


**سرواڻ پبليڪيشن**

بنگلو 53/3، لياقت روڊ، سول لائين

حيدرآباد

# سڀ حق ۽ واسطا محفوظ



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | روائح ريحاني شرح لوائح جامي رحمة الله تعالیٰ عليه |
| تحقيق ۽ تشريح: | غلام حسين ’مشتاق‘ سچاروي ’ |
| ڪمپوزنگ: | اسدالله پنهور (0321-3010894) |
| ٽائيٽل خطاطي: | فيض محمد پتافي سڪندري |
| ڇاپو: | فيبروری 2022 ع |
| هديه: | 500 روپيا |
| تعداد: | -/500 |
| ڇپائيندڙ: | سرواڻ پبليڪيشن |
| | بنگلو 53/3، لياقت روڊ، سول لائين حيدرآباد |
| | موبائيل فون: 03009371724 - 03411234577 |
| ڇاپيندڙ: | پاڪيزه پرنٽرز- گاڏی کاتو، حيدرآباد |
| | فون: 0315-0314460 |

## ملڻ جو هنڌ

سرواڻ پبليڪيشن

بنگلو 53/3، لياقت روڊ، سول لائين حيدرآباد

فون: 0222108020 - 0222781712

موبائيل فون: 03009371724 - 03411234577

# انتساب

مان پنهنجي هن قلمي ڪاوش کي پنهنجي نهايت پياري نياڻي

**شهيد ڊاڪٽر سمن سچاروي**

۽ ساڻس گڏ شهيد ٿيل اکين جو نور نياڻي

**ويعين مگريو**

جي ياد ۾ منسوب ڪريان ٿو. سورة الفاتحه ۽ چار قُل پڙهي شهيدن جي روح کي بخشڻ جو طلبگار آهيان.

جزاڪم الله خيرًا

- غلام حسين
'مشتاق' سچاروي

# فهرست


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 5 | • تعارف |
| 11 | • حقيقت حال |
| 15 | • مختصر تعارف حضرت مولانا عبدالرحمٰن جامي رحمة الله تعالىٰ عليه |
| 18 | • لوائح جامي جي اهميت |
| 20 | • تَنَزّلات سته يا مراتبِ وجود |
| 23 | • لطائف سته (ڇهه لطيفا) |
| 25 | • تصوّف |
| 31 | • تصوّف ۽ صوفي |
| 38 | • تصوّف جي معنىٰ ۽ مفهوم |
| 43 | • وحدت الوجود |
| 52 | • وحدت الشّهود يا مجدد الف ثاني رحمة الله تعالىٰ عليه جو نقطه نظر |
| 59 | • نفس- نفس اماره - نفس لوّامه - نفس مطمئنه |
| 66 | • اولياء اللّٰه |
| 73 | • علم جي فضيلت |
| 81 | • فنا في الشيخ - فنا في الرسول - فنا في اللّٰه |
| 85 | • حقيقتِ مُحمدي |
| 91 | • بشر ۽ نُور جو مسئلو |
| 124 | • فهرست لوائح جامي |
| | • ماخذات |

# تعارف

مانواري سائين ’مشتاق‘ سچاروي صاحب جي شاعري ۽ ٻيون لکڻيون گهڻي زماني کان پڙهندا رهيا آهيون. سندس ادبي ڪاوشن جو عرصو اسان جي ڄمار ڪان بہ گهڻو آهي ۽ اهي لکڻيون فڪري ۽ فني لحاظ کان مڃتا ماڻي چڪيون آهن.

سچاروي صاحب جي لکڻين جي فني پختگي، وسيع مطالعي جون جهلڪون ۽ سنڌي ٻوليءَ جا رنگ ۽ مٺاس ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. سنڌ ۾ عربي ۽ فارسي ٻوليون گهڻي زماني کان خاص ڪري سرڪاري ۽ دفتري لحاظ کان رائج رهيون آهن. ائين درسگاهن ۾ بہ پڙهائيبيون ۽ پڙهجنديون رهيون آهن. سچاروي صاحب نہ رڳو انهيءَ حقيقت کان آگاهہ آهي، پر انهن ٻولين جو تمام سٺو ڄاڻو آهي ۽ پڻ انهن جي اهميت بہ سمجهي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڏنل سندس شاهڪار تذڪري مان بہ معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هو مختلف علمن سان گڏ پاڻ شاعر هئڻ ڪري شاعري جي علم ۽ فني گهرجن جو سٺو ڄاڻو آهي. ان ڪري ئي هو، جڏهن ڪنهن شعر جو ترجمو ڪري ٿو تہ اُن جي مڙني گهرجن کي نظر ۾ رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ هڪ عالم آهي. ساڻس جڏهن ملبو تہ مختصر طور حالي احوالي ٿيڻ کان پوءِ ڪچهري ڪندي جيڪا بہ ڳالهہ ڇيڙيندو، اها علمي ادبي هوندي. سندس ڪا بہ گفتگو يا ڳالهہ بي مقصد نہ هوندي آهي. اتي سندس وسيع مطالعي جي پالوٽ جي پـَرَ بہ پوندي آهي، ڪيس اسلامي تعليم جي ڄاڻ بہ گهڻي آهي تہ سنڌي، اردو سان گڏ فارسي شاعري ۽ نثر جو مطالعو بہ گهرو آهي. خاص ڪري فارسي شاعريءَ جي لحاظ

ڪان ڏاڍي شاهوڪار ٻولي آهي. منجهس وڏا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، انهن ۾ حافظ جهڙو شاعر به آهي ته فردوسيءَ جهڙو سندن ملڪ جو قومي شاعر به آهي ته وري جاميءَ جهڙو صوفي به آهي. فارسي ٻوليءَ جو مشهور صوفي شاعر مولانا نور الدين عبدالرحمان ’جامي‘ تمام وڏو عالم هو. هرات جي ’جام‘ علائقي ۾ پيدائش جي ڪري ’جامي‘ تخلص اختيار ڪيائين. توڙي جو هن نثر به لکيو، پر سندس گهڻي شهرت شاعريءَ جي ڪري آهي. سندس شاعريءَ ۾ ست مثنويون ۽ ٻيا ڪيترا ئي مجموعا مشهور آهن. انهن ۾ ’لوائح جامي‘ به گهڻو مشهور ڪتاب آهي. ’لوائح جامي‘ ۾ ديباچي کان سواءِ آخر ۾ خوبصورت انداز سان خاتمو لکيل آهي. سندس ٻين ڪتابن وانگر خاص ڪري هن ڪتاب جا دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن، سنڌ ۾ به هي ڪتاب پڙهجندو ۽ حوالن طور ڪتب ايندو رهيو آهي، پر هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ڪو ترجمو ٿي نه سگهيو.

خوش نصيب آهي سنڌيءَ سان گڏ عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جو ڄاڻو، سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ۽ نثر نويس محترم سائين غلام حسين مشتاق سچاروي صاحب جنهن کي ’لوائح جامي‘ جهڙي ڪتاب ترجمو ڪرڻ جو ڀاڳ نصيب ٿيو آهي.

ڪجهه وقت اڳ پاڻ مهرباني ڪري مون وٽ آيو ۽ مختصر ڪچهري ڪندي ’لوائح جامي‘ جو ڪيل سنڌي ترجمو منهنجي سامهون رکندي، ان تي لکڻ جو حڪم ڪيائين. اُن وقت ئي مون ڪمپوز ٿيل ڪاپي کولي ڇا ڏٺي، سچ پچ ته مون کي حيرت ان ڪري ٿي جو هڪ ته فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ منظوم ۽ نثري ترجمو، ٻيو ته ان ڪتاب ۾ تصوف بابت سندس پاران لکيل شاهڪار لکت. سائين ’مشتاق‘

سچاروي صاحب هي علمي ڪم ڪري ڪمال ڪيو آهي. ڏٺو وڃي ته تصوف جي ميدان ۾ هي ڪتاب هڪ اهم ڪتاب آهي. هن ڪتاب ’لوائح جامي‘ جي اهميت بيان ڪندي مانوارو مترجم ۽ شارح لکي ٿو ته:

”ڏسڻ ۾ ائين لڳي ٿو ته لوائح ذات باري تعالىٰ جي حقائق ۽ معارف تي هڪ مختصر رسالو آهي، پر حقيقت ۾ وحدت الوجود جي بحر بيڪران موضوع تي هڪ شاهڪار حيثيت رکي ٿو، جنهن جي هر جملي تي هڪ عظيم ۽ ضخيم ڪتاب لکي سگهجي ٿو.“

مترجم ۽ شارح هيءُ ڳالهه بنهه درست لکي آهي پر مون هن ترجمي جو مطالبو ڪيو آهي ۽ سچاروي صاحب جو نثري ۽ منظوم ترجمو پڙهڻ کان پوءِ هي ڳالهه چٽي ٿي سامهون آئي ته جنهن نموني سان جامي مختصر شعر ۾ بنهه ڳوڙهيون ڳالهيون ڪيون آهن، اهڙي نموني ئي مترجم سادي نموني سان اسان پڙهندڙن لاءِ پنهنجي شاهڪار ترجمي ۾ پيش ڪيون آهن. اسين ماڻهو جيڪي فارسي ٻولي سمجهي نٿا سگهون يا ڪن اهم ڳالهين ۽ حقيقتن جي مفهوم کي ڄاڻي نٿا سگهون، انهن لاءِ پاڻ گهڻي آساني پيدا ڪئي آهي. هن ترجمي جي ڪجهه خاص ڳالهين ۾ هڪ اهم ڳالهه هيءَ به آهي ته مانواري مترجم ۽ شارح ڪتاب جي شروع ۾ جامي، تصوف وغيره بابت جامع احوال پيش ڪيو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته اصل متن کان اڳ ۾ ڏنل اهو احوال نه رڳو دلچسپ آهي، پر هڪ عالمانا جائزو پيش ڪيل آهي. هيئن چئجي ته اهو احوال نه رڳو مولانا جامي ۽ سندس هن شاهڪار ڪتاب کي سمجهڻ ۾ مددگار آهي، پر خاص ڪري اسلامي تصوف کي سمجهڻ لاءِ به بنهه ڪارائتو آهي. سنڌي ترجمي جي هن ڪتاب

جي شروع ۾ سائين ’مشتاق‘ سچاروي صاحب ’لوائح جامي‘ ۽ ڪتاب جي شاعر جو مختصر پر جامع ۽ دلچسپ احوال ڏنو آهي. پاڻ ڪتاب جي نالي بابت سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي تہ:

’لوائح جو لفظ لائحہ جو جمع آهي، جنهن جو مفهوم آهي تجلي ۽ چمڪاٽ“ اها حقيقت آهي تہ هن ڪتاب ۾ جيڪي تجليون آهن، انهن تجلين مان هر هڪ جي پڙهڻ سان اندر منور ٿي پئي ٿو.

نثر ۽ شاعريءَ جي هن ڪتاب جو هر گفتو ۽ حقيقت روشن ستاري وانگر آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ اسين تصوف جي ڳوڙهاين کي پرکي ۽ پروڙي سگهون ٿا. تصوف ڇا آهي، ان کي سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ ڇو ضروري آهي. اصل حقيقت کي سمجهڻ ۾ ڪيئن مدد ڪري ٿو ۽ انسان جي اندر ۽ ڪردار کي ڪيئن اجاري ۽ مٺانهون بڻائي ٿو، ڪتاب جي شروع ۾ سچاروي صاحب تجلي ۽ ’تنزلات ستہ‘ جي مرتبن کي سٺي نموني سان سمجهايو آهي. ائين ئي ’لطائف ستہ‘ يعني ڇهہ لطائف کي بہ واضح ڪيو آهي. اسلامي تصوف جون تاريخي ڳالهيون بہ بيان ڪيون آهن، تہ تصوف ۽ صوفي جي سري سان لڪيل احوال ۾ پاڻ ’صوفي‘ لفظ ۽ اوائلي صوفين جو بيان ڏيئي سولي ۽ جامع سمجهاڻي ڏني آهي. تصوف جي ’معنىٰ ۽ مفهوم‘ تي ڪيترن حوالن سان خاص ڪري ڇهہ قول ڏيئي، هر حقيقت مختصر پر جامع لکي پڙهندڙن لاءِ وڏي آساني ڪئي آهي. ائين ’وحدت الوجود‘ ۽ ’وحدت الشهود‘ يا مجدد الف ثاني جو نقطہ نظر بہ ڏاڍي سادي ۽ جامع نموني سان سمجهايو آهي. انهيءَ احوال ۾ ابن عربيءَ جا حوالا، رومي، مولانا جامي سان گڏ شاهہ عبداللطيف

ڀٽائي، مخدوم محمد زمان لنواري جا بيت ۽ بلهي شاهہ جي شاعري ڏيئي وڏيڪ دلچسپ بڻايو آهي. ’اولياءَ الله‘ جي حوالي ڪانپوءِ ’علم جي فضيلت‘ جي سري سان ڏنل احوال نہ رڳو گهڻو معلوماتي آهي، پر سچاروي صاحب جي محنت ۽ نقطہ نظر بہ چٽا ڏين ٿا. تصوف جو علم سمجهائيندي ’فنا في الشيخ‘ علم، عالم، بزرگ ۽ بزرگيءَ تي گهڻي روشني پئي ٿي. مطلب تہ متن کان اڳ مانواري سائين سچاروي جيڪي ڪافي صفحن تي احوال ڏنو آهي، ان سان نہ رڳو متن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي پر سندس وسيع مطالعي هئڻ تي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي.

آئون ڀانئيان ٿو تہ ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ ڪتاب جي شروعات ۾ مختلف سِرن سان اهڙو شاهڪار مواد ڏنل آهي، جيڪو هر لحاظ کان معياري آهي، جڏهن تہ اهو بہ هڪ شاندار ڪتاب آهي. ’لوائح جامي‘ جي ديباچي توڙي چوٽيهن لائحن (تجلين) جو سنڌي ترجمي ۾ اصل سان گڏ هر رباعي يا نظم جو منظوم ۽ نثري ترجمو ڏنل آهي. انهيءَ ڳالهہ ڪتاب کي نہ رڳو دلچسپ ۽ نرالو بڻايو پر هڪ شاهڪار کي وڏيڪ چٽو ڪيو آهي. ترجمو پڙهندي هن ڳالهہ کي ميٺو پوندو تہ ڪنهن شاعر جي ڪلام کي هڪ شاعر ئي سٺو ترجمو ڪري سگهي ٿو. ترجمي ۽ تشريح کي پڙهندي ڪيترين ئي خوبين سان گڏ خاص ڪري ٻن ڳالهين جو سٺو علمي واڌارو آهي. هڪ تہ ’لوائح جامي‘ جي شعر ۾ جتي جتي فارسيءَ جو وڏيڪ ڏکيو لفظ ڀانئيو ويو آهي تہ ان جي لغوي معنيٰ ڏيئي مانواري شارح اجا وڏيڪ آساني پيدا ڪئي آهي. ٻيو تہ متن جي ترجمي ۾ بہ مختلف هنڌن تي فڪري هڪجهڙائي رکندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت ڏيئي سهڻي نموني سان ڳوڙهين حقيقتن کي چٽو ڪيو آهي. ڏنو

وجي تہ تصوف جا اصطلاح وغيره انهن کي سمجهڻ ئي ڏاڍو ڏکيو آهي، انهن جو ترجمو ڪرڻ تہ اجان بہ وڌيڪ ڏکيو آهي. سائين غلام حسين ’مشتاق‘ سچاروي صاحب اهو سهڻي نموني سان ڪري ڏيکاريو. هاڻي ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ اسان جو فرض آهي.

هيءَ حقيقت آهي تہ جاميءَ جو ’لوائح جامي‘ فارسي ٻوليءَ ۾ تصوف جي لحاظ کان هڪ شاهڪار آهي پر هيءُ بہ سچ آهي تہ ان جو ڪيل هي سنڌي ترجمو بہ شاهڪار آهي. آخر ۾ مثال طور منظوم ترجمي مان هڪ شعر ڏجي ٿو:

ڏنو آواز دل کي عشق اهڙو
سراپا ٿي ويس خود عشق جهڙو
ڪيان پل حق ادائي جي بہ ڪوشش
ڪري سگهندس ادا ان جو ڪهڙو

’لوائح جامي‘ جو سنڌي ترجمو روائح ريحاني تصوف سان دلچسپي رکندڙ محققن ۽ ٻين پڙهندڙن جي نہ رڳو دلچسپيءَ جو سبب بڻبو پر سمجهڻ ۾ بہ گهڻي رهنمائي ڪندو.

7 ڊسمبر 2021ع

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
چيئرمئن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد

# حقيقتِ حال

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ○ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ○ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ○ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْاَنْبِيَآءِ وَ الْمُرْسَلِيْنَ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ سِرَاجِ السَّالِكِيْنَ مِصْبَاحِ الْمُقَرَّبِيْنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَاُمَّتِهٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ!

لوائح جامي تصوف جي اسرار ۽ رموز جو خزانو (شاهڪار) آهي، جيڪو صدين ڪان نہ رڳو صوفي حضرات جي مطالعي ۾ رهيو آهي، پر سندن سلوڪ ۽ طريقت جا سبق بہ ڏيو آهي. ازانسواءِ ڪيترن ئي ديني مدرسن ۽ برگزيده بزرگن جي درسگاهن ۾ لوائحه جامي ڪي پڙهايو ويجي ٿو ۽ ان جي روحاني رمزن سان شائقينن جي تزڪيہِ نفس جو اهتمام ڪيو ويجي ٿو. تصوف جي تعليمات ۾ هن ڪتاب جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن ڪتاب جا ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجما ڪيا ويا آهن، پر مون کي سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جو ترجمو ٻڌڻ ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي، ان ڪري ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي خواهش سان هن ناچيز ”لائحہِ جامي“ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. حضرت نورالدين عبدالرحمٰن جامي تصوف جو اهڙو شهباز آهي، جنهن جي پروازِ خيال تائين پهچڻ، ان کي سمجهڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ تصوف جي هماليه کي سر ڪرڻ کان گهٽ ناهي، خاص طرح سان مون جهڙي طالب علم لاءِ جنهن کي هن

راهه جي رهنمائي حاصل تہ ناهي، پر ڪنهن مرد ڪامل جي تلاش ضرور آهي، جيڪو مون کي آڳ کان وٺي هن ڏيهه جو سير ڪرائي سگهي. يقين اٿم تہ الله تعاليٰ منهنجي هن نيڪ خواهش کي پنهنجي بيپناهه رحمت سان ان شاء الله تعاليٰ پذيرائي جي توفيق عطا ڪندو.

حضرت جامي ﷫ ”لائحه جامي“ ۾ تصوف جي مشهور نظريہ ”وحدت الوجود“ جي روشنيءَ ۾ چوٽيهہ لائحه ۽ آخر ۾ هڪ خاتمو لکيو آهي، جيڪو فارسي زبان جي دلڪش مسجّع زبان ۾ آهي ۽ هر لائحه جي موضوع مطابق هر لائحه جي آخر ۾ هڪ ٻہ ٽي يا چار عدد رباعي لکي، ان کي وڌيڪ پرڪشش ۽ دلربا بڻايو آهي. هن ذات حق جي اسماء ۽ صفات جي بيان ۾ چوٽيهہ لائحه لکي، نظريہ وحدت الوجود جو مختلف طريقن سان اظهار ڪيو آهي، جنهن سان ذات حق يا وجود حق کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ بُطون ۽ اطلاق جي صورت کان ڪهڙيءَ طرح ظهور ۽ اسماء ۽ صفات جي صورت ۾ جلوه گر ٿيو آهي. حضرت جامي ﷫ حقيقت محمديه تي بہ پوري روشني وجهي، عاشقانِ رسول ﷺ کي ٻڌايو آهي تہ الله تعاليٰ جي ظهور جي پهرين تجلي حقيقت محمديه (وحدت) ئي آهي ۽ ان کان پوءِ حقيقت انسانيه. ارواح ملائڪه عالم مثال ۽ عالم ناسوت جو وجود پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي نور نبوت جو ثمر آهي. حديث شريف ”اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللهُ نُوْرِىْ وَخَلَقَ الْخَلْقَ مِنْ نُّوْرِىْ“ يا ”كُنْتُ نَبِيًّا وَّ آدَمُ بَيْنَ الْمَـآءِ وَ الطِّيْنِ“ يا ”كُنْتُ نَبِيًّا لَا آدَمُ لَا مَاءَ وَلَا طِيْنَ“ ۽ ٻيون ڪيتريون حديثون هن ڳالهه جي حقيقت جو بيّن ثبوت آهن، جن جي تصديق امام بخاري ﷫ ۽ امام مسلم ﷫

جهڙن محقق محدثين ڪئي آهي. هن ڪتاب جي مضمونن ڪي ذهن ۾ رکنديءِ، مون تصوف، علم تصوف ۽ ان سان تعلق رکندڙ اهم موضوعن، وحدت الوجود، وحدت الشهود، فنا في الشيخ، فنا في الرسول، فنا في الله ۽ بقا بالله جون وضاحتون ڪيون آهن. ان ڪان علاوه نفس اماره، نفس لوّامه ۽ نفس مطمئنه جو به ذڪر اچي ٿو. ازانسواءِ "اَلْعُلَمَآءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ"، "اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓءُ" ۽ "اَلَا اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ" جهڙن اهم ۽ نازڪ موضوعن جي به ڪجهه وضاحت ڪئي آهي. ڇوته مبتدي يا پڙهندڙ لاءِ ضروري آهي ته هو انهن اهم موضوعن جي سمجهه پيدا ڪري ته جيئن هو هن ڪتاب مان پورو لاڀ حاصل ڪري سگهي.

حضرت مولانا نورالدين عبدالرحمٰن جامي تَنَزُّلَات سِتَّه ۽ حقيقت محمديّه تي به سير حاصل بحث ڪيو آهي، ان ڪري تَنَزُّلَات سِتَّه جي تعريف ۽ حقيقت محمديه جهڙي نهايت نازڪ ۽ غورطلب موضوع تي به قرآن، احاديث ۽ اقوال ائمه جي حوالي سان هڪ تفصيلي مضمون هن سان گڏ پيش ڪيو آهي، ڇوته ذاتِ حق جي بُطون کان ظهور ۾ اچڻ ۽ ذات جو اسماء ۽ صفات ۾ ظاهر ٿيڻ جي پهرين تجلّي جنهن وحدت تي پئي، اها حقيقت محمديه هئي، جنهن بعد هن ڪائنات جي گل و گلزار ۾ رنگ و بو ۽ رونق و رعنائي آئي. هنن اهم موضوعن تي مون جهڙي طالب علم ڪي لکڻ ڪو آسان ڪم ڪونه هيو، پر الله تبارڪ و تعالىٰ ڪنهن ڪمزور کان ڪمزور انسان کان ڪو قابل تحسين ڪم ڪرائي ته ان ذات پاڪ لاءِ ڪجهه مشڪل ناهي. مون به انهيءَ رحيم و ڪريم ۽ عليم و حڪيم رب

جي شرح صدر ڪرڻ واري لطف و ڪرم جي سهاري هن اهم موضوع تي لکڻ شروع ڪيو. ان ۾ آءٌ لوائح جامي جي پيغام ڪي پروڙڻ ۽ ان جي ترجماني ڪرڻ، خاص طرح رباعين جو منظوم ترجمو ڪرڻ ان جي باريڪ رازن ۽ رمزن کي سمجهڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان، ان جي خبر تہ هن ميدان جي اهل علم ۽ اهل دل حضرات جي راءِ بعد ئي معلوم ٿي سگهي ٿي، پر اهو يقين اٿم تہ جنهن الله تبارڪ وتعالىٰ هن اهم موضوع تي مون کي همت ڏئي، ڪجهہ لکڻ جي توفيق عطا ڪئي، اهو منهنجي هن مخلصانہ ڪوشش ۽ محنت جو ان شاء الله تعالىٰ پنهنجي شان ۽ مانَ مطابق اجر عطا ڪرڻ عنايت ڪندو.

(آمين)

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجھہ بہ اوڏائي مڱڻ
ريءَ ٿنيين ريءَ ٿوٽيين، تون چپر تون چانءِ
ڪڄاڙو ڪهاڻ، توکي معلوم مڙيوئي

غلام حسين "مشتاق"
سچّاروي

# مختصر تعارف
# حضرت مولانا عبدالرحمٰن جامي رحمة الله تعالیٰ علیه

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّیْ وَنُسَلِّمُ عَلٰی رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمُ

مولانا عبدالرحمٰن جامي رحمة الله تعالیٰ علیه جي والد ماجد جو اسم گرامي نظام الدين احمد هو. پاڻ هرات صوبي جي جام علائقي جا رهائشي هيا. مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ علیه جي ولادت باسعادت ٢٣ شعبان ٨١٧ھ ۽ وصال بروز جمعة المبارڪ ١٨ محرم الحرام ٨٩٨هجري تي آهي. سندس ابتدائي تعليم هرات ۾ ٿي. بعد ۾ هو علم جي تڪميل لاءِ سمرقند آيو ۽ اتان جي علماءِ ڪرام کان علمي استفادو ڪيو. طريقت ۾ سندس تعلق نقشبنديه سلسلي سان آهي. سندس شيخ طريقت حضرت شيخ سعدالدين صاحب رحمة الله تعالیٰ علیه آهي، جنهن جي بيعت جو سلسلو ٻن واسطن سان حضرت خواجه بهاءُ الدين نقشبندي قدس الله سره سان ملي ٿو. مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ علیه پنهنجي خداداد ذهانت ۽ عظيم روحاني استعداد ۽ لياقت جي بدولت علوم عقلي ۽نقلي ۾ڪمال حاصل ڪرڻ کان علاوه بلند روحاني مدارج طئي ڪيا ۽ شيخ ڪامل ۽ اڪمل جي رتبي تي پهچي خلقِ خدا جي رشد و هدايت جي نيڪ عمل ۾ مشغول ٿي ويو. عشقِ رسول صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم جو سندس قلب تي بي انتها غلبو هيو. حضور صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم جن جي عشق ۾ آلاپيل سندس نعتون نهايت مشهور ۽ مقبول آهن، جن ۾ عشق و محبت، ذوق و شوق، سوز و گداز ۽ جوش

۽ خروش جو هڪ طوفان آهي، جو اهل دل انسانن جي اندر ايماني حرارت جو هيجان برپا ڪري ٿو. روضهِ اقدس تي حاضريءَ وقت گريه زاري ۽ آه ۽ فغان جي ڪري نه رڳو پاڻ روئندو هيو، پر اتي موجود ماڻهن کي به روئاري ڇڏيندو هيو، جنهن جي ڪري حرم نبوي ﷺ ۾ شور برپا ٿي ويندو هيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي باطني اشاري سبب حرم پاڪ ۾ سندس داخلو گهٽ ٿي ويو هو، پر ان هوندي به هو روضهِ اطهر جي حاضريءَ لاءِ پهچي ويندو هيو ۽ ان جو طواف ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندو هو. ڪڏهن حرم پاڪ جي ٻهاري ڪيندو هو ته ڪڏهن مسجد نبوي ﷺ ۽ روضه اطهر کي چمندو رهندو هو. هن جذب ۽ جنون ۽ موج ۽ مستيءَ جي عالم ۾ ڪجهه ڏينهن دربارِ مصطفوي ﷺ ۾ گذارڻ بعد آخري سلام پيش ڪري، جڏهن عاجزي ۽ انڪساريءَ سان اجازت گذار ٿيندو هيو ته ڪيس رحمة للعالمين جي پاران "بسلامت روي ۽ باز آئي" جي دعائيه الفاظ مبارڪن سان رخصت ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح سندس حاضري ۽ رخصت جو سلسلو هلندو رهيو. جڏهن هڪ ڀيري هن انهن ساڳين محبت ۽ سوز ۽ گداز وارين ادائن ۽ التجائن سان رخصت گهري ته ڪيس الوداع ڪندي چيو ويو ته "بسلامت روي" هن دفعي "و باز آئي" جا الفاظ پاڪ شامل نه هيا. جتان ڪيس معلوم ٿي ويو ته هي آخري ملاقات آهي ۽ پوءِ پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته هڪ عاشقِ رسول ﷺ جو ان وقت ڪهڙو حال هوندو.

**مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ عليه جي عظمت ۽ مقبوليت:** مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ عليه پنهنجي زهد ۽ تقویٰ، علمي بصارت ۽ روحاني عظمت سبب عوام توڙي خواص ۾ يڪسان مقبول ۽ محبوب هيو. هو نه رڳو ظاهري علوم جي شائقين جي علمي پياس اجهائيندو هيو، پر روحاني ۽

باطني فيض حاصل ڪرڻ وارن لاءِ بہ چشمہِ حيات هيو. سندس متعلمين ۽ معتقدين جو ميڙ هميشہ موجود رهندو هو. سندس شهرت ۽ نيڪ نامي پوري علائقي ۾ عام و خاص جي دل ۾ موجزن هئي. جڏهن پاڻ حج بيت الله ۽ زيارت روضہِ اقدس لاءِ روانا ٿيا تہ عوام جو هڪ عظيم سمنڊ علماءِ، فضلاء ۽ رؤساء جو جم غفير سندس الوداعي ملاقات لاءِ موجود هيو. انهيءَ سفر دوران نيشاپور، همدان ۽ بغداد ۾ ماڻهن سندس والهانہ استقبال ڪيو. تحفا تحائف ڏنا. عزت و احترام سان رخصت ڪيو. همدان جي بادشاهہ سندس حفاظت لاءِ حفاظتي دستو بہ ڏنو، جيڪو آخري سرحد تائين سندس حفاظت لاءِ موجود رهيو. هن امام حسين عليه السلام جي روضي مبارڪ تي حاضري ڀري ۽ نجف شريف ۾ حضرت علي عليه السلام جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪئي. مديني منوره ۽ مڪي معظمه ۾ بہ سندس قيام دوران معتقدين جو هجوم سندس اردگرد رهندو هيو. بعد ۾ شام جي علماء ۽ حڪماء جي دعوت تي دمشق پهتو، جتي سندس عظيم آڌرڀاءُ ڪيو ويو ۽ ڪيس وڏي عزت ۽ احترام سان رکيو ويو. پوءِ تبريز، آزربائيجان کان ٿيندو، پنهنجي وطن هرات موٽي آيو، جتي خراسان جي بادشاهہ سندس استقبال ڪيو ۽ وڏي عزت و احترام ۽ بادشاهي تحفن تحائفن سان ڪيس نوازيو.

**تصنيفات:** حضرت جامي رحمة الله تعالیٰ عليه جون تصنيفات بيشمار آهن. هو نثر ۽ نظم جو بادشاهہ آهي. نعتيه ڪلام سندس دلي محبت ۽ عشق جو آواز آهي. تصوف ۽ خاص طور تي وحدت الوجود جهڙي اهم ادقّ ۽ مشڪل موضوع تي سندس اسپِ خيال جي رواني ۽ روحاني پرواز جي جولاني قابل ديد آهي. جتي جتي بہ هن قلم کنيو آهي، ان جو حق ادا ڪيو اٿس. سندس چواڻي تہ مثنوي يوسف زليخا لکڻ وقت هو ايترو

تہ مغلوب الحال ٿي ويندو هيو ۽ هن تي رقت طاري ٿي ويندي هئي، جوان وقت جيڪڏهن سماع سندس مدد نہ ڪري ها تہ سڙي ڀسم خاڪ ٿي وڃي ها. هن جي مشهور تصنيفات مان شرح فصوص اللوائح، الدرة الفاخرة، مثنوي تحفة الاحرار، نفحات الانس، سندس ٿي ديوان ۽ هفت اورنگ، تحفة الاحرار، نقد النصوص، اشعة اللمعات (عراقي جي ڪتاب لمعات جي شرح)، شواهد النبوّة، لوائح، خردنامه سڪندري، مثنوي يوسف زليخا، ليلىٰ مجنون ۽ توضيح احاديث اربعين آهن.

**لوائح جامي جي اهميت:** مولانا جامي رحمة الله تعالىٰ عليه جي تمام تصنيفات، اسرار ۽ رموز جو خزانو آهن، جيڪي سندس بلند خيالي ۽ عالي روحاني مقامات جي نشاندهي ڪن ٿيون. هنن تمام مقبول عوام تصنيفات ۾ لوائح شريف کي جيڪا پذيرائي حاصل ٿي آهي، سا ڪنهن ٻئي ڪتاب کي شايد ئي ملي هجي. ڏسڻ ۾ ائين لڳي ٿو تہ لوائح ذات باري تعالىٰ جي حقائق ۽ معارف تي هڪ مختصر رسالو آهي، پر حقيقت ۾ وحدت الوجود جي بحر بيڪران موضوع تي هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو، جنهن جي هر جملي تي هڪ عظيم ۽ ضخيم ڪتاب لکي سگهجي ٿو. ڪتاب نثر جي اهڙي صنف ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جي نڪته سنجي ۽ ڪافيه بندي نظم جي دلپذير پيرائي کان بہ وڌيڪ پُرڪشش آهي. مختصر الفاظ ۾ نهايت دقيق ۽ عميق موضوع کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو هر پڙهندڙ هر جملي تي داد ڏيڻ ۽ تحسين جا لفظ چوڻ کان رهي نٿو سگهي. مصنف موصوف حقائق ۽ معارف اسرار ۽ رموز ۾ ايترو تہ مست ۽ مدهوش ٿي وڃي ٿو، جو بي اختيار سندس زبان تان رباعي جي صورت ۾ اشعار جاري ٿي وڃن ٿا، جنهن ڪري متن ۾ ڏنل اصل موضوع وڌيڪ وضاحت سان نکري سامهون اچي وڃي ٿو ۽ هن ڪتاب

جي لطائف ۾ وڏيڪ نزاڪت، لطافت ۽ چاهت جو سبب بڻجي ٿو.

لوائح اهڙي تہ دلپذير تصنيف آهي، جيڪا هر دور ۾ اولياء ڪرام ۽ مشائخ عظام جي نہ رڳو مطالعي ۾ رهي آهي، پر طالبانِ حقيقت ۽ رهروان طريقت جي نصاب ۾ شامل ٿي درس و تدريس جو لازمي جزو رهي آهي. اهلِ شوق حضرات لوائح کي بار بار پڙهي، پنهنجي جذب و جنون جي تسڪين حاصل ڪندا آهن. لوائح کي جيترا ڀيرا بہ پڙهيو ويندو تہ هر ڀيري روحاني رازن جو نئون موجزن سامونڊي سلسلو سامهون ايندو. مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ علیه هن مختصر رسالي ۾ چوٽيهہ لوائح ۽ هڪ تتمه بيان ڪيا آهن، جنهن ۾ وحدت الوجود جي حقائق ۽ معارف تي مختلف رنگن ۾ روشني وڌي وئي آهي. هن جو هر لائحه روح پرور، دلسوز ۽ جان افروز آهي. **لوائح** جو لفظ لائحه جو جمع آهي، جنهن جو مفهوم آهي تجلّي ۽ چمڪات. چوتہ هن رسالي ۾ بہ ذات حق جي اسماء و صفات حقائق و معارف اسرار الٰهي جي ان تجليات جو ذڪر آهي، جيڪي اصحاب عرفان و ڪشف و شهود جي روحن ۽ ذوق و وجدان رکندڙن جي دلين تي عڪس ۽ پرتو وجهن ٿيون ۽ کين فنا في الله ۽ بقا بالله جي منزلن سان متعارف ڪن ٿيون.

**تنزّلات ستّه:** لوائح جامي جو موضوع ”تنزلات سته“ جو بيان آهي. هي اهڙو مضمون آهي، جيڪو تمام علوم و فنون جو اصل، منبع ۽ غرض وغايت آهي، چو تہ باقي علوم هن ڪائنات جا اسرار ۽ رموز بيان ڪن ٿا، مگر ”تنزلاتِ ستّه“ ۾ خالق ڪائنات جي ذات و صفات جي حقائق ۽ معارف جو ذڪر آهي. جيستائين خالقِ ڪائنات جي ذات ۽ صفات جي علم سان آگاهي ٿي نہ ٿي سگهي، تيستائين هن ڪائنات جي علوم و فنون جي پوري طرح ڄاڻ نہ ٿي سگهندي.

**تنزلات سِتّه يا مراتبِ وجود:** وجود (ذات باري تعالیٰ) پنهنجي

مرتبي وراء الوراء (جنهن کي احديت ۽ لاتعين بہ سڏيو وڃي ٿو) مان جنهن ترتيب سان پنهنجي تجليات جو نزول ڪرڻ فرمايو ۽ "كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا فَاَحْبَبْتُ اَنْ اُظْهَرَ فَخَلَقْتُ الْخَلْقَ" (منهنجي ذات هڪ مخفي خزانو هئي، پوءِ منهنجي مشيت اهو چاهيو تہ پنهنجي ذات جو اظهار ڪريان تہ مون مخلوق پيدا ڪئي.) جي مصداق هن عالمِ رنگ و بو کي رونق بخشي ۽ گلشنِ ڪائنات ۾ باغ و بهار آندي، انهن کي تنزّلاتِ سته يا مراتبِ وجود جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. قرآن حڪيم ۾ ارشاد ربّاني آهي تہ مون هن ڪائنات کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو آهي. انهن "ستة ايّام" يعني ڇهن ڏينهن مان هي چوويهہ ڪلاڪن وارا رات ڏينهن مراد نہ آهن، ڇوتہ هي رات ۽ ڏينهن تہ هن سج جي تخليق کان پوءِ ئي وجود ۾ آيا. دراصل انهن "ستة ايام" مان مراد اهي مراتب جون ڇهہ منزلون آهن، جن کي عرفِ عام ۾ "تَـنَـزُّلاتِ سِتّه" چيو وڃي ٿو. حديث شريف ۾ آهي تہ: "اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوْرِىْ وَخُلِقَ كُلُّ شَىْءٍ مِّنْ نُّوْرِىْ" (سڀ کان پهريان الله تعالىٰ منهنجو نور پيدا ڪيو ۽ هر شيءِ منهنجي نور مان پيدا ڪئي).

دراصل هنن "تنزلاتِ ستّه" جو اهوئي پهريون تنزّل، پهرين تجلي ۽ پهريون تعيّن آهي، جنهن کي "حقيقتِ محمدي" چيو وڃي ٿو.

1- **پهريون مرتبو:** ظهور کان پهريان ذاتِ حق جنهن مقام تي هئي، ان کي لاتعيّن، احديت، ذات بحث، مرتبہِ هوّيت، ذات ساذج جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو. هي اهو مرتبو آهي، جنهن لاءِ چيو ويو: "كَانَ اللّٰهُ وَلَمْ يَكُنْ مَعَهٗ شَىْءٌ" ۽ "وَكَانَ اللّٰهُ مَاكَانَ" (هُن جي ذات پاڪ هئي، مگر هن سان گڏ ڪنهن بي شيءِ جو وجود نہ هيو ۽ بس الله تعالىٰ ئي

هيو جو ڪجھ هيو.

2- ٻيو مرتبو: مذڪوره بالا حديث شريف مطابق حق تعالىٰ پنهنجي مرتبهِ اول کان جنهن مرتبهِ وجود ۾ ظهور ڪرڻ فرمايو، ان کي تعيّن اول، تنزّلِ اول حقيقت محمديه (ﷺ) برزخ البرازخ، وحدت اطلاق، عالمِ جبروت ۽ عالمِ صفات جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو. هي حقيقت محمديه ان ڪري آهي، جو حامل تجلي اول آهي. جيڪڏهن تعيّن اول (مرتبه ڏوم) کي گول دائرو سمجھيو وڃي ته ان جي مٿين لڪير (قوس بالا) جو تعلق احديّت سان آهي ۽ ان دائري جي هيٺين لڪير (قوس زيرين) جو تعلق واحديت سان آهي ۽ ان جي بلڪل وچ واري سڌي لڪير وحدت آهي. تعين اول جنهن کي حقيقت محمديه ﷺ به سڏيو وڃي ٿو، ان ۾ احديت ۽ واحديت ٻئي موجود آهن. احديت باطن آهي ۽ واحديت ظاهر. جيڪو ڪجھ احديت ۾ باطن هيو، اهو واحديت ۾ اجمالاً ظاهر ٿيو. احديت ذات جو نالو آهي ۽ واحديت صفات جو. ذات باطن آهي ۽ صفات ظاهر. احديت ۽ واحديت جي حد فاصل جتي اهي ٻئي گڏجن ٿيون (ٻنهي جي جامع) ان کي وحدت سڏجي ٿو. قَابَ قَوْسَيْنِ ميلاپ (اتصال) جو اهو مقام آهي، جتي احديت ۽ واحديت جي قوسين (ٻن اڌ گول لڪيرن) جو ميلاپ يا ٻنهي جي امتياز جو هنڌ آهي. هي امتياز حضور ﷺ جن جي معراج شهود و وجدان کان اڳ فنا في الله جي نسبت آهي. بعد ۾ هن امتياز جي دور هجڻ سان ئي ٻئي قوسين ذات حق جي تجلي جي غلبي سبب متحد (هڪ) ٿي ويون. اها فنا في الله ۽ بقا بالله ٿيڻ جي نسبت آهي، جنهن طرف قرآن حڪيم ۾ ”اَوْ اَدْنٰى“ جو اشارو ٿيل آهي.




من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی
تاکس نه گويد بعد زين من ديگرم تو ديگري

(امير خسرو)

احد احمد پاڙ ۾ وچان ميم فرق
آهي مستغرق عالم انهيءَ ڳالهه ۾

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله تعالیٰ عليه)

ز احد تا احمد يکِ ميم فرق است
همه عالم دران يک ميم غرق است

(محمود شبستري)

3- **ٽيون مرتبو:** وجود جو ٽيون مرتبو جنهن کي تعين ثاني سڏيو وڃي ٿو "حقيقت انسانيت" آهي. هتي بہ حقيقت انسانيت جو دائرو ٻن قوسن ۽ هڪ برزخ تي مشتمل آهي. تجلي اول (مرتبه دوم) ۾ مٿيون قوس احديت هيٺيون قوس واحديت ۽ برزخ (حد فاصل) وحدت هئي. پر هن تجلي ثاني (ٽئين مرتبي) ۾ قوسِ بالا (مٿئين قوس) وحدت ۽ قوس زيرين (هيٺيون قوس) ڪثرت ۽ درمياني (وچ واري) قطر يعني برزخ حقيقت آدم يا حقيقت انسانيت جي نالي سان ڪوٺجي ٿي. جيڪو ڪجهہ تعين اول ۾ هيو اهوئي تعّين ثاني ۾

آهي. فرق رڳو اجمال ۽ تفصيل يا بطون ۽ ظهور جو آهي. ان ڪري ڪائنات کي عالم ڪبير ۽ انسان کي عالم صغير چيو ويندو آهي.

**4- چوٿون مرتبو:** تنزلات سته (ڇهه تنزلات) ۾ چوٿون مرتبو (تعين سوم) عالم ارواح جو آهي، جنهن ۾ عقول يعني ملائڪ ۽ نفوس يعني انساني ارواح شامل آهن.

**5- پنجون مرتبو:** وجود جو پنجون مرتبو عالمِ مثال آهي، جيڪو هڪ لطيف جهان آهي ۽ عالمِ ارواح ۽ عالمِ ناسوت (عالم اجسام) جي وچ ۾ آهي، جيڪو ڪجهه هن عالم ناسوت (هن ڪائنات) ۾ اشياء عالم جي صورت ۾ ڏسجي ٿو، يا موجود آهي، اهو عالمِ مثال ۾ لطيف صورت ۾ موجود آهي.

**6- ڇهون مرتبو:** وجود (ذات باري تعالیٰ) جو ڇهون مرتبو هي رنگ و بو جو عالم يعني عالمِ اجسام، عالم ناسوت يا ڪائنات آهي، جيڪو چؤطرف پکڙيل ۽ موجود آهي.

معلوم هئڻ گهرجي ته وجود جا تمام مرتبا دراصل انهيءَ هڪ ذات واحد لاشريڪ له جون مختلف تجليات (تعينات اعتبارات) آهن، جيڪي ڇهه مختلف مرحلن ۾ موجود آهن، ورنه ذات حق انهيءَ صورت ۾ آهي، جنهن ۾ پهريائين موجود هئي.

**لطائف سِتّه:** (ڇهه لطائف) معلوم هئڻ گرجي ته انسان اندر ڇهه روحاني مرڪز آهن، جن کي ”ڇهه لطائف“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

**1- پهريون لطيفو:** لطيف اول کي ”لطيفه نفس“ چوندا آهن، جنهن جو مقام زير ناف (دن هيٺان) آهي. هن جي نور جو رنگ زرد (پيلو) آهي ۽ هن جو تعلق عالمِ ناسوت (عالم اجسامِ ڪائنات) سان آهي.

2- **ٻيو لطيفو:** ٻئي لطيفي کي ”لطيفهِ قلب“ سڏيو ويندو آهي. هن جو مقام ڇاتي (سيني) جو کاٻو پاسو آهي. هن جي نور جو رنگ سرخ (ڳاڙهو) آهي. هن جو تعلق عالمِ مثال سان آهي.

3- **ٽيون لطيفو:** ٽئين لطيفي کي ”لطيفهِ روح“ چوندا آهن. هن جي نور جو رنگ سفيد آهي. هن جو مقام ڇاتي (سيني) جو ساڄو پاسو آهي. هن جو تعلق عالمِ ارواح سان آهي.

4- **چوٿون لطيفو:** چوٿين لطيفي کي ”لطيفهِ سرّ“ سڏيندا آهن. هن جو مقام لطيفهِ قلب ۽ لطيفه روح جي وچ ۾ آهي. هن جي نور جو رنگ سبز (سائو) آهي. هن جو تعلق عالمِ جبروت سان آهي.

5- **پنجون لطيفو:** پنجين لطيفي کي ”لطيفه خفي“ سڏيو وڃي ٿو. جنهن جو مقام پيشانيءَ جو وچ آهي. نور جو رنگ نيلگون (آسماني نيرو) آهي. هن جو تعلق عالمِ لاهوت يا تعيّن اول سان آهي.

6- **ڇهون لطيفو:** هن لطيفي کي ”لطيفهِ اخفیٰ“ سڏيو ويندو آهي. هن جو مقام اُمّ الدماغ (دماغ جو مرڪز) آهي يعني سر جي چوٽيءَ ۾ آهي. هن جي نور جو رنگ سياه (ڪارو) آهي. هن جو تعلق عالمِ باهوت يعني مرتبهِ احديّت يا لا تعيّن سان آهي، جنهن کي ”مرتبه اول“ سڏيو وڃي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل ڇهن لطيفن (لطائف سته) تجليات سته يا مراتب سته يعني حق تعالیٰ جي ڇهه مراتب ۽ لوائح جامي جي سمورن لوائح يا ان ۾ موجود وحدت الوجود جو تعلق تصوف سان آهي. ان ڪري لوائح يا وحدت الوجود جي بحث کان اڳ ضروري آهي تہ تصوف بابت بنيادي ۽ ضروري معلومات مهيا ڪئي وڃي تہ جيئن انهن جي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿي سگهي.

**تـصـوّف:** تصوّف مان هتي مراد اسلامي تصوف آهي، جنهن جو خمير قرآن ۽ سنت نبوي ﷺ جي تعليمات مان تيار ڪيل آهي. هن جو ماخذ قرآن ۽ حديث ئي آهن. تصوف درحقيقت تزڪيهِ نفس ۽ قلب و باطن جي پاڪيزگيءَ جو نالو آهي. هن جو اصل موضوع توحيد خالص، تبليغ دين، اتباع شريعت، خدمت خلق ۽ مجاهدو آهي. تصوف پنهنجي انهيءَ معنوي نظرئي، روحاني فلسفي ۽ اصلاح حيات جي حيثيت ۾ سندس رشتو عهدِ رسالت ۽ عهد صحابہ ۽ تابعين تائين قائم نظر اچي ٿو، توڙي ڪٽي انهيءَ ابتدائي دور ۾ ٻين اسلامي علوم، فقه حديث وغيره ۽ ڪيترن ئي اصطلاحن وانگر هنن روحاني تعليمات جو اصطلاح تصوف جي نالي سان برابر ڪونہ هيو، مگر سندس اصل موضوع تزڪيه نفس ۽ روحاني ارتقاء تہ انهيءَ دور جي تعليمات يعني قرآن ۽ حديث جي هر حرف، هر جملي ۾ موجود هيو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ چوٿين صدي هجري بعد مسلمانن ۾ تصوف جي نالي سان غيراسلامي تصوف کي بہ رائج ڪيو ويو، ان کري بعد ۾ ڪجهہ عالمن، اديبن ۽ دانشورن پاران تصوف کي عجمي بدعت سڏي، ان جي نفي ڪئي وئي ۽ ڪيترن ئي نهايت نيڪ نام معتبر ۽ معروف صوفي حضرات، جن جو تصوف جي دنيا ۾ نهايت اعلىٰ مقام آهي، جي ڪتابن ۽ مڪتوبات، تصنيفات ۽ ملفوظات ۾ اهڙيون روايتون ۽ قول هڪ خاص سازشي سوچ سان داخل ڪيا ويا آهن، جيڪي قرآن ۽ سنت جي خلاف ۽ صريح گمراهيءَ تي مبني آهن، جن کي پڙهڻ سان عالمن، اديبن ۽ دانشورن جي دل ۾ تصوف ۽ اهڙن پاڪباز صوفي حضرات لاءِ بدگماني ۽ نفرت جو باعث بڻجن ٿا.

ٻئي طرف گمراهہ ۽ غافل ماڻهو جيڪي شريعت جي پابندي ۽ قرآن و سنت جي حڪمن کان آجو رهڻ گهرن ٿا، اهي اهڙين غلط ۽ گمراهہ ڪُن هٿ ٺوڪين روايتن جو سهارو وٺي، عوام الناس کي گمراهہ ڪرڻ ۾ رڌل آهن. جڏهن تہ تحقيق ڪندڙن ۽ تصوف ۽ شريعت جي حقيقت کي ڄاڻيندڙن، اهڙين بي هوده ۽ گمراهہ ڪندڙ روايتن تي غور ڪيو تہ پتو پيو تہ ڪجهہ رافضي ۽ گمراهہ ماڻهن صوفين جو لباس پهري، اهي جڙتو ۽ بي بنياد روايتون اهڙن معتبر ۽ معروف صوفي حضرات ڏانهن سندن ڪتابن ۾ داخل ڪئي ان مقصد سان ڪيون آهن تہ جيئن خلقِ خدا کي حق ۽ سچ جي رستي کان پري رکي، پنهنجن ناپاڪ ارادن ۽ مقصدن جو پرچار ڪري سگهن. اهڙي گمراهہ ڪُن خيانت نہ رڳو تصوف جي ڪتابن ۾ ڪئي وئي آهي، پر تاريخ، فقہ، حديث، تفسير، ادب ۽ فلسفي جا ميدان بہ انهيءَ ذهنيت جي زد کان محفوظ نہ رهي سگهيا آهن. ان ڪري نهايت ضروري آهي تہ جهڙيءَ طرح علم و فن جي ٻين شعبن جهڙوڪ تاريخ، فلسفي، حديث، تفسير وغيره تي تحقيق ۽ تنقيد جو ڪم جاري آهي ۽ محقق حضرات ڪري ۽ ڪوڙي کي الڳ الڳ ڪري اصل حقيقت تائين رسائيءَ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، اهڙي تحقيق ۽ تنقيد جي ذريعي تصوف جي ڪتابن ۽ روايتن تي محققانه نظر وجهڻ جي ضرورت بہ موجود آهي، تہ جيئن قرآن ۽ سنت خلاف آيل غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ روايتن کان تصوف ۽ صوفي حضرات جي دامن کي عوام آڏو پاڪ صاف ۽ اڇو اجرو ڪري پيش ڪري سگهجي.

هرکه اورا قوتِ تحقيق نيست
نزد ما جز کافرؔ و زنديق نيست

(اقبال)

ترجمو: جنهن کي بہ تحقيق جي قوت نہ آهي، اهو اسان وٽ ڪافر ۽ زنديق ئي آهي.

جيئن مٿي ذڪر ٿي آيو آهي تہ تصوف دراصل تزڪيہ نفس ۽ قلب و باطن جي صفائي ۽ پاڪيزگيءَ جو نالو آهي. قرآن ۽ سنت اسلامي تصوف جا سرچشما آهن. هن جو تاڃو پيٽو قرآني تعليم ۽ سنت نبوي ﷺ جي تعلميات جو مرهونِ منت آهي. تصوف پنهنجي معنوي لحاظ سان انهيءَ پاڪ دور جي پيداوار آهي، جنهن جو تعلق رسالت ۽ خلافت راشده جي زرين دور سان منسوب آهي. جيڪڏهن تصوف جي روحاني ڪيفيتن ۽ عملي وارداتن جو غور سان مطالعو ڪجي تہ اهو عشق حقيقي يعني عشق الٰهي ۽ عشق نبوي جو انمول عطيو نظر ايندو. قرآن حڪيم ۽ احاديث مبارڪ جو سمورو مواد انسانيت جي تعمير ۽ ترقيءَ جو درس آهي.

قرآن مجيد ۾ سوره آل عمران جي آيت نمبر ١٦٤ ۾ ارشاد آهي:

لَقَدۡ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اِذۡ بَعَثَ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيۡهِمۡ وَيُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ ۚ وَاِنۡ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿١٦٤﴾

ترجمو: يقينًا الله تعالىٰ مؤمنن تي تمام وڏو احسان ڪيو آهي، جنهن انهن منجهان ئي انهن ۾ هڪ اهڙو رسول موڪليو آهي، جيڪو ڪين الله جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو. سندن تزڪيہِ نفس ڪري ٿو ۽ ڪين قرآن ۽ حڪمت (سنت نبوي ﷺ) جي تعليم ڏئي ٿو. هن کان اڳ توڙي جو هو ڇٽي گمراهيءَ ۾ هيا.

پلا دنيا ۾ جي اها ڪهڙي گمراهي ۽ ضلالت هوندي، جيڪا

ان وقت موجود نہ هئي. حيوانيت ۽ وحشي پڻ جون سموريون خصلتون هنن ماڻهن ۾ موجود هيون. ڪفر، شرڪ ۽ منافقت ڪان علاوه گلا، غيبت، ظلم، زيادتي، جنگ جدل، انتقام ۽ فسق و فجور جون سموريون روايتون سندن روزمره جو معمول هيون، مگر انهن وحشي صفات انسانن جو تزڪيهِ نفس ڪري ڪين فرشتهِ صفات بنائڻ فقط قرآن حڪيم ۽ سنت نبي ڪريم ﷺ جن جي تعليمات جو معجزو هيو. انهيءَ ڪري ئي الله تعالىٰ پنهنجي حبيب رسول ڪريم ﷺ جن جي بعثت کي مؤمنن لاءِ وڏو احسان ڪوٺيو آهي.

اهڙيءَ طرح سورة البقره جي آيت نمبر ١٢٩ ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام دعا گهري ٿو:

رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٢٩﴾

ترجمو: اي منهجا الله! انهن مان ئي هڪ برگزيده رسول موڪل ته اهو ڪين تنهنجون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ دانائي (حڪمت ۽ سنت نبوي ﷺ) سيکاري ڪين پاڪ صاف ڪري. بيشڪ تون نهايت زبردست ۽ حڪمت وارو آهين.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي هن دعا ۾ به خداوند ڪريم کي اهائي درخواست ڪئي وئي آهي ته اي منهنجا الله! پنهنجي هن مخلوق تي رحم فرمائي، ان رسول مقبول ﷺ جن جي بعثت ڪرڻ فرمايو، جيڪو ڪين احڪاماتِ الٰهي ڪان آگاهه ڪري، ڪين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي، سندن تزڪيه نفس ڪري، اعلىٰ اخلاق ۽ ڪردار جو انسان بنائي.

اهڙيءَ طرح انهيءَ ساڳئي مفهوم ۾ سورة الجمعه جي آيت

نمبر۲ ۾ ارشاد رباني آهي:

هُوَ الَّذِیۡ بَعَثَ فِی الۡاُمِّیّٖنَ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ یَتۡلُوۡا عَلَیۡهِمۡ اٰیٰتِهٖ وَ یُزَکِّیۡهِمۡ وَ یُعَلِّمُهُمُ الۡکِتٰبَ وَ الۡحِکۡمَةَ ٭ وَ اِنۡ کَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ۙ﴿۲﴾

ترجمو: هي اهو رحمان رحيم رب آهي، جنهن اُمِّيِّيۡن (اڻ پڙهيلن) ۾ انهن مان ئي رسول موڪليو آهي، جيڪو انهن کي ڪتاب الله جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو سندن تزڪيه نفس ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو، حالانڪ هو هن کان اڳ چٽي گمراهيءَ ۾ هيا.

ان کان علاوه قرآن ڪريم جي هڪ هڪ آيت انسان ذات جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جو دلپذير درس آهي. سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر۹ ۾ ارشاد رباني آهي:

اِنَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ یَهۡدِیۡ لِلَّتِیۡ هِیَ اَقۡوَمُ

ترجمو: هي قرآن اهو رستو ڏيکاري ٿو، جيڪو نهايت سڌو رستو آهي.

يعني قرآن، صاحب قرآن ۽ سنت خير الانام انسان ذات جي تعمير، تطهير ۽ ترقيءَ جو پيغام آهن. جيڪي هڪ حيوان ناطق کي حيوانيت ۽ وحشت مان ڪڍي، فرشتهِ صفات اعلیٰ انسان بنائين ٿا ۽ سندن ڪثافت کي لطافت ۽ ظلمت کي نور ۽ غلاظت کي شفافيت ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا. حضور اڪرم ﷺ جن جو هڪ يهوديءَ کي هي ارشاد ته:

يَا يَهُوۡدِيُّ اِنَّ الۡاِسۡلَامَ يَسۡبِكُ الرِّجَالَ كَمَا يَسۡبِكُ النَّارُ الۡحَدِيۡدَ وَالذَّهَبَ وَالۡفِضَّةَ (تفسير قرطبي: سورة الحج- قوله تعالیٰ: ومن الناس من يعبدالله علیٰ حرف)

ترجمو: اي يهودي! اسلام انسان کي ان جي غلاظتن کان اهڙيءَ طرح پاڪ صاف ڪري ٿو، جهڙيءَ طرح باهه لوهه، سون ۽ چانديءَ کي مير ميلاپ کان صاف ڪندي آهي.

هتان معلوم ٿيو ته اسلام ۾ قرآن ۽ سنت نبوي ﷺ جو سارو سلسلو انسان ذات جي تزڪيه نفس، روحاني پاڪيزگيءَ لاءِ آهي، جنهن جو بنيادي ڪم الله تبارڪ و تعالیٰ پنهنجن ڪتابن ۽ صحيفن جي ذريعي انبياء ڪرام عليهم السلام کان ڪرايو، جنهن جو بعد ۾ سلسلو ان اولياء الله جي هٿان جاري رکيو، جيڪي تصوف جي فيض سان فيضياب ٿي، نبوت جي انساني رهنمائي ۽ رهبري واري ڪم کي جاري رکندا اچن. اهڙيءَ طرح تصوف ۽ صوفين کي اسلامي تعليمات جو سرچشمو ۽ فيضان نبوي جو سلسلو سڏجي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه هوندو. خدا جي هيءَ زمين اهڙن اولياء الله کان خالي نه آهي ۽ جنهن ڏينهن هنن خدا جي مقبول ترين بندن ۾ ڪوبه نه رهيو ته پوءِ يوم حساب شروع ٿي ويندو. قرآن حڪيم ۾ اهڙن پاڪباز انسانن کي مؤمنين، مخلصين، صادقين، خاشعين، صائمين، مُصلّين، صابرين، صالحين، مُتّقين، عباد الرحمٰن، علماءِ دين ۽ اولياء الله جهڙن اعلیٰ لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. تصوف جا اعلیٰ ڪردار يعني صوفي حضرات به انسانن کي مسلمانن ۽ مؤمنن جي نيڪ جماعت جو مفيد فرد بنائڻ لاءِ سندن ذهنن، سوچن ۽ اعمالن مان ڪثافت ۽ وحشت جا سمورا آثار ۽ نشان مٽائي، انهن ۾ انسانيت جون خوبيون ۽ صفتون اجاگر ڪري ڪين انسان ذات ۽ هن ڪائنات جو نهايت مفيد ۽ بهترين انسان بنائين ٿا. هنن کي ڪوڙ، ڪاوڙ، گلا، غيبت، چغلي، چرچ، بدديانتي، بي ايماني، چوري، ڌاڪا زني،

تهمت، بهتان، ناجائز منافع خوري، آدم آزاري جهڙين رذيل ۽ ذليل خصلتن کان دور ڪري، سچائي، وعده وفائي، صبر، برداشت، ڀلائي، نيڪي، خدا ترسي، انسان دوستي، اخوت، برادري جهڙين نيڪ صفتن ۽ خوبين جي ترغيب ڏئي، ڪين معاشري جو هڪ سودمند ۽ ستو فرد بنائين ٿا.

خدا رحمت کند این عاشقانِ پاک طینت را.

**تصوّف ۽ صوفي:** تصوف ۽ صوفي جي اصطلاح حضور ڪريم ﷺ جن جي وصال مبارڪ کان هڪ سؤ سال کن بعد ٻي صدي هجريءَ ۾ رواج پذير ٿي. هي اهو مبارڪ دور آهي، جنهن جو ذڪر خَيْرُ النَّاسِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ (صحيح بخاري- صحيح مسلم) انسانن جو بهترين زمانو منهنجو زمانو آهي، ان کان پوءِ جيڪي ان جي لڳ ۽ ان کان پوءِ ان جي لڳ آهن). يعني اهو دؤر زمانهِ رسالت کان پوءِ خلافت راشده ۽ صحابہ ڪرام جي دور بعد تابعين ۽ تبع تابعين جو دور آهي.

- شيخ شهاب الدين سهروردي فرمائين ٿا:

ذُكِرَ فِي الْقُرْآنِ الْخَيْرِ وَالصَّلَاحِ فَسُمِّيَ قَوْمًا اَبْرَارًا وَ آخَرِيْنِ مُقَرَّبِيْنَ وَمِنْهُمْ الصَّابِرُوْنَ وَالصِّدِّيْقُوْنَ وَالذَّاكِرُوْنَ وَالْمُحِبُّوْنَ وَ اِسْمُ صُوْفِي مُشْتَمِل عَلٰى جَمِيْعِ الْمُتَفَرِّقِ فِيْ هٰذِهِ الْاَسْمَآءِ الْمَذْكُوْرَةِ وَهٰذَا الْاِسْمُ لَمْ يَكُنْ فِيْ زَمَنِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ وَ قِيْلَ كَانَ فِيْ زَمَنِ التَّابِعِيْنَ

(عوارف المعارف: ص ۴۳- دارالڪتب العلمية بيروت. سال ۱۹۷۱ع)

ترجمو: الله تعاليٰ سبحانه قرآن حڪيم ۾ پلائي ۾ اصلاح وارين جماعتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪنهن کي ابرار سڏيو ته ڪنهن کي مُقرّبين چيو آهي، ڪنهن کي صادقين چيو آهي ته ڪنهن کي ذاڪرين سڏيو آهي ۽ وري ڪنهن کي مُحبّين جي نالي سان نوازيو آهي. "صوفي" جو اصطلاح هنن سڀني گروهن (ٽولن) کي شامل آهي، جيڪي مذڪوره بالا اسمن سان بيان ٿيل آهن. اهو نالو (تصوف يا صوفي) دور نبوي ﷺ ۾ موجود نه هيو، پر اهو نالو دور تابعين ۾ مليو ٿو.

- حضرت حسن بصري رضي الله تعالى عنه (تابعي) کان منقول آهي:

مون هڪ صوفيءَ کي ڪعبي جو طواف ڪندي ڏٺو ۽ مون هن کي ڪا شيءِ ڏيڻ جي ڪئي، مگر هن اها شيءِ نه ورتي ۽ چيائين ته مون وٽ چار دوانيق آهن.

هن قول مان ان ڳالهه جي تائيد ملي ٿي ته ان وقت صوفي حضرات ۽ تصوف موجود هو. حضرت حسن بصري ٢١ هجري ۾ اميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق رضي الله تعالى عنه جي دور ۾ مدينه منوره ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٢٠ هجري ۾ وفات ڪيائون. ڪيس حضرت علي ڪرم الله وجهه جي تعليم و تربيت نصيب ٿي. پاڻ پهرين صدي هجري ۾ پڙهيو پليو ۽ وڏو ٿيو. انهيءَ دوران ڪيس ڪيترن ئي نامور اصحاب سڳورن جي صحبت ۽ فيض نصيب ٿيو. هڪ روايت موجب حضرت حسن بصري رضي الله تعالى عنه جي والده ماجده امهات المؤمنين رضي الله تعاليٰ عنهن جي گهرن ۾ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ ايندي هئي ۽ گهٽوڪري ننڍڙي حسن بصري رضي الله تعالى عنه کي به پاڻ سان گڏ وٺي ايندي هئي. هو ننڍپڻ جي ڪري ڪڏهن روئندو هو ته ام المؤمنين حضرت اُمِّ سلمه رضي الله تعالى عنها

ڪيس گود ۾ کڻي پيار ڪندي هئي ۽ پنهنجي ٿڃ بہ ڏيندي هئي. گويا امام حسن بصري ﷺ کي حضور اڪرم ﷺ جن جي ٿڃ شريڪ اولاد هجڻ جو شرف بہ حاصل آهي. اهو حسن بصري ﷺ صوفين جو لٽ سردار صوفي سڏجي ٿو.

امام حسن بصري ﷺ ڪيترائي سال مدينہ منوره ۾ رهڻ بعد بصري منتقل ٿي ويو ۽ بعد ۾ ان شهر جي نالي سان "حسن بصري" سڏجڻ لڳو. حضور ﷺ جي پاڪيزه دور ۾ جن حضرات کي زيارت نبوي ﷺ جو شرف ۽ ايمان جي نعمت نصيب ٿي، انهن کي صحابي رسول ﷺ جو لقب ڏنو ويو. جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ هنن سڀني کي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي صحبت جو شرف حاصل ٿيو آهي. هن مبارڪ لقب کان وڏيڪ ٻيو سهڻو لقب ٿي نٿو سگهي، جنهن سان هنن سڀني کي ياد ڪيو وڃي. ان کان پوءِ اصحاب سڳورن جي صحبت وارن کي تابعي ۽ تابعين جي صحبت وارن کي تبع تابعين سڏيو ويو. حضور ﷺ جن تہ تمام خوبين جا مجموعه هئا ان بعد صحابہ ڪرام ۾ بہ فيضان نبوي ﷺ جو نور موجزن هيو، مگر بعد ۾ جدا جدا ماڻهن ۽ جدا جدا گروهن ۽ جماعتن کي الڳ الڳ سڃاڻپ ڏني وئي، جن مان تصوف ۽ صوفي حضرات جهڙا اصطلاح وجود ۾ آيا. اگرچہ تعليم ۽ تربيت جو مرڪز اهوئي قرآن سنت جي اطاعت ۽ پيروي هئي، مگر الڳ الڳ خوبين ۽ خاصيتن سبب جدا جدا اصطلاح وجود ۾ آيا.

امام ابوسفيان ثوري ﷫ پنهنجي دور جو وڏو متقي، پرهيزگار، محدث، مؤرخ ۽ جليل القدر تابعي هيو، جيڪو حضرت امام ابوحنيفه ﷫ جو استاد ۽ شاگرد بہ رهيو آهي. مولانا عبدالرحمٰن

جامي ﷬ حضرت سفيان ثوري بابت لکي ٿو تہ حضرت ابوهاشم الصوفي پنهنجي هن صوفي هجڻ واري ڪنيت سان مشهور آهن. شام ۾ پاڻ هڪ وڏو شيخ ڪامل رهيو آهي. اصل ۾ هو ڪوفي هيو. ١٦١ هجري ۾ بصره ۾ حضرت سفيان ثوري جو ساٿي هيو. حضرت سفيان ثوري چون ٿا تہ جيڪڏهن ابوهاشم صوفي نہ هجي ها تہ مان رياڪاريءَ جي باريڪ نڪتن کان واقف ٿي نہ سگهان ها. حضرت سفيان ثوري وڏيڪ چوي ٿو تہ حضرت ابوهاشم الصوفي جي ڏسڻ کان اڳ مون کي اها خبر نہ هئي تہ صوفي ڪيئن هوندا آهن. حالانڪ هن کان اڳ ڪيترائي بزرگ گذريا آهن، جيڪي زهد و تقويٰ، توڪل ۽ استقامت ۾ عشق و محبت جي اعليٰ مقام تي فائز هيا، مگر صوفي جو لقب خاص ابوهاشم جي نالي سان منسوب ٿيو آهي. هن شام جي شهر رمله ۾ باقاعده روحاني تربيت جي خانقاهہ تعمير ڪرائي. هي سلسلو سنت نبوي ﷺ جي ان سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن مطابق مسجد نبوي سان متصل اصحاب صُفّہ جي خانقاهہ ان اصحاب سڳورن جي تربيت گاهہ هئي، جن جا معلّم ۽ مربّي خود سرور دو جهان ﷺ جن هيا.

انهيءَ دور جو هڪ نامور بزرگ امام مالڪ ﷬ جيڪو فقه مالڪي جو باني امام آهي. هو هڪ مجتهد، فقيہ، محدث، مُفسّر ۽ متقي پرهيزگار شخص هو، جيڪو عشق رسول الله ﷺ جي فيض سان سرشار ۽ مخمور هيو. جنهن جي ولادت ٩٣ يا ٩٤ يا ٩٥ هجري آهي ۽ وفات ١٧٩ هجري آهي. هن جو گهڻو دور تبع تابعين ۾ گذريو پر ڪيس تابعين کان علم ۽ فيض جو وڏو حصو نصيب ٿيو. سندس هي قول مشهور آهي تہ:

مَنْ تَفَقَّهَ وَلَمْ يَتَصَوَّفْ فَفَسَقَ وَمَنْ تَصَوَّفَ وَلَمْ يَتَفَقَّهْ فَقَدْ تَزَنْدَقَ وَمَنْ جَمَعَ بَيْنَهُمَا فَقَدْ تَحَقَّقَ

(ملا علي قاري: مرقاة المفاتيح في شرح مشكواة المصابيح- ج١ ص ٢٥٦)

ترجمو: جيڪو ماڻهو فقه ۾ ماهر ٿيو ۽ تصوف کان نابلد (ناآشنا) رهيو ته يقينًا فسق جو مرتڪب ٿيو ۽ وري جيڪو تصوف ۾ محو ٿي ويو ۽ فقه کان محروم رهيو ته اهو زنديق ٿي ويو پر جنهن ماڻهوءَ فقه ۽ تصوف ٻنهي کي گڏ ڪيو اهوئي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيو.

يعني علم ظاهري کي جيستائين محبت الٰهي ۽ عشق نبوي ﷺ جو فيضان نٿو پهچي ته اهو علم گمراهيءَ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. پر جيڪو رڳو تصوف جي راهه جو راهي ٿيو ۽ شريعت جي شمع ان لاءِ سڌي رستي جي رهبري نه ڪئي ته اهو زنديق ۽ ڪفر جي درجي تي پهچي سگهي ٿو. قرآن حڪيم ۾ ارشاد رباني آهي:

لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ۫ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْــَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ؕ (البقره: ٢/٢٧٣)

ترجمو: خيرات انهن فقيرن جو حق آهي، جيڪي الله جي راهه ۾ رڪيل آهن. هو زمين تي هيڏي هوڏي وڃي نٿا سگهن (نه روزگار/ معاش ڪمائين) نا سمجهه ماڻهو هنن کي (زهد ۽ پرهيزگاريءَ سبب) سوال نه ڪرڻ جي ڪري تونگر ۽ دولتمند سمجهن ٿا. تون هنن کي سندن چهري (مبارڪ) مان سڃاڻي سگهين ٿو ته هو ماڻهن کي چنبڙي سوال ڪونه ٿا ڪن.

- علامه ثناءُ الله پاني پتي ﷫ هن آيت ڪريمہ جي وضاحت ڪندي هيءَ حديث شريف نقل ڪئي آهي:

اَخْرَجَ ابْنُ الْمُنْذَرِ عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ هُمْ اَهْلُ الصُّفَّةِ كَانُوْا نَحْوًا مِّنْ اَرْبَعِ مِاةٍ رَجُلٌ مِّنْ فُقَرَآءِ الْمُهَاجِرِيْنَ لَمْ يَكُنْ لَّهُمْ مَسَاكِنُ فِي الْمَدِيْنَةِ وَلَا عَشَائِرُ يَسْكُنُوْنَ بِصُفَّةِ الْمَسْجِدِ يَسْتَغْفِرُوْنَ اَوْقَاتَهُمْ بِالتَّعْلِيْمِ وَالْعِبَادَةِ وَكَانُوْا يَخْرُجُوْنَ فِيْ كُلِّ سَرِيَّةٍ يَبْعَثُهَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ. (تفسير مظهري)

ترجمو: ابن منذر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت ڪئي آهي تہ اهل صفه تقريبًا چار سو افراد هيا. جيڪي فقراء مهاجرين مان هيا. مدينہ منوره ۾ نہ انهن جي رهڻ جي جڳهہ هئي نہ وري سندن ڪو قبيلو هو. اهي مسجد نبوي جي چبوتري ۾ رهندا هئا ۽ هر وقت تعليم حاصل ڪرڻ ۽ عبادت ۾ مشغول رهندا هئا ۽ هر لشڪر جنهن کي نبي اڪرم ﷺ ڪنهن جنگ تي موڪليندا هئا تہ ان سان گڏ جهاد ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

حضرت عبدالرحمٰن بن سهل بن حنيف ﷛ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جڏهن پنهنجي ڪنهن گهر ۾ موجود هئا تہ هيءَ آيت ڪريمہ نازل ٿي:

وَ اصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ (الكهف: ٢٨/١٨)

ترجمو: ۽ پاڻ کي انهن سان گڏ رک جيڪي ماڻهو صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پڪارين ٿا ۽ رڳو ان جي چهري پاڪ (ديدار)

جا طلبگار آهن.

صاحب فتوح الالهيه هن آيت ڪريمہ جي شان ۾ لکي ٿو تہ اها اصحاب صفه جي شان ۾ نازل ٿي، جيڪي مسجد نبوي ﷺ ۾ قيام پذير فقراء هئا. اهي نہ تجارت ڪرڻ لاءِ مسجد شريف کان ٻاهر ويندا هئا ۽ نہ وري زراعت لاءِ نڪرندا هئا. هو هڪ نماز ادا ڪرڻ بعد وري ٻي نماز جو انتظار ڪندا هئا. جڏهن هيءَ آيت ڪريمہ نازل ٿي تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ سڀ تعريفون الله رب العزت لاءِ آهن، جنهن منهنجي امت ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن سان مان پنهنجي رفاقت قائم رکان. يقينًا اهي اصحاب سڳورا اصحاب صفه ئي هئا.

اهي صفتون حضور ﷺ جي سمورن پروانن ۽ جان نثار ساٿين جي نشاندهي ڪن ٿيون، جيڪي روحاني ۽ جسماني پاڪيزگي ۽ پرهيزگاريءَ جا روشن مينار هئا. جن جا پيروڪار ۽ محبتي بعد ۾ محدث، مفسّر، فقيه ۽ صوفي حضرات جي نالن سان منسوب ٿيا. صحابہ ڪرام ۾ اصحاب صفه، تابعين ۾ امام حسن بصري ۽ سندس معتقدين ۾ خاص طور تي ابوحفص ربيع حبيب عجمي ۽ مالڪ بن دينار، اويس قرني، امام زين العابدين، سعيد بن مسيّب، طاؤس يماني، داؤد بن دينار، سليمان تميمي، عامر بن عبدالله ۽ محمد بن مڪندر جا نالا قابل ذڪر آهن. تبع تابعين جي دور ۾ حضرت رابعه بصري، حبيب عجمي، مالڪ بن دينار، فضيل بن عياض، عبدالله بن مبارڪ، ابراهيم بن ادهم، بشر الحافي، شيبان راعي، ذوالنون مصري، بايزيد بسطامي، حارث الحاسبي، حلاج، جنيد بغدادي وغيرهم جا نالا درخشان ستارن وانگر تاريخ جي افق تي روشن آهن. ان کان پوءِ امام غزالي، شيخ عبدالقادر جيلاني، مولانا

عبدالرحمٰن جامي، شيخ عطار، مولانا جلال الدين رومي، شيخ سعدي کان وٺي مجدد الف ثاني، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شاهه ولي الله کان معين الدين چشتي تائين اهو سلسلو جاري آهي.

**تصوّف جي معنىٰ ۽ مفهوم:** تصوّف پنهنجي اصطلاحي معنىٰ ۽ مفهوم ۾ تزڪيه نفس، قلب جي پاڪيزگي، حق جي اطاعت، محبت الٰهي، جنهن ۾ عشق رسول ﷺ به شامل آهي، رضائي الٰهي جو حصول ۽ معرفت الٰهي ماڻڻ جو ذريعو آهي. مگر علماءِ لغت تصوف جي مادهِ اشتقاق ۽ لفظ ”صوفي“ جي وجه تسميه جي جدا جدا راءِ رکن ٿا، جن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

**1- پهريون قول: ”الصفاء“:** ڪجهه علماءِ لغت جو چوڻ آهي ته لفظ تصوف جو مادهِ اشتقاق ”الصفاء“ آهي، جنهن جي معنىٰ صفائي ۽ پاڪيزگي آهي. يعني هر شيءِ کي هر طرح جي ظاهري ۽ باطني آلودگيءَ کان پاڪ صاف ڪري، اڇو اجرو ۽ صاف شفاف بنائڻ جو نالو تصوف آهي.

- شيخ ابوالفتح بستي جي چواڻي:

اِنَّ التَّصَوَّفَ كَلِمَةٌ اِشْتَقَّتْ مِنَ الصَّفَاءِ.

ترجمو: تصوف اهو ڪلمو آهي جيڪو ”الصفاء“ مان مشتق آهي.

- لغت جي مشهور ڪتاب ”منجد“ ۾ مذڪور آهي:

صفى اَىْ تَصْفِيَةُ الشَّىْءِ وَجَعَلَهُ صَافِيًا.

ترجمو: صفا جو مطلب آهي ڪنهن شيءِ کي صاف اجرو ڪرڻ.

- حضرت داتا گنج بخش علي هجويري جي شهرهِ آفاق تصنيف "ڪشف المحجوب" ۾ شيخ خضري جو هي قول منقول آهي:

اَلتَّصَوَّفُ صَفَاءُ السِّرِ مِنْ كُدُوْرَةِ الْمُخَالَفَةِ.

ترجمو: باطن کي حق جي مخالفت واري ڪدورت ۽ سياهيءَ کان پاڪ صاف ڪرڻ جو نالو تصوف آهي.

2- ٻيو قول "اَلصَّفْوُ": ڪجهه عالمن وٽ تصوف جو ماده اشتقاق "اَلصَّفْوُ" يعني محبت ۽ دوستيءَ ۾ اخلاص آهي.

اَلصَّفْوُ هُوَ الْاِخْلَاصُ فِي الْمَوَدَّةِ اَلصَّفِيُّ هُوَ الصَّدِيْقُ الْمُخْلِصُ.

ترجمو: هن مان مراد آهي ته دنيا ۽ آخرت جي جزا ۽ سزا کان بي نياز ٿي فقط محبوب حقيقي سان محبت ۽ دوستيءَ جو رشتو استوار ڪري.

اتي ئي آهين، جتي اوهان ڇڏيون،
اکيون عبداللطيف چئي، ماڳ نه مَٽائين،
جي ٻيو در واجهائين ته ڪدي ڪانگن کي ڏيان.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ)

***

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو
جنت جا مشتاق اجان اورانهان ٿيا

(مخدوم محمد زمان لنواري رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ)

3- ٽيون قول "الصُّوف": هن قول مطابق تصوف جو مادو "الصوف" يعني اُنَ آهي ۽ باب تفعّل (تصوّف) جي وزن تي اچڻ سان

مطلب ٿيو تہ هن اُوني لباس پاتو.

- امام ابوالقاسم قشيري رحمۃ اللہ علیہ جو قول آهي:

تَصَوَّفَ اِذَا لَبِسَ الصُّوْفُ كَمَا يُقَالُ تَقَمَّسَ اِذَا لَبِسَ الْقَمِيْصَ.

ترجمو: تصوّف ان وقت چيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن صوف (اُنَ) جو لباس پاتو هجي. اهڙيءَ طرح قميص پائڻ واري کي 'تقمس' چيو ويندو آهي.

خدا جي بعض نيڪ بندن نفس جي مارڻ، ان کي ڪمزور ڪرڻ مجاهدي لاءِ نهايت عجز ۽ نياز خاطر اوني، موٽو ۽ کردري لباس پاتو، ان ڪري کين "صوفي" يعني اوني لباس پائيندڙ سڏيو ويو.

- علامہ ابن خلدون هن موقف جي تائيد ڪندي چوي ٿو:

اِنَّ التَّصَوَّفَ مُشْتَقَّةٌ مِنَ الصُّوْفِ لِاِخْتِصَاصِ اَصْحَابِهَا بِلَبْسِ الصُّوْفِ

ترجمو: تصوّف "صُوف" کان مشتق آهي، ڇوتہ اوني لباس صوفين جو خاص لباس هيو.

4- چوٿون قول "الصّوف": جن حضرات وٽ تصوف جو اصل مادو "الصّوف" يعني يڪسو شدن، بالڪل هڪ طرف متوجه ٿي وڃڻ آهي. انهن جي خيال ۾ عشق اُلهي ۾ ايترو تہ محو ۽ مدهوش ٿي وڃڻ، جو غيرالله جي طلب ۽ خواهش کان ڌيان بلڪل ڪٽجي وڃي ۽ رڳو ذڪر و فڪر اُلهي ۾ ماٺهو مشغول رهي.

- علامہ غياث الدين صاحب "غياث لغات" جي مصنف چيو آهي:

می تواند تصوف ماخوذ باشد از صوف که بمعنی یکسوشدن و روئی گردانیدن است چون واصلانِ حق از ما سوی اللّٰه یکسوئی شدند و دوئی گردانند لهذا کار ایشان را تصوف نامیدند.

ترجمو: ٿي سگهي ٿو تہ تصوف ”صوف“ کان مشتق هجي، جنهن جي معنيٰ آهي ”يڪسو ٿيڻ“ هڪ طرف متوجه هجڻ ۽ هر طرف کان منهن موڙي ڇڏڻ، ڇوتہ اللّٰه سان وصل ڪندڙ صرف انهيءَ طرف ئي متوجه هوندا آهن ۽ اللّٰه کان سواءِ ٻين کان منهن موڙيندڙ آهن. ان ڪري هنن جي انهيءَ حالت کي ”تصوف“ سڏيو ويندو آهي.

5- **پنجون قول:** بعض علماء وٽ تصوف ”الصفه“ جو مشتق آهي.

- شيخ ابوبڪر بن اسحاق بخاري جو قول آهي:

قَالَ قَوْمٌ اِنَّمَا سَمُّوْا صُوْفِيَةٌ لِقُرْبِ اَوْصَافِهِمْ مِنْ اَوْصَافِ اَهْلِ صُفَّةَ الَّذِيْنَ كَانُوْا فِيْ عَهْدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ

(ايقاظ الهمم في شرح الحڪم)

ترجمو: هڪ گروهہ جو چوڻ آهي تہ صوفيه جو وجه تسميه سندس طريقي جو اصحاب صفّه جي اوصاف جي قريب تر عبادت سان آهي، جيڪي رسول اللّٰه ﷺ جن جي مبارڪ زماني ۾ (مسجد نبوي جي هڪ حصي ۾) هميشہ موجود هوندا هئا.

- هن قول جي تائيد ڪندي شيخ احمد الحسيني چوي ٿو:

اِنَّهٗ مِنَ الصُّفَّةِ اِذْ جُمْلَةٌ اِتِّصَافٌ بِالْمَحَامِدِ وَ تَرْكِ الْاَوْصَافِ الْمَذْمُوْمَةِ (شرح التصرف بمذاهب التصرف)

ترجمو: هي "صُفه" مان ورتل آهي، ڇوته تصوف پنهنجي سمورين خوبين جي هجڻ ۽ مذموم وصفن جي ترڪ ڪرڻ جو نالو آهي.

6- ڇهون قول "الصف": ڪجھ عالم حضرات تصوف کي "الصف" مان مشتق ڏيکارين ٿا.

- هن سلسلي ۾ امام ابوالقاسم القشيري ﷺ جو قول آهي:

اِنَّهٗ مُشْتَقٌّ مِّنَ الصَّفِّ فَكَاَنَّمَا فِي الصَّفِّ الْاَوَّلِ بِقَوْلِهِمْ مِنْ حَيْثِ الْمُحَاضَرَةِ مِنَ اللهِ تَعَالٰى (الرسالة القشيرية)

ترجمو: تصوف جو اصل مادو "صَف" آهي، گويا ڪ صوفي حضرات الله تعالىٰ جي حضور جي لحاظ سان صف اول ۾ هوندا آهن.

تصوف بابت مختلف صوفي حضرات جي چوڻين کي هيٺ نقل ڪجي ٿو:

- صوفين جي سالار حضرت جنيد بغدادي ﷺ جو قول آهي ته: "جيڪو پاڻ کان فاني ۽ حق تعالىٰ سان باقي آهي".
- شيخ شبلي ﷺ چوي ٿو ته: "صوفي اهو آهي، جيڪو مخلوق کان ڪٽيل ۽ خدا سان ڳنڍيل آهي".
- ذوالنون مصري ﷺ جو قول آهي ته: "صوفي اهي آهن، جيڪي هر حال ۾ هر شيءِ تي خدا جي ذات کي ترجيح ڏين ٿا".

تصوف اهوئي آهي ته انسان هر حال ۾ الله تعالىٰ سان گڏ هجي. حق کان سواءِ ظاهر توڙي باطن ۾ ٻيو ڪجھ نظر نه اچي. تصوف نفساني لذتن کي ترڪ ڪرڻ جو نالو آهي. دين اسلام جي سمورن اعمالن جي هڪ ظاهري شڪل آهي ته هڪ باطني حقيقت آهي. ظاهري شڪل کان سواءِ باطني حقيقت جو تصور به ڪري نٿو

سگهجي ۽ وري باطني حقيقت کان سواءِ ظاهري شڪل هڪ بي جان، جسم وانگر آهي. اهڙيءَ طرح دين جي ظاهري شڪل جو تعلق شريعت سان آهي ۽ باطني حقيقت جو تعلق طريقت يا تصوف سان آهي. شريعت دراصل قرآن ۽ سنت مطابق امر و نهي جو اهڙو نظام آهي، جيڪو انسان ذات جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي ضابطي ۾ رکي ٿو. پر انهيءَ عمل کي ڪمال اخلاص محبت سان آراسته ڪري، ان کي احسان جي درجي تي فائز ڪرڻ جو نالو تصوف آهي. تصوف هر طرح جي ظاهري ۽ باطني آلودگيءَ کان پاڪ صاف ڪري، بلڪل اڃو اجرو ڪرڻ جو نالو آهي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته دين اسلام جو روحاني نظام يعني تصوف ئي مشاهده حق جي منزل سان همڪنار ڪري ٿو، جنهن جي ڪري زندگيءَ جو هر لمحو خدا ۽ رسول ﷺ جي اطاعت ۽ رضا ۾ گذاري ٿو. تصوف معراجِ حيات آهي، جنهن ۾ هر وقت خداوند تعالیٰ جي رضا ۽ محبت جو فڪر دامنگير رهي ٿو.

**وحدت الوجود:** تصوف جو هڪ روح روان نظريو وحدت الوجود آهي. هن فڪر جو سرواڻ محي الدين ابن عربي رحمة الله تعالیٰ عليه آهي، جيڪو اندلس (اسپين) جو رهاڪو هيو. ابن عربي پاڻ وحدت الوجود اصطلاح استعمال ڪونه ڪيو ۽ نه وري هو هن فڪر جو مؤجد هيو. وحدت الوجود جو فڪر ابن عربيءَ کان اڳ عرب ۽ عجم جي صوفي حضرات وٽ معروف ۽ مقبول هيو، مگر پنهنجي علم ۽ عرفان جي ذريعي هن وحدت الوجود جي فڪر کي اهڙو ته نهايت مؤثر ۽ دلپذير طريقي سان پيش ڪيو، جو اهو فڪر سندس نالي سان سڃاتو وڃڻ لڳو. جنهن جو بلا غيري اثر چار سو سال کن تائين تصوف جي دنيا تي حاوي رهيو. هن فڪر جي پهرين مخالفت ابن تيميه (وفات ۷۲۸ھ) ڪئي. هندستان ۾ چشتي طريقي جي عارف سيد محمد حسين گيسودراز (وفات

۸۲۶ھہ) ۽ بعد ۾ سڀ کان وڌيڪ شهرت شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثاني (وفات ۱۰۳۴ھہ) جي وحدت الشهود واري نظريي کي ملي.

هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ وحدت الوجود جي فڪر جو اثر عرب ۽ عجم جي تمام وڏن صوفي ڪرام تي رهيو، جيڪي سمورا وحدت الوجود يا همہ اوست جا قائل رهيا آهن. صوفين وحدت الوجود جي معنىٰ رڳو هڪ وجود کي مڃڻ يا وجود جي هيڪڙائي قرار ڏنو آهي، جنهن کي عام اصطلاح ۾ "همہ اوست" يعني وجود صرف هڪ ذات (ذات حق) جو آهي، باقي ٻي سموري ڪائنات (اشياء ڪائنات) موجودات ۽ مخلوقات سڀ حق تعالىٰ جي اسم ذاتي ۽ صفاتي جي تجليءَ جو ظهور آهي.

- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ چوي ٿو:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل

حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ م ڀل
هي هلاچو هل بِاللّٰه سندو سڄڻين

پڙاڏو سو سڏ، ورائيءَ جو لهين جي
هئا اڳهين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا

ابن عربي ﷫ جي فڪر موجب اصل وجود حق تعالىٰ جي ذات آهي ۽ حق تعالىٰ ئي تمام موجودات جو عين آهي. سندس چوڻ موجب ذات حق جي وجود کان علاوه جيڪڏهن ٻين شين جو وجود تسليم ڪبو تہ هڪ کان وڌيڪ وجود مڃڻا پوندا، جيڪو غلط آهي. ابن عربي ﷫ جي هن عينيت واري فڪر سان ڪن وڏن صوفين جو اختلاف بہ رهيو آهي.

حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله تعالیٰ علیه جو چوڻ آهي تہ بيشڪ وجود حقيقي صرف الله جوئي آهي، باقي مخلوقات ۽ ممڪنات جو وجود حقيقي نہ، پر ظلّي آهي. يعني اهو وجود حقيقي (ذات باري تعالیٰ) جي تجليءَ جو پرتو آهي، عين ناهي.

وحدت الوجود يا همہ اوست جو عمومي اهو تصور آهي تہ خدا سڀ ڪجهہ آهي ۽ سڀ ڪجهہ خدا آهي". يعني هر شيءِ خدا آهي ۽ سڀ ۾ خدا جو ظهور آهي". صوفي حضرات پنهنجي هن نظرئي جو دليل قرآن مجيد جي هن آيت مان ڏين ٿا:

هُوَ الْاَوَّلُ وَ الْاٰخِرُ وَ الظَّاهِرُ وَ الْبَاطِنُ (الحديد: آيت ٣)

ترجمو: اهو (الله تعالیٰ) ئي اول، آخر، ظاهر ۽ باطن آهي.

- ٽين صدي جي مشهور صوفي محمد بن واسع رحمة الله تعالیٰ علیه جو قول آهي:

مَا رَاَيْتُ شَيْئًا اِلَّا وَرَاَيْتُ اللهَ فِيْهِ

ترجمو: مون اهڙي ڪا شيءِ نہ ڏٺي آهي، مگر مون ان ۾ الله کي ڏٺو.

وحدت الوجود عربي زبان جو لفظ آهي، جيڪو عربي زبان جي صوفين سان منسوب ٿيو.

- "وحدت الوجود" جو ترجمو "همه اوست" پنجين صدي جي خواجہ عبدالله انصاري رحمة الله تعالیٰ علیه پنهنجن اشعار ۾ ڪيو آهي:

عشق آمد و شد چون خونم اندر رگ و پوست
تا کرد مرا تهی و پرکرد ز دوست
اجزاء وجودم همگی دوست گرفت
نامیست ز بر من و باقی همه اوست

ترجمو: عشق منهنجي اندر آيو ۽ منهنجي پوست ۽ رڳن (بدن) ۾ خون وانگر داخل ٿي سمائجي ويو آهي. هن عشق مون کي پاڻ کان خالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ منهنجي دوست کي (منهنجي اندر) ڀري ڇڏيو آهي. (اهڙي طرح) منهنجي وجود جا سمورا جزا دوست پاڻ سان ڪٽي ويو آهي (هو خود ٿي ويو آهي) هاڻي مون تي رڳو منهنجو نالو وڃي رهيو آهي، باقي همہ اوست يعني سڀ ڪجهہ اهو آهي.

- مولانا رومي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جو قول آهي:

جمله معشوق است عاشق پرده
زنده معشوق است عاشق مرده

ترجمو: سڀ ڪجهہ معشوق پاڻ آهي. عاشق تہ هڪ پردو آهي. معشوق زندهہ آهي ۽ عاشق مرده آهي.

- شيخ سعدي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جو قول آهي:

رسد آدمی بجائی که بجز خدا نیست
بنگر که تا چه حد مکان آدمیست

ترجمو: انسان انهيءَ هنڌ پهچي ٿو، جتي ڪيس خدا کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نٿو اچي. غور ڪر تہ آدميت (ذات انساني) جو مڪان (مقامِ بلندي) ڪيتري (بلنديءَ واري) حد تي آهي.

- حضرت بلي شاهہ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ چيو آهي:

الله آدمي بڻ آيا، انت بحر دي ڪل نہ ڪائي

- شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جو قول آهي:

پري تير ڪمان ۾ ميان مار نه مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توڪي لڳي.

* * *

ڪاتب لکن جيئن لايو لام الف سين
سان پڻ سڄڻ تيئن رهيو آهيم روح ۾

- خود حضرت مولانا جامي ﷫ پنهنجي هڪ لائحه جي رباعيءَ ۾ هن طرح چيو آهي:

هم سايه و هم نشين و همره همه اوست
در دلق گدا و اطلسِ شه همه اوست
در انجمن فرق و نهانخانه جمع
بالله همه اوست ثم بالله همه اوست

ترجمو: پاڙيسري، گڏ رهندڙ ۽ گڏ هلندڙ سڀ اهوئي آهي. فقير جي گودڙيءَ ۾ ۽ بادشاهه جي پوشاڪ ۾ سڀ اهوئي آهي. ظاهري مجلس توڙي باطني محفل ۾ خدا جو قسم! سڀ اهوئي آهي. وري خدا جو قسم سڀ اهوئي آهي.

ابن عربي ﷫ وجود جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته جيڪو پنهنجو پاڻ قائم هجي ۽ ٻئي ڪنهن جو محتاج نه هجي، اهڙو وجود صرف حق تعالیٰ جو آهي، چوته ذات باري تعالیٰ ڪنهن به ٻئي جو محتاج نه آهي، پر ڪائنات جون ٻيون سڀ شيون پنهنجو پاڻ قائم نه آهن، انهن جو پنهنجو وجود ناهي، اهي پنهنجي وجود لاءِ خدا جون

محتاج آهن. تنهن ڪري انهن تي وجود جو اطلاق نٿو ٿي سگهي. وجود مطلق صرف ذات حق جو ئي آهي. خدا جو وجود ازلي آهي، غيرمخلوق آهي، ناقابل تقسيم ۽ ناقابل تعريف ۽ فنا آهي. هو ڪثرت کان پاڪ آهي، يعني هر لحاظ کان احد واحد آهي. بي مثال بي چون و چرا آهي، ڪنهن به قسم جي عقل، فهم ۽ ادراڪ جي احاطي ۾ اچڻ کان پاڪ آهي. ازل کان آهي ابد تائين هوندو. فنا ۽ نقص کان پاڪ آهي. واجب الوجود آهي. خدا جي وجود کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه عدم آهي. يعني عدم مان عدم ئي پيدا ٿيندو.

- ابن عربي رحمة الله تعالیٰ عليه جو مشهور قول آهي:

اَلْعَدَمُ لَا يُوْجَدُ وَالْعَدَمُ عَدَمٌ

ترجمو: عدم آهي ئي ڪونه، بلڪ عدم عدم ئي آهي.

وحدت وجود جي لحاظ سان وجود فقط هڪڙو آهي. اهو وجود مطلق يعني ذات باري تعالیٰ جو وجود آهي، پر جيئن ته عدم وجود جو ضد آهي ۽ خدا جو ڪوبه ضد ناهي.

لَا ضِدَّ لَهٗ وَلَا نِدَّ لَهٗ

ترجمو: نه هن جو ضد آهي، نه هن جو مثل آهي.

ان ڪري عدم جو به وجود ناهي، ان کي عدم محض چئجي ٿو. ان ڪري وجود نظرئي جا صوفي حضرات هن ڪائنات يا مخلوقات کي تجليات، تعينات ۽ تقيّدات جو نالو ڏين ٿا. جنهن ڪري شيون (اشياءِ عالم) ظاهري صورت ۾ موجود نظر اچن ٿيون.

ائين نه سمجهڻ گهرجي ته وجود عدم جو محتاج آهي، پر عدم يعني نيستيءَ جو ڪوبه تصور نٿو ٿي سگهي. ان ڪري صوفين

وٺ وجود کي واجب يعني خدا کي واجب الوجود سمجهن ٿا. ان ڪري خدا واحد، احد آهي، ڇوته واجب هڪ کان زياده نٿا ٿي سگهن.

- ابن عربي رحمة الله تعالیٰ عليه پنهنجي ڪتاب "فصوص الحڪم" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

سُبْحَانَ مَنْ خَلَقَ الْاَشْيَاءَ وَهُوَ عَيْنُهَا

ترجمو: پاڪائي ان ذات کي آهي، جنهن مخلوقات پيدا ڪئي ۽ پاڻ ان جو عين آهي.

- ٻئي هنڌ چوي ٿو:

وَهِيَ اَنَّهٗ عَيْنُ الْاَشْيَاءِ

ترجمو: بيشڪ اهوئي شين جو عين آهي.

- هڪ ٻئي هنڌ آهي:

اَلْاَعْيَانُ مَا شَمَمَ رَائِحَةُ الْوُجُوْدِ

ترجمو: اعيان (اشياء عالم) اهي آهن، جن وجود جي بوءِ به نه سنگهي آهي.

پر جڏهن انهن تي حق جي تجلي پوي ٿي ته اهي اعيان خارجي يعني مخلوقات يا موجودات جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. گويا هي اعيان، باطني وجود جو آئينو آهن.

- وري چوي ٿو:

سُبْحَانَ مَنْ اَظْهَرَ الْاَشْيَآءَ وَهُوَ عَيْنُهَا

ترجمو: پاڪ آهي اها ذات، جنهن پاڻ کي شين ۾ ظاهر ڪيو ۽ پاڻ انهن جو عين آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ اَوۡجَدَ الۡاَشۡیَآءَ وَهُوَ عَیۡنُهَا

ترجمو: تعريف ان الله جي، جنهن شين کي وجود ۾ آندو ۽ پاڻ ان جو عين آهي.

فَالۡعَالَمُ مُتَوَهَّمٌ مَالَهٗ وُجُوۡدٌ حَقِیۡقِیٌّ

ترجمو: هي عالم وهمي يا خيالي آهي ۽ ان جو وجود حقيقي ناهي.

مٿي آيل بحث مان معلوم ٿيو ته وحدت الوجود صوفين وٽ هڪ قسم جو باطني يا اندروني تجربو آهي. اها صوفين جي اندر جي هڪ طرح جي ڪيفيت يا احساس آهي، جنهن کي هو انهيءَ نموني بيان ڪن ٿا.

امام غزالي رحمة الله تعالىٰ عليه هن باري ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته خدا جا عارف ۽ عشاق جڏهن روحاني ارتقاء ۽ عروج حاصل ٿيڻ بعد حقيقت جي واديءَ ۾ قدم رکن ٿا ته هڪ ذات جي وجود کانسواءِ ٻيو ڪجهه نٿا ڏسن. جڏهن جذب ذوق ۽ حال جي سبب هنن جي نظرن کان ڪثرت گم ٿي وڃي ٿي ۽ هو پاڻ وحدت ۾ غرق ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي حالت ۾ اچي وڃن ٿا، جتي الله کان سواءِ ڪا به ياد باقي نٿي رهي، گويا هو پاڻ کي به وساري ويهن ٿا. مٿن اهڙو ته خمار چڙهي ٿو جو سندن عقل ۽ ادراڪ جواب ڏيئي بيهي ٿو. پوءِ ڪن جي زبان تان بي اختيار ”انا الحق“ نڪري ٿو ته ٻيو وري ”سبحاني ما اعظم شاني“ چوي ٿو ته ڪو وري ”ما في الجبة الا الله“ پڪاري ٿو. اهڙن عاشقن جي هن حالت کي ”سڪر“ سڏيو وڃي ٿو. هن حالت ۾ هنن سان خاموشي اختيار ڪجي ۽ سندن اهڙين ڳالهين کي عوام آڏو پڌرو نه ڪجي.

حق انا الحق کہہ رہا تھا ورنہ اس کی کیا مجال
سرمد و منصور کے منہ میں زباں تو ہی تو تھا

- اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي هنڌ وحدت الوجود جي السّتي نشي ۾ مست عاشق چوي ٿو:

أَنَا مَنْ أَهْوىٰ وَ مَنْ أَهْوىٰ أَنَا
نَحْنُ رُوْحَانِ حَلَلْنَا بَدَنًا

ترجمو: آءٌ خود اهوئي آهيان، جنهن سان محبت ڪريان ٿو ۽ جنهن سان پيار ڪريان ٿو، اهو مان پاڻ آهيان. اسان ٻه روح هڪ جسم ۾ مليل آهيون.

- امير خسرو ﷫ جو قول آهي:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی
تاکس نه گوید بعد زین من دیگرم تو دیگری

ترجمو: مان تون ٿي ويو آهيان ۽ تون مان ٿي ويو آهين. مان جسم آهيان ۽ تون جان آهين. اج ڪان پوءِ ڪو ائين نه چوي ته مان ٻيو آهيان ۽ تون ٻيو (الڳ) آهين.

جڏهن اها حالت عاشق تي طاري ٿئي ته سمجهو سالڪ فنا تي چڪو آهي، بلڪ ان حالت کي فناءُ الفنا سڏجي ٿو. اهڙي حالت ۾ عاشق پنهنجي پاڻ ڪان، پر پنهنجي فنائيت ڪان به فنا ٿي وڃن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ ڪين پنهنجي سڌ به نه رهندي آهي ته هو ڪهڙي حالت ۾ آهن. هن حالت کي مجاز يا ظاهري لحاظ سان وصل جي حالت سڏبو آهي، پر حقيقت جي لحاظ ڪان هو وحدت جي حال ۾ آهي. جڏهن صوفي

هن فنا في اللّٰه يا فناءُ الفناء جي حالت مان نڪري اچي ٿو تہ هو اهڙن خيالن جي اظهار کان پاسو ڪري ٿو. تڏهن تہ هڪ اردو شاعر چيو آهي:

حق انا الحق تھا، مگر کہنی نہ تھی
یار کی محفل سے باہر یار کی محفل کی بات

**وحدت الشهود يا مجدد الف ثاني** رحمة الله تعالیٰ عليه **جو نقطہ نظر:** ابن عربي جي نظريات وحدت الوجود سان سڀ کان پهريان اختلاف ابن تيميه (وفات ٧٢٨) ڪيو. ان کان بعد الدوله سمناني (وفات: ٧٣٦) ۽ هندستان جي مشهور چشتي صوفي بزرگ سيد محمد حسيني گيسودراز (وفات: ١٤٢٢) ڪيو. ليڪن سڀ کان وڌيڪ شهرت شيخ احمد مجدد الف ثاني (وفات: ١٦٢٤) جي نظرئي کي ملي، جيڪو وحدت الوجود جي مقابلي ۾ وحدت الشهود جي نالي سان مشهور ٿيو. ابن عربي پنهنجي فڪر وحدت الوجود ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ وجود فقط هڪڙو آهي ۽ اهو ذات خداوندي جو آهي، باقي هيءَ ڪائنات يا مخلوقات ان جي وجود سان قائم آهي، يا ائين چئجي تہ انهن سمورين شين (اشياءِ عالمِ ڪائنات) جو پنهنجو وجود ڪونهي. ان ڪري هن نظرئي وارا وجودي صوفي هنن شين کي تعيّنات، تنزّلات يا تقيّدات ڪوٺين ٿا. يعني هو انهن شين کي ذاتِ خداوندي جي اسمن ۽ صفين جي تجلي يا انهن جو ظهور (مظهر) سمجهن ٿا. ابن عربي انهيءَ خاص نسبت کي جيڪا خدا کي ڪائنات سان يا خالق کي مخلوقات سان آهي، ان کي "عينيت" جو نالو ڏئي ٿو. ان ڪري هن نظريه وارن مطابق وجود حقيقي صرف اللّٰه جي ذات جو آهي، باقي ٻي سموري ممڪنات جو ڪوبہ پنهنجو وجود ڪونهي، اها ذات

حق جي عينيت جو مظهر آهي، پر وجود جي لحاظ سان موهوم ۽ معدوم آهي.

وجودي حضرات خالق ۽ مخلوق جي باهمي تعلق جي سمجهاڻيءَ واسطي هو پاڻي ۽ لهرن يا درياءَ ۽ ان جي لهرن جو مثال ڏين ٿا. يعني لهرون پاڻيءَ جوئي مظهر ۽ عڪس آهن. ڏسڻ يا نالي ۾ لهرون سڏجن ٿيون، پر اصل ۾ آهن اهي ئي پاڻي.

لهرن لک لباس پاڻي پسڻ هيڪڙو

***

پڙاڏو سوئي سڏ، ور وائي جو جي لهين تون

هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله تعالیٰ عليه)

هن سلسلي ۾ امام غزالي رحمة الله تعالیٰ عليه چوي ٿو ته ”لا اله الا الله“ يعني ناهي ڪوئي معبود، مگر الله. اها عوام جي توحيد آهي، پر ”لا هو الا هو“ ناهي ڪوئي مگر هو (الله) اها خواص جي توحيد آهي، ڇوته هن ۾ هر شيءِ جي وجود جي نفي آهي.

هن جي ڀيٽ ۾ مجدد الف ثاني رحمة الله تعالیٰ عليه چيو آهي ته بيشڪ وجود حقيقي صرف الله جوئي آهي، پر ممڪنات (ڪائنات) جو وجود ظلي آهي، يعني ته اهو حق تعالیٰ جي تجليءَ جو پرتوو (اولو) آهي.

حضرت احمد سرهندي مجدد الف ثاني رحمة الله تعالیٰ عليه پنهنجي مڪتوبات ۽ ٻين تحريرن ۾ علمي دليلن سان صوفين جي وحدت الوجود کي وحدت شهود جو ابتدائي درجو ثابت ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ هو گهڻي حد تائين ڪامياب ويو. هن جو چوڻ هو ته وحدت الوجود علم اليقين جي حيثيت رکي ٿو، پر وحدت الشهود عين اليقين آهي.

مطلب تہ هو وحدت الوجود جو انڪار ڪونہ ٿو ڪري، پر هو چوي ٿو تہ جڏهن سالڪ کي اها ڪيفيت محسوس ٿئي ٿي تہ اها ابتدائي ۽ سڪر واري حالت آهي، پر ان کان اڳتي يا مٿي واري ڪيفيت يا حالت صحو آهي، جنهن کي هو وحدت الشهود ڪوٺي ٿو. بهرحال اها حقيقت آهي تہ حضرت مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جي نظريات جا دور رس اثرات مرتب ٿيا ۽ برصغير ۾ نقشبندي سلسلي جو ڦهلجڻ سندس شخصيت ۽ ڪردار جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو.

مجدد الف ثاني هندستان ۾ جائو نپنو. هن محسوس ڪيو تہ "هر شيءِ ۾" خدا يا انهيءَ وحدت الوجود واري نظرئي جو هڪ رخ "گهڻ خدائي" واري وهم ڏانهن وڌي سگهي ٿو. عام سطحي صوفين واري گروهہ جي وجودي فڪر ۾ بہ شايد ڪيس ويدانيت وارو رنگ نظر آيو. هندستان ۾ هندو ٻڌ ۽ ٻين مذهبن جا مختلف افڪار موجود هيا. برهمڻي مذهب ۾ "هر بت خدا آهي" وارو عقيدو موجود هيو، يعني تہ هر شيءِ خدا آهي. خدا سڀ ڪجهہ آهي ۽ سڀ ڪجهہ خدا آهي. اهڙيءَ طرح اڪبر مغل بادشاهہ جي ذهن ۾ بہ وحدت الوجود جو مطلب لادينيت ۽ مذهبي هم آهنگي ۽ هڪجهڙائي ورتو ويو. هن طرف نشاندهي ڪندي هڪ صوفي شاعر وحدت الوجود جي باري ۾ چيو تہ:

ڪفر و دين در رهت پويان
وحده لا شريڪ له گويان

ترجمو: ڪفر ۽ دين ٻئي هن راهہ جا پانڌيئڙا آهن ۽ ٻئي وحده لا شريڪ له جا اقراري آهن.

شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثاني اڪبر بادشاهہ جي هن لادينيت واري پاليسيءَ کي تمام ويجهڙائيءَ کان ڏٺو هيو. هن

محسوس ڪيو تہ اهڙن فاسد ۽لاديني خيالن ۽ عقيدن جي ڪري اسلام جي عمارت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿي رهي هئي، ان ڪري هن دين جي حفاظت لاءِ پنهنجي قولي، فعلي ۽ قلمي سلسلي کي تبليغ ۾ تيز ڪان تيز ڪري ڇڏيو. سندس انهن ديني ڪوششن ۽ ڪاوشن جو اهو نتيجو نڪتو تہ اڪبر ڪان پوءِ جڏهن جهانگير تخت نشين ٿيو تہ هو اڪبر بادشاهہ واري مذهبي مداخلت واري پاليسين کي ڇڏي، سڌي راهہ تي هلڻ لڳو، جنهن جي ڪري اڪبر جو رائج دين الٰهي ۽ هندو مت وارن جو هڪ جهڙائي وارو مذهب ڪمزور ڪان ڪمزور ٿيندا ويا ۽ عوام ۽ خواص تائين اسلام جو صحيح پيغام پهچڻ لڳو.

ابن عربي يا وجودي صوفي چون ٿا تہ وجود صرف الله تعالىٰ جو آهي ۽ ممڪنات جو وجود موهوم آهي يا معدوم آهي. مجدد الف ثاني بہ چوي ٿو تہ وجود حقيقي صرف الله تعالىٰ جو آهي، ليڪن ممڪنات جو وجود ظلي آهي. ابن عربي چوي ٿو تہ مخلوقات يا ڪائنات يا ممڪنات جي حقيقت حق تعالىٰ جي اسمن ۽ صفتن ڪان علاوه ڪجهہ ناهي يا اهو سڀ ڪجهہ ان جي تجلي آهي. ان لحاظ ڪان عالم معدوم آهي ۽ ان جو وجود ڪونهي. هتي ابن عربي چوي ٿو تہ ڇاڪاڻ تہ عالم معدوم آهي ۽ ان جو وجود ڪونهي، جڏهن عالم معدوم آهي، تنهن ڪري چئبو تہ جيڪي ڪجهہ آهي، اهو حق تعالىٰ جو عين آهي. مجدد الف ثاني چوي ٿو تہ عالم جي حقيقت عدم تہ آهي، پر ان تي اسماء ۽ صفات جي تجلي آهي، يعني عالم جو وجود ظلي آهي. هن وٽ عالم معدوم ناهي ۽ نہ وري اهو حق جو عين آهي. وجودي (وحدت الوجود وارا) چون ٿا تہ صفت موصوف ڪان الڳ ٿي نہ ٿي سگهي ۽ هيءَ ڪائنات خدا جي صفتن جو مظهر آهي، تنهن ڪري هيءَ ڪائنات سندس ذات ڪان الڳ ناهي ۽ ان جو ڪو وجود

ناهي. انهيءَ لحاظ کان ٻنهي ۾ عينيت آهي. ان ڪري ابن عربي خدا جي ذات ۽ صفات کي ٻه الڳ نٿو سمجهي ۽ ٻنهي کي هڪ ٻئي جو عين سمجهي ٿو. هن سلسلي ۾ مجدد الف ثاني جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪائنات يا مخلوقات خدا جي تجليات ۽ صفتن جو عين آهن ته پوءِ هنن شين ۾ نقص ڪيئن ٿو پيدا ٿئي يا اهي فنا ڇو ٿيون ٿين. تنهن ڪري هو چوي ٿو ته جيڪڏهن شين کي ذات جون تجليات چئجي ته حرج ڪونهي، پر مسئلو تڏهن ٿو پيدا ٿئي، جڏهن انهن کي عين ڪوٺجي. تنهن ڪري انهن کي (ذات حق جو) عين نه ظل چئي سگهجي ٿو. هو وڌيڪ چوي ٿو ته خدا جا اسم ۽ صفتون عين ذات ناهن، ڇو ته جڏهن انسان جو ظل سندس عين نٿا چئي سگهون، ته پوءِ خالق کي مخلوق جو عين ڪيئن چئبو. اهو واجب کي ممڪن بنائڻ آهي، جيڪو حقيقت کي بدلائڻ برابر آهي ۽ اهو ٿي نٿو سگهي، ڇو ته واجب قديم آهي ۽ ممڪن حادث آهي ۽ اهي ٻئي هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿي نٿا سگهن.

وجودي چون ٿا ته خدا جا اسم ۽ صفتون هڪ لحاظ کان ذات جو عين آهن، ته ٻئي لحاظ کان غير آهن، پر شهودي حضرات صفتن کي ذات کان الڳ يا زائد تصور ڪن ٿا. توحيد وجودي ۽ توحيد شهودي ۾ هي فرق آهي ته توحيد شهودي هڪ ذات کي پسڻ آهي. يعني سالڪ کي هڪ ذات کانسواءِ ٻيو ڪجهه نظر نه اچي. توحيد وجودي جو مطلب آهي ته هڪ ذات کي موجود سمجهڻ ۽ ان ذات کان سواءِ ٻيءَ هر شيءِ کي نيست و نابود ڄاڻڻ ۽ مڙني شين کي سندس مظهر قرار ڏيڻ. ان ڪري توحيد وجودي چڻ ته علم اليقين جو قسم آهي ۽ توحيد شهودي عين اليقين وانگر آهي. عين اليقين هميشه علم اليقين کان پوءِ حاصل ٿئي ٿو، ان ڪري امام رباني جو چوڻ آهي

تہ وحدت الوجود شروعاتي يا هيٺيون درجو آهي ۽ توحيد شهودي ان کان مٿي جو مقام آهي.

منصور حلاج جو قول "انا الحق" ۽ بايزيد بسطامي جي قول "سبحاني ما اعظم شاني" کي توحيد وجودي جي بدران توحيد شهودي جي نظر سان ڏسڻ گهرجي. اصل ۾ جڏهن ما سوا حق، نظر کان اوجهل ٿي وڃي ٿو تہ انهيءَ حال جي غلبي جي وقت انهن بزرگن اهي لفظ چيا آهن. "انا الحق" جي معنيٰ آهي تہ "حق آهي مان نہ آهيان". يعني جڏهن هو پاڻ کي ڪجهہ بہ نٿو ڏسي تہ ڪيس رڳو حق نظر اچي ٿو ۽ چوي ٿو تہ مان نہ آهيان، رڳو حق آهي. هو پاڻ کي ثابت نٿو ڪري ۽ نہ وري پاڻ کي حق سمجهي ٿو.

ابن عربي جو هڪ قول آهي:

اَلْعَبْدُ عَبْدٌ وَ اِنْ تَرَقّٰى

وَالرَّبُّ رَبٌّ وَ اِنْ تَنَزَّلَ

ترجمو: ٻانهو ٻانهو آهي، توڙي جو ڪيڏي بہ ترقي ڪري. رب رب آهي، توڙي جو ڪيترو بہ نزول ڪري.

هن جو مطلب ٿيو تہ ٻانهي لاءِ ڪا اهڙي انتها ناهي، جتي رسائيءَ ڪان پوءِ ڦري رب ٿي پوي. ساڳيءَ ريت رب جي بہ ڪا اهڙي ڪا حد ڪونهي، جتي ان جي انتها ٿئي ۽ ڦري ٻانهو ٿئي. مطلب تہ رب رب آهي بغير ڪنهن انتها جي ۽ ٻانهو ٻانهوئي آهي، جنهن جي پڻ انتها ڪونهي.

هن بحث مان اهو واضح ٿيو تہ ابن عربي پڻ خالق ۽ مخلوق جي ورائيت (علحدگي) جو قائل آهي. تنهن ڪري تہ توحيد وجودي ۽ توحيد شهودي جي ڪن ڳالهين ۾ بظاهر هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي.

شاهه ولي الله ﷺ جو بہ چوڻ آهي تہ وحدت الشهود جو مقام وحدت الوجود کان مٿانهون آهي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ابيات سنڌي جي شرح ۾ لکي ٿو تہ وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ۾ لفظي فرق آهي. صوفي جڏهن چوي ٿو تہ صرف حق موجود آهي تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ هر شيءِ حجر، شجر کي هو حق سمجهي ٿو، پر هو جذب جي وجداني ڪيفيت يا مشاهدي ۾ چوي ٿو تہ هن جي اکين آڏو ٻي هر شيءِ اوجهل ٿي چڪي آهي. هو صرف حق کي ڏسي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح انا الحق ۾ بہ هو چوي ٿو تہ مان بہ ڪجهہ نہ آهيان (مان پاڻ کي ڪونہ ٿو ڏسي سگهان) صرف حق موجود آهي. انا الحق جو اهو مطلب وٺڻ تہ مان حق آهيان، غلط آهي. شهودي حضرات کي بہ هر شيءِ ۾ حق نظر اچي ٿو، چوتہ وجود صرف حق جو آهي. اهوئي واجب الوجود آهي. ٻيا سڀ وجود ظلي خيالي آهن. تصوف ۽ طريقت شريعت جي جان آهي. ان کان الڳ نہ آهي، تنهن ڪري تہ ابن العربي چيو آهي تہ

> ”جيڪڏهن ڪو شخص هوا ۾ اڏامندو اچي، پر شريعت جي خلاف ورزي ڪري تہ ان کي ڪذاب يا بطال سمجهو“.

مختصر ائين سمجهڻ گهرجي تہ وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ٻئي قرآن و سنت جا اهڙا روشن ستارا آهن، جن کي هڪ ئي آفتاب کان روشني ملي ٿي، جن جو منزلِ مقصود هڪ ئي آهي. اهي بہ علمي بحث ضرور آهن، پر سندن عملي ۽ فڪري مرڪز هڪ ئي آهي. والله اعلم بالصواب

چون ز خود رفتی همه حق گشتهٔ
رفت ظلمت نور مطلق گشتهٔ

ترجمو: جڏهن تون پنهنجو وجود وساري ويٺين تہ پوءِ تون حق رهجي وئين، چوتہ تو مان جڏهن اونداهي هلي وئي تہ هاڻي تون نور مطلق ٿي وئين.

مٹا دے اپنی ہستی کو اگر کچھ مرتبہ چاہے
کہ دانہ خاک میں مل کر گل و گلزار ہوتا ہے

انا الحق ۾ دراصل انا ختم ٿي ويندي آهي، باقي رڳو حق وڃي رهندو آهي، جنهن کي ماڻهو ائين سمجهن ٿا تہ هو پاڻ کي الله (حق) سڏي ٿو، حالانڪہ هو پنهنجي ذات (انا) جو انڪاري آهي ۽ سمجهي ٿو تہ مان آهيان ئي ڪونہ، تہ پوءِ انا الحق مان "انا" هلي وئي تہ رڳو حق (ذات باري تعالىٰ) ئي رهجي ويو، چو تہ هنن وحدت الوجود وارن صوفين وٽ وجود حق کان سواءِ ٻيو ڪوبہ وجود مڃڻ گويا شرڪ آهي.

## نفس

قرآن حڪيم جي سورة النازعات ۾ ارشاد رباني آهي:

فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿٣٧﴾ وَ اٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾ وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٤١﴾ (٧٩/٣٧-٤١)

ترجمو: پوءِ جنهن بہ ماڻهوءَ (احڪام الٰهي کان منهن موڙي) سرڪشيءَ جو رستو اختيار ڪيو هوندو ۽ هن دنيوي زندگيءَ کي (آخرت تي) ترجيح ڏني هوندي تہ دوزخ ئي اهڙي ماڻهوءَ

جو ٺڪاڻو هوندو، پر جنهن کي الله تعاليٰ جي دربار ۾ (هڪ مجرم جي حيثيت ۾) حاضريءَ جو خوف هوندو ۽ هو پنهنجي نفس کي هر بري خواهش کان روڪيندو رهيو هوندو ته يقينًا جنت ئي (اهڙي ماڻهوءَ جو) ٺڪاڻو هوندو.

اولياء الله يعني مرشد ڪامل دراصل انسان کي انهيءَ پنهنجي نفس کي لغام ڏيڻ ۽ ان کي پنهنجي قابو ۾ رکڻ جو درس ڏيندا آهن. انسان جو اهو نفس جنهن کي قرآن حڪيم نفس اماره، نفس لوامه ۽ نفس مطمئنه جي نالن سان تعبير ڪيو آهي، ان متعلق ڪجهه معلومات هن طرح آهي:

1 **نفس امّاره:** "اماره" جي معنيٰ آهي حڪم هلائيندڙ، تعبيدار بڻائيندڙ. قرآن حڪيم جي سوره يوسف ۾ ارشاد آهي:

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْۗءِ اِلَّا مَارَحِمَ رَبِّيْ ۭ
اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٣﴾

ترجمو: ۽ آءٌ پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو پانيان، ڇوته (جنهن تي) منهنجو پالڻهار ٻاجهه ڪري، تنهن کان سواءِ نفس (هميشه) بڇڙائيءَ ڏانهن گهڻو ڇڪيندڙ آهي. بيشڪ منهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي.

صوفي حضرات جو قول آهي ته سرڪش ۽ بي لغام نفس کي نفس اَمَّاره چيو ويندو آهي. اماره جو لفظ مبالغه جو صيغو آهي، يعني اهڙو نفس يا انساني خواهش جيڪا ڪيس هر وقت بري ڪم لاءِ تيار رکي ۽ ان جي ڪرڻ جو حڪم ڪندي رهي ۽ انسان هڪ تابعدار غلام وانگر پنهنجن خواهشن جو غلام بڻجي، پنهنجي نفس جي

اطاعت ۽ تابعداريءَ ۾ هر بري ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ۽ ڪنهن جي نصيحت تي به ڌيان ڌرڻ جي نه ڪري. گويا گناهه، غلطيون ۽ گستاخيون سندس زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃن ۽ قرآن حڪيم جي هن آيت ڪريمه ”خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْ ؕ وَعَلٰۤى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ“ جي تصوير بڻجي وڃي. اهڙي ماڻهوءَ جون اکيون حق ڏسڻ، ڪن حق ٻڌڻ ۽ دل دماغ حق تي قائم رهڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. اللّٰه تبارڪ وتعاليٰ اهڙي نفس جي لعنت کان محفوظ رکي. (آمين) اهڙو شخص پنهنجي خواهشن کي پنهنجو اللّٰه بڻائي ڇڏي ٿو. قرآن حڪيم ۾ اهڙي شخص جي تصوير هن طرح پيش ڪئي وئي آهي:

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ وَّخَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۳﴾ (سورة الجاثيه: ۲۳)

ترجمو: (اي پيغمبر!) اُنهيءَ کي نه ڏٺو اٿئي ڇا؟ جنهن پنهنجي (نفس جي) سڌ کي معبود ڪري ورتو ۽ علم هوندي (گمراهه ٿيو ته) اللّٰه کيس گمراهه ڪيو ۽ سندس ڪَنن تي ۽ سندس دل تي مُهر هنيائين ۽ سنديس اکين تي پردو وڌائين، پوءِ اللّٰه کان سواءِ کيس ڪير هدايت ڪندو، پوءِ ڇو نه نصيحت وٺندا آهيو؟

حديث شريف ۾ به هويٰ يعني خواهشات جي غلاميءَ کان منع ڪيو ويو آهي.

اَلْكَيِّسُ مَنْ دَانَ نَفْسَهٗ وَ عَمِلَ لِمَا بَعْدَ الْمَوْتِ وَالْعَاجِزُ مَنِ اتَّبَعَ نَفْسَهٗ هَوَاهَا وَتَمَنّٰى عَلَى اللّٰهِ (سنن ترمذي)

ترجمو: عقلمند ماڻهو اهو آهي جنهن نفس کي قابو ۾ رکيو ۽ مرڻ کان پوءِ واري حساب ڪتاب لاءِ ڪم ڪندو رهيو ۽ اهو شخص نادان آهي، جيڪو پنهنجي نفس جي خواهشن جو تابعدار ٿي وڃي، پر الله ۾ اها اميد رکي ته بخشڻ وارو آهي.

- حضرت علي ﷛ جو فرمان مبارڪ آهي:

اِنَّ اَخْوَفَ مَا اَخَافُ عَلَيْكُمُ اثْنَتَيْنِ طُوْلُ الْاَمَلِ وَاتِّبَاعُ الْهَوٰى فَاَمَّا طُوْلُ الْاَمَلِ فَيُنْسِى الْاٰخِرَةَ وَاَمَّا اتِّبَاعُ الْهَوٰى فَيَصُدُّ عَنِ الْحَقِ

(ڪتاب الزهد: احمد بن حنبل- زهد اميرالمؤمنين علي بن ابي طالب)

ترجمو: آءٌ اوهان کان ٻن شين بابت خوفزده آهيان. هڪ آهي وڏي اميد رکڻ ۽ ٻيو آهي خواهشن جي تابعداري ڪرڻ. وڏي اميد رکڻ آخرت کي وساريندي آهي ۽ خواهشن جي تابعداري ڪرڻ حق کان روڪي ٿي.

- علامه شرف الدين بوصيري ﵀ پنهنجي شهره آفاق قصيده برده ۾ نفس اماره بابت لکي ٿو:

فَاِنَّ اَمَّارَتِيْ بِالسُّوْءِ مَا اتَّعَظَتْ
مِنْ جَهْلِهَا بِنَذِيْرِ الشَّيْبِ وَالْهَرَمِ

ترجمو: منهنجو اماره نفس جيڪو براين لاءِ مون کي زوريءَ حڪم ڏئي ٿو، اهو پنهنجي جهالت جي ڪري منهنجي پيري ۽ وڏي ڄمار واري دپ ڏياريندڙ نصيحت کي به قبول نٿو ڪري.

هن سلسلي ۾ وڏيڪ قصيده برده جي اڳتي ڏنل شعرن ۾

نفس اماره لاءِ گهڻو ڪجهه بيان ٿيل آهي.

نفس نتوان ڪشت الا ظل پير
دامنِ آن نفس ڪش را سخت گير

ترجمو: مرشد ڪامل ڪان سواءِ نفس اماره کي مطيع ڪرڻ مشڪل آهي، ان ڪري اهڙي مرد ڪامل جو دامن مضبوط جهل، جو نفس اماره کي ماري ڇڏي.

2 **نفس لَـوَّامه:** انساني نفس جو ٻيو رخ نفس لَـوَّامه آهي. "لَـوَّامَه" لفظ جي معنىٰ آهي ملامت ڪندڙ، ٽوڪيندڙ، دڦ ڏياريندڙ. يعني انسان جو اهڙو نفس، جيڪو هن کي هر ڪم ڪرڻ وقت ٽوڪيندو رهي ۽ بري ڪم ڪرڻ ڪان ملامت ڪندو رهي. استغفار ۽ توبه لاءِ آماده ڪندو رهي. اهڙي نفس کي مؤمن جو نفس لوّامه سڏيو ويندو آهي. جڏهن انسان پنهنجي دوست، همدرد ۽ ڀلائي چاهيندڙ نفس (خواهش) جي حڪمن مطابق زندگي بسر ڪندو آهي ته اهڙو شخص الله جي ياد ۾ مشغول رهندو آهي ۽ الله تعالىٰ جي اسماءِ ذاتي ۽ صفاتي جو ذڪر ڪندو رهندو آهي. هو الله جي جنهن به اسم گراميءَ سان ذڪر ۾ زياده قريب ٿي ويندو آهي ۽ الله تعالىٰ جو اهو اسم ذاتي يا صفاتي سندس زندگيءَ جي نيڪ عملن جو حصو بڻجي ويندو آهي ته پوءِ ٻانهي کي الله تعالىٰ جي ان اسم گرامي سان قربت واري نسبت ٿي ويندي آهي، جنهن جي ڪري هو الله جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن ۾ شمار ٿي ويندو آهي ۽ اڳتي هلي هو الله جي رضا ۽ الله هن جي رضا بڻجي ويندو آهي ۽ اهو نفس لوّامه ڪان وڌيڪ نفس مُطمئنه جو مقام حاصل ڪندو آهي، جنهن جي لاءِ قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي:

يَا اَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ارْجِعِيٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾
فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿٢٩﴾ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿٣٠﴾ (سورة الفجر: ٣٠-٢٧/ ٨٩)

ترجمو: اي نفس مطمئنه! پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ واپس هل اهڙي حال ۾، جو هو توکان راضي آهي ۽ تون هن رب جي رضا تي راضي آهين ۽ پوءِ منهنجن خاص (نوازيل) ٻانهن جي صف ۾ شريڪ ٿي ۽ هلي جنت جا مزا ماڻ.

جڏهن نفس انساني انهيءَ حالت تي عبور حاصل ڪندو آهي ۽ مزيد ترقيءَ جا مرحلا طئي ڪندو آهي تہ پوءِ ان جو نالو قلب ٿي ويندو آهي ۽ هي اهوئي قلب آهي، جنهن بابت حديث قدسي ۾ ارشاد حقاني آهي:

لَا يَسَعُنِيْ اَرْضِيْ وَلَا سَمَآئِيْ وَيَسَعُنِيْ قَلْبُ عَبْدِى الْمُؤْمِنِ

ترجمو: منهنجي زمين ۽ آسمان مون کي سمائي نٿا سگهن، پر منهنجي نيڪ پرهيزگار ٻانهي جو قلب مون کي سمائي سگهي ٿو.

انهن پاڪيزه صفات انسانن لاءِ ئي نبي اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي:

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ

ترجمو: جنهن پنهنجي نفس (ذات) جي حقيقت کان آگاهي پاتي، گويا ان پنهنجي رب جي آگاهي حاصل ڪئي.

هنن اهل دل حضرات جا مختلف مقام آهن. ڪي نيڪوڪار تہ ڪي ابرار تہ ڪي وري مُقرّبين آهن. ان ڪري چواڻي آهي:

حَسَنَاتُ الْاَبْرَارِ سَيِّئَاتُ الْمُقَرَّبِيْنَ

ترجمو: جيڪا شيءِ ابرار جي درجي تي فائز ماڻهن لاءِ حسنات جو درجو رکي ٿي، اها مُقرّبين وٽ سَيّئات يعني ناپسنديده سڏجي ٿي.

هي ولي الله، ابدال، غوث، قطب، قطب اقطاب جي درجي تائين فائز ٿين ٿا. جيستائين هنن جو وجود موجود آهي ته ڪائنات جو نظام ۽ ڪاروبار به روان دوان آهي. جڏهن انهن نيڪ ٻانهن مان ڪوبه موجود نه رهيو ته پوءِ هن ڪائنات جو نظام به ويڙهيو ويندو. (والله اعلم بالغيب)

اهڙيءَ طرح هڪ حديث شريف ۾ آهي:

اِنَّ فِیْ جَسَدِ آدَمَ لَمُضْغَةٌ وَّ فِی الْمُضْغَةِ فُؤَادٌ وَفِی الْفُؤَادِ سِرٌّ وَفِی السِّرِّ خَفِیًّا وَفِی الْخَفَا اَخْفیٰ وَفِی الْاِخْفَا اَنَا

ترجمو: آدم (انسان) جي جسم ۾ گوشت جو ٽڪرو آهي، ان گوشت جي ٽڪري ۾ فواد (دل) آهي ۽ ان فؤاد ۾ سِرّ آهي ۽ ان سِرّ ۾ خَفِيّ آهي ۽ ان خَفِيّ ۾ اخفا آهي ۽ ان اخفیٰ ۾ آءٌ (ذات پاڪ) آهيان.

يعني انسان جي دل الله جو مرڪز آهي.

دل بدست آور که حجِ اکبر ست
از هزاران کعبه یک دل بهتر است
کعبه بنیادِ خلیل آزر است
دل گذرگاهِ جلیلِ اکبر است

ترجمو: اي بندا! توکي گهرجي ته تون ماڻهن جي دلجوئي ڪر، يعني انهن جي دلين کي پنهنجي پيار جو مرڪز بڻائج، ڇوته دلين کي راضي

رڪڻ حج اڪبر آهي ۽ هر دل هزار ڪعبن کان وڌيڪ معزز ۽ معتبر آهي، ڪعبة الله جو بنياد رکندڙ حضرت ابراهيم خليل اللّٰه ؑ آهي، پر دل تہ الله تبارڪ و تعالىٰ جو ٺڪاڻو آهي.

## اوليــاءُ اللّٰه

نبي اڪرم عليه التحية والسلام جا وارث دراصل اهڙا ئي علماءِ حق آهن، جن کي اولياءُ الله بہ سڏيو ويجي ٿو. اهي نائب رسول بہ آهن، تہ اهي وارث رسول بہ آهن. معلوم هئڻ گهرجي تہ انسان هن ڪائنات جو روح آهي. جيستائين روح سلامت رهندو تہ جسم بہ سلامت هوندو. يعني انسان جي قيام سان ڪائنات جو قيام ممڪن آهي ۽ انسان ذات جو قيام وري انهن خدا جي نيڪ ٻانهن، اولياء الله جي قيام سان جڙيل آهي، يعني اهل الله ئي اهڙا انسان آهن، جيڪي انسان هجڻ يا انسانيت جو پورو پورو حق ادا ڪن ٿا. اهي اولياء الله آنحضرت ﷺ جي اطاعت ۽ محبت جا سچا پيڪر بڻجي انسان ڪامل جي مرتبي تي فائز ٿي خلافت اُلهي ۽ نيابت نبوي ﷺ جي منصب تي ممتاز ٿين ٿا ۽ امام آخر زمان جي ظهور تائين هر زماني ۾ موجود هوندا. اهي پاڪيزه شخص خدا جي زمين تي تصرّف جون قوتون پنهنجي رب کان حاصل ڪندا آهن ۽ هو اسماء ذاتي ۽ صفات ذاتي جا مظهر هوندا آهن ۽ هو پنهنجي بشري سگهہ ۽ استعداد مطابق معرفت ۽ قربت جو مقام حاصل ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن سان الله عزوجل پنهنجي محبت جو اظهار ڪندو آهي. حديث شريف ۾ آهي:

اِذَا اَحَبَّ اللهُ الْعَبْدَ قَالَ لِجِبْرِيْلَ لَقَدْ اَحْبَبْتُ فُلَانًا فَاَحِبَّهُ فَيُحِبُّهُ جِبْرِيْلُ ثُمَّ يُنَادِیْ فِیْ اَهْلِ السَّمَآءِ اِنَّ اللهَ قَدْ اَحَبَّ

فُلَانًا فَاَحِبُّوْهُ فَيُحِبُّهٗ اَهْلُ السَّمَآءِ ثُمَّ وُضِعَ لَهُ الْقَبُوْلُ فِى الْاَرْضِ (صحيح بخاري- صحيح مسلم)

ترجمو: جڏهن الله عزوجل پنهنجي ٻانهي سان محبت ڪري ٿو تہ پوءِ جبرئيل کي چوي ٿو تہ بيشڪ مان فلاڻي شخص سان محبت ڪريان ٿو. تون بہ ان سان محبت ڪر. پوءِ جبرئيل بہ ان سان محبت ڪري ٿو ۽ ان بعد آسمان وارن لاءِ اعلان ڪري ٿو تہ تحقيق الله تعالىٰ فلاڻي شخص سان محبت ڪري ٿو، ان ڪري اوهان بہ ان سان محبت ڪريو. پوءِ آسمان ورا بہ ان شخص سان محبت جو اظهار ڪن ٿا. پوءِ هن شخص جي قبوليت جا در زمين ۾ کلي وڃن ٿا.

پوءِ هو "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللهِ" جي صفتن سان موسوم ٿي، حديث "يَسْمَعُ بِىْ وَيُبْصِرُ بِىْ" جو مظهر ٿي پوي ٿو. هي فنا في الله کان بقا بالله جي منزل آهي. هڪ حديث شريف ۾ آهي:

مَنْ اَصْلَحَ فِىْ مَا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ اللهِ فَاَصْلَحَ اللهُ مَا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْخَلْقِ

ترجمو: جيڪو بہ ماڻهو پنهنجا تعلقات الله تعالىٰ سان بهتر بڻائي ٿو تہ الله تعالىٰ هن جي ۽ باقي مخلوق جي درميان بہ معاملا نيڪ ڪري ڇڏي ٿو ۽ سڀ ماڻهو ان سان محبت ڪن ٿا ۽ ان جي اخلاق ۽ ڪردار جا گرويده رهن ٿا.

اهڙي شخص کي ولي الله يعني الله جي دوست هجڻ جو رتبو ملي وڃي ٿو، پوءِ جيڪو الله جي دوست جو دوست آهي تہ الله بہ ان جو دوست آهي، پر جيڪڏهن ڪو الله جي دوست (ولي الله) جو دشمن

آهي تہ اهو گويا الله سان جنگ ڪرڻ وارو آهي. صحيح بخاري ۾ حضرت ابوهريره ﷛ کان حديث روايت ڪيل آهي:

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اِنَّ اللهَ تَعَالیٰ قَالَ مَنْ عَادیٰ لِیْ وَلِيًّا فَقَدْ اٰذَنْتُهٗ بِالْحَرْبِ وَمَا تَقَرَّبَ اِلَیَّ عَبْدِیْ بِشَیْءٍ اَحَبَّ اِلَیَّ مِمَّا افْتَرَضْتُ عَلَيْهِ وَمَا يَزَالُ عَبْدِیْ يَتَقَرَّبُ اِلَیَّ بِالنَّوَافِلِ حَتّٰی اَحْبَبْتهٗ فَاِذَا اَحْبَبْتُهٗ كُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِیْ يَسْمَعُ بِهٖ وَبَصَرَهُ الَّذِیْ يُبْصِرُ بِهٖ وَيَدَهُ الَّتِیْ يُبْطِشُ بِهَا وَرِجْلَهُ الَّتِیْ يَمْشِیْ بِهَا وَاِنْ سَاَلَنِیْ لَاُعْطِيَنَّهٗ وَلَاِنِ اسْتَعَاذَنِیْ لَاُعِيْذَنَّهٗ وَمَا تَرَدَّدْتُّ عَنْ شَیْءٍ اَنَا فَاعِلُهٗ تَرَدُّدِیْ عَنْ نَّفْسِ الْمُؤْمِنِ يَكْرَهُ الْمَوْتَ وَاَنَا اَكْرَهُ مُسَاءَتَهٗ وَلَا بُدَّ مِنْهُ

(صحيح بخاري- مشڪواة: ج۱ حديث، باب ذڪرالٰهي و تقرب خداوندي ۲۱۵۹)

ترجمو: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ جنهن شخص بہ منهنجي وليءَ کي اذيّت ڏني تہ مان ان سان جنگ جو اعلان ڪريان ٿو ۽ مون (الله تبارڪ و تعالىٰ) طرفان فرض ڪيل شين جي ادائگيءَ کان وڌيڪ مون کي پنهنجي ٻانهي جي ٻي ڪا بہ اهڙي شيءِ پسند ناهي، جيڪا هن کي منهنجي قريب ڪري ۽ منهنجو ٻانهو هميشہ نوافل جي ادائگيءَ ۾ منهنجي قربت حاصل ڪري ٿو، ايستائين جو مان (الله تبارڪ و تعالىٰ) هن سان محبت ڪريان ٿو ۽ جڏهن مان هن کي پنهنجو دوست بڻايان ٿو تہ پوءِ مان ان جي قوتِ سماعت بڻجي وڃان ٿو جنهن سان هو ٻڌي ٿو، ان جي اک بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو ڏسي ٿو ۽ ان جا هٿ بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو

پڪڙي ٿو ۽ هن جا پير بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو هلي ٿو ۽ جڏهن هو مون کان دعا ۾ گهري ٿو تہ مان هن کي ڏيان ٿو ۽ هو جڏهن منهنجي وسيلي پناهہ گهري ٿو تہ مان هن کي پناهہ ڏيان ٿو ۽ جيڪو بہ ڪم آءٌ ڪرڻ وارو هوندو آهيان ان ۾ ڪوبہ تردد يا توقّف نٿو ڪريان پر مون کي پنهنجي (مذڪوره بالا) شخص جي روح کي قبض ڪرڻ ۾ تردد ۽ توقّف ٿيندو آهي، جيڪو موت کي خراب سمجهي ٿو، حالانڪہ حقيقت اها آهي تہ جنهن کي هو برو سمجهي ٿو مان ان کي پسند ڪريان ٿو ۽ موت کان ڪهڙيءَ بہ صورت ۾ ڇوٽڪارو نہ آهي.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيءَ حديث شريف ۾ آهي:

مَنْ عَادىٰ اَوْلِيَاءَ اللهِ فَقَدْ بَارَزَ اللهُ بِالْمُحَارَبَةِ اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الْاَبْرَارَ الْاَتْقِيَآءَ الْاَخْفِيَآءَ الَّذِيْنَ اِنْ غَابُوْا لَمْ يُفْتَقَدُوْا وَاِنْ حَضَرُوْا لَمْ يُعْرَفُوْا قُلُوْبُهُمْ مَصَابِيْحُ الدُّجىٰ يَخْرُجُوْنَ مِنْ كُلِّ غَبْرَآءَ مُظْلِمَةٍ (الترغيب والترهيب: ۴/۱۴۸)

ترجمو: جيڪو ماڻهو بہ ڪنهن ولي الله سان دشمني ڪندو تہ گويا هن الله سان جنگ جو مقابلو ڪيو آهي. بيشڪ الله دوست رکي ٿو نيڪوڪارن کي، پرهيزگارن ۽ پوشيده حال (بزرگن کي) هي اهي انسان آهن، جڏهن ڪاڏي هليا وڃن تہ انهن کي ڪوئي ياد نٿو ڪري ۽ نہ وري جڏهن موجود هوندا آهن تہ انهن کان ڪوئي پڇي ٿو ۽ نہ وري ڪو پاڻ وٽ ويهاري ٿو. هنن جون دليون هدايت جا چراغ آهن ۽ هر فتني کان صاف بچي نڪرن ٿا.

اهڙن مقبول ۽ متبرڪ ماڻهن لاءِ پيغمبرِ خدا ﷺ جو قول آهي:

رُبَّ اَشْعَثَ اَغْبَرَ مَدْفُوْعٌ بِالْاَبْوَابِ لَوْ اَقْسَمَ عَلَى اللّٰهِ لَاَبَرَّهٗ

(صحيح مسلم)

ترجمو: ڪجهه اهڙا ماڻهو جن جا وار ڪنډريل هوندا، ماڻهن جي درن تان تڙيل بظاهر خسيس ماڻهو نظر ايندڙ درحقيقت الله تعالىٰ جا مقبول ۽ محبوب انسان آهن، جو هو ڪنهن معاملي تي الله جو قسم کڻي چون ته الله تعالىٰ سندن قسم کي ضرور پورو ڪندو.

گويا اولياء الله زمين تي اخلاق الٰهي جي هلندڙ چلندڙ تصوير هوندا آهن ۽ دنيا وارن لاءِ رحمت ۽ برڪت جو باعث هوندا آهن.

املهه موتي ملن تا اهل دل جي آستاني تي
گدا جي گودڙي ۾ شان شاهانه نظر ايندا.

(سچاروي)

علامه اقبال رحمة الله تعالىٰ عليه فرمائي ٿو:

دمِ عارف نسیم صبح دم ہے
اسی سے ریشۂ معنی میں نم ہے
اگر کوئی شعیب آید مُیسّر
شبانی سے کلیمی دو قدم ہے

ترجمو: عارف يعني اهل الله جي هڪ گهڙي نسيمِ صبح وانگر آهي ۽ انهيءَ ولي الله جي حقيقت حال سان ريشي (رگ و خون) ۾ جان آهي. جيڪڏهن ڪنهن خوش بخت کي الله وارو ملي وڃي جهڙيءَ طرح موسىٰ عليه السلام کي شعيب عليه السلام مليو ته پوءِ هڪ رات جي سفر ۾ ئي ڪليمي مليو وڃي.

اھڙن اولياء الله جي صفت ۾ قرآن حڪيم جو ارشاد آهي:

وَ جَعَلۡنَا لَهٗ نُوۡرًا یَّمۡشِیۡ بِهٖ فِی النَّاسِ (الانعام: ٦/٢٢)

ترجمو: اسان اهڙي نيڪ ٻانهي کي هڪ نور عطا ڪيو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ هو مخلوق ۾ گهمي ڦري ٿو.

الله جي اهڙن نيڪ ٻانهن (اولياء الله) لاءِ حضرت رومي رحمة الله تعالیٰ عليه جو قول آهي:

هيچ آهن خود بخود تيغی نه شد

هيچ مردي خود بخود شيخی نه شد

قال را بگزار مردِ حال شو

پيش مردم صاحب احوال شو

ترجمو: ڪوبه لوهه جو ٽڪرو خودبخود تلوار بڻجي نٿو سگهي ۽ ڪوبه انسان خودبخود شيخ (مرد ڪامل) ٿي نٿو سگهي، ان ڪري قال (ڳالهيون) ڇڏي (حال) حقيقت شناس وارن مان ٿي ۽ ڪنهن صاحبِ دل ۽ صاحبِ نظر اهل الله کان معرفت جو سبق حاصل ڪر.

حضرت رومي رحمة الله تعالیٰ عليه وري پنهنجي متعلق فرمائي ٿو:

مولوی هرگز نه شد مولائی روم

تا غلامی شمس تبريزی نشد

ترجمو: حضرت رومي تيستائين روم جو مولا بڻجي نه سگهيو، جيستائين هن شمس تبريز جي غلامي اختيار نه ڪئي.

صحبت صالح ترا صالح کند
صحبت طالح ترا طالح کند

ترجمو: نيڪ جي صحبت توکي نيڪ ڪندي ۽ بري جي صحبت توکي برو بنائيندي.

یک زمانه صحبت با اولیاء
بهتر از صد ساله طاعت بی ریا

ترجمو: ڪنهن اولياء جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت سؤ سالن جي بي ريا عبادت کان بهتر آهي.

هر که خواهد هم نیشی باخدا
گو نشیند در حضور اولیاء

ترجمو: جيڪڏهن ڪو گهري ٿو ته اهو الله تعاليٰ عزوجل جو همنشين ٿئي يعني الله سان هن جي قربت ۽ ويجهڙائپ حاصل ٿئي ته پوءِ هن کي گهرجي ته هو اولياء الله جي صحبت اختيار ڪري.

صحبتِ علمِ کتابي خوشتر است
صحبتِ مردان حر آدم گر است

(رومي)

ترجمو: ڪتابي علم به پلوڙ آهي، اهو به ڪنهن فائدي کان خالي ڪونهي، پر مردان حرّ يعني اولياء الله جي صحبت آدم گر آهي، جيڪا انسان کي اصل انسان يا حقيقي اشرف المخلوقات جي مقام تي رسائي ٿي.

گر تو سنگِ خاره و مرمر بوی
چون به صاحبَ دل رسی گوهر شوی

(رومي)

ترجمو: تون پلي سخت پٿر يا سنگ مرمري هجين، جڏهن تون ڪنهن صاحب دل شخص جي صحبت ۾ اچين ٿو تہ پوءِ گوهر (موتي) ٿي وڃين ٿو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائي ٿو:

ويٺي جنين وٽ ڏڪندو ڏور ٿئي
تون تنين سين ڪٽ اوڏا اڏي پکڙا

***

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو
تن جي عبداللطيف چئي مٿيءَ لڌو ماڻ
ڪوڙئين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جي.

الله جا اهي مقبول ۽ محبوب ٻانها رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ (الله تعالىٰ انهن کان خوش آهي تہ هو پنهنجي رب جي رضا تي شادمان آهن) جو تہ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ (اها سعادت ان کي نصيب ٿئي ٿي، جيڪي پنهنجي رب (جي احتساب) کان هميشہ ڊڄندو ڪنبندو رهي ٿو.

## علم جي فضيلت

اسلام ۾ علماءِ ڪرام، حڪماءِ عظام ۽ علم جي فضيلت ۽ حقيقت ڇا آهي، ان لاءِ چند اقوال پيش مطالع آهن:

- حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالیٰ عنہ جو قول آهي:

لَيْسَ الْعِلْمُ عَنْ كَثْرَةِ الْحَدِيْثِ وَلٰكِنَّ الْعِلْمَ عَنْ كَثْرَةِ الْخَشْيَةِ

ترجمو: زياده علمي دعوىٰ ڪرڻ علم ناهي، پر حقيقت ۾ علم الله تعالىٰ جو خوف ۽ خشيت آهي.

- حضرت امام مالڪ رحمة الله تعالى عليه مطابق:

اِنَّ الْعِلْمَ لَيْسَ بِكَثْرَةِ الرِّوَايَةِ اِنَّمَا الْعِلْمُ نُوْرٌ يَجْعَلُ اللهُ فِي الْقَلْبِ

ترجمو: زياده روايتون ڪرڻ جو نالو علم ناهي، پر علم هڪ نور آهي، جيڪو الله تعالىٰ ڪنهن جي دل ۾ داخل ڪري ٿو.

- مجاهد رحمة الله تعالى عليه جو قول آهي:

اِنَّمَا الْعَالِمُ مَنْ خَشِيَ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ

ترجمو: عالم اهو آهي، جيڪو خوفِ خدا دل ۾ رکي ٿو.

- ربيع بن انس رحمة الله تعالى عليه جو ارشاد آهي:

مَنْ لَّمْ يَخْشَى اللهَ تَعَالٰى لَيْسَ بِعَالِمٍ

ترجمو: جنهن جي دل ۾ الله تعالىٰ جو خوف ناهي، اهو عالم ناهي.

- حضرت ابن مسعود رضي الله تعالى عنه جو هڪ قول آهي:

كَفٰى بِخَشْيَةِ اللهِ تَعَالٰى عِلْمًا وَّ بِالْاِغْتِرَارِ جَهْلًا

ترجمو: جيڪڏهن دل ۾ الله تعالىٰ جو خوف پيدا ٿي وڃي ته ايترو علم ئي ڪافي آهي. هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪابه جهالت ناهي ته انسان خدا سان غرور ڪرڻ لڳي.

- سعد بن ابراهيم رحمة الله تعالى عليه کان پڇيو ويو:

مَنْ اَفْقَهُ اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ قَالَ اَتْقَاهُمْ لِرَبِّهٖ عَزَّ وَجَلَّ

ترجمو: هن شهر جو سڀ کان وڏو فقيه ڪير آهي؟ چيائين تہ جيڪو پنهنجي رب کان زياده خوف ڪندڙ آهي.

- حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه جو هيءُ ارشاد تہ سونن لفظن سان لکڻ جي لائق آهي:

اِنَّ الْفَقِيْهَ حَقُّ الْفَقِيْهِ مَنْ لَّمْ يَقْنُطُ النَّاسَ مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ وَلَمْ يَرْخَصْ لَهُمْ فِيْ مَعَاصِ اللّٰهِ تَعَالٰى وَلَمْ يُؤْمِنْهُمْ مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ تَعَالٰى وَلَمْ يَدْعُ الْقُرْآنَ رَغْبَةً عَنْهُ اِلٰى غَيْرِهٖ

ترجمو: صحيح معنیٰ ۾ فقيه ۽ عالم اهو شخص آهي، جيڪو ماڻهن کي الله جي رحمت کان مايوس نہ ڪري ۽ خدا جي نافرمانيءَ تي انهن کي نہ اياري. خدا جي عذاب کان انهن کي بي خوف نہ ڪري ۽ قرآن کان سواءِ ڪابہ شيءِ ان کي پاڻ ڏانهن راغب نہ ڪري سگهي.

- قرآن مجيد ۾ ارشاد خداوندي آهي:

اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا (سوره فاطر: ٣٥/٢٨)

ترجمو: الله تعالیٰ جي ٻانهن مان رڳو علماءِ ئي ان کان خوف ڪائيندا آهن.

هن آيت ڪريمہ جي تفسير ۾ تفسير احسن البيان وارو لکي ٿو تہ الله تعالیٰ جي قدرت ۽ حڪمت کي اهي ماڻهو ئي چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا، جيڪي علم جي دولت سان سرفراز ٿيا آهن. جنهن مان مراد ڪتاب سنت ۽ اسرار الٰهي جو علم آهي. پوءِ جن کي

جيتري پنهنجي رب جي معرفت نصيب ٿيندي آهي، اوترو ئي اهي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن، پر جن جي اندر خشيت الٰهي نہ آئي آهي تہ ائين سمجھو تہ اهي اجان صحيح علم کان محروم آهن.

- حضرت سفيان ثوري رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جو فرمان آهي تہ: علماء ٽن قسمن جا آهن. هڪڙا عالم بالله ۽ عالم بامرالله: هي اُهي عالم آهن، جيڪي الله جو خوف رکن ٿا ۽ ان جي حدود، فرائض جي احڪامن مطابق زندگي گذارين ٿا. ٻيا رڳو عالم بالله آهن. اهي عالم خوف خدا تہ رکن ٿا، پر سندن زندگي شرعي حدود و فرائض جي حڪمن کان عاري آهي. ٽيان رڳو عالم بامرالله آهن، اهي عالم حدود و فرائض جي ڄاڻ تہ رکن ٿا، مگر خوف خدا کان وانجهيل آهن.

- حديث شريف ۾ آهي:

اَلْعُلَمَآءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ

ترجمو: علماء انبياء سڳورن جا وارث آهن.

اها وراثت مال ملڪيت جي نہ آهي، ڇوتہ انبياء مال ملڪيت ڪونہ ڇڏي ويندا آهن. انبياء جي وراثت سندن طريقي مطابق زندگي گذارڻ ۽ انبياء جي علم جو حصول ۽ ان جي تبليغ آهي. گويا علماء نائبِ رسول آهن ۽ رسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي ڏنل تعليم، تربيت جا نگهبان آهن ۽ سندن پيشانيءَ مان نور نبوي صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي جهلڪ نظر ايندي. مطلب تہ علماء مان مراد اهڙا باعمل عالم آهن، جيڪي قرآن و سنت جي تعليم جا عملي مثال آهن، پر جيڪڏهن علم آهي ۽ اهو علم امر و نواهي جي احڪامن کان عاري ۽ رڳو دنياداريءَ جي حصول جو ذريعو آهي تہ اهڙو علم قرآن حڪيم جي هن آيت جو ترجمان آهي:

مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ (سورة الصف: آيت٥)

ترجمو: انهن ماڻهن جو مثال جن کي توريت تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هيو، پر انهن ان تي عمل نہ ڪيو انهن جو مثال اهڙي گڏهہ جهڙو هي، جنهن تي ڪتابن جوانبار رکيل هجي.

جهڙيءَ طرح هن گڏهہ تي علم جو خزانو تہ لڏيل آهي، پر هو ان تي عمل ڪرڻ کان پري آهي، اهڙيءَ طرح ڪو عالم علم ۾ فلسفي جو تہ ماهر آهي، پر عملي طرح ان کان پري آهي تہ هو هن گڏهہ وانگر ئي آهي. علم دراصل نور آهي، جيڪو اونداهين کي متائي روشنيءَ واري رستي تي هلائڻ جو ذريعو آهي. علم انسان جي اندر کي اجاري ٿو ۽ دنياوي خواهشات کان پرهيز جو سبق ڏئي ٿو. تڏهن تہ شيخ سعدي رحمة الله تعالى عليه چيو آهي:

علم را برتن زنی ماری بود
علم را بر جان زنی یاری بود

ترجمو: علم کي پنهنجي بدني ۽ جسماني خواهشن جو ذريعو بنائيندين تہ اهڙو علم نانگ مثال آهي، پر جيڪڏهن علم کي روحاني غذا طور استعمال ڪندين تہ ترياق ثابت ٿيندو.

دراصل متي ذڪر ڪيل صفتن وارا ئي "علماءِ حق" اولياء الله بہ آهن تہ نبين جا وارث بہ آهن.

خدا رحمت کند این عاشقانِ پاک طینت را

قرآن حڪيم ۾ ٽي علم جا ٽي درجا بيان ڪيا ويا آهن: (۱) علم اليقين (۲) عين اليقين ۽ (۳) حق اليقين. سورة التڪاثر ۾ اللّٰه تعالىٰ ارشاد فرمائي ٿو:" كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ" انسان جو پنهنجي غفلت ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي سورة التڪاثر جي شروعات ۾ چيو ويو ته "اَلتَّكَاثُرُ" يعني "گهڻو هجڻ". "گهڻو اچي" واري دنياداري جي حرص، لالچ ۽ لوڀ توکي انهيءَ بيهوده خواهشن ۾ مبتلا ڪيو ته توکي ٻين کان گهڻي ۾ گهڻو مال دولت هجي، ان توکي پنهنجي اللّٰه جل شانه ۽ ان جي رسول ﷺ جي ٻڌايل رستي کان غافل ڪري دور ڪري ڇڏيو. هاڻي توکي پنهنجي انهن اعمالن جي نتيجي جي خبر تڏهن پوندي، جڏهن تون قبر پيڙو ٿيندين. جي ها! توکي اتي سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندو. توکي اتي پنهنجن عملن جي نتيجي جو علم يقين ٿي ويندو ته توتي ڇا ڇا گذرڻو آهي. پوءِ توکي جهنم جو منظر ڏيکاريو ويندو. جهنم جي منظر کي ڏسي تنهنجو علم اليقين هاڻي عين اليقين ۾ تبديل ٿي ويندو، ڇوته جنهن منظر بابت توکي يقيني طور پتو پئجي چڪو هيو، هاڻي تون ان کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ۽ اهو عين اليقين جو مقام آهي. تفسير مظهري ۾ آهي علم اليقين معنىٰ "علما كعلم الامر المتعين" يعني اهڙو علم، جو يقين وارو علم هجي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ شبهي جي گنجائش نه هجي ۽ اهڙي علم کي وري اکين سان ڏسڻ بعد وڌيڪ يقين پيدا ٿئي ٿو، جنهن کي عين اليقين سڏجي ٿو. هن بعد آهي ته اهڙو علم يعني مقام وحدت جنهن کي حق اليقين جو درجو حاصل آهي، جنهن ۾ ڪابه خامي يا ڪمي ڪوتاهي نه هجي. جهڙي طرح قرآن حڪيم جي آيت ڪريمه آهي:

وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ۝۵۰ وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ۝۵۱

(الحاقة:۵۰-۵۱/۶۹)

ترجمو: ۽ اهو (رويو) ڪافرن جي لاءِ نهايت حسرت وارو هوندو. ۽ اها ڳالهه يقينًا سراپا حق واري آهي.

هن آيت ۾ ڪافرن جو ذڪر ڪندي ارشاد رباني آهي ته اي ڪافرؤ! الله تعالىٰ کي پوري طرح معلوم آهي ته اوهان حق ۽ سچائيءَ جا انڪاري آهيو ۽ اوهان جو اهو رويو اوهان جي لاءِ نهايت حسرت و ياس، افسوس ۽ ارمان وارو هوندو ۽ اها ڳالهه بلڪل بيشڪ يقينًا سراپا حق واري آهي. چوته هتي "وانه لحق اليقين" مان مراد آهي ته "انّه اليقين الحق" يعني جيڪو سراسر حق آهي، جنهن ۾ باطل جي ذرا پر ملاوٽ نه آهي. اهو علم الله تعالىٰ جي طرفان انبياء ڪرام، مرسلين حضرات ۽ اولياء الله کي سندن حيثيت ۽ مقام مطابق عطا ٿيندو آهي.

بی حساب و بی کتاب و بی ادیب
عاشقان را حق کند درس نصیب

ترجمو: بنا لکڻ پڙهڻ ۽ بنا استاد اديب جي عاشقن کي الله پاران علم عطا ٿيندو آهي.

میانِ عاشق و معشوق رمزیست
کرامًا کاتبین را ز و خبر نیست

ترجمو: عاشق ۽ معشوق جي درميان اهڙو ته راز رکيل آهي، جن جي ڪرامًا ڪاتبين (ڪلهن تي ويٺل نامهِ اعمال لکندڙ معزز فرشتن) کي به خبر ناهي.

- حديث شريف ۾ آهي:

اِتَّقُوْا فِرَاسَةِ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللّٰهِ (سنن ترمذي)

ترجمو: مؤمن جي فراست کان ڊڄو، ڇوته هو الله تبارڪ وتعالىٰ جي نور سان ڏسي رهيو آهي.

يعني هن جو علم يقين جي اعلىٰ مقام تي آهي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته علم دراصل ٻن طريقن سان حاصل ٿيندو آهي. علم جي حصول جو هڪڙو ظاهري طريقو آهي، جيڪو طالب علم مدرسن ۾ زيرتعليم رهي حاصل ڪندو آهي ۽ علم حاصل ڪرڻ جو ٻيو طريقو باطني آهي، جيڪو مراقبي ۽ تفڪّر سان حاصل ٿيندو آهي. مراقبي جو مطلب آهي ته دل کي ٻين سيني خيالن، سوچن ۽ وسوسن کان هٽائي فقط هڪ خيال تي مرڪوز ڪجي ۽ انهيءَ خيال ۽ فڪر ۾ محو ٿي وڃجي، جنهن کي "تفڪّر" سڏجي ٿو. هن تفڪّر کان سواءِ هڪ ٻي شيءِ به آهي، جنهن کي "حدس" چون ٿا. تفڪّر ۽ حدس ۾ اهو فرق آهي ته تفڪّر ۾ غور و خوض ۽ طبعيت تي زور وجهي ڪجهه حاصل ڪبو آهي، ۽ حدس ۾ بنا ڪنهن سوچي سمجهي منصوبي، بنا ڪنهن غور و فڪر يا طبعيت تي بنا ڪنهن زور بار وجهڻ جي ڪا شيءِ خودبخود معلوم ٿي وڃي ٿي. صاحبِ حدس آنًا فانًا غيب طرف متوجه ٿي ويندو آهي ۽ ان جو علم مطلوبه تي انڪشاف ٿي ويندو آهي. هن ۾ ڪيس نه گهڻي وقت جي ضرورت هوندي آهي، نه وري خاص رياضت ۽ محنت ڪرڻي پوندي آهي. اهو حدس ترقي ڪري فراست جو مقام حاصل ڪندو آهي. الله تعالىٰ پاران هي علم لُدَني يا علم غيب جي حصول جو مؤمن کي تحفو آهي

۽ هيءَ اهائي فراست آهي، جنهن کي مٿي ”اتّقوا فراسة المؤمن...“ جي پاڪ حديث قدسي سان بيان ڪيو ويو آهي.

فراست جو ٻيو رخ يا ضد ڪياست آهي ۽ ڪياست اهڙي دانائي يا عقلمندي جو نالو آهي، جنهن جو تعلق دماغ سان آهي، پر ”فراست“ الله جو نور آهي، جنهن سان مؤمن ڏسندو آهي ۽ ان مان فائدا حاصل ڪندو آهي. فراست جنهن حدس مان پيدا ٿيندي آهي، اهو حدس دراصل الهام جو پهريون ڏاڪو آهي، جيڪو انبياء ۽ مرسلين جو مقام آهي. بحث ڪافي ڊگهو ٿي ويو آهي، ورنه هتي القاء، الهام ۽ وحي جو تفصيلي بحث ڪجي ها، جنهن لاءِ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، جيڪا تصوف جي ڪتابن ۾ موجود آهي.

## فنا في الشيخ

تصوّف جي تعليمات ۾ مريد جو پنهنجي مرشد جي محبت ۾ ايترو ته مستغرق ٿي وڃڻ، جو ڪيس پنهنجو پاڻ به وسري وڃي ۽ مرشد جي هر قول کي بنا ڪنهن حجت، حيلي ۽ هٻڪ جي قبول ڪري، دنيا و مافيها کان بي نياز ٿي وڃي.

- حافظ شيرازيءَ جي هڪ شعر جو بند آهي:

به مئی سجاده رنگین کن گرت پیرِ مغان گوید
که سالک بی خبر نبود ز راه و رسم منزلها

ترجمو: جيڪڏهن مرشد ڪامل جو حڪم هجي ته پنهنجي مصلي کي شراب سان رنگين ڪر ته بنا سوچ سمجهه جي ڪري ڇڏ، ڇوته سالڪ ۽ سچو رهبر منزل مقصود تي رسڻ وارن راهن ۽ رسمن کان ناواقف نه آهي.

• هن سلسلي ۾ علامه ثناءُ الله پاني پتي رحمة الله عليه لکن ٿا:

مِنْ هٰهُنَا قَالَتِ الصُّوْفِيَّةُ يَحْصُلُ لِلصُّوْفِيْ اَوَّلًا اَلْفَنَآءُ فِي الشَّيْخِ ثُمَّ الْفَنَآءُ فِي الرَّسُوْلِ ثُمَّ الْفَنَآءُ فِي اللهِ تَعَالٰى وَالْفَنَآءُ عِبَارَةٌ عَنْ شِدَّةِ الْحُبِّ بِحَيْثُ يَذْهَلُ نَفْسُهٗ عِنْدَ ذِكْرِ الْمَحْبُوْبِ حَتّٰى لَا يَرٰى مِنْ نَّفْسِهٖ وَلَا مِنْ غَيْرِهٖ عَنْهَا وَلَا اَثَرًا مَا عَدَا الْمَحْبُوْبِ

ترجمو: انهيءَ ڪري صوفي حضرات چون ٿا ته صوفي کي سڀ کان اول فنا في الشيخ جو مقام حاصل ٿئي ٿو، ان بعد هو فنا في الرسول جي مقام تي فائز ٿئي ٿو. آخر ۾ هو فنا في الله جي منزل تائين رسائي ڪري ٿو. فنا جو مطلب محبت جي اهڙي ڪيفيت آهي، جڏهن انسان پنهنجي محبوب جي ذڪر ڪرڻ وقت پنهنجو پاڻ کي وساري ويهي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي محبوب کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نظر نه ٿي اچي ته اهو فنائيت جو مقام آهي، جنهن جي آخري منزل فنا في الله آهي. يعني هو پنهنجي وجود کان نڪري وڃي. ڪيس پنهنجو پاڻ به نظر نه اچي، رڳو ڪيس ذات حق ئي نظر اچي.

چون ز خود رفتی همه حق گشتئ
رفت ظلمت نورِ مطلق گشتئ

ترجمو: جڏهن تو پنهنجو پاڻ وساري ڇڏيو ۽ پنهنجي وجود کان آجو ٿي وئين، ته پوءِ تون سراپا حق ٿي وئين، ڇوته ظلمت ۽ اونداهي تومان نڪري وئي، هاڻي تون رڳو نور ئي نور يعني

نور مطلق آهين ۽ اهوئي انا الحق جو مفهوم آهي.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ نماز
سڀ وڃائي ساز تنهان پوءِ تڪبير چؤ.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ سجود
وڃائي وجود تنهان پوءِ تڪبير چؤ.

(خواجہ محمد زمان لنواري)

ڪامل مرشد جي رهبريءَ کانسواءِ شريعت جي روشنيءَ ۾ طريقت جو طريقو اختيار ڪرڻ ۽ معرفت جي منزل ماڻڻ آسان عمل نہ آهي، ڇوتہ عام چواڻي آهي:

مَنْ لَّا شَيْخَ لَهٗ فَشَيْخُهٗ شَيْطَانٌ

ترجمو: جنهن جي رهبريءَ لاءِ شيخ (مرشد) موجود ناهي تہ ان جو شيخ (مرشد) شيطان آهي.

- تڏهن تہ مولانا رومي رحمۃ اللہ تعالیٰ عليہ چيو آهي:

هيچ آهن خود بخود تيغی نه شد
هيچ مرد می خود بخود شيخی نه شد
قال رابگذار مردِ حال شو
پيش مردم صاحبِ احوال شو

ترجمو: ڪوبہ لوهہ جو ٽڪرو خودبخود تلوار بڻجي ڪونہ ويندو ۽ نہ وري ڪوبہ ماڻهو خودبخود شيخ (صاحبِ دل) ٿي ويندو. ان ڪري ڳالهيون ڇڏي مردِ حال ٿي ۽ ڪنهن صاحب احوال (اهل دل) وٽ وڃ تہ توکي حقيقي رنگ ۾ رنگي ڇڏي.

مريد ۽ معتقد کي اهو مقام فنا في الشيخ ٿيڻ بعد ملندو ۽ جڏهن ڪوبہ طالب حق فنا في الشيخ جي فيض کان پوريءَ طرح فيضياب ٿيوتہ هن جي اڳئين منزل فنا في الرسول آهي. بقول اقبال:

بمصطفیٰ برسان که دین همه اوست
گر باو نه رسیدی تمام بولهبیست

ترجمو: اي طالبِ حق! تون پنهنجو پاڻ کي مصطفیٰ ﷺ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪر، ڇوتہ حضور ﷺ جن جي ذات گرامي ئي سراپا دين آهي، پر جيڪڏهن تنهنجي منزل پاڻ ڪريمن ﷺ جن ڏانهن نہ ٿي تہ پوءِ ان کان سواءِ سڀ ڪجهہ بولهبي آهي.

فقط اهائي هڪڙي صراط مستقيم آهي، جيڪا بندي کي الله وٽ پهچائي ٿي. يعني فنا في الرسول بعد توکي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو ۽ فنا في الله بعد بقا بالله جي منزل ملي سگهندي. قرآن حڪيم ۾ بہ اهوئي ارشاد آهي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ

(آل عمران: آيت ٣١)

ترجمو: جيڪڏهن اوهان الله تبارڪ وتعاليٰ سان محبت ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ منهنجي (حضور ﷺ جن جي) آڏو سر تسليم خم رکو ۽ محبت جو اقرار ڪريو تہ پوءِ توهان کي الله جي محبت جو مقام ملي سگهندو.

# حقيقتِ محمدي

قُلۡ إِنَّمَآ أَنَا۠ بَشَرٞ مِّثۡلُكُمۡ يُوحَىٰٓ إِلَيَّ أَنَّمَآ إِلَٰهُكُمۡ إِلَٰهٞ وَٰحِدٞۖ فَمَن كَانَ يَرۡجُواْ لِقَآءَ رَبِّهِۦ فَلۡيَعۡمَلۡ عَمَلٗا صَٰلِحٗا وَلَا يُشۡرِكۡ بِعِبَادَةِ رَبِّهِۦٓ أَحَدَۢا ﴿١١٠﴾ (الڪهف: ١٨/١١٠)

ترجمو: (اي محبوب الٰهي! اي نورِ رباني! اي باعثِ تخليق ڪون و مڪان!) اهو ٻڌائي ڇڏ تہ آءٌ بشر آهيان اوهان وانگر. مون ڏانهن وحي ڪئي ويجي ٿي تہ اوهانجو معبود صرف اللّٰہ ئي آهي. پوءِ جيڪو پنهنجي رب جو ديدار ڪرڻ جو خواهشمند هجي، اهو نيڪ عمل ڪري ۽ پنهنجي رب سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري.

- هن آيت شريف کان اڳ ۾ گڏوگڏ هيءَ هيٺئين آيت سڳوري آهي:

قُل لَّوۡ كَانَ ٱلۡبَحۡرُ مِدَادٗا لِّكَلِمَٰتِ رَبِّي لَنَفِدَ ٱلۡبَحۡرُ قَبۡلَ أَن تَنفَدَ كَلِمَٰتُ رَبِّي وَلَوۡ جِئۡنَا بِمِثۡلِهِۦ مَدَدٗا ﴿١٠٩﴾ (الڪهف: ١٨/١٠٩)

ترجمو: (اي منهنجا حبيب! تون هنن ماڻهن کي) ٻڌاءِ تہ اللّٰہ عزوجل جي ڪلمات (حقائق) لکڻ لاءِ جيڪڏهن سمنڊ مس بڻجي وڃي تہ سمنڊ ان کان اڳ ختم ٿي ويندو جو منهنجي رب جا ڪلمات (حقائق) ختم ٿي سگهن. توڙي ڪٽي اوهان ايتري ٻي مس ان جي مدد ۾ وڏيڪ وٺي اچو.

بيشڪ اللّٰہ تعالیٰ جي ذات پاڪ جو ادراڪ اسان جي وس کان

ٻاهر آهي. انسان جا ظاهري حواس توڙي باطني قوتون ان جي حقيقت جي ڄاڻ ۽ معلومات رکڻ کان عاجز آهن. الله تبارڪ و تعالیٰ جي معرفت جو ڪجهه ڏس پتو هنن آيات بيّنات تي غور ڪرڻ سان ئي پوي ٿو ته هو لامحدود، بي مثال ۽ لاشريڪ آهي. هن جي قدرت، عظمت، حڪمت ۽ ڪبريائيءَ جا جلوا ڪائنات ۾ هر طرف ذوفشان آهن. جتي جتي هن ڪائنات ۾ پاڻيءَ جا ڦڙا، واريءَ جا ذرا، وڻن جا پن پتا، زمين ۽ آسمان ۾ موجود هوشربا گل و گلزار ۽ مهروماهه جون رعنائيون ۽ رونقون جلوه نما آهن، اتي اتي نبي مُڪرّم ﷺ جن جي ذات گرامي به اهڙو حق نما آئينو آهي، جنهن ۾ دل جي بصيرت وارين نگاهن کي قدرت اُلهيءَ جا اهي سمورا جلوا ۽ تجليات نظر اچي وڃن ٿا، جيڪي ٻئي ڪنهن به پيڪر حُسن ۾ اهڙيءَ طرح موجود ناهن. هي اها ادب گاهه آهي، جنهن کي عرش عظيم تي به عظمت حاصل آهي. جنهن جنهن شخص هن نور نبوي، جمال مصطفوي ﷺ سان جيترو به ادب، احترام، محبت ۽ اطاعت جو رشتو قائم ڪيو ۽ جيتري قدر سندن عالي مرتبت ۽ اعلیٰ مقام جو احساس ۽ اظهار ڪيو، ان کي اوترو ئي عرفان ربي ۽ قرب خداوندي نصيب ٿيو. پر جنهن جي ذهن ۾، سوچ ۾، سمجهه ۾ ٿوري به ڪسر يا ڪمي رهجي وئي ته هو رحمت اُلهي کان محروم ۽ مقهور بڻجي ويو.

ادب گاهيست زيرِ آسمان از عرش نازک تر
نفس گم کرده می آيد جنيد و بايزيد اين جا

ترجمو: هن نيري آسمان جي هيٺان هڪ اهڙو ادب جو مقام آهي، جيڪو عرش عظيم کان به وڌيڪ نازڪ ۽ ادب جي جاءِ آهي.

هن جڳهہ تي حضرت جنيد ۽ بايزيد بسطامي جهڙا اهل اللّٰه بہ ساهہ مٿ ۾ ڪري پوءِ اچن ٿا تہ متان ڪا بي ادبي نہ ٿي وڃي ۽ حياتيءَ ڀر جا نيڪ اعمال، عبادتون، رياضتون، روزا نمازون، سڀ اڪارت ٿي وڃن. (معاذاللّٰہ ثم معاذاللّٰہ)

- تڏهن تہ چيو ويو آهي:

باخدا ديوانه و با مصطفیٰ هوشيار باش

ترجمو: پنهنجي مالڪ سان ڀلي ديوانو ٿي وڃ، پر اللّٰه جي محبوب، فخر ڪائنات، حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ بابت هوشيار ۽ خبردار رهہ تہ ڪا اهڙي ڀڙڪ ٻاهر نہ ٿئي، جنهن سان زندگي ڀرجي نيڪوڪاري، پرهيزگاري سڙي خاڪ ٿي وڃي.

انسان بہ عجيب مخلوق آهي. جنهن جو هڪ ٻئي سان مزاج موافق نہ آهي. ڪي اهڙا تہ سخت مزاج، بد دماغ، ضدي ۽ زورآور انسان آهن، جيڪي حسن و جمال ۽ قوت و ڪمال جي اعلیٰ صفات جا بالڪل انڪاري آهن. انهن وٽ آيات اِلٰهي ڪان وڌيڪ سندن محدود سوچ ۽ سمجهہ زياده قابل اعتبار آهي. تنهن ڪري هو اهڙين حقيقتن جا سري ڪان ئي انڪاري آهن تہ ٻيا وري اهڙا تہ عقل جا انڌا، فهم و فڪر ڪان ڦريل، سوچ ۽ سمجهہ ڪان وانجها ماڻهو ملندا، جيڪي ڪٿي ڪنهن ڪمال جي جهلڪ ڏٺائون تہ ان جي آڏو سربسجود ٿي پيا ۽ ان کي پنهنجو معبود سمجهي، ان جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. يهودين حضرت عزير عليه السلام کي تورات برزبان ٻڌندي ڏٺو تہ کيس اِله جو درجو ڏئي ويٺا تہ وري عيسائين حضرت عيسیٰ عليه السلام جا خرق العادات معجزا ڏٺا تہ کيس خدا جو فرزند يا ثالث ثلاث جو لقب ڏئي

ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪيترا ڀيا ڀٽڪيل ۽ ڀليل انسان پنهنجي ضعيف عقيدي جي پيننٽ چڙهي ويا. ان ڪري انبياء اڪرام عليهم الصلوٰة والسلام ۽ خاص طرح سان اسان جي پياري رسول عليه التحية والسلام جي ذات بابرڪات، مظهر معجزات جيڪا ”بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر“ جي مصداق تمام صفات جي اظهار جو اعلىٰ ترين ۽ احسن ترين نمونو آهي، ان لاءِ ارشاد رباني ٿيو تہ:

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ

(الڪهف: ١٨/١١٠)

يعني اسان خدا جا بندا ۽ مخلوق آهيون. خالق ۽ مالڪ فقط الله آهي. اسان معبود نہ پر عابد ۽ اطاعت گذار آهيون. يعني نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات گرامي پنهنجي بيمثال اخلاق، ڪردار انساني هوش و حواس ۽ عقل و قياس ڪان گهڻو گهڻو بلند مرتبو ۽ مقام رکڻ جي باوجود معبود نہ، پر خدا جو محبوب رسول ۽ پيغمبر آهي، جنهن جو نہ ڪو ثاني آهي، نڪي همسر. جنهن جي عظمت ۽ علو مرتبت بابت ڪجهہ حقائق هن طرح آهن:

- هڪ ڏينهن صحابہ ڪرام عرض ڪيو:

يَا رَسُوْلَ اللهِ مَتٰى وَجَبَتْ لَكَ النُّبُوَّةُ ؟ قَالَ: ”وَآدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ“ (رواه الترمذي وقال انه حسن غريب)

ترجمو: حضور پرنور ﷺ جن کي خلعتِ نبوت سان ڪڏهن سرفراز ڪيو ويو؟ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ مون کي ان وقت نبوت جي شرف سان نوازيو ويو، جڏهن آدم عليه السلام جو اجان روح بڻيو هيو نہ جسم.

هاڻي خود اندازو لڳايو تہ جيڪا ذات گرامي پنهنجي نبوت جي اعلىٰ مقام تي فائز آهي ۽ آدم عليہ السلام کان اڳ موجود آهي تہ ان جي حقيقت ڪهڙي هئي، ان جي خبر رڳو خداوند ڪريم کي آهي. ياد رهي تہ نبوت صفت آهي ۽ نبي موصوف هوندو آهي. موصوف هوندو تہ ان ۾ صفت بہ هوندي. يعني پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ذات گرامي اڳ ۾ ئي پنهنجي وجود مسعود سان موجود هئي.

- علامہ خفاجي لکي ٿو:

ڪُنْتُ نَبِيًّا وَّآدَمُ بَيْنَ الْمَاءِ وَالطِّيْنِ ۽ ڪُنْتُ نَبِيًّا وَلَا آدَمُ وَلَا مَاءَ وَلَا طِيْنَ امام ترمذي جي روايت ڪيل حديث موجب بنا ڪنهن شڪ شبهي جي اهي ٻئي حديثون صحيح ۽ درست آهن. هنن حديثن مان اهڙو مطلب وٺڻ تہ مان تخليق آدم کان اڳ علم الٰهي ۾ نبي هيس درست نہ آهي، ڇوتہ ائين چوڻ سان پاڻ ڪريمن ﷺ جي خصوصيت ۽ عظمت جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿو ٿئي.

- ابن قطان پنهنجي ڪتاب "الاحڪام" ۾ حضرت امام علي زين العابدين کان، ان پنهنجي بزرگوار حضرت سيدنا امام حسين ۽ ان حضرت علي عليهم السلام کان حضور اڪرم ﷺ جن جو اهو ارشاد گرامي نقل ڪيو آهي:

ڪُنْتُ نُوْرًا بَيْنَ يَدَیْ رَبِّیْ قَبْلَ اَنْ يُّخْلَقَ آدَمُ بِاَرْبَعَةِ عَشَرَ اَلْفَ عَامٍ

ترجمو: آءٌ نور هيس ۽ آدم عليہ السلام جي پيدائش کان چوڏهن هزار سال اڳ پنهنجي رب ڪريم جي بارگاهہ بي نياز ۾ نور ناز هيس.

- حضرت جابر رضي الله تعالیٰ عنہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن کان پڇڻ گهريو:

يَا رَسُوْلَ اللهِ بِاَبِيْ اَنْتَ وَاُمِّيْ اَخْبِرْنِيْ عَنْ اَوَّلِ شَيْءٍ خَلَقَ اللهُ تَعَالىٰ قَبْلَ الْاَشْيَاءِ قَالَ يَا جَابِرُ اِنَّ اللهَ تَعَالىٰ قَدْ خَلَقَ قَبْلَ الْاَشْيَاءِ نُوْرَ نَبِيِّكَ (رواه عبدالرزاق بسنده)

ترجمو: اي رسول الله ﷺ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين، مون کي اهو ٻڌائڻ فرمايو تہ الله تعالىٰ سڀ شين کان پهريان پهريان ڪهڙي شيءِ پيدا ڪئي. ان تي حضور ﷺ جن فرمايو تہ اي جابر! الله تعالىٰ سڀ شين کان پهريان تنهنجي نبيءَ جو نور پيدا ڪيو (عليه التحية والسلام)

انهن صحيح حديثن جي تصحيح ۽ توثيق مولانا اشرف علي شاهہ ٿانوي رحمة الله تعالىٰ عليه پنهنجي ڪتاب "نشر الطيب" ۾ ڪئي آهي. هتان ثابت ٿئي ٿو تہ حضور اڪرم ﷺ جن جي ذات والا صفات عالمِ امڪان ۾ سڀ کان مقدم ۽ اول آهي يعني آدم، ابراهيم، موسىٰ، عيسىٰ عليهم السلام جن کان بہ گهڻو اڳ. حضور عليه السلام جي ٻين سمورين صفاتِ حميده وانگر نبوت ۽ بشريت بہ سندس صفتون آهن. اهلِ معرفت جي اصطلاح ۾ انهيءَ نور کي "حقيقت محمديه" سڏيو وڃي ٿو ۽ حقيقت محمديه ئي دراصل حقيقت الحقائق آهي.

وَبِهٰذَا الْاِعْتِبَارِ سُمِّيَ الْمُصْطَفىٰ بِنُوْرِ الْاَنْوَارِ وَبِاَبِي الْاَرْوَاحِ (زرقاني)

ترجمو: انهيءَ ڪري ئي حضور ﷺ جن کي نور الانوار ۽ تمام ارواح جو ابو چيو ويندو آهي.

# بشر ۽ نُور جو مسئلو

بشر ۽ نور جو مسئلو نهايت نازڪ آهي، جنهن تي مون جهڙي طالب علم کي پنهنجي خيال آرائيءَ کي دخل ڏيڻ مناسب نہ آهي. اڳ هن سلسلي ۾ علم و تقويٰ، شريعت ۽ طريقت جي شاهسوارن جي قول کي بطور حجت پيش ڪندي اڪتفا ڪريان ٿو.

- حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ پنهنجي مڪتوبات مان مڪتوب نمبر١٠٠، صفحو ٦٦٦ دفتر ٽيون ۾ رقم طراز آهي: "معلوم هئڻ گهرجي تہ محمد ڪريم صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن جي پيدائش ٻين تمام انسانن جي افراد وانگر پيدائش نہ آهي، بلڪ افراد عالم مان ڪنهن جي پيدائش سان سندن ڪابہ نسبت ناهي، ڇوتہ حضور صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن پنهنجي عنصري پيدائش جي باوجود دراصل حق تعالیٰ جي نور مان پيدا ٿيا آهن. جهڙي طرح پاڻ ڪريمن صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن جو ارشاد مبارڪ آهي: "خُلِقْتُ مِنْ نُّوْرِ اللّٰهِ" يعني مان الله جي نور جي پيدائش آهيان".

- حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جن وڌيڪ لکن ٿا: "مون کي صريح ڪشف ذريعي معلوم ٿيو آهي تہ آنحضرت صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جن جي پيدائش ان امڪان ڪان ٿي آهي، جيڪا صفات اضافيه سان تعلق رکي ٿي ۽ ان امڪان مان هرگز ناهي، جيڪو تمام ممڪنات عالم ۾ ثابت آهي. ممڪنات عالم جي صحيفي کي خواهہ ڪيتروئي غور و خوض، تحقيق ۽ تدقيق سان ڏٺو وڃي ۽ ڪيتروئي باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪيو وڃي تہ ان ۾ حضور عليہ السلام جو وجود مسعود ڪڏهن بہ مشهود ۽ معلوم نٿو ٿئي، ڇوتہ سندن خلقت عالمِ ممڪنات مان آهي ئي ڪانہ، بلڪ سندن پيدائش هن عالم

ممڪنات کان گھڻو برتر ۽ بلند بالا آهي. اهوئي سبب آهي جو سندن پاڇو ڪونہ هيو، ڇو تہ حقيقت ۾ پاڇو وجود جي بنسبت زياده لطيف هوندو آهي. جڏهن حضور پرنور ﷺ جن جي ذات اقدس ڪان جهان جي ڪابہ شيءِ وڌيڪ لطيف ناهي تہ پوءِ سندن سايو ڪهڙي طرح تصور ڪري سگهجي ٿو".

هن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ حضور پرنور ﷺ هڪ طرح بشريت جي صفت سان متصف آهن، ان ڪري سندن هن صفت کان انڪار ڪرڻ بالڪل غلط آهي، پر ڪين نورالانوار ۽ نور رباني نہ سمجهڻ بہ زيادتي آهي. مختلف ادوار ۾ انبياء ڪرام عليهم السلام جڏهن جڏهن بہ انسان ذات جي رشد و هدايت جو پيغام کڻي آيا تہ ڪافرن ڪين خدا جو رسول ۽ پيغمبر حق سمجهڻ بدران ڪين پاڻ جهڙو بشر ڪوٺڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ ڪافرن طرفان نہ رڳو مقام نبوت جي اعلىٰ ترين اعزاز ڪان انڪار هيو، پر ڪين تحقير ۽ تذليل جي خيال سان پاڻ جهڙو بشر سڏيندا ۽ سمجهندا هيا. حالانڪ اهي ڪافر ۽ منڪرين حق، رذيل خصلتن جي تصوير هيا تہ ٻئي طرف انبياء ڪرام پاڪيزه صفات جا مالڪ ۽ خصائل حميده ۽ خدا جا موڪليل پيغمبر هيا. هن پوري پس منظر ڪي نظر ۾ رکندي "بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ" چئي، ڪين مون جهڙو، تو جهڙو بشر سمجهڻ الله جي حبيب جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ ڪيڏو جرم هوندو. معاذالله ثم معاذالله.

- هن سلسلي ۾ علم و عرفان جي سرواڻ حضرت پير مهر علي شاهہ صاحب نوّرالله مرقده پاران فتاوىٰ مهريه جي صفحي ١٠ مطبوعه ١٩٦٢ع ۾ هن مشڪل مسئلي جو حل پيش ڪرڻ بعد ڪنهن شڪ ۽ مونجهاري جي ضرورت نہ ٿي رهي. سندن چواڻي: "لفظ بشر پنهنجي

حقيقي مفهوم ۽ مصداق ۾ پنهنجي ڪمال ۽ اعلیٰ رتبي جو حامل آهي. آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي الله تعالیٰ جل شانه پنهنجي دست قدرت سان پيدا فرمايو ۽ چيو تہ " مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ بِيَدَيَّ " (اي ابليس، جنهن کي مون (الله) پنهنجي ٻنهي هٿن سان پيدا ڪيو آهي، ان کي سجدو ڪرڻ کان توکي ڪنهن روڪيو) ۽ " وَ نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ " (۽ پنهنجو روح ان ۾ وڌو). ڀلا جنهن پيڪر خاڪي کي رب العزت جي دست مبارڪ جي عزت افزائي ٿي هجي ۽ پاڻ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو هجي ۽ خود خالقِ جهان ان کي بشر جو لقب ڏئي ابليس لاءِ ڪيس مسجود اليه جو درجو عطا ڪري، ڪائنات ۾ اسماء ۽ صفات الٰهي جو مظهر بڻايو هجي ۽ جنهن ڪمال کان فرشتا محروم هجن، جيڪڏهن الله تعالیٰ پاران بشر کي عطا ڪيل انهيءَ اعزاز ۽ احترام جو تصور دل ۾ آهي تہ پوءِ لفظ بشر، عين تعظيم ۽ تڪريم هوندو، مگر صفت بشريت جي هن عالي مقام کان، جوتہ عوام ناواقف آهي، ان ڪري انهن پاران بشر، بشر جي رٽ لڳائڻ عين تحقير ۽ گستاخي هوندي".

هتي رڳو خاص الخاص ۽ علم و عرفان جي پانڌيئڙن لاءِ غور و خوض ڪرڻ ۽ ان جي اصل حقيقت ۽ اسرار کان واقف ٿيڻ جو جواز ملي ٿو، باقي عوام الناس هن نازڪ بحث کان پنهنجا پاند بچائي تہ سندس سلامتي هوندي.

• ٽنڊي سائينداد (لڳ ٽنڊومحمد خان) جي مشهور سرهندي خاندان جي هڪ اهلِ دل ۽ اهلِ عرفان ديني عالم حضرت عبدالستار جان سرهندي مجددي ميان عبدالقيوم جان سرهندي کي هڪ تحرير ذريعي ١٢ ربيع الآخر سن ١٣٧٩هجري ۾ فرمايو آهي: "ڪالهہ رات

بشريت جي ڳالهہ منهنجي روبرو نڪتي. مون چيو تہ الله تعالیٰ نبين سڳورن کي بشر چيو آهي، سو صحيح آهي، پر اسان مسلمانن کي ادب ۽ احترام ۾ ائين چوڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن اسين اهو الله سبحانہ وتعالیٰ جو قول ڪري بيان ڪريون تہ جائز اهي. اسان پنهنجي طرف کان چونداسون تہ گناهہ آهي. جيڪڏهن چٿو مذاق ۽ مسخري جي طرف کان چونداسون تہ ڪفر آهي. دليل هن طرح آهي تہ جڏهن الله تعالیٰ فرمايو: " قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ " (اي نبي ﷺ! چئو تہ آءٌ بشر آهيان) نبي ڪريم ﷺ جن چيو تہ آءٌ الله تعالیٰ جي حڪم جي فرمانبرداري ڪندي "بشر" چوان ٿو، مگر پنهنجي طرفان نٿو چوان، ڇوتہ الله تعالیٰ جنهن وقت ملائڪن کي حضرت آدم عليہ السلام بابت خطاب فرمايو: "اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ" (تحقيق آءٌ بشر (آدم عليہ السلام) مٽيءَ مان پيدا ڪندڙ آهيان) تہ شيطان لعين آدم عليہ السلام کي بشر سمجهي سجدو نہ ڪيو، تہ لعنتي ٿي ويو، پر ملائڪن "وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ" (انهيءَ آدم ۾ مون (الله جل شانہ) پنهنجو روح ڦوڪيو آهي) خدا تعالیٰ جي نور کي ڏسي "فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ" (بشر (آدم عليہ السلام) کي سجدو ڪيائون)".

- حافظ شيرازي فرمايو آهي:

ملک در سجده آدم زمین بوس تو نیت کرد
که در حسن تو چیزی دید غیر از طور انسانی

ترجمو: فرشتن آدم عليہ السلام کي سجدي ڪرڻ وقت بشري عادتن کان پاڪ تنهنجي ذات يعني الله تعاليٰ جو نور نظر آيو، جنهن کي سجدو ڪيو.

اسان بشر بشر جو لفظ چئي نٿا سگھون، ڇوتہ اھو ڪافرن جو قول آھي.

- جھڙيءَ طرح نوح عليہ السلام کي قوم جي سردارن پاڻ جھڙو بشر چيو تہ ڪافر ٿي ويا.

مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا (ھود: ١١/٢٧)

ترجمو: اسان توکي نٿا ڏسون، مگر پاڻ جھڙو بشر.

- حضرت شعيب عليہ السلام جي قوم بہ حضرت شعيب عليہ السلام کي بشر چيو تہ ڪافر ٿي ويا.

مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَ يَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ۝ وَلَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ۝ (المؤمنون: ٣٣-٣٤)

ترجمو: ھيءُ تہ اوھان جھڙو ئي بشر آھي، جھڙو ڪاڌو اوھان ڪائو ٿا، اھڙو ھيءُ بہ ڪائي ٿو ۽ جھڙو پاڻي اوھان پيئو ٿا، اھڙو پاڻي ھي بہ پيئي ٿو. جيڪڏھن اوھان پاڻ جھڙي بشر جي تابعداري ڪندا تہ يقينًا اوھان بہ نقصانڪارن مان بڻجي ويندا.

- اھڙيءَ طرح حضرت صالح عليہ السلام کي چيو ويو:

مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۚ (الشعراء: ٢٦/١٥٤)

ترجمو: تون تہ اسان جھڙو بشر آھين.

- اھڙيءَ طرح حضرت موسیٰ ۽ حضرت ھارون عليهما السلام لاءِ چيو ويو:

قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ (یٰس: ۱۵/۳۰)

ترجمو: ڪافرن چيو تہ اوهان (بہ ٻئي) اسان جهڙا بشر آهيو.

- وري اڳتي چيائون:

فَقَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا (المؤمنون: ۴۷/۲۳)

ترجمو: پوءِ هنن ڪافرن چيو تہ ڇا اسان پاڻ جهڙن ٻن شخصن (بشرن) تي ايمان آڻيون.

- اهي ساڳيا بي ادبي ۽ گستاخيءَ وارا جملا ڪافرن اسان جي پياري نبي اڪرم ﷺ جن جي باري ۾ بہ چيا:

وَاَسَرُّوا النَّجْوَى ۖ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖ هَلْ هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۚ اَفَتَاْتُوْنَ السِّحْرَ وَاَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ۝ (الانبياء: ۳/۲۱)

ترجمو: هنن ظالمن (ڪافرن) ڳجهي نموني پاڻ ۾ اهي سرگوشيون ڪيون تہ هو (حضور ﷺ) اوهان جهڙو ئي انسان آهي، پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جو اوهان ڏسي وائسي جادوءَ ۾ ڦاسي ٿا وڃو.

- ٻئي هنڌ قرآن حڪيم ۾ انهن ڪافرن جو قول نقل ڪيو ويو آهي:

اِنْ هٰذَآ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ۝ سَاُصْلِيْهِ سَقَرَ ۝ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرُ ۝ لَا تُبْقِيْ وَلَا تَذَرُ ۝ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ۝ (المدثر: ۲۵-۲۹/۷۴)

ترجمو: هيءُ هڪ بشر جو قول آهي. عنقريب هن (وليد بن مغيره) کي دوزخ رسيد ڪندس ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ دوزخ ڇا آهي. کل (چمڙي) کي ساڙي ڇڏيندڙ آهي.

هن آيت سڳوريءَ مان معلوم ٿيو ته جنهن شخص نبي ڪريم ﷺ جن کي بشر سڏيو، سڦر (باهه) جو مستحق ٿيو. مذڪوره بالا آيتن کان سواءِ ٻيون ڪيتريون ئي آيتون قرآن مجيد ۾ موجود آهن، جن ۾ نبي اڪرم ﷺ جن جي رفعت شان ۽ عالي مرتبت جو ذڪر ٿيل آهي.

- وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ﴿١٠٧﴾ (الانبياء: ٢١/١٠٧)

ترجمو: (اي نبي ﷺ!) اسان اوهان کي تمام عالمن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي.

- وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ﴿٤﴾ (القلم: ٦٨/٤)

ترجمو: بلاشڪ تون خُلق عظيم جو مالڪ آهين.

- لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ (آل عمران: ١٦٤)

ترجمو: الله تبارڪ و تعاليٰ مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي، جو ان پنهنجو محبوب انهن ڏانهن انهن مان ئي موڪليو آهي.

هن آيت سڳوريءَ بابت هڪ حديث پاڪ وضاحت ڪري ٿي:

- اِنَّمَا اَنَا رَحْمَةٌ مُّهْدَاةٌ (سنن دارمي- مستدرڪ علي الصحيحين)

ترجمو: آءٌ اها رحمت آهيان، جيڪا الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي مخلوق کي تحفي طور ڏني آهي.

- وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ﴿٤﴾ (الانشراح: ٤)

ترجمو: اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ذڪر کي بلند و بالا ڪيو آهي.

- اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ ؕ﴿۱﴾ (الڪوثر: ۱)

ترجمو: (اي پيارا حبيب ﷺ!) اسان اوهان کي جيڪي ڪجهه ڏنو اهو بي انداز ڏنو (جنهن جو حساب ڪرڻ ناممڪن آهي)

اذان ۾، اقامت ۾، درود ۾، صلواة ۾، نماز جي "التحيات" ۾ اطاعت ۾، اتباع ۾ قرآن مجيد جي آيتن ۾ حضور ﷺ جن جو نالو مبارڪ هر هنڌ الله تبارڪ و تعالىٰ جي اسم پاڪ سان گڏ آهي، جنهن ۾ تفريق جو تصور ئي ڪفر آهي.

- حديث شريف ۾ آهي:

لِيۡ مَعَ اللهِ وَقۡتٌ لَا يَسَعُنِيۡ فِيۡهِ مَلَكٌ مُّقَرَّبٌ وَّلَا نَبِيٌّ مُّرۡسَلٌ

(الزرقاني: مختصر المقاصد- ص۸۵۸)

ترجمو: منهنجو حق تعالىٰ سان گڏ هڪ اهڙو به وقت هوندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ملڪ مُقرّب يا نبي مُرسل جو هجڻ نه هوندو آهي.

- هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي:

اِنِّيۡ لَسۡتُ كَهَيۡئَتِكُمۡ اِنِّيۡ يُطۡعِمُنِيۡ رَبِّيۡ وَيَسۡقِيۡنِ

(صحيح بخاري: ڪتاب الصوم - باب الوصال)

ترجمو: آءٌ اوهان مان ڪنهن وانگر به نه آهيان، پر پنهنجي رب وٽ رهان ٿو، ءِ هو مون کي کارائي پيئاري ٿو.

نوٽ: اِنِّيۡ لَسۡتُ كَاَحَدِكُمۡ جو ترجمو "مان اوهان مان ڪنهن به هڪ جهڙو نه آهيان" به آيو آهي.

بشر جي خيالن ذيانن کان ٻاهر
ثنا مصطفیٰ جي بيانن کان ٻاهر
نہ معلوم حد ابتدا انتها جي
مقامِ نبي لامکانن کان ٻاهر
احد ساڻ احمد جي نسبت نرالي
زمين آسمان جي نظامن کان ٻاهر

('مشتاق' سچاروي)

وَ اَحۡسَنُ مِنۡكَ لَمۡ تَرَ قَطُّ عَيۡنِيۡ
وَ اَجۡمَلُ مِنۡكَ لَمۡ تَلِدِ النِّسَآءُ

(حضرت حسان بن ثابت رضي الله تعالیٰ عنه)

رب ڪائنات جون باعثِ ڪائنات تي ڪهڙيون ڪهڙيون نوازشون ۽ نعمتون آهن، انهن جو عقل انساني احاطو ڪري نٿو سگهي. سموري مخلوقات بہ ويهي انهن عطائن جو اندازو لڳائي تہ سمنڊ مان قطري برابر هوندو.

- ارشاد گرامي آهي:

اُعۡطِيۡتُ مَفَاتِيۡحَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ

ترجمو: مون کي تمام آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون عطا ڪيون ويون.

اُعۡطِيۡتُ مَفَاتِيۡحَ خَزَائِنِ الۡاَرۡضِ اَوۡ مَفَاتِيۡحَ الۡاَرۡضِ

(صحيح بخاري: حديث ۱۳۴۴- صحيح مسلم: حديث ۲۲۹۶)

ترجمو: مون کي زمين جي سيني خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون.

- هڪ حديث شريف ۾ اچي ٿو:

فَوَضَعَ يَدَهٗ بَيْنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدْتُّ بَرْدَهَا بَيْنَ ثَدَيَّ فَعَلِمْتُ مَا بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ (سنن ترمذي)

ترجمو: منهنجي مهربان رب ڪريم پنهنجي فيض ۽ عطا وارو هٿ مبارڪ منهنجي ٻنهي ڪلهن جي درميان رکيو. مون ان جي ٿڌڪار پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي. پوءِ ڇا ٿيو جو زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهه هيو، ان جو مون کي علم عنايت ٿي ويو.

هاڻي خيال ڪريو ته ڏيڻ وارو رب العزت، ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي، وٺڻ وارو محبوبِ خدا، باعث ڪائنات، سيد الانبياء والمرسلين آهي. نه ڏيڻ واري وٽ ڪا ڪمي آهي، ته نه وري وٺڻ واري وٽ استعداد وصول جي کوٽ آهي ته پوءِ ذات باري تعالىٰ پنهنجي شان مطابق ڇا ڏنو ۽ محبوبِ خدا پنهنجي نور من نور الله واري ظرف مطابق ڇا ڇا وصول ڪيو، ان تي عقل جي انڌن جو بحث سواءِ خجلت ۽ پشيمانيءَ جي ڪجهه ناهي.

دل گهري ٿي ته امام بوصيري رحمة الله تعالىٰ عليه جي قصيدي برده مان حضور صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جن جي شان ۾ چيل ڪجهه اشعار هتي بيان ڪريان، پر مضمون جي طوالت کي نظر ۾ رکندي، رڳو چند ابيات تي اڪتفا ڪندس، جو مشت ازخروار جو ڪم ڏيندا.

مُنَزَّهٌ عَنْ شَرِيْكٍ فِيْ مَحَاسِنِهٖ
فَجَوْهَرُ الْحُسْنِ فِيْهِ غَيْرُ مُنْقَسِمٖ

ترجمو: آنحضور صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جن پنهنجن محاسن ۽ خوبين ۾ ڪنهن به

شريڪ يا نظير هجڻ کان پاڪ ۽ بالاتر آهن ۽ سندن حسن ۽ خوبيءَ جو جوهر ڪنهن به صورت قابلِ تقسيم ناهي. يعني ٻين سڀني سندن محاسن ۽ خوبين مان فيض حاصل ڪيو آهي، پر سندس خوبين ۽ حسن جي جوهر جو جزو يا حصو انهن کي نه مليو آهي، پر سندن حسن ۽ خوبين جو پرتو ۽ جلوو سندن خوبين جي اظهار جو ذريعو بڻيو آهي، ڇوته پاڻ ڪريم ﷺ جا محاسن قابلِ تقسيم نه، پر قابل تجلّي ۽ قابل عڪس آهن، جن سان دنيا فيضياب ٿي.

فَهُوَ الَّذِیْ تَمَّ مَعْنَاهُ وَصُوْرَتُهٗ
ثُمَّ اصْطَفَاهُ حَبِیْبًا بَارِئَ النَّسَمِ

ترجمو: هي اُها ذات گرامي آهي، جيڪا پنهنجي ظاهر (صورت) ۽ پنهنجي اصل حقيقت (معنیٰ) جيڪا نور ربي آهي، ۾ بلڪل مڪمل ۽ ڪامل آهي. تنهنڪري ئي مخلوقات جي خالق سندن ذات گرامي کي پنهنجي محبوب هجڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي. يعني نه رڳو هو (پاڻ ڪريم ﷺ) پنهنجي ظاهر اطوار، عادات، اخلاق، ڪردار ۽ حُسن وجمال ۾ يڪتا ۽ بي بدل آهن، پر هو پنهنجي اصل حقيقت ته ”هُوَ نور من نوراللّٰه“ ۾ به بالڪل ڪامل ۽ مڪمل آهن، ان ڪري ئي ڪين خالق ڪائنات، باعثِ ڪائنات، بنائي پنهنجو محبوب ۽ حبيب بڻايو.

فَاقَ النَّبِیِّیْنَ فِیْ خَلْقٍ وَّ فِیْ خُلُقٍ
وَلَمْ یُدَانُوْهُ فِیْ عِلْمٍ وَّ لَا کَرَمٍ

ترجمو: آنحضرت ﷺ جن تمام انبياءِ ڪرام عليهم السلام کان پنهنجي اصل پيدائش (نور من نورالله) ۽ پنهنجي خلق عظيم ۾ وڏي فوقيت ۽ اتاهون مقام رکن ٿا ۽ ڪوبہ نبي سڀورو سندن علم ۽ ڪرم جي عظمتن ۽ بلندين جي قريب بہ پهچي نٿو سگهي، ڇوتہ سندن پيدائش هن عالمِ ممڪنات کان گهڻو بلند بالاتر آهي. سندن پيدائش اهڙي امڪان کان ٿي آهي، جيڪو صفات اضافيه سان تعلق رکي ٿو، ان ڪري ڪوبہ سندن برابري ڪري نٿو سگهي.

كُلُّهُمْ مِنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ مُلْتَمِسٌ
غُرَفًا مِّنَ الْبَحْرِ اَوْ رَشَفًا مِّنَ الدِّيَمِ

ترجمو: سمورا انبياء ڪرام عليهم السلام يا سموري ڪائنات آنحضرت ﷺ جن جي درياءِ معرفت مان هڪ چرون (لَپ) ۽ سندن ابرِ ڪرم جي بارانِ رحمت مان هڪ قطرو يا هڪ گرڙي جي برابر حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. يعني سندن ذات گرامي هڪ بي پايان بحر يا سمنڊ آهي ۽ باقي مخلوق بہ مع انبياءِ ڪرام ان بحر بي پايان مان هڪ لپ پاڻي يا چرون جي مثال آهي ۽ پاڻ هڪ زوردار بارش جي مثال آهن تہ باقي ڪائنات ان بارش جو هڪ قطرو يا سرڪي برابر آهي.

وَوَاقِفُوْنَ لَدَيْهِ عِنْدَ حَدِّهِمْ
مِنْ نُّقْطَةِ الْعِلْمِ اَوْ مِنْ شَكْلَةِ الْحِكَمِ

ترجمو: سمورا نبي سڳورا عَلَيۡهِمُ السَّلَام حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن جي

آڏو پنهنجي پنهنجي حيثيت مطابق پنهنجي پنهنجي حد ۾ مقام تي بيٺا آهن. اها حد ۽ حيثيت اهڙي طرح آهي، جهڙي طرح هڪ نقطي يا ٽبڪي کي پوري علم سان ۽ هڪ زبر، زير يا پيش (اعراب) کي پوري حڪمت جي فن سان آهي. مطلب آهي ته انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَامُ پنهنجن عظمتن ۽ اعلیٰ درجن جي باوجود، حضور اڪرم ﷺ جن سان مقامِ عظمت ۽ بلندي ۾ نقطي ۽ علم وانگر يا اعراب (زير زبر پيش) ۽ خزانه حڪمت ۽ فلسفي وانگر آهن.

فَانۡسُبۡ اِلٰی ذَاتِهٖ مَا شِئۡتَ مِنۡ شَرَفٍ
وَانۡسُبۡ اِلٰی قَدۡرِهٖ مَا شِئۡتَ مِنۡ عِظَمٖ

ترجمو: سندن ذات مبارڪ جي شان ۽ شرف ۾ جيڪو ڪجهه چوڻ گهرين ۽ منسوب ڪرڻ گهرين، بيشڪ ڪر ۽ سندن قدر و منزلت جي عظمت ۽ بلنديءَ بابت جو ڪجهه چوڻ گهرين، بيشڪ چؤ ۽ منسوب ڪر، ڇوته جيترو به سندن شان بيان ڪبو، اهو گهٽ آهي ۽ ڪو به ماڻهو بلڪ پوري ڪائنات به سندن عظمت ۽ شان بيان ڪري ته به ممڪن ناهي جو اهو بيان ٿي سگهي، جنهن طرح هيٺ ڏنل آهي.

فَاِنَّ فَضۡلَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ لَيۡسَ لَهٗ
حَدٌّ فَيُعۡرَبُ عَنۡهُ نَاطِقٌ بِفَمٖ

ترجمو: بيشڪ رسول الله ﷺ جن جي فضيلت ۽ شان جي ڪا به انتها ۽ حد ناهي، جو ڪوئي بيان ڪندڙ سندن فضيلت ۽ عظمت

کي ڪَما حقه بيان ڪري سگهي. جنهن ذات گرامي جي اصل حقيقتن جي مخلوق کي پوري ڄاڻ ئي ناهي. هنن رڳو هڪ صفت بشريءَ جو نظارو ڏٺو آهي، پر سندن اصل حقيقت جيڪا نورٌ مِّنَ اللّٰهِ آهي، ان جو احاطو ڪرڻ حواس و قياس ۽ عقل و فهم انساني جي تصور ۽ خيال کان گهڻو گهڻو بلند بالا آهي.

قرآن حڪيم ۾ تمام گهڻيون آيتون آهن، جيڪي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي عالي مرتبت ۽ مثالي عظمت جون گواهه آهن، بلڪ ائين چئجي ته پورو قرآن ڪريم سندن شان ۾ مان جو ترجمان آهي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

همه قرآن در شانِ محمّد

ترجمو: پورو قرآن حضور ﷺ جي تعريف ۾ بيان آهي.

- اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه رضي الله عنها کان جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جي خلق عظيم بابت پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون:

كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنُ (طحاوي: مشڪل الآثار)

ترجمو: سندس خلق جي تصوير قرآن حڪيم آهي.

- اهڙيءَ طرح ارشادِ خداوندي آهي:

وَ عَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَ كَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿۱۱۳﴾

(النساء: ١١٣)

ترجمو: هُن سڀ ڪجهه توکي علم ڏنو، جيڪو تنهنجي علم ۾ نه هيو. ۽ توتي الله جو وڏ کان وڏ فضل ۽ ڪرم آهي.

وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ۝ (النمل: ٦/٢٢)

ترجمو: بيشڪ توکي قرآن سيکاريو ويو آهي وڏي داناءَ ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ جي طرفان.

اَلرَّحْمٰنُ۝ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ۝ خَلَقَ الْاِنْسَانَ۝ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ۝

(الرحمٰن: ١-٤)

ترجمو: رحمان رب ئي قرآن جو علم عطا ڪيو. انسان کي پيدا ڪيو. ان جو بيان ۽ حڪمت سيکاريو.

- نبي اڪرم ﷺ جن جو ارشاد گرامي آهي:

أُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ

ترجمو: مون کي تمام آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون عطا ڪيون ويون.

أُعْطِيْتُ مَفَاتِيْحَ خَزَائِنِ الْاَرْضِ اَوْ مَفَاتِيْحَ الْاَرْضِ

(صحيح بخاري: حديث ١٣٤٤- صحيح مسلم: حديث ٢٢٩٦)

ترجمو: مون کي زمين جي سڀني خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون.

هاڻي خود اندازو لڳايوته جنهن کی الله تعالیٰ لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ (پيارا حبيب! جيڪڏهن اوهان جي بعثت مقصود نه هجي ها ته پوءِ مان هي جهان پيدا نه ڪريان ها.) جهڙن الفاظن سان ياد ڪري ۽ ان کي علم عطا ڪرڻ وارو سيکارڻ وارو پاڻ ذات ڪبريا هجي، جنهن جي عطا، ڪرم ۽ فضل جي ڪا حد به ناهي ۽ عطا ۽ بخشش وصول ڪرڻ وارو باعثِ ڪائنات ۽ حبيب ذات ڪبريا هجي ته پوءِ نه ڏيڻ

واري جي ڪا حد آهي ۽ نہ وٺڻ واري جو ڪو پرو پاند آهي. هتي اهو چوڻ نهايت ضروري آهي تہ الله رب العزت جو علم سندس ٻين سمورين صفتن وانگر قديم، ذاتي ۽ غيرمتناهي آهي، جنهن جو ڪوبہ حد حساب نہ آهي، پر حضور ﷺ جن جو علم عطائي، حادث ۽ متناهي آهي، جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڏنل آهي. نہ ڏيندڙ وٽ ڪا ڪمي آهي، نہ وٺندڙ جي ذات ۾ ڪا گهٽتائي آهي.

- اڇو تہ خدا جي هن حبيب ۽ تلميذ الرحمٰن جي زبان حق ترجمان جو بيان ٻڌي اسان تسليم ڪريون تہ حقيقت ڇا آهي؟

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَاَيْتُ رَبِّيْ عَزَّ وَ جَلَّ فِيْٓ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ قَالَ فِيْمَ يَخْتَصِمُ الْاَعْلٰى قُلْتُ يَا رَبِّ لَا اَدْرِيْ قَالَ فَوَضَعَ يَدَهٗ بَيْنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدْتُّ بَرْدَهَا بَيْنَ ثَدَيَّ فَعَلِمْتُ مَا بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ (سنن ترمذي)

نوٽ: ٻيءَ حديث ۾ فَعَلِمْتُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ جا الفاظ پڻ آيا آهن.

ترجمو: اڄ مون پنهنجي بزرگ و برتر پروردگار جي زيارت ڪئي آهي تمام حسين ۽ پياري صورت ۾. الله تعاليٰ فرمايو تہ فرشتا ڪهڙي شيءِ جي باري ۾ بحث ڪري رهيا آهن. مون وراڻيو تہ اي منهنجا رب! آءٌ نٿو ڄاڻان. الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجو دست مبارڪ منهنجي ٻنهي ڪلهن جي درميان رکيو، جنهن جي ٿڌڪار مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي ۽ پوءِ مونکي مشرق ۽ مغرب ۾ جيڪو ڪجهہ (موجود) آهي، ان جو علم عطا ٿي ويو.

هن حديث شريف جي شرح ڪندي محقق حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي ﷫ مشڪواة الشريف جي شرح "اشعة اللمعات" ۾ لکڻ فرمائين ٿا ته:

"پس دانستيم هرچه در آسمانها و در زمينها بود. عبارتست از حصول تمام علوم جزوی و کلی و احاطی آن

ترجمو: پوءِ جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ هيو، ان جو علم به مون کي عطا ٿيو ۽ جيڪو ڪجهه زمينن ۾ هيو، ان جو علم به مونکي ملي ويو.

وڌيڪ لکن ٿا ته هن ارشاد نبوي ﷺ جن جو مفهوم ۽ مطلب اهو آهي ته سمورا علم جزوي ۽ ڪلي مون کي حاصل ٿي ويا ۽ انهن سمورن علمن جو مون احاطو ڪري ورتو. (سبحان الله وبحمده)

علامه علي قاري ﷫ پنهنجي ڪتاب "المرقاة شرح المشڪواة" ۾ پهريائين هن حديث مبارڪ جو مفهوم بيان ڪن ٿا. ان ڪان پوءِ شارح بخاري علامه ابن حجر ﷫ جو قول نقل ڪرڻ فرمائين ٿا:

قَالَ ابْنُ حَجَر اَیْ جَمِیْعُ الْکَائِنَاتِ الَّتِیْ فِی السَّمٰوٰاتِ بَلْ وَمَا فَوْقَهَا... وَالْاَرْضِ هِیَ بِمَعْنَی الْجِنْسِ اَیْ جَمِیْعُ مَا فِی الْاَرْضِیْنَ السَّبْعِ وَمَا تَحْتَهَا یَعْنِیْ اِنَّ اللهَ اَرٰی اِبْرَاهِیْمَ عَلَیْهِ الصَّلٰوٰةُ وَالسَّلَامُ مَلَکُوْتَ السّٰمٰوٰاتِ وَالْاَرْضِ وَکَشَفَهٗ ذَالِكَ وَفَتَحَ عَلَیَّ اَبْوَابَ الْغُیُوْبِ (المرقاة شرح مشڪواة ج١ ص ٣٦٣)

ترجمو: علامه ابن حجر جو چوڻ آهي ته حديث جو مطلب اهو آهي ته سموري ڪائنات جيڪا آسمانن ۾ آهي، بلڪ ان ڪان به مٿي

جيڪو ڪجهه به هيو ۽ جيڪا ڪجهه ڪائنات ستن زمينن ۾ هئي، بلڪ ان ڪان به هيٺ، جيڪو ڪجهه هيو، مون کي ان جو پورو پورو علم ٿي ويو. الله تبارڪ و تعالیٰ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي نه رڳو زمينن ۽ آسمانن جي بادشاهي ڏيکاري هئي ۽ ان کي مٿن منڪشف ڪيو هيو، پر مون تي نه الله تعالیٰ جي غيب جا دروازا کوليا ويا آهن.

هن حديث شريف جي سند جي باري ۾ مصنف مشڪواة شريف جي راءِ غور سان ٻڌڻ جوڳي آهي:

رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالتِّرْمِذِیُّ وَقَالَ حَسَنٌ صَحِيْحٌ وَسَاَلْتُ مُحَمَّدَ بْنَ اِسْمَاعِيْلَ الْبُخَارِیَّ مِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ فَقَالَ هٰذا حَدِيْثٌ صَحِيْحٌ (مشڪواة: ڪتاب الصلواة)

ترجمو: هن حديث کي امام احمد ۽ امام ترمذي رحمهما الله روايت ڪيو آهي ۽ ترمذيءَ جو قول آهي ته اها حديث حسن صحيح آهي. امام ترمذي چون ٿا ته مون هن حديث بابت امام بخاري عليه رحمة الله تعالیٰ کان دريافت ڪيو، انهن فرمايو ته "هذا حديث صحيح" (هيءَ حديث صحيح آهي).

- امام مسلم عليه رحمة الله تعالیٰ پنهنجي صحيح ۾ حضرت حذيفه رضي الله تعالیٰ عنه کان هيءَ حديث شريف روايت ڪن ٿا:

قَامَ فِيْنَا رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَقَامًا مَا تَرَكَ شَيْئًا يَّكُوْنُ فِیْ مَقَامِهٖ ذٰلِكَ اِلیٰ قِيَامِ السَّاعَةِ اِلَّا حَدَّثَ بِهٖ حَفِظَهٗ مَنْ حَفِظَهٗ وَنَسِيَهٗ مَنْ نَّسِيَهٗ قَدْ عَلِمَهٗ اَصْحَابِیْ هٰؤُلَاءِ وَاِنَّهٗ

لَيَكُوْنُ مِنْهُ الشَّيْءُ قَدْ نَسِيْتُهُ فَأَرَاهُ فَاَذْكُرُهُ كَمَا يَذْكُرُ الرَّجُلُ وَجْهَ الرَّجُلِ اِذَا غَابَ عَنْهُ ثُمَّ اِذَا رَاٰهُ عَرَفَهُ

ترجمو: هڪ ڏينهن حضور ﷺ جن هڪ هنڌ تشريف فرما ٿيا ۽ قيامت تائين ٿيڻ واري ڪائي اهڙي شيءِ نہ هئي، جنهن جي پاڻ ڪريمن ﷺ جن ذڪر نہ ڪرڻ فرمايو هجي. ياد رکيو ان کي جنهن ياد رکيو ۽ وساري ڇڏيو ان کي جنهن وساري ڇڏيو. منهنجا هي سمورا صحابي ان جو علم رکن ٿا ۽ ائين ٿيندو آهي تہ ڪا شيءِ جيڪڏهن وقوع پذير ٿئي ٿي، جيڪا مون کان وسري وڃي ٿي، تہ ان کي ڏسندي ئي مون کي ياد اچي ويندي آهي (تہ حضور ﷺ جن ائين ئي فرمايو هيو) بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙي طرح تنهنجو ڄاتل سڃاتل ماڻهو ڪافي وقت کان توکان غائب رهيو هجي ۽ جيئن تون ان کي ڏسين تہ تون ان کي سڃاڻين وٺين.

- امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي صحيح ۾ حضرت عمر رضی اللہ عنہ کان هيءَ حديث شريف روايت ڪن ٿا:

قَالَ قَامَ فِيْنَا رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَقَامًا فَاَخْبَرَنَا مِنْ بَدْءِ الْخَلْقِ حَتّٰى دَخَلَ اَهْلُ الْجَنَّةِ مَنَازِلَهُمْ وَاَهْلُ النَّارِ مَنَازِلَهُمْ حَفِظَ ذٰالِكَ مَنْ حَفِظَهُ وَنَسِيَهُ مَنْ نَّسِيَهُ

ترجمو: حضرت عمر رضی اللہ عنہ چيو تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ اسان جي درميان قيام پذير فرما ٿيا ۽ تخليق ڪائنات جو ابتدا کان تان جو اهل جنت جي پنهنجي منزل ۾ ۽ اهل دوزخ جو پنهنجن ٺڪاڻن ۾ داخل ٿيا، انهن سموري حال جي اسان کي

خبر ڏني. ياد رکيو ان کي جنهن ياد رکيو ۽ وساري ڇڏيو ان کي جنهن وساريو.

- ملا علي قاري مرقاة شرح مشڪواة ۾ هن حديث جي وضاحت ڪندي علامه طيّبي جو هي قول نقل ڪيو آهي:

قَالَ الطِّيّبِيْ حَتّٰى غَايَةَ اَخْبَرَنَا اَىْ اَخْبَرَ مبتدا مِنْ بَدْءِ الْخَلْقِ حَتّٰى اِنْتَهَا اِلٰى دُخُوْلِ اَهْلِ الْجَنَّةِ الْجَنَّةَ وَ وَضَعَ الْمَاضِيْ مَوَاضِعِ الْمُضَارِعِ مُبَالَغَةً لِلتَّحْقِيْقِ الْمُسْتَفَادَةِ مِنْ قَوْلِ الصَّادِقِ الْاَمِيْنِ ﷺ

ترجمو: علامه طيّبي جو چوڻ آهي ته حديث شريف ۾ حتّیٰ جو لفظ نهايت بيان ڪرڻ لاءِ آهي. يعني حضور ﷺ جن پنهنجي هن خطبي ۾ ڪائنات جي پيدائش کان وٺي هن وقت تائين جي تمام حالتن جو بيان ڪيو آهي. جڏهن ته جنتي پنهنجن پنهنجن محلاتن ۾ قيام پذير ٿي ويندا. هن بعد اهو به چيو ته جنتي ماڻهن جو جنت ۾ داخل ته مستقبل ۾ ٿيندو، ان ڪري هتي حَتیٰ يدخل يعني مضارع جو صيغو استعمال هئڻ گهرجي ها. حديث ۾ ماضيءَ جو صيغو حَتّیٰ دَخَلَ جو استعمال ٿيو. ان جي جواب ۾ چيو ويو ته خبر ڏيندڙ صادق (سچو) ۽ امين (امانتدار) رسول آهي. ان ڪري مستقبل لاءِ جيڪي ڪجهه چيو اٿن، ته ”ائين ٿيندڙ هن جو هجڻ به ايترو يقيني آهي، جيترو ان ڳالهه جو يقين هجي جيڪا ماضيءَ ۾ ٿي چڪي آهي.

- حضرت حذيفه ﷛، جنهن جو لقب ”رازدانِ رسول ﷺ“ آهي، ان جو چوڻ آهي:

وَاللّٰهِ اِنِّیْ لَاَعْلَمُ النَّاسَ بِكُلِّ فِتْنَةٍ هِیَ كَائِنَةٌ فِيْمَا بَيْنِیْ وَبَيْنَ السَّاعَةِ وَمَا بِیْ اِلَّا اَنْ يَّكُوْنَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَسَرَّ اِلَیَّ فِیْ ذَالِكَ شَيْئًا (صحيح مسلم: ج۲ ص ۳۹۰)

ترجمو: اڄ کان وٺي قيامت تائين ايندڙ جيترا بہ فتنا آهن، انهن بابت آءٌ سمورن ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان، انهيءَ ڪري جو ان بابت پاڻ ڪريمن ﷺ جن خبر ڏني.

- حضرت ثوبان ﷛ نبي اڪرم ﷺ جن کان روايت ڪري ٿو:

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَاِنَّهٗ سَيَكُوْنُ فِیْ اُمَّتِیْ كَذَّابُوْنَ ثَلَاثُوْنَ كُلُّهُمْ يَزْعَمُ اَنَّهٗ نَبِیٌّ وَاَنَا خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ لَا نَبِیَّ بَعْدِیْ (ابوداؤد: ڪتاب السنن)

ترجمو: حضور ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي امت ۾ ٽيهہ ڪذّاب پيدا ٿيندا. هرهڪ جي اها دعویٰ هوندي تہ هو نبي آهي، حالانڪہ آءٌ خاتم النبيين آهيان ۽ مون کان پوءِ ڪوبہ نبي ڪونہ ايندو.

اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريمن ﷺ پاران عشره مبشره کي جنت جي بشارت ڏيڻ، حسنين کي سيد شباب اهل الجنة چوڻ ۽ ثابت بن قيس کي تسلي ڏيڻ تہ

اَمَا تَرْضٰی اَنْ تَعِيْشَ حَمِيْدًا وَتُقْتَلَ شَهِيْدًا وَتَدْخُلَ الْجَنَّةَ (مجمع الزوائد ۹/۳۲۴)

ترجمو: ڇا تون هن ۾ خوش ناهين تہ تون ساراهہ جوڳي زندگي گذارين، شهادت جو موت مرين ۽ جنت ۾ داخل ٿئين.

اهڙا ڪيئي مثال آهن، جيڪي حضور ﷺ جن جي علم وهبي جي فضيلت بيان ڪن ٿا، جيڪي سندن صفت بشري کان وڌيڪ صفت نور الانوار جي گواهي ڏين ٿا.

مصر جي مشهور ولي ڪامل سيد احمد رفاعي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جو روضهِ اطهر تي حاضريءَ وقت سندس سلام پيش ڪرڻ ”الصَّلٰوة والسلام عليک يا جدي“ جي جواب ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جو جواب ”وعليک السلام يا ولدي“ ۽ بعد ۾ سندن درخواست تي حضور ﷺ جن جو دست مبارڪ مزار شريف کان ٻاهر ڪڍڻ ۽ امام رفاعي جو ان کي بوسو ڏيڻ، اتي موجود ماڻهن اکين سان ڏٺو. اهڙا ڪيترا مثال ۽ حقيقتون موجود آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي حقيقت (حقيقت محمديه) نوراني آهي، جيڪا يوم اول کان تاقيام قائم آهي ۽ رهندي.

- قرآن حڪيم ۾ آهي:

فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍۭ بِشَهِيْدٍ وَّ جِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰۤؤُلَآءِ شَهِيْدًا ؕ﴿۴۱﴾ (النساء:۴۱)

ترجمو: انهن نافرمانن جو ڇا حال هوندو جڏهن (هنن خلاف) هر امت مان هڪ شاهد آڻينداسون ۽ اهڙيءَ طرح (اي نبي ڪريم ﷺ!) توکي هنن خلاف شاهد طور آڻينداسون.

معتبر تفسيرن ۾ هتي هٰؤلاءِ مان مراد انبياء ڪرام علیہم السلام بہ آهن تہ امت مصطفوي بہ آهي. يعني قيامت جي ڏينهن حضور ﷺ جن

پنهنجي امت جي احوال جي (فردًا فردًا) گواهي ڏيندا. وقيل الاشارة اِلیٰ جَمِيۡع اُمَّتِہٖ. يعني هتي پوري امت مراد آهي.

- ان جي تائيد ۾ حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمة الله تعالیٰ عليه حضرت سعيد بن مُسيّب رحمة الله تعالیٰ عليه کان هي قول نقل ڪيو آهي:

لَيۡسَ مِنۡ يَّوۡمٍ اِلَّا تُعۡرَضُ عَلَی النَّبِیِّ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ اُمَّتُهٗ غُدۡوَّةً وَّ عَشِيَّةً فَيَعۡرِفُهُمۡ بِسِيۡمَاهُمۡ وَاَعۡمَالِهِمۡ فَلِذَالِكَ يَشۡهَدُ عَلَيۡهِمۡ (القرطبي)

ترجمو: حضور صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جي حضور هر صبح هر شام سندن امت پيش ڪئي وڃي ٿي. حضور صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن پنهنجي هر امتيءَ جو چهرو ۽ سندس اعمال ڪي سڃاڻن ٿا ۽ انهيءَ (مشاهدي واري) علم ڪامل جي ڪري حضور صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم قيامت جي ڏينهن پنهنجي هر امتيءَ جا گواهه هوندا. (ضياءُ القرآن: ج۲ ص۳۵۰)

هي ڏاڍو نازڪ ۽ نفيس معاملو آهي. هن تي رڳو اهڙن اهل دل، اهل علم احباب جو معلوماتي مطالعو هئڻ گهرجي، جيڪي حقيقت محمديه جي ڄاڻ ۽ ان ڪان پاڻ ڪي واقف رکڻ جو محبت پريو جذبو ۽ جنون رکن ٿا. باقي حضرات ڪي هن ادب جي مقام تي وڪ وڌائڻ نه گهرجي.

معلوم هئڻ گهرجي ته حقيقت انسانيءَ جو اصل ”حقيقت محمدي“ آهي. حق تعالیٰ سڀ ڪان اول پهريون پهريون تنزل وحدت يعني حقيقت محمدي ۾ ڪرڻ فرمايو.

اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوۡرِیۡ وَخَلَقَ كُلَّ شَیۡءٍ مِّنۡ نُّوۡرِیۡ

ترجمو: سڀ ڪان پهريان جيڪا شيءِ حق تعالیٰ پدا ڪرڻ فرمائي، اهو منهنجو نور هيو ۽ منهنجي نور مان هر شيءِ پيدا ڪرڻ فرمائي.

- اهو به فرمايو ته:

كُنْتُ نَبِيًّا وَ آدَمُ بَيْنَ الْمَآءِ وَ الطِّيْنِ

ترجمو: آءٌ نبي هئس جڏهن آدم (عليه السلام) اجان پاڻي ۽ مٽيءَ ۾ هيو.

نڪا کن فيڪون هئي نڪو لڳ لحم
ٻڌيو هو نه بت ۾ اڃا ڪي آدم
مون توهي سين سڱ اها ساڃاهه سپرين

***

نڪا کن فيڪون هئي نڪا مورت ماهه
نڪا سُڌ ثواب جي نڪو غرض گناهه
هيڪائي هيڪ هئي وحدانيت واهه
لڪائين لطيف چئي اُت ڳجهه اندر ڳاهه
اکين ۽ ارواح اها ساڃاهه سپرين

پاڻ تخليق ۾ سڀ کان اول ۽ ظهور ۾ سڀ کان آخر آهن.

- هڪ حديث شريف آهي:

كُنْتُ اَوَّلَ النَّبِيِّيْنَ فِي الْخَلْقِ وَآخِرُهُمْ فِي الْبَعْثِ

(ابن ڪثير: البداية والنهاية ٢/٢٩٨)

ترجمو: پيدائش جي لحاظ کان آءٌ سڀ کان اول ۽ بعثت جي لحاظ کان سڀ کان آخر ۾ آهيان.

پنهنجي اصل حقيقت جي لحاظ سان پاڻ ڪريمن ﷺ جي ذات پاڪ عليه التّحيّة والسلام خلق اول، تعيّن اول، برزخ ڪبرىٰ ۽ ظهور ۽ بطون جي درميان رابطو آهن. پاڻ ﷺ الله تبارڪ و تعالىٰ جو

اهو نور آهي، جيڪو سڀ کان اول ذوفشان ٿيو ۽ جنهن مان پوري ڪائنات جي تخليق ٿي. پاڻ ڪريمن ﷺ تمام ڪائنات جو اصل آهن ۽ پاڻ ڪريم ﷺ ئي خلاصة الموجودات آهن. پاڻ ئي جانِ عالم آهن ۽ جن اسماء ۽صفات جو هن ڪائنات ۾ تفصيلي ظهور آهي، ان جو اجمال سندن ذات گرامي آهي. پاڻ ڪريم ﷺ الله تعالىٰ جو اهو نور مبارڪ آهن، جيڪو اسماء ۽ صفات جي ظهور کان اڳ چمڪيو ۽ سندن نور نبوت مان ئي تمام ڪائنات انبياء، ارواح جو وجود صورتگر ٿيو. چنانچه انهيءَ نور مان سج، چنڊ، تارا، ڪتيون روشن ٿيا. انهيءَ نور مان عرش، ڪرسي ۽ لوح و قلم کي قيام مليو ۽ انهيءَ نور مان آسمان کي روشن ڪيو ويو ۽ انهيءَ نور مان زمين وڇائي وئي ۽ ان کي آباد ڪيو ويو. اهوئي نور رباني آدم عليه السلام جي قلب ۾ امانت طور آيو ۽ منتقل ٿيندي ٿيندي، آمنه جي افق تان درخشان ۽ تابان ٿيو.

الَّذِیۡ یَرٰىكَ حِیۡنَ تَقُوۡمُ ﴿۲۱۸﴾ وَ تَقَلُّبَكَ فِی السّٰجِدِیۡنَ ﴿۲۱۹﴾

(سورة الشعراء: آيت ٢١٨- ٢١٩)

ترجمو: جيڪو توکي ڏسي ٿو جڏهن تون بيهين ٿو ۽ سجدو ڪرڻ وارن ۾ تنهنجي ڦرڻ کي به.

تَقَلّب جو تفسير بعض تفاسير موجب ۽ ابونعيم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما هن جو به مفهوم نقل ڪيو آهي ته تقلّب مان مراد تنقّل في الاصلاب آهي. يعني پاڻ ڪريمن ﷺ جو نور حضرت آدم عليه السلام کان يڪي بعد ديگري سندس ابن ڏاڏن جي پشت مبارڪ ۾ منتقل ٿيندو آيو.

- علامه آلوسي رحمة الله عليه لکن ٿا:

وَجَوَّزَ حَمْلُ التَّقَلُّبِ عَلَى التَّنَقُّلِ فِي الْاَصْلَابِ اَنْ يُّرَادَ بِالسَّاجِدِيْنَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاسْتِدْلَالُ بِالْاٰيَةِ عَلٰى اِيْمَانِ اَبَوَيْهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَمَا ذَهَبَ اِلَيْهِ كَثِيْرٌ مِّنْ اَجِلّهِ اَهْلُ السُّنَّةِ

ترجمو: تقلّب مان پشت در پشت جو تنقّل آهي ۽ ساجدين مان مراد مؤمنين آهي، جنهن مان آنحضرت ﷺ جي وڏڙن ابن ڏاڏن جي ايمان تي هجڻ جو دليل آهي. اهوئي اهل سنت جي اڪثر علماءِ ۽ اهل علم جو مذهب آهي.

جهڙيءَ طرح الله تبارڪ وتعالیٰ هن نور مان عالم روحاني جو ابداع ڪيو، اهڙيءَ طرح هن نور سان عالم جسمانيءَ کي مجسّم فرمايو. گويا هي نور نبوي ابتدا کان انجنيئر جي دل جو نقشو هيو، جو آخر ۾ مثال ان آخري سِر جي ظاهر ٿيو، جنهن سان مڪان جي تعمير ختم ٿي وئي. جڏهن هو نور هيڪل جسمانيءَ ۾ ظاهر ٿيو ۽ مڪان جي آخري سِر جي حيثيت ۾ باقي ٻين سِرن سان ملي رسالت ۽ نبوت جي سلسلي جو اختتام ڪيو، جيڪو انسانن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ سندن ئي صورت ۾ خداوند جي هن قول مطابق ظهور پذير ٿيو.

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ (الڪهف: ١٨/١١٠)

ترجمو: منهنجا پيارا حبيب! تون پنهنجي قوم کي ٻڌاءِ تہ مان اوهان وانگر بشر آهيان.

گويا هڪ آفتاب (نور) هيو، جيڪو ڪڪرن (ابر) جي اوٽ ۾ ظهور پذير ٿيو تان تہ ڏسڻ وارن لاءِ هن جو ڏسڻ آسان ٿي وڃي. سمورا

اسماء ۽ صفات هڪ جامع اسم ”الله“ ۾ مجتمع ٿي صورت بشري ۾ ظاهر ٿيا تہ جيئن ڏسڻ وارا ان کي ڏسي سگهن ۽ پنهنجي مراد ماڻي سگهن، پر هن جي ڏسڻ جو حق صرف اهي ئي ادا ڪري سگهن ٿا جن جي نظر پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ٻنهي صورتن (جهتن) تي هجي، ڇوتہ حضور ﷺ جن جون ٻہ جهتون آهن. هڪ جهت سندن حقيقت سان تعلق رکي ٿي (يعني حقيقت محمديه) ۽ سندن ٻي جهت (صفت) بشريت سان واسطو رکي ٿي. جنهن بہ رڳو سندن هڪ جهت (صفت) تي نظر رکي ۽ سندن ٻي جهت (حقيقت محمديه) کي نہ سڃاتو تہ انهن پاڻ ڪريمن ﷺ کي نہ ڏٺو ۽ اهي الله تعالىٰ جي هن تنبيه ۽ ڦٽڪار ۾ اچي ويا:

وَتَرٰىهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٩٨﴾ (الاعراف: ١٩٨/٧)

ترجمو: ۽ اوهان هنن کي ڏسي رهيا آهيو تہ هو اوهان ڏانهن نهاري رهيا آهن، پر هو ڪجھ ڏسي نٿا سگهن. يعني هو اوهان جي اصل حقيقت کان ناواقف ۽ نادان آهن.

خود باري تعالىٰ عزوجل پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي جهت اولىٰ کي مدنظر رکندي چيو آهي:

- لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٢﴾ (الحجر: ١٥/٧٢)

ترجمو: تنهنجي (پاڪيزه) زندگيءَ جو قسم آهي تہ اهي پنهنجي بيهوشيءَ ۾ انڌا ٿي رهيا آهن.

- اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣﴾ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤﴾ (يس: ٢-٣)

ترجمو: بيشڪ تون رسولن مان آهين. سڌيءَ واٽ تي.

• وَ اِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۲﴾ (الشوریٰ: ۵۳)

ترجمو: بيشڪ تون سڌي راهه تي هلڻ جو ڏس ڏئين ٿو.

هتي مختصرًا اهو به عرض ڪريان ته جڏهن باري تعالىٰ زمين تي پنهنجي خليفي مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته هن هر دؤر ۾ ان دور جي ماڻهن جي استعداد حالتن ۽ ضرورتن مطابق خليفي (نبي يا رسول) جو انتخاب ڪيو ته جيئن ان وقت جا ماڻهو ان جي ذريعي اصلاحي عمل ۾ حصو وٺي سگهن ۽ نبي ۽ رسول پنهنجو هدايت ۽ رهبريءَ وارو منصب ادا ڪري سگهن. اهو سلسلو حضرت آدم عليه السلام کان هلندو حضرت نوح ۽، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام کان ٿيندو جڏهن انسانيت پنهنجي بلوغت تي پهتي ۽ تهذيب و تمدن واسطا ۽ وسائل ترقيءَ طرف وڌڻ لڳا ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ذات مبارڪ يعني حقيقت محمديه جو نور، صفت بشريت جي صورت ۾ باقي رهندڙ دنيا لاءِ سراج منير بڻجي ذوفشان ٿيو ۽ جنهن جي روشني ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ظهور پذير ٿي.

لباسِ بوالبشر پوشيده مسجودِ ملک گشتم
بتصويرِ محمد حامد و محمود بود استم
گهی ادريس گاهی شيث گاهی نوح گه يونس
گهی يوسف گهی يعقوب گاهی هود بودستم
گهی صالح گهی ابراهم گه اسحاق گه يحیٰ
گهی عيسیٰ گهی موسیٰ گهی داؤد بودستم

ترجمو: آءٌ (آدم عليه السلام) ابوالبشر جو لباس پائي فرشتن جي لاءِ سجده

ڪرڻ جو سبب بڻيس. ڪڏهن ادريس، ڪڏهن شيث ته ڪڏهن يونس سڏجڻ لڳس. ڪڏهن يوسف ته ڪڏهن يعقوب ته ڪڏهن هود ٿي نروار ٿيس. وري ڪڏهن صالح ڪڏهن ابراهيم، ڪڏهن اسحاق ڪڏهن يحيىٰ ڪڏهن عيسىٰ، ڪڏهن موسىٰ، ڪڏهن داؤد (عليهم السلام) سڏجڻ لڳس.

هاڻي هتي جيڪڏهن شخصيات ۽ تعينات جو اعتبار ڪنداسون ته هي سڀ الڳ الڳ نظر ايندا، پر جيڪڏهن انهن جي اصل حقيقت کي ڏسنداسون ته ڪين متحد ۽ وحدت جي لڙهي ۾ هڪ نظر ايندا ۽ دل تصديق ڪندي ته:

لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۟ (البقره: ۲/۲۸۵)

ترجمو: اسان هنن رسولن ۾ ڪابه تفريق يا عليحدگي نٿا ڏسون. (بلڪ سمورا انبياءِ ۽ رسول هڪ وحدت ۾ جڙيل آهن.)

تڏهن ته نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي:

اَلْاَنْبِيَآءُ اَوْلَادُ عَلَّاتٍ اُمَّهَاتُهُمْ شَتّٰى وَ دِيْنُهُمْ وَاحِدٌ

(صحيح بخاري: ڪتاب الانبياءِ)

ترجمو: تمام نبين جي جماعت پاڻ ۾ پيءُ شريڪ (اولاد علّات) آهن. انهن جون والده الڳ الڳ پر دين هڪ آهي.

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۟ (آل عمران: ۱۹)

ترجمو: الله جو دين صرف اسلام ئي آهي.

سمورا انبياء ڪرام انهيءَ هڪ دين اسلام جا پرچارڪ هيا ۽ مسلم هيا. سيني نبين ۽ رسولن عليهم السلام انهيءَ هڪ دين اسلام بابت

تبليغ ڪئي، توڙي ڪٺي جو وقت وقت جي مناسبت سان سندن شريعت ۾ فرق رهيو آهي، پر سڀني جي منزلِ مقصود هڪ رهي آهي.

معلوم هئڻ گهرجي تہ هيستائين حقيقت محمديه بابت آيات ڪتاب مبين، احاديث رسولِ امين ﷺ ۽ اقوال ۽ ڪشف ڪمال اهل دل و اهل يقين جي روشنيءَ ۾ تفصيلي بحث ٿي گذريو آهي. هينئر صاحبِ دل ۽ صاحب ڪمال اصحاب تصوّف، جن ۾ حضرت مولانا نورالدين عبدالرحمٰن جامي جو اعليٰ مقام آهي، ان جي ڪتاب ”لوائح جامي“ جي بيان مان حقيقت محمديه جو ذڪر ڪري، اصل حقيقت ڪان آگاهہ ڪجي ٿو، جنهن مطابق حقيقت محمديه جو تعلق، مراتبِ وجود (حق) يعني تنزلاتِ ستّه سان آهي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

هن ڪائنات جي ظهور ڪان اڳ فقط ذاتِ باري تعاليٰ يا وجود حق هيو ۽ ٻي ڪابہ شيءِ موجود نہ هئي.

ڪَانَ اللّٰهُ وَلَمْ يَكُ شَيْئًا

ترجمو: اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ ذاتِ احديت ۾ هيو ۽ ان سان ڪابہ ٻي شيءِ موجود نہ هئي.

هن مقام تي ذات حق جو نہ ڪوئي نانءُ آهي، نہ طرف، نہ سمت، نہ اشارو، نہ رنگ و بو، خالص ذات ئي ذات آهي. هي تنزيهہ جو مقام آهي، جيڪو تمام تقيّدات، تعيّنات ڪان مُنزّہ ۽ مُعرّيٰ آهي. هن حالت کي ”مرتبهِ احديت“ يا ”لاتعيّن“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هي اهو مقام آهي، جيڪو ڪائنات، ارواح، نفوس، ملائڪه وغيرها جي تخليق ۽ وجود ۾ اچڻ ڪان اڳ جو آهي. هن کي ذات، بحت، ذات سازج ازل الازال مرتبهِ هُوِيّت غيب الغيوب جي نالن سان بہ سڏيو وڃي ٿو. جڏهن اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ گهريو تہ سندس حسن وجمال هويدا ٿئي ۽ هن حسن

ازلي سان محبت جو اظهار ڪيو وڃي ته هن ڪائنات کي پيدا ڪيو.

ڪُنْتُ ڪَنْزًا مَّخْفِيًّا فَاَحْبَبْتُ اَنْ اُظْهَرَ فَخَلَقْتُ الْخَلْقَ

ترجمو: مان هڪ مخفي خزانو هيس، پوءِ مون پنهنجي بطون (ڳجهه) کي ظهور ۾ آڻڻ پسند فرمايو ۽ مون هي مخلوق پيدا ڪئي.

جنهن جو ظهور ڇهن مراتب يا مراحل ۾ ٿيو، جن کي ”مراتبِ وجودِ تنزّلاتِ ستّه“ سڏيو وڃي ٿو. قرآن حڪيم ۾ حق باري تعالىٰ جو هيءُ فرمان آهي ته مون ڪائنات کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو آهي. انهن ڇهن ڏينهن مان اسان جا هي هاڻوڪا چوويهن ڪلاڪن وارا رات ڏينهن مراد نه آهن، ڇوته اسان جا هي ڏينهن ته سج جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ وجود ۾ آيا آهن، ان ڪري انهن ڏينهن (ايام) مان تخليق ڪائنات جون اهي ڇهه منزلون مراد آهن، جن کي عرفِ عام ۾ تنزلاتِ ستّه (ڇهه تنزلات، ڇهه تعيّنات، ڇهه اعتبارات) سڏيو وڃي ٿو.

جتي عرش نه اُپ، زمين ناه ذرو،
نڪو چارو چنڊ جو نڪو سج سرو
اتي آديسين جو لڳو دڳ درو،
پري پين پرو ناٿ ڏنائون ناهه ۾

(شاهه لطيف)

تنزّلاتِ سته هي اهي ڇهه تجلّيات آهن، جن سان ذات وجود پنهنجي مرتبي وراءُ الوراءِ جنهن کي احديت ۽ لاتعيّن به سڏجي ٿو، مان علي الترتيب نزول فرمائي، هن باغ و بهار ڪائنات جي گلشن آرائي ڪرڻ فرمائي. اهي تنزلات جا ڏاڪا جن تي ذات حق نزول ڪرڻ فرمايو، انهن کي علم روحانيت جي اصطلاح ۾ ڪڏهن تنزلات

ڪٿهن تعيّنات، ڪٿهن تجلّيات، ڪٿهن تقيّدات ۽ ڪٿهن اعتبارات جي نالن سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

معلوم هئڻ گهرجي تہ هتي تنزلات (نزول فرمائڻ) پنهنجي اصطلاحي لغوي معنيٰ کان هٽيل آهي، ڇوتہ لغت ۾ نزول جي معنيٰ آهي مٿي کان هيٺ اچڻ، مگر تصوّف ۾ تنزل جي اها معنيٰ مراد ناهي، ڇوتہ وجود حق جيڪو هيو، اهوئي رهيو، ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي، تغيّر يا ڪمي بيشي ڪانہ آئي.

كَانَ اللّٰهُ كَمَا كَانَ

ترجمو: اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ جو هيو، اهوئي رهيو ۽ اهوئي آهي.

كَانَ اللّٰهُ وَلَمْ يَكُ شَيْئًا

ترجمو: اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ ذاتِ احديت ۾ هيو ۽ ان سان ڪابہ ٻي شيءِ موجود نہ هئي.

اَلْآنَ كَمَا كَانَ

ترجمو: هينئر بہ اهوئي آهي، جيڪو اصل هيو.

سندس ذات احديت جهڙيءَ طرح ڪائنات جي وجود کان اڳ هر شيءِ کان مُنزّه ۽ مُبرّا هئي، اڄ بہ آهي. هي سمورا موجودات اعتباري ۽ اضافي آهن. حقيقي نہ آهن ۽ هي تنزّلات يعني هن ڇهہ مراحل تجلّيات رباني کي ستة ايام يعني ڇهہ ڏينهن ان ڪري چيو ويو آهي، جو ڏينهن بہ آفتاب جي تجلي جو ظهور آهي ۽ اهي ڇهہ مراحل بہ تجليات رباني جا درجہ بدرجہ ظهور آهن. اصل وجود اللّٰہ تعاليٰ جو وجود آهي، جيڪو حقيقي وجود آهي، باقي مرحليوار سندس تجليات

مان پيدا ٿيندڙ شين (تمام اشياءِ عالم) جو وجود اضافي ۽ عارضي آهي، جيڪو وجود باري تعاليٰ جو پرتوو يا عڪس آهي ۽ سندس ذاتي وجود کان مبرّا آهي. حديث شريف ۾ اچي ٿو:

اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوْرِیْ وَخُلِقَ كُلُّ شَیْءٍ مِّنْ نُّوْرِیْ

ترجمو: سڀ کان پهريائين الله تعاليٰ منهنجو نور پيدا ڪيو ۽ پوءِ منهنجي نور مان هر شيءِ پيدا ڪرڻ فرمائي.

يعني هن ڪائنات جي هر شيءِ جو وجود حضور ﷺ جن جي نوري وجود مسعود جو مرهونِ منت آهي. هتان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ارض و سماوات، عرش و ڪرسي ۽ لوح و قلم ۾ اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي نور نبوت واري تجلي ۽ روشنيءَ کان خالي آهي. ان ڪري حديث پاڪ جي انهيءَ ارشاد ته ”سڀ کان اول جيڪو الله تعاليٰ پيدا ڪيو، اهو منهنجو نور هيو“ مان دراصل مراد حقيقت محمديه ئي آهي. قارئين ۽ سامعين حضرات اسان هينئر پنهنجي موضوع جي نهايت نازڪ باريڪ ۽ اهم ترين مقام تي پهچي رهيا آهيون، جنهن لاءِ پوري توجه، يڪسوئي ۽ حاضر دماغيءَ سان گڏ ذهني، قلبي ۽ روحاني قوتن جي ضرورت رهندي.

مرتبه اول جي بيان بعد مرتبه دوم ۾ تجلّي اول يا تعيّن اول خالص وحدت (رڳو وحدت) ۽ خالص قابليت (محض قابليت) ئي آهي ۽ اها قابليت ٻن قسمن جي قابليت تي مشتمل آهي. هڪ اهڙي قابليت، جيڪا تمام اسماء ۽ صفات کان مبرّا (پاڪ صاف) هجڻ جي قابليت آهي ۽ ٻي اهڙي قابليت جيڪا تمام اسماء صفات سان متصف هجڻ واري قابليت آهي. پهرئين قسم جي قابليت يا پهرئين مرتبي (درجي) جو نانءُ احديت آهي، جنهن جو خاصو بطون، اوليت، ازليت آهي يعني

ذات حق ازل کان هئي، مخفي هئي ۽ تعينات ۽ تقيّدات جي سمورين صورتن کان پاڪ هئي. پوءِ جڏهن اها ذات احديت اسماءِ ۽ صفات سان متصف ٿي تہ ان جو نالو واحديت ٿي ويو. جنهن جو خاصو آهي ظهور آخريت ۽ ابديتِ مقام واحديت جا مختلف اعتبارات آهن.

هاڻي هتي جيڪڏهن تعين اول کي دائرو تصور ڪجي تہ ان جي قوس بالا (مٿيون قوس) جو تعلق احديت سان آهي تہ قوس زيرين (هيٺيون قوس) جو تعلق واحديت سان آهي ۽ وحدت ٻنهي ۾ حد فاصل آهي. هتي وحدت يعني تعين اول (حقيقت محمديه) ۾ احديت ۽ واحديت ٻئي شامل آهن. احديت باطن آهي (مرتبه اول) ۽ واحديت (حقيقت انساني) ظاهر. جيڪو ڪجهہ احديت ۾ باطن هيو، اهو واحديت ۾ اجمالاً ظاهر ٿيو. احديت ذات (ذات حق) جو نالو آهي ۽ واحديت صفات جو. ذات باطن آهي ۽ صفات ظاهر. وحدت ٻنهي ۾ حد فاصل ۽ ٻنهي کي جامع آهي. قاب قوسين اهو مقام اتصال آهي، جتي احديت ۽ واحديت جي ٻن قوسن ۾ امتياز پيدا ٿئي ٿو ۽ اها پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي قبل فنا في الله شهود وجدان واري معراج جي صورت آهي. پر او ادنیٰ سان امتياز جي هتي وڃڻ بعد ٻئي قوس ذات (ذات حق) جي تجليءَ جي غلبي سبب ملي هڪ ٿي ويون ۽ حصول فنا في الله کان بقا بالله ٿي ويو. اهڙيءَ طرح قاب قوسين او ادنیٰ جو مقام معراج حاصل ٿي ويو.

ياد رکڻ گهرجي تہ تعين اول کي تجلي اول ان ڪري چوندا آهن، جو هتي وجود (وجودِ حق) جو پهريون پهريون ظهور آهي ۽ دراصل اهائي حقيقت محمديه آهي. هن کي تعين اول، تنزل اول، برزخ البرازخ، وحدت مقامِ او ادنیٰ، اطلاق عالم جبروت ۽ عالمِ صفات بہ سڏبو آهي، ڇوتہ فقط سندن ذات گرامي ئي تجلي اول جي حامل آهي

۽ ڪائنات جي ٻيءَ ڪنهن به مخلوقات ۾ تجلي ذات جي ظهور جي استطاعت ۽ قوت برداشت نه آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَ اَهْلِ بَيْتِهٖ اَجْمَعِيْنَ

ڪاتب لکن جيئن لايو لام الف سين
سان پڻ سڄڻ تيئن رهيو آهيم روح ۾

(شاهه لطيف)

الله ڪارو اوجهرو محمد نور نبات

(گرهوڙي)

عجب جهڙي آهه حقيقت حبيب جي
نڪي چئبو سو ڏٺي نڪي مخلوقا
شفق جي ساجاهه جا ملي ليل و نهار ڪي.

(شاهه لطيف)

حضرت پٽائي رحمة الله تعالیٰ عليه به چوي ٿو ته منهنجي حبيب جي حقيقت يعني حقيقت محمدي به عجيب آهي. هو معبود به ناهي ته وري باقي ٻيءَ مخلوقات وانگر سندس تخليق (پيدائش) به نه آهي (جهڙيءَ طرح هن کان اڳ امام رباني مجدد الف ثاني ۽ مهر علي شاهه صاحب جن جا قول بيان ٿي چڪا آهن) حضور صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن جي حقيقت شفق وانگر آهي، جيڪا رات ۽ ڏينهن جو ميلاپ آهي. گويا پاڻ ڪريم صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن احديت ۽ واحديت جو ميلاپ وحدت آهن.

احد احمد هڪ وچان ميم فرق
آهي مستغرق عالم انهيءَ ڳالهه ۾

(پٽائي گهوٽ)

هاڻي مرتبه سوم يعني ٽئين مرتبي (تجلي دوم) ۾ ڏسنداسون ته قوس بالا ۾ وحدت ۽ قوس زيرين ۾ ڪثرت ۽ حد فاصل يا برزخ حقيقت آدم يا حقيقت انسانيه آهي جيڪا خلاصه ڪائنات آهي. معلوم هئڻ گهرجي ته جيڪي ڪجهه تعين اول (مرتبه دوم) ۾ هيو، اهوئي تعين ثاني ۾ آهي. فقط اجمال ۽ تفصيل، بطون ۽ ظهور جو فرق آهي. ان ڪري ڪائنات کي عالمِ ڪبير (Macrusosm) ۽ انسان کي عالمِ صغير (Microcosm) سڏيو ويندو آهي، جتي مقام واحديت جو ذڪر اچي ٿو، ان مان مراد تجلي ثاني يا تعين ثاني آهي، جنهن جو مقصد آهي حقيقت انسانيت. مراتب وجود ۾ پهريون تنزل اجمالي آهي ۽ ٻيو تنزل تفصيلي آهي. هن تفصيل، صورت انساني ۾ وري اجمال اختيار ڪيو آهي، جنهن کي تفصيل بعد اجمال چوندا آهن.

**مرتبه چهارم:** چوٿون مرتبو عالمِ ارواح جو آهي، جنهن ۾ عقول يعني ملائڪ ۽ نفوس يعني ارواح انساني شامل آهن. هي اهو عالم آهي، جڏهن الله تبارڪ و تعالىٰ ارواح ۽ عقول کان عهد ۽ اقرار ورتو هو.

الست بربکم جڏهن ڪن پيوم
قالوا بلىٰ قلب سين تڏهن تت چيوم
تهين وير ڪيوم وچن ويڙهچن سين

(ڀٽائي گهوٽ)

**مرتبه پنجون:** يعني پنجون مرتبو عالمِ مثال آهي. هي هڪ لطيف جهان آهي. عالمِ ارواح ۽ عالمِ ناسوت جي وچ ۾. يعني جيڪو ڪجهه عالمِ ناسوت (هن ڪائنات) ۾ موجود آهي، اهو عالمِ مثال ۾ به موجود آهي، پر نهايت لطيف صورت ۾. گويا عالم مثال، عالمِ

ارواح ۽ عالمِ ناسوت جي وچ ۾ برزخ آهي. عالمِ ناسوت ۾ هر شيءِ ظاهر ۽ موجود آهي ۽ عالمِ مثال ۾ اها شيءِ لطيف صورت ۾ موجود آهي.

**مرتبه ششم:** يعني ڇهون مرتبو. هي عالمِ اجسام آهي، جنهن کي عالمِ ناسوت ۽ عالمِ شهادت يا ڪائنات جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ وجود (وجودِ حق/ ذات باري تعاليٰ) جا هي سمورا اعتبارات، مراتب، دراصل ان ذات واحد جون مختلف ڇهن مرحلن ۾ تجليات رونما ٿيون آهن، پر ذات حق جهڙيءَ طرح شروع ۾ هئي، انهيءَ ساڳيءَ طرح كَانَ اللهُ كَمَا كَانَ يا كَانَ اللهُ وَلَمْ يَكُ شَيْئًا يا اَلْآنَ كَمَا كَانَ جي شان سان موجود آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي بيشي نہ آئي آهي. باقي پهرين تجليءَ جو ظهور وحدت ۾ ٿيو، جيڪا برزخ، حد فاصل يا جامع آهي احديت ۽ واحديت جي. احديت ذات حق آهي ۽ واحديت صفات ۽ وحدت يعني حقيقت محمديه ۾ صفات ۽ ذات ٻئي آهن. هتي صفات اجمالي طرح آهي، ان ڪري تجلي ثاني جي ضرورت ٿي تہ حقيقت محمديہ (اجمال) تفصيل حقيقتِ انسانيت ۾ اچي ۽ وري اجمالي صورت اختيار ڪري.

معلوم هئڻ گهرجي تہ انسان عالمِ صغير آهي ۽ ڪائنات عالمِ ڪبير. يعني ڪائنات ۾ تفصيل آهي ۽ انسان ۾ اجمال. حقيقت محمديءَ ۾ جو اجمال آهي، اهو اجمال تفصيل کان اڳ جو آهي ۽ حقيقت انساني ۾ جو اجمال آهي، اهو تفصيل کان بعد جو اجمال آهي. هي اجمال ثاني، تجلي آهي، پرتو يا ظل آهي اجمال اول جو. گويا حقيقت محمدي بنياد (جڙ) آهي حقيقت انسان جو ۽ اها حقيقت

انساني ڪان اعلىٰ ارفع آهي. آدم عليه السلام ۾ ظاهري طرح حضرت الوجوب والامڪان ٻئي جمع ٿيا، مگر حقيقت ۾ اهو اجتماع تعين اول وقت حقيقت محمديه ۾ تخليق آدم ڪان اڳ واقع ٿي چڪو هيو. هاڻي جيستائين انسان جو وجود قائم آهي ته هن ڪائنات جو قيام به يقيني آهي، ڇوته انسان هن ڪائنات جو روح آهي. جيستائين روح سلامت آهي ته جسم به سلامت رهندو ۽ روح جي وڃڻ بعد جسم ختم ٿي ويندو. ڪائنات جو روح انسان ۽ انسان جو روح حقيقت محمديه آهي ۽ حقيقت محمديه جي اصليت ۽ حقيقت ۽ سڀ ڪجهه ذات حق يا ذات بلا تعيّن ۽ بلا نشان آهي، جيڪا سمورن اعتبارات تعينات ۽ تفصيلات ڪان ماوراءِ آهي.

لامکان اندر مکان کرده مکان

بي نشان گشته مقيد در نشان

ترجمو: لامڪان، مڪان ۾ مڪان ڪيو آهي ۽ بي نشان ذات نشان ۾ اچي وئي آهي.

# شرح

# لوائح جامي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ

حضرت مولانا نورالدین

عبدالرحمن جامي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ

# فهرست


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 132 | ديباچو لوائح جامي |
| 142 | پهريون لائح: هڪ دل هڪ دوست |
| 143 | ٻيو لائح: تَفَرقه و جَمُعِيَّت |
| 147 | ٽيون لائح: حق هرجا حاضر |
| 150 | چوٿون لائح: جز حق سڀ فاني |
| 154 | پنجون لائح: اصل جمال و ڪمال حق تعالیٰ |
| 157 | ڇهون لائح: جهڙو سنگ تهڙو رنگ |
| 162 | ستون لائح: دست بڪار دل بيار |
| 164 | اٺون لائح: دنياداري کان دوري |
| 166 | نائون لائح: فناءُ الفناءِ |
| 169 | ڏهون لائح: تـوحـيـد |
| 170 | يارهون لائح: هوا و هوس کان نجات |
| 172 | ٻارهون لائح: عشق اُلهي جو نشو |
| 173 | تيرهون لائح: ذات حق هڪ حقيقت |
| 176 | چوڏهون لائح: وجود فقط هڪ آهي |
| 178 | پندرهون لائح: حق ۽ صفات حق |
| 180 | سورهون لائح: حق بذاتهٖ هڪ آهي |
| 183 | سترهون لائح: احديت ۽ واحديت |
| 190 | ارڙهون لائح: جوهر ۽ عرض |
| 194 | اڻويهون لائح: خالق ۽ مخلوق ۾ باهمي تعلق (صفات و موصوف) |

| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 196 | ويهون لائح: مظاهرۦ اعتبارات |
| 198 | ايڪيهون لائح: مطلق ۽ مقيّد جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو |
| 204 | ٻاويهون لائح: وجود و اعتبارات وجود |
| 207 | ٽيويهون لائح: موجودات ۾ وجود جو ظهور |
| 208 | چوويهون لائح: وجود ۽ ان جا مرتبا |
| 219 | پنجويهون لائح: وحدت ڪثرت ڪُلّ |
| 224 | ڇويهون لائح: ڪل يوم هو في شان |
| 239 | ستاويهون لائح: اعتبارات عدم محض آهن |
| 244 | اٺاويهون لائح: هستي ۽ عالمِ هست |
| 245 | اوڻٽيهون لائح: اصل فاعل ذات حق آهي |
| 249 | ٽيهون لائح: خير و شر |
| 252 | ايڪٽيهون لائح: وجود جي صفت علم |
| 256 | ٻٽيهون لائح: ذات حقيقي ۽ صفات |
| 258 | ٽيٽيهون لائح: ذات ۽ آثارِ ذات |
| 260 | چوٽيهون لائح: تجليٰ ذات ۽ تجليٰ صفات |
| 264 | خاتمه |
| 271 | مددي ڪتاب |

# ديباچو لوائح جامي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اِلٰهِيۡ لَآ اُحۡصِيۡ ثَنَآءً عَلَيۡكَ كَيۡفَ وَ كُلُّ ثَنَآءٍ يَّعُوۡدُ اِلَيۡكَ جَلَّ عَنۡ ثَنَآئِيۡ جَنَابَ قُدُسِكَ اَنۡتَ كَمَآ اَثۡنَيۡتَ عَلٰى نَفۡسِكَ.

**ترجمو:** يا الٰهي مان تنهنجي پوري حمد و ثنا ڪرڻ جي قابل ئي نہ آهيان ۽ تنهنجي ڪما حقه ثنا ٿي بہ نٿي سگهي. تمام ساراهہ رڳو توکي ئي سونهي ٿي. تنهنجي ذات اقدس منهنجي ثنا کان گهڻو بلند بالا تر آهي. بس تون اهوئي آهين جهڙي طرح تو پاڻ پنهنجي ثنا ڪئي آهي.

**متن:** خداوندا سپاس تو بر زبان نمی آریم، و ستایش تو بر تو نمی شماریم، هر چند در صحایف کاینات از جنس اثنیه و محامد است، همه بجناب عظمت و کبریای تو عاید است، از دست و زبان ما چه آید که سپاس و ستائش ترا شاید تو چنانی که خود گفتۂی، و گوهر ثنای تو آنست که خود سفتۂ.

**ترجمو:** خداوندا! تنهنجو شڪريو ادا ڪرڻ کان اسان جي زبان قاصر آهي. تنهنجي حمد و ثنا هر بيان کان بي بيان آهي. هن ڪائنات جي ورق ورق ۾ جيڪا بہ ۽ جيتري بہ حمد و ثنا ۽ ساراهہ موجود آهي، اها سڀ جي سڀ تنهنجي بزرگي ۽ ڪبريائي جو اهڃاڻ آهي. اسان جي زبان ۽ قلم کي ڪهڙي مجال جو تنهنجي لائق تنهنجي تعريف ۽ شڪريو ادا ڪري سگهن. تنهنجي ذات اهائي آهي جو تو پاڻ بيان

ڪئي آهي ۽ تنهنجي ثنا ۽ تعريف جا موتي اهي ئي آهن جيڪي توپاڻ پنهنجي جلال ۽ شان جي مالها ۾ پوتا آهن.

## رباعي

آنجا که کمال کبریائی تو بود
عالم نمی از بحر عطای تو بود
مارا چه حد حمد و ثنای تو بود
هم حمد و ثنای تو سزای تو بود

**منظوم ترجمو:**

بيان ٿيندو نہ شانِ ڪبريائي
جهان، بحرِ عطا جي آ گواهي
ثنا تنهنجي نہ ٿي سگهندي اسان کان
تون پنهنجو پاڻ ئي پنهنجو ثنائي

**نثري ترجمو:** خداوندا! تنهنجي بزرگي ۽ ڪبريائيءَ جو اهو شان آهي، جو هي عالمِ رنگ و بو تنهنجي بحرِ بيڪران جي عطا ۽ بخشش جو قطرو يا نم (رطوبت) آهي. اسان کي ڪهڙي طاقت آهي جو تنهنجي حمد و ثنا ڪري سگهون. جيڪا تو پاڻ پنهنجي تعريف ڪئي آهي دراصل اهائي حمد و ثنا تنهنجي لائق آهي.

**نوٽ:** ڪجهہ نسخن ۾ آخري شعر ۾ ”هم حمد و ثنای“جي بدران ”خود حمد ثنای“ بہ آيو آهي، جنهن جو بہ ساڳيوئي مفهوم آهي.

**متن:** جایی که زبان آور " اَنَا اَفْصَحُ الْعَرَبِ وَالْعَجَمِ " علم فصاحت انداخته و خود را در ادای ثنای تو عاجز شناخته، هر

شکسته زبانی را چه امکان زبان کشایی و هر آشفه رایی را چه یارای سخن آرایی، بلکه اینجا اظهار اعتراف بعجز و قصور است و با آن سرور دین و دنیی، در این معنی مشارکت جستن از حسن ادب دور.

**ترجمو:** جڏهن پاڻ افصح العرب (رسول الله ﷺ) جيڪو عرب ۽ عجم ۾ سڀ کان وڌيڪ بليغ، فصيح ۽ صاحب زبان و بيان آهي (اي منهنجا رب) هن ۾ تنهنجي حمد و ثنا بيان ڪرڻ ۾ پنهنجي عجز ۽ بي بسيءَ جو اقرار ڪيو آهي تہ پوءِ هن ڏس ۾ شڪستہ زبان ماڻهن جي زبان ڪشائي يا آشفتہ حال ۽ پريشان راءِ انسانن جي سخن آرائي ڪٿي ممڪن آهي. هتي تہ اسان جي عجز ۽ قصور جي دعويٰ ڪرڻ بہ حسن ادب کان دور (يا سوءِ ادب جي قريب) آهي. ڇوتہ سندس عظمت ۽ جلال آڏو اسان جو اعتراف عجز بہ ناڪافي آهي.

## رباعي

من کیستم اندر چه شمارم، چه کسم
تا همسری سگانش باشد هوسم
در قافلۀی که اوست دائم نرسم
این بس که رسد ز دور بانگ جرسم

**منظوم ترجمو:**

جڏهن مان ڪجهہ بہ ناهيان، ڪجهہ بہ ناهيان
ڪتن هن جي سان همسري ڪيئن ڪيان مان
نہ پهچي قافلي تائين سگهان ٿو
فقط بانگ جرس ئي بس ٻڌان مان

**نثري ترجمو:** مان ڇا آهيان منهنجي ڪهڙي حيثيت آهي ۽ مان ڪهڙي شيءِ آهيان، جو مان رسول الله ﷺ جن جي ڪتن سان گڏ ويهڻ جي جرئت ڪريان، جنهن اعلىٰ و ارفع مقام تي پاڻ ڪريم ﷺ جن رونق افروز آهن، ان جي قافلي جي غبار (دز) تائين بہ منهنجي رسائي ناممڪن آهي. ها مون لاءِ بس اهوئي ڪافي آهي تہ آءٌ سندن قافلي جي جرس (گهنٽيءَ) جو آواز ٻڌندو رهان.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ نَاصِبِ لِوَاءِ الْحَمْدِ وَ صَاحِبِ الْمَقَامِ الْمَحْمُوْدِ وَ عَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَلْفَائِزِيْنَ بِبَذْلِ الْمَجْهُوْدِ لِنَيْلِ الْمَقْصُوْدِ وَسَلِّمْ تَسْلِيْمًا كَثِيْرًا - اِلٰهِيْ اِلٰهِيْ خَلِّصْنَا عَنِ الْاِشْتِغَالِ بِالْمَلَاهِيْ وَ اَرِنَا حَقَائِقَ الْاَشْيَآءَ كَمَا هِيَ

**ترجمو:** يا اُلهي! پنهنجي پيار جي رحمت ڪر، پنهنجي محبوب محمد ڪريم ﷺ تي جيڪو تنهنجي حمد و ثنا جو علمبردار ۽ صاحب مقام محمود آهي ۽ سندن آل ۽ اصحاب تي (بہ رحمتون موڪل) جن جان جي بازي لڳائي منزل مقصود ماڻي آهي ۽ انهن جي مٿان گهڻي مان گهڻيون رحمتون ۽ سلامتي موڪليندو رهہ.

اي منهنجا الله تعالىٰ! اسان کي دنياداري جي شغل کان نجات عطا ڪر ۽ حقائق الاشياء (هر شيءِ جي اصل حقيقت) جهڙيءَ طرح آهي، اهڙيءَ طرح ڏيکار (آمين).

**متن:** غشاوة غفلت از بصر بصيرت ما بکشاى و هر چيز را چنانکه هست بما بنماى نيستى را برما در صورت هستى جلوه مده، از نيستى بر جمال هستى پرده منه. اين صور خيالى

را آئینه تجلّیات جمال خود گردان، نه علت حجاب و دوری و این نقوش و همی را سرمایه دانایی و بینایی ما گردان نه آلت جهالت و کوری و محرومی و مهجوری ما همه از ماست، ما را بما مگذار، ما را از ما رهایی کرامت کن، و باخود آشنایی ارزانی دار.

**ترجمو:** اسان جي بصارت جي بصيرت تان غفلت جا پردا دور ڪر. هر شيءِ جي حقيقت ڏيکار. نيستي (دنيا، دنياداري) کي هستي (حقيقت ذات) جي صورت ۾ مون تي ظاهر نہ ڪر ۽ جمال ذات حق تي نيستي (دنياداري) وارو پردو نہ وجهہ. هنن خيالي (وهمي) صورتن کي منهنجي لاءِ پنهنجي حسن و جمال جو آئينو بناءِ. ائين نہ ٿئي جو اهي منهنجي لاءِ حجاب ۽ دوري جو سبب بڻجي وڃن ۽ هنن خيالي (وهمي) نقش و نگار کي منهنجي دانائي ۽ بينائيءَ جو اثاثو ڪر. پر انهن کي منهنجي جهالت ۽ انڌاپڻ جو ذريعو نہ ڪر. هي منهنجي محرومي ۽ مهجوري سڀ منهنجي ڪري ئي آهي. مونکي منهنجي حوالي نہ ڪر. مون کي مون کان (پنهنجي پاڻ کان) رهائي مرحمت فرمايو ۽ پنهنجي ذات پاڪ سان منهنجي آشنائي کي آسان ڪرڻ فرمايو. (آمين)

## رباعي

یا رب دل پاک و جان آگاهم ده
آه شب و گریهٔ سحرگاهم ده
در راه خود اول ز خودم بیخود کن
آنگه بیخود ز خود بخود راهم ده

**منظوم ترجمو:**

عطا کر پاڪ دل، آگاهي يارب
رهان شام و سحر داعي يارب
مان پنهنجو پاڻ کان پهريان پري ٿيان
پوءِ تنهنجي راهه تي ٿيان راهي يارب

**نثري ترجمو:** اي منهنجا الله! مون کي پاڪ دل ۽ رازدان (حق آگاهه) جان نصيب ڪر. ان سان گڏوگڏ آهِ شب ۽ گريۂ سحرپيي عطا ڪر. پهريائين تون پنهنجي ذات جي جستجو ۾ مون کي پنهنجو پاڻ کان پري ڪر ۽ پوءِ انهيءَ بي خوديءَ جي حالت ۾ پنهنجي ذات جي آگاهي عطا فرماءِ.

يا رب همه خلق را بمن بدخو کن
و ز جمله جهانياں مرا يک سو کن
روی دل من صرف کن از هر جهتی
در عشق خودم يک جهت و يک رو کن

**منظوم ترجمو:**

خدايا مون کان بدظن سارو جڳ ڪر
دنيا کان دور ڪر ۽ پنهنجي دڳ ڪر
تون پنهنجي عشق ۾ ڪر مون کي يڪتا
سڀي مخلوق کان مون کي الڳ ڪر

**نثري ترجمو:** يا الله! ساري خلقت کي مون کان بدخو (بدظن) ڪر، جيئن مان ساري جهان کان منهن موڙي يڪسو (رڳو هڪ طرف) تنهنجو ٿي وڃان. هر طرف کان منهنجي دل جي رخ کي موڙي صرف هڪ طرف (پنهنجي طرف) ڪر.

یا رب برهانیم ز حرمان چه شود
راهی دهیم بکوی عرفان چه شود
بس گبر که از کرم مسلمان کردی
یک گبر دگر کنی مسلمان چه شود

**منظوم ترجمو:**

ڪرين رب دور محرومي تہ چا ٿئي
رسائين راهہ عرفاني تہ چا ٿئي
ڪيا تو ڪيترا ڪافر مسلمان
هي ڪافر پڻ مسلمان ٿئي تہ چا ٿئي

**نثري ترجمو:** اي رب! تون مون کي محرومي ۽ حسرت کان نجات ڏيندين تہ ڇا ٿيندو! ۽ جيڪڏهن مون کي تون پنهنجي معرفت جي راهہ ڏيکاريندين تہ ڇا ٿيندو!! (اي منهنجا رحيم و ڪريم رب) تو ڪيترائي ڪافر بت پرست مسلمان بنائي ڇڏيا. هاڻي جيڪڏهن تون مون جهڙي بت پرست ڪافر کي مسلمان بنائيندين تہ ڇا ٿي پوندو!!

یا رب ز دو کون بی نیازم گردان
و ز افسر فقر سرفرازم گردان
در راه طلب محرم رازم گردان
زان ره که نه سوی تست بازم گردان

**منظوم ترجمو:**

ڪرين بي نياز مون کي دو جهان کان
نوازين فقر جي تاجِ گران سان

طلب جي راهہ ۾ ڪر رازِ محرم
غلط رستوچڏي توڏي اچان مان

**نثري ترجمو:** اي الله! مون کي ٻنهي جهانن (دنيا ۽ آخرت) کان بي نياز ڪري چڏ ۽ فقر جو تاج پهرائي سرفراز ڪر. مون کي تڙپ ۽ طلب واري راهہ حق ۾ محرمِ راز ڪر ۽ جيڪو رستو تنهنجي طرف نٿو هجي، ان کان مون کي محفوظ رک.

**متن:** امّا بعد اين رساله ييست مسمّى به "لوايح" در بيان معارف و معانى، كه بر الواح اسرار و ارواح ارباب عرفان و اصحاب ذوق و وجدان لايح گشته. بعبارات لايقه و اشارات رائقه متوقّع، كه وجود متصدّى اين بيان را درميان نبيند و بر بساط اعراض و سماط اعتراض ننشيند. چه اورا در اين گفت و گوى نصيبى جز منصب ترجمانى نى و بهرۀى غير از شيوۀ سخن رانى نى.

**لغات:** متصدّى: پيش ڪندڙ. سماط: رستو، راهہ.

**ترجمو:** هي هڪ رسالو جيڪو لوائح (لائحه جو جمع بمعنیٰ تجلّيات) جي نالي سان سڏجي ٿو. هن ۾ اهي حقائق ۽ معارف بيان ٿيل آهن، جيڪي اسرار ۽ رموز جي صورت ۾ اصحابِ ذوق ۽ وجدان جي دل جي ڦرهي (لوح) تي جلوه گر ٿيا آهن. جڏهن تہ هنن جي عبارت نهايت دقيق ۽ اشارات نهايت لطيف آهن، ان ڪري پڙهندڙن کي درخواست آهي تہ اهي قلمڪار تي نگاهہ نہ وجهن ۽ هن کي مورد الزام نہ ٺاهين، ڇوتہ هن (قلم ڪار) رڳو ترجماني ۽ پيغام رساني ڪانسواءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي.

# رباعي

من هيچم و کم ز هيچ بسياری
از هيچ و کم از هيچ نيايد کاری
هر سرّ که از اسرار حقيقت گويم
ز آنم نبود بهره بجز گفتاری

**منظوم ترجمو:**

مان گهٽ هر هيچ کان خود نيچ آهيان
جڏهن گهٽ هيچ کان ڪنهن ڪم جو ناهيان
حقيقت جا پڌايان راز جيڪر
تعلّق منهنجو آهي بس بيان سان

**نثري ترجمو:** مان هيچ (ڪجهه به نه) آهيان بلڪ هيچ کان به گهٽو گهٽ آهيان. هڪ هيچ يا هيچ کان به گهٽ کان ڪهڙو ڪم ٿي سگهندو. مون جيڪي حقيقت ۽ معرفت جا اسرار ۽ راز بيان ڪيا آهن، انهن ۾ منهنجو سواءِ بيان ڪرڻ جي ڪجهه به ناهي (حضرت جامي ڪسر نفسي کان ڪم وٺندي پاڻ کي هيچ يا ڪمتر از هيچ سڏيو آهي، باقي بفضل الله اعلیٰ مقام جو اهل الله آهي). زاد الله فيضه و درجاته.

در عالم فقر بی نشانی اولیٰ
در قصۀ عشق بی زبانی اولیٰ
زآں کس که نه اهلِ ذوق اسرار بود
گفتن بطريق ترجمانی اولیٰ

**منظوم ترجمو:**

مقامِ فقر ۾ گمنام بهتر
زبان تي عشق ۾ بہ لغام بهتر
جو اهلِ ذوق اهلِ دل نہ آهي
بيان ان وٽ برائي نام بهتر

**نثري ترجمو:** فقرجي دنيا ۾ گمنام ۽ عشق جي عالم ۾ بي زبان رهڻ ئي بهتر آهي. جو شخص پاڻ اهلِ ذوق ۽ واقفِ اسرار و رموز ناهي تہ ان کي ترجماني طور حقائق پيش ڪرڻ ئي سٺو آهي.

سفتم گهری چند چو روشن خردان
در ترجمۀ حديث عالی سندان
باشد زمن هيچ مدان معتمدان
اين تحفه رسانند بشاه همدان

**منظوم ترجمو:**

ڪيا گڏ عقلمندن جا مون گوهر
ڪئي ٿم ترجماني تن جي هينئر
ڪو همدم دوست هن عاجز جي ڪوشش
رسائي شاهہ همدان تائين جيڪر

**نثري ترجمو:** نهايت عالي سند ۽ بلند روحاني مقام ۽ مرتبو رکندڙ بزرگن جي زرين اقوال مان مون چند موتي مالها ۾ پيش ڪيا آهن، انهيءَ ارادي ۽ نيت سان تہ ڪو قابل اعتماد موتين جي اها مالها شاهہ همدان تائين پهچائي ڏئي.

## ① لائحہ اوّل (پهريون لائح)

## هڪ دل هڪ دوست

مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ

**حضرت بيچون که ترا نعمت هستی داده است، در درون تو جز يک دل ننهاده است. تا در محبت او يک روی باشی و يک دل، و از غير او معرض و بر او مقبل، نه آنکه يک دل را بصد پاره کنی، و هر پاره را در پی مقصدی آواره کنی.**

**ترجمو:** الله تعاليٰ ڪنهن به شخص جي سيني اندر ٻه دليون نه رکيون آهن. جنهن بي مثال (حق تعاليٰ) توکي وجود جي نعمت عطا ڪئي آهي، ان تنهنجي سيني اندر هڪ دل ئي رکي آهي. اهو ان ڪري ته جيئن تون رڳو ان جي محبت ۾ مخلص ۽ متفق (هڪ دل) هجين ۽ هن (هڪ خدا) کان سواءِ ٻين کان منهن موڙيندڙ ۽ رڳو هن ڏانهن رخ ڪندڙ هجين. ائين نه ٿئي ته تون هڪ دل کي سو ٽڪرا ڪري ڇڏين ۽ هر ٽڪري کي هڪ (الڳ الڳ) مقصد لاءِ آواره ۽ ڇڙواڳ ڪري ڇڏين.

### رباعي

ای آنکه بقبله وفا رَوست ترا
بر مغز چرا حجاب شد پوست ترا
دل درپی اين و آن نه نيکو است ترا
يک دل داری بس ست يک دوست ترا

**لغات:** جوف: شڪم، سينو، اندريون خالي حصو. بيچون: بي مثل، الله تعاليٰ. مُعرض: منهن موڙيندڙ. مُقبل: رخ ڪندڙ. رَوست: رَو (زبر سان) رستو، رخ. رَوست ترا: (زبر سان) تنهنجو رخ آهي، تنهنجو رستو آهي. رُوست ترا: (ري جي پيش سان) تنهنجو رخ آهي.

**منظوم ترجمو:**

جڏهن رستو سندءِ قبلهِ وفا آهہ
مغز تي پوست چو پرده نما آهہ
هجي دل تنهنجي هِن هُن ڏي چڱو ناهہ
فقط هڪ دل لئي بس هڪ دلربا آهہ

**نثري ترجمو:** اڙي (دوست) جڏهن تنهنجو رخ (رستو) وفا جي قبلي ڏانهن آهي تہ پوءِ مغز مٿان پوست (کل) تنهنجي لاءِ ڇو حجاب بڻيل آهي. دل ڪي هِن هُن پٺيان لڳائڻ تولاءِ چڱو نہ آهي. جڏهن توڪي دل بہ هڪ آهي تہ پوءِ تولاءِ هڪ دوست ئي ڪافي آهي.

نوٽ: ”بقبلۂ وفا“ يي آيو آهي تہ ڪجهہ نسخن ۾ بقبلۂ بُتان“ بہ آيو آهي.

## ② لائحہ دوم (ٻيو لائح)

## تَفَرقه و جَمْعِيَّت

## (جدائي يا پريشاني ۽ ڳانڍاپو يا سڪونِ قلب)

تفرقہ عبارت از آنست که دل را بواسطه تعلّق بامور متعدد پراگنده سازی، و جمعيت آنکه از همه بمشاهده واحد

پردازی. جمعی گمان بردند که جمعیت در جمع اسباب ستۀ در تفرقی ابد ماندند فرقهٔی بیقین دانستند که جمع اسباب از اسباب تفرقه استۀ دست از همه افشاندند.

**ترجمو:** تفرقي مان مراد آهي تہ تون پنهنجي دل کي گهڻن مامرن ۾ الجهائي پريشان ڪرين ۽ جمعيت جو مطلب آهي تہ تون اهڙن سڀني (معاملن) کان هڪ (خدا) جي مشاهدي ۾ مشغول ٿي وڃين. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ جمعيت (سڪون) مال متاع ميڙڻ ۾ ئي آهي، پر اهڙا ماڻهو (هن مونجهاري سبب) هميشہ پريشانيءَ ۾ مبتلا رهن ٿا. ليڪن ڪجهہ ماڻهن کي يقين آهي تہ مال متاع ميڙڻ دراصل پريشاني ۽ بي آراميءَ جو سبب آهي. ان ڪري انهن سڀني شين کان هٿ ڪڍي ڇڏيو آهي.

## رباعي

ای در دل تو هزار مشکل ز همه
مشکل شود آسوده تَرا دل ز همه
چون تفرقهٔ دل ست حاصل ز همه
دل را بیکی سپار و بگسل ز همه

**لغات:** ترا: مصدر آهي تَريدن: پري ڪرڻ.

**منظوم ترجمو:**

هزارين دل جا ڏک سڀ ڪجهہ گهرڻ سان
ٿين ڏک سڪۀ سين کان منهن مٽڻ سان
پريشان دل ٿئي سڀ ڪجهہ وٺڻ سان
ڇڏي سڀ کي لڳا دل هڪ سڄڻ سان

**نثري ترجمو:** اڙي (دوست) تنهنجي دل ۾ هزار مشڪلاتون انهيءَ

گهٽي گهٽي حاصل ڪرڻ (جي حرص) سبب آهن. تنهنجي مشڪل تڏهن آسان ٿيندي جڏهن تون انهن سڀني ڪان منهن موڙيندين. جڏهن هنن سڀني معاملن ۾ الجهڻ سبب ئي دل جي پريشاني آهي ته پوءِ تون پنهنجي دل کي انهن سڀني ڪان ٽوڙي هڪ (خدا) جي حوالي ڪر.

چيست دنيا از خدا غافل بودن
نی قماش و نقره و فرزند زن

**ترجمو:** خدا ڪان غافل رهڻ جو نالو دنيا آهي. ڪپڙا، چانديءَ، سون ۽ فرزند يا زن (زال، عورت) جو نالو دنيا ناهي.

مادام که در تفرقه و وسواسی
در مذهب اهل جمع شر النّاسی
لا واللّٰه ناس نیی نسناسی
نسناسی خود ز جهل می نشناسی

**منظوم ترجمو:**

پريشان آهين جيسين وسوسن ۾
هجين جمهور وٽ ماڻهن برن ۾
بشر ناهين خدا جو سُنهن، تون نسناس
نه پرکين پنهنجي نسناسي ٿو من ۾

**نثري ترجمو:** جيستائين تون پنهنجن وسوسن ۽ پريشانين ۾ آهين ته تون اهلِ جمع (جمعيت ۽ سڪونِ قلب) وارن جي مذهب (طريقي) ۾ نهايت بدترين انسان آهين. خدا جو قسم ته تون (هن حال ۾) انسان نه آهين پر نسناس آهين ۽ (افسوس جو) پنهنجي جهالت سبب پنهنجي نسناسي کي نٿو سمجهي سگهين.

**نوٽ:** نسناس هڪ قسم جو اهڙو جانور آهي، جيڪو رڳو هڪ پير تي

هلندو آهي. شڪل ۾ اڏ انسان جهڙو هوندو آهي ۽ هڪ ڪن هڪ هٿ ۽ هڪ پير رکندڙ آهي.

اى سالک ره سخن ز هر باب مگوى
جز راه وصول رب ارباب مپوى
چون علّت تفرقه است اسباب جهان
جمعيّت دل ز جمع اسباب مجوى

**لغات:** مپوى: نہ ڊوڙ. مصدر آهي ”پوئيدن“ هيڏي هوڏي ڊوڙڻ.

**منظوم ترجمو:**

نہ ڪر سالڪ سخن جا بحث بي جا
سوا ميلاپ رب جي وچ نہ ٻيءَ جا
دنيا داري پريشاني جو باعث
سڪونِ دل نہ ڏيندو مالِ دنيا

**نثري ترجمو:** اي (راه حقيقت جا) سالڪ تون هر باب (مضمون) تي بي جا گفتگو نہ ڪر. رب سان ميلاپ واري رستي کان سواءِ ٻين اربابن (ڪوڙن يا جعلي خدائن) جي پٺيان نہ ڊوڙ. جڏهن دنيا جا مال متاع تفرقه (جدائي) جو سبب آهن تہ پوءِ دل جي جمعيت (ميلاپ) دنيا جي اسباب (مال متاع، ساز و سامان) جي گڏ ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ ۾ هرگز طلب نہ ڪر.

اى دل طلب کمال در مدرسه چند؟
تکميل اصول و حکمت و هندسه چند؟
هر فکر که جز ذکر خدا، وسوسه است
شرمى از خدا بدار اين وسوسه چند؟

**منظوم ترجمو:**

گھرين تي دل، ڪمال چو مدرسن ۾
يا حڪمت ۾ اصول ۽ علم و فن ۾
سوا ذڪرِ خدا هر فڪر بيڪار
شرم رک رب کان چاهي وسوسن ۾

**نثري ترجمو:** شاعر پاڻ کي يا پنهنجي دل کي چوي ٿو ته اي دل! جيڪڏهن تون ڪمال حاصل ڪرڻ تي گھرين ته پوءِ اهو مدرسن ۾ ڪٿي نه ملندو. (علم) اصول (علم) حڪمت ۽ حساب ڪتاب جي علم جي تڪميل به ڪهڙي ڪم جي. دراصل خدا جي ذڪر کان سواءِ ٻيو هر فڪر يا سوچ وسوسو (بيڪار خيال) آهي. (ان ڪري) تون خدا کان شرم ڪر ۽ ان ڏانهن متوجهه ٿي، ڇو ته هنن وسوسن ۾ ڇا رکيو آهي. هن جو مطلب اهو ناهي ته علم حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏجي، پر اصل مقصد اهو آهي ته حصولِ علم کي حصولِ حق جو ذريعو بڻايو وڃي ۽ رڳو علم کي منزل مقصود نه سمجهيو وڃي.

شاهه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله تعالیٰ عليه "انفاس العارفين" ۾ لکن ٿا ته دنيا جا سمورا علم ۽ فن پوسي مثال آهن، ان جو داڻو علم الٰهي ۽ وصول الي الله آهي. دراصل فنا في الله ان داڻي جو مغز يا مقصود بالذات آهي، جيڪو حاصل ڪرڻ ئي زندگيءَ جو اصل مقصد آهي.

## ٣ لائحه سوم (ٽيون لائح)

## حق هرجا حاضر

حق سبحانه وتعالیٰ همه جا حاضر است، و در همه حال بظاهر و باطن همه ناظر است. زهی خسارت که تو ديده از

لقای او برداشته، سوی دیگر نگری، و طریق رضای او بگذاشته، راه دیگری سپری.

**لغات:** سپری: تون هلين ٿو، وڃين ٿو. مصدر آهي سپردن جو.

**ترجمو:** الله سبحانه وتعالیٰ هر هنڌ حاضر (موجود) آهي ۽ هر حال ۾ ظاهر هجي يا باطن (ڳجهہ) سڀ ڪجهہ ڏسندڙ آهي. اها (ڪيتري نہ وڏي) خساري ۽ نقصان جي ڳالهہ آهي تہ تون ان جي ديدار کان هٽي ٻين ڏانهن ٿو ڏسين ۽ هن جي رضا (حاصل ڪرڻ) واري واٽ ڇڏي تون ٻئي رستي تي ٿو هلين.

## رباعي

با یار به گلزار شدم رهگزری
بر گل نظر فگندم از بی خبری
دلدار به طعنه گفت شرمت بادا
رخسار من این جا است تو در گل نظری

**لغات:** رهگزر: شاهہ راهہ، رستو. رهگزري گڏ وڃڻ ٿيو.

**منظوم ترجمو:**

وڃڻ گڏ يار سان ٿيو باغ اندر
نظر بي خيالي ۾ گل تي پئي پر
چيو محبوب طعنو ڏئي حيا ڪر
ڏسين گل ڏي ڇڏي رخسارِ دلبر

**نثري ترجمو:** (هڪ ڀيرو) محبوب سان گڏ رستي تي باغ ۾ وڃڻ ٿيو.

بي خياليءَ ۾ منهنجي گل تي نظر پئجي وئي. (مون کي) منهنجي محبوب طعنو ڏئي چيو ته شرم ڪر منهنجو رخسار (چهرو) هن پاسي آهي ۽ تون (مون کي ڇڏي) گل ڏي ڏسي رهيو آهين. يعني تون مون کي ڇڏي غير ڏي ڏسي رهيو آهين.

اتي ئي آهين جتي اوهان ڇڏيون
اکيون عبداللطيف چئي ماڳ نه مٿائين
جي پيو در واجهائين ته ڪڏي ڪانگن کي ڏيان.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله تعالیٰ عليه)

آمد سحر آن دلبر خونين جگران
گفت اى ز تو بر خاطر من بار گران
شرمت بادا که من بسويت نگران
باشم، تو نهى چشم بسوي دگران

**لغات:** خونين جگر: جگري يار.

**منظوم ترجمو:**

صبح جو آيو هو دلبر ستمگر
چيائين توکان مان رنجيده خاطر
مان توڏانهن ئي نهاريان پيو مگر تون
نهارين پيو ٻين ڏي ڪجهه حيا ڪر

**نثري ترجمو:** منهنجي جگر کي پاره پاره ڪندڙ (جگري يار) ستمگر محبوب صبح جو آيو ۽ چيائين ته تنهنجي ڪري منهنجي دل تي بارِ گران (ڀاري بار) بوجهه آهي (توکان رنجيده دل ۽ ڏکويل آهيان) توکي شرم اچڻ گهرجي جو مان توڏانهن پيو نهاريان ۽ تون وري ٻين ڏانهن پيو ڏسين.

## رباعي

مایيم براه عشق پويان همه عمر
وصل تو بجدوجهد جويان همه عمر
يک چشم زدن خيال تو ۽ پيش نظر
بهتر ۽ که جمال خوبرويان همه عمر

**لغات:** پويان: ڊوڙندڙ. پوئيدن: ڊوڙڻ.

**منظوم ترجمو:**

عمر ساري محبت جا مسافر
حياتي پر ملڻ لئي آتا دلبر
گهڙي کن ئي رڳو تنهنجو تصور
سدا سهڻا ڏسڻ کان آهي بهتر

**نثري ترجمو:** اسان ساري عمر تنهنجي عشق جي راهه جا راهي (ڊوڙندڙ مسافر) رهيا آهيون ۽ سڄي ڄمار تنهنجي ميلاپ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهيون. (اي محبوب حقيقي) رڳو هڪ گهڙي کن (اک ڇنڀ جيترو) تنهنجي حسن و جمال جو تصور ڪرڻ ساري عمر (مجازي) محبوبن جي حسن و جمال جي ديدار کان بهتر آهي.

## ④ لائحه چهارم (چوٿون لائح)

## جز حق سڀ فاني

ما سوائ حق عزّ و عُلا در معرض زوالست و فنا ۽ حقيقتش معلوميست معدوم ۽ و صورتش موجوديست موهوم ۽ دی روز نه بود داشت و نه نمود ۽ و امروز نموديست بی

بودہ و پيداست که فردا ازوی چه خواهد کشود. زمام انقياد بدست آمال و امانی چه دهيہ و پشت اعتماد بر اين مزخرفات فاني چه نهی. دل از همه برکنہ و در خداي بند. و از همه بگسل و باخدای پيوند. اوست که هميشه بودہ و هميشه باشدہ و چهرہِ بقايش را خار هيچ حادثه نخراشد.

**لغات:** معرض: ڪنهن شيءِ جو ظاهر ٿيڻ. مزخرفات: سچ نما ڪوڙ. اهڙي ڪوڙي ڳالهہ جيڪا بظاهر سچي لڳيہ ڪوڙي ڳالهہ جنهن کي سچ جو ملمع (رنگ) ڏنو ويو.

**ترجمو:** حق تعالیٰ عزوجل کان سواءِ هر شيءِ فاني ۽ زوال پذير آهي. سندس (غيرالله) جي حقيقت معلوم هوندي نہ هجڻ واري (معدوم) ۽ سندس مورت (شڪل) موجود هجڻ باوجود وهمي (رڳو خيالي) آهي. ڪالهہ ان (غيرالله) جو نہ وجود هيو نہ نانءُ نشان ۽ اڄ جيڪو نام نمود آهي سو نہ هجڻ (غيرموجود) وارو آهي ۽ ظاهر آهي تہ سڀاڻي ان جو ڇا (حال) هوندو (يا ڇا نتيجو نڪرندو). (ان ڪري) تون پنهنجي تابعداري ۽ اطاعت واري واڳ (نڪ جي نوڙيہ رسي يا مهار) رڳو (بي بقا ۽ ڪوڙن) دلاسنہ اميدن ۽ آسرن جي هٿ ۾ ڪيستائين ڏيندين ۽ هن فاني ڪوڙي ڏيک واري شيءِ تي ڪيترو ڀروسو ڪندين. (چڱائي ان ۾ آهي تہ) دل هر شيءِ کان هٽائي رڳو خدا سان لڳاءِ ۽ هر شيءِ سان واسطا ٽوڙي رڳو خدا سان جوڙ (ڇوتہ) هي اها ذات خداوندي آهيہ جيڪا هميشہ کان هئي ۽ هميشہ رهندي ۽ هُن جي بقا واري چهري تي ڪنهن بہ حادثي جو ڪنڊو (خار) خراش نہ ڏيندو (ڪابہ شيءِ ان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿي سگهي).

## رباعي

هر صورت دلکش ترا روی نمود
خواهد فلکش ز دور چشم تو ربود
رو دل به کسی ده که در اطوار وجود
بوده است همیشه باتو و خواهد بود

**لغات:** اطوار: طور طريقا، نمونا.

**منظوم ترجمو:**

ڏسڻ ۾ دلربا صورت لڳي جا
فلڪ چاهي تہ توڪان دور ٿئي سا
لڳا دل اهڙي هستي ساڻ جا ذات
رهي توسان سدا، رهندي مداما

**نثري ترجمو:** جيڪا من موهيندڙ صورت توکي نظر اچي ٿي سا (هڪ ڏينهن) آسمان (خدا) تنهنجي نظرن کان پري ڪري ڇڏيندو. (ان ڪري) تون دل ان (هستيءَ) سان لڳاءِ جيڪا ذات پنهنجي وجود ۾ هميشہ هر طرح هر طريقي توسان رهي آهي. هميشہ توسان هوندي ۽ رهندي (يعني حق تعالىٰ).

## رباعي

رفت آنکه بقبله بتان روی آرم
حرف غمشان بلوح دل بنگارم
آهنگ جمال جاودانی دارم
حسنی که نه جاودان ازان بیزام

**منظوم ترجمو:**

بتن پوڄڻ جو ويو گذري زمانو
ڪيان ڇو نقش دل تن جو فسانو
رڳو حسنِ بقا جي آهي خواهش
ڇڏي حسن فنا آهيان يگانو

**نثري ترجمو:** (هاڻي) اهو وقت گذري ويو جو مان بتن (معشوقن) کي (پنهنجو) قبلو سمجهي انهن ڏانهن رخ ڪريان (يعني اهي صنم) ۽ انهن جي غم جا اکر دل جي لوح (ڦرهي) تي نقش ڪيان. هاڻي مان رڳو حسن جاوداني (هميشه رهڻ وارو حسن) جي خواهش رکان ٿو، پر جيڪو حسن فاني آهي، انهيءَ کان بيزار آهيان.

## رباعي

چيزی که نه روی در بقا باشي از او
آخر هدف تير فنا باشی از او
از هر چه بمردگی جدا خواهی شد
آن به که بزندگی جدا باشی از او

**منظوم ترجمو:**

نه جنهن کان توکي حاصل ڪا بقا ٿئي
اهائي تنهن جي لئي تيرِ فنا ٿئي
مرڻ کان پوءِ جنهن کي آهي ڇڏڻو
ڇڱو، ان کان حياتي ۾ جدا ٿئي

**نثري ترجمو:** جنهن به شيءِ (مقصدِ حيات) مان توکي بقا نصيب نه آهي، اهائي شيءِ تنهنجي لاءِ تباهيءَ جو تير ثابت ٿيندي. (جناب) مرڻ کان پوءِ جنهن کان به جدا ٿيڻو پوندو ڇڱو آهي ته حياتيءَ ۾ ئي ان کي الوداع چئي ڇڏجي.

## رباعي

اى خواجه اگر مال اگر فرزند است
پيداست كه مدت بقايش چند است
خوش آنكه دلش بدلبري دربند است
كِش بادل و جان اهل دل پيوند است

**لغات:** كِش: (ڪاف تي زير) بمعني "ڪہ اورا" جنهن سان.

**منظوم ترجمو:**

جي حضرت مال ۽ اولاد آهي
انهن مان هت بقا ڪنهن کي بہ ناهي
سٺو آ اهڙي دلبر سان لڳي دل
چڏي دل جنهن سان اهل دل لڳائي

**نثري ترجمو:** او سائين جيڪڏهن توکي مال ۽ فرزند (جي نعمت) حاصل آهي (تہ چا ٿيو) ظاهر آهي تہ انهن کي بقا نہ آهي. خوش نصيب (ڀاڳ وارو) اهو (ماڻهو) آهي، جنهن جي دل اهڙي محبوب سان لڳي آهي، جنهن سان اهلِ دل (نيڪ ٻانهن) جي دل ۽ جان جڙيل آهي.

## ⑤ لائحہ پنجم (پنجون لائح)

## اصل جمال و ڪمال حق تعالیٰ

جميل على الاطلاق ذوالجلال والافضالست. هر جمال و كمال كه در جميع مراتب ظاهراست، پرتو جمال و كمال اوست. آنجا تافته، و ارباب مراتب بدان، سمتِ جمال و صفت

کمال یافته، هرکه را دانایی دانی، اثر دانایی اوست، و هرکجا بینایی بینی، ثمره بینایی اوست. و بالجمله همه صفات اوست ازواج کلّیت و اطلاق تنزّل فرموده و در حضیض جزویّت و تقیّد تجلّی نموده، تا تو از جزو بکلّ راه بری، و از تقیّد باطلاق روی آوری، نه آنکه جزو از کلّ مُمتاز دانی، و بمقیّد از مطلق بازمانی.

**لغات:** مطلق ذات بار تعالیٰ. مقیّد دنیا و مافیها. **حضیض:** پستي، هيٺانهون پاسو/ طرف.

**ترجمو:** جميل مطلق (حقيقي محبوب جو سراپا حسن و جمال) فقط ذات ذوالجلال صاحب بزرگي و ڪمال آهي. جهان ۾ جتي جتي به جمال ۽ ڪمال نظر اچي ٿو، دراصل اهو انهيءَ جي جمال ۽ ڪمال جو عڪس آهي، جيڪو جتي به جلوه گر ٿيو، اهل دل اصحاب ان مان جمال جي سمت (رخ، طرف) ۽ ڪمال جي صفت حاصل ڪئي. دنيا ۾ جيڪا به دانائي نظر اچي ٿي، اها ان ذات مطلق جي دانائيءَ جو اثر آهي ۽ جيڪا به بصيرت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اها انهيءَ بصيرت جو ثمر آهي. مطلب ته (ڪائنات ۾) جيڪي به صفات نظر اچن ٿيون، حاصل مطلب اهي سڀ ان جون صفتون ئي آهن، جيڪي ڪلّيت ۽ اطلاق جي بلندين مان نازل ٿي جزويّت جي پستين ۾ مقيّد ٿي جلوه گر ٿيون آهن ته تون جز کان ڪل تائين پهچي سگهين ۽ تقيّد کان اطلاق تائين رسائي ڪري سگهين، پر خبردار! ڪڏهن به جز کي ڪل جو غير نه ڄاڻ ۽ نه وري مقيّد کي مطلق کان (الڳ) پري سمجهين.

## رباعي

رفتم بتماشای گلہ آن شمع طراز
چون دید میان گلشنمہ گفت بناز
من اصلم و گلهای چمن فرع منست
از اصل چرا بفرع می مانی باز

**لغات:** شمع طراز: شمع جي صورت، شمع جي نقش و نگار وارو، نوراني چهري واري صورت، محبوب.

**منظوم ترجمو:**

گهمڻ ويس باغ ۾ گل تي نظر پئي
ڏنو ڪنهن شمع صورت ناز مان چئي
چمن جا گل ته آهن شاخ منهنجي
ڇڏي ڇو اصل کي دل شاخ ڏي ڪئي

**نثري ترجمو:** جڏهن مان باغ جي سير تي ويس ۽ شوق سان گل کي ڏسڻ لڳس ته مون کي باغ ۾ محو گل ڏسي نوراني صورت (محبوب حقيقي) ناز و انداز مان چيو ته اصل ته آءٌ آهيان گل ته منهنجي فرع (شاخ) آهي. تون اصل کي ڇڏي ڇو فرع (شاخ، صفت) ڏي پيو وڃين.

## رباعي

از لطف قد و صباحت خدّ چه کنی؟
وز سلسله زلف مجعّد چه کنی؟
از هر طرفی جمال مطلق تابان
اي بی خبر از حسن مقيّد چه کنی؟

**لغات:** خدّ: رخسار چهرو. مجعّد: وار گهنڊيدار.

**منظوم ترجمو:**

مزوقد خوبرو رخسار ۾ چا
پلا زلفِ سيه خمدار ۾ چا
حقيقي حسن تابان هر طرف ٿيو
مجازي حسن جي ديدار ۾ چا

**نثري ترجمو:** (مجازي محبوبن جي) قد و قامت ۽ خوبصورت خدّ و خال مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ حسن و جمال واري ۽ خمدار ۽ گهنگهرو وارن کي ڇا ڪندين. جڏهن هر هنڌ (سڀي جڳ ۾) جمال مطلق (اللّٰه تعالىٰ جو حسن و جمال) جلوه گر آهي ته پوءِ اي اڻ ڄاڻ! هن حسن مقيّد (مجازي محبوبن جي حسن و جمال) کي ڇا ڪندين.

## ⑥ لائحه ششم (ڇهون لائح)

## جهڙو سنگ تهڙو رنگ

آدمی اگرچه بسبب جسمانيّت در غايت کثافت است، اما بحسب روحانيّت در نهايت لطافت ست. بهرچه روئ آرد حکم آن گيرد و بهرچه توجّه کند رنگ آن پذيرد، ولهذا حکما گفته اند چون نفس ناطقه بصور مطابق حقائق متجلّي شود، و باحکام صادق آن متحقّق گردد "صَارَتْ كَأَنَّهُ الْوُجُوْدُ كُلُّهٗ" و ايضا عموم خلائق بواسطه شدّت اتصال بدين صورت جسمانی و کمال اشتغال بدين پيکر هيولانی چنان شده اند

که خود را از آن باز نمی داندم و امتیازی نمی تواند و فی المثنوی المولوی قدس سرّہ من افاداته:

**ترجمو:** توڙي ڪٽي ماڻهو جسماني لحاظ کان نهايت ڪثيف (آلودگي ۽ گندگي وارو) آهي، پر روحاني لحاظ کان لطيف (خوبي ۽ پاڪيزگيءَ وارو) آهي. پوءِ هو جنهن طرف بہ رخ (لاڙو) ڪندو تہ انهيءَ جو ٿي ويندو ۽ جنهن پاسي بہ توجّه ڪندو تہ اهو رنگ اختيار ڪندو. ان ڪري ڏاهن جو چوڻ آهي تہ جڏهن نفس ناطق يعني انسان جو روح (انساني بصيرت) حقيقتن سان جلوه گر (روشن) ٿئي ٿو ۽ هو انهن سچن حڪمن (حقيقتن) جي سچي تصوير ثابت ٿئي ٿو تہ پوءِ هو پاڻ وجود ڪل (وجود مطلق) ٿي وڃي ٿو. پر گهڻا ماڻهو پنهنجي هن جسماني صورت (خواهشن) سان گهڻي لڳاءَ ۽ پنهنجي مادي شين ۾ وڏيڪ مشغول ٿي وڃڻ جي ڪري ايترا تہ گم ٿي ويا آهن جو هو هاڻي پاڻ کي ان کان ٻاهر نٿا سمجهن. حضرت مولانا رومي قدس سره جي مثنوي مولوي ۾ ارشاد آهي:

## رباعي

ای برادر تون همین اندیشه
ما بقی تو استخوان و ریشه
گر گلست اندیشه تو گلشنی
ور بود خاری تو هیمهِ گلخنی

**لغات:** هيمه: ٻارڻ. گلخني: چُلهو ٻني، تنور.

**منظوم ترجمو:**

ادا سڀ ڪجهہ سندءِ فڪر و ڌيان آ
پيو سڀ گوشت پوست ۽ استخوان آ
جي سمجهين پاڻ کي گل، آهين گلشن
اگر خار آهين هنڌ آتش فشان آ

**نثري ترجمو:** اڙي ادا! تنهنجي اصل شيءِ تہ تنهنجي سوچ ۽ تفڪّر آهي. ان ڪانسواءِ باقي گوشت پوست ۽ هڏا آهن. جيڪڏهن تون پاڻ کي انهيءَ سٺي سوچ سبب گلاب جو گل تصور ڪندين تہ باغ بهار ٿي ويندين، پر جيڪڏهن پاڻ کي خار (ڪنڊا) تصور ڪندين تہ پوءِ تنور (چلهي) جو ٻارڻ هوندين.

پس باید که بکوشی، وخود را از نظر خود بپوشی، و برذاتی اقبال کنی و بحقیقتی اشتغال نمایی که درجات موجودات، همه مجالی جمال اویند، و مراتب کاینات همه مرایی کمال او، و براین نسبت چندان مداومت نمایی که باجان تو درآمیزد و هستی تو از نظر تو برخیزد، و اگر بخود روی آوری، روی باو آورده باشی. و چون از خود تعبیر کنی، تعبیر از او کرده باشی، مقید مطلق شود "وَاَنَا الْحَقُّ هُوَ الْحَقُّ".

**لغات:** مجالي: جولانگاهہ، ميدان. مرايي: مظهر.

**ترجمو:** تہ پوءِ توکي جڳائي تہ تون ڪوشش ڪري پاڻ کي خود بيني کان بچائين ۽ ذاتِ خداوندي ڏانهن ڌيان ڌرين ۽ (اصل) حقيقت ڏانهن مشغول ٿي وڃين، ڇوتہ تمام موجودات (موجود شين) جا انبار هن جي حسن و جمال جا جولانگاه (ميدان) آهن ۽ ڪائنات جا سڀ مرتبا ۽

مقام هن جي ڪمال جا مظهر آهن ۽ اهڙي نسبت سان ايتري تہ هميشگي (مداومت) ڪرڻ جو (ذات حق سان) هم جان ٿي وڃين ۽ پنهنجي وجود کان بي خبر ٿي وڃين. ايتري قدر جو جيڪڏهن تون پاڻ ڏانهن ڏسين تہ توکي هو (خدا جي ذات) نظر اچي ۽ جڏهن پاڻ ڏانهن توجہ ڪرين تہ (ڄڻ) تنهنجو توجہ هن (خدا) ڏانهن هئڻ گهرجي (يعني مقيّد (محدود انسان) مطلق (ذات غير محدود) ٿي وڃي ۽ اَنا الحق (آءٌ نہ آهيان حق آهي) جو نعرو هو الحق (اهوئي حق آهي) ٿي وڃي.

## رباعي

گر در دل تو گل گزرد گل باشی
ور بلبل بی قرار بلبل باشی
تو جزوی و حقّ کلّ ست اگر روزی چند
اندیشه کلّ پیشه کنی کلّ باشی

**منظوم ترجمو:**

تصور گل جي سان ٿي ويندين خود گل
جي بلبل جو تہ پوءِ بي چين بلبل
تون جز آهين ۽ حق ڪل آهي ڪجهہ ڏينهن
ڪرين ڪل جو تصوّر، ٿيندين خود ڪل

**نثري ترجمو:** جيڪڏهن تنهنجي (دل اندر) سوچن ۾ گل (جو تصور) آهي تہ پوءِ تون بہ گل ٿي ويندين. پر جيڪڏهن (دل اندر) بلبل آهي تہ پوءِ بي چين ۽ بي قرار بلبل هوندين (ياد رک تہ) تون جزو آهين ۽ حق تعالىٰ ڪل آهي. جيڪڏهن ڪجهہ ڏينهن ڪل جي فڪر ۾ رهندين تہ ڪل ٿي ويندين.

## رباعي

ز آميزش جان و تن تويى مقصودم
و ز مردن و زيستن تويى مقصودم
تو دير بزى كه من برفتم ز ميان
گر من گويم ز منۂ تويى مقصودم

**منظوم ترجمو:**

تون ئي مقصود جسم و جان آهين
حيات و موت جو سامان آهين
هميشہ تون رهڻ وارو مان فاني
چوان مان ”مان“ تہ تون عنوان آهين

**نثري ترجمو:** (اي محبوب حقيقي) منهنجي جسم ۽ جان جي ميلاپ (زندگي) جو تون ئي مقصود آهين ۽ منهنجي مرڻ جيئڻ جو تون ئي مراد ۽ مقصود آهين. تون ئي هميشہ رهڻ وارو آهين ۽ مان وڃڻ وارو (فاني) آهيان. جيڪڏهن مان ”مان“ چوان تہ ان مان مراد بہ تون ئي آهين.

## رباعي

كى باشد كى لباس هستى شده شقّ
تابان گشته جمال وجه مطلق
دل در سطوات نور او مستهلك
جان در غلبات شوق او مستغرق

**لغات:** سطوات: حملو، غلبو. مستهلڪ: ذات احديت ۾ غرق ٿيل شيءِ. شقّ: چاڪ ٿيڻ، ڦاٽڻ.

**منظوم ترجمو:**

وڳو هن هستي جو ٿيندو ڪڏهن چاڪ
۽ تابان ٿيندو مون تي حسن رب پاڪ
فنا دل جنهن جي غلبهِ نور سان ٿي
ٿي ذوق و شوق ۾ جان غرق بي باڪ

**نثري ترجمو:** ڪيئن ۽ ڪڏهن منهنجي هستي (خودي تہ مان بہ ڪجهہ آهيان) وارو لباس چاڪ ٿيندو ۽ مون تي روئِ (مبارڪ) حق تعالیٰ جو حسن و جمال جلوه گر ٿيندو. منهنجي دل هن جي نور وارن حملن ۾ فنا ٿي چڪي آهي ۽ منهنجي جان ذوق و شوق جي غلبي ۾ غرق ٿي وئي آهي.

## ⑦ **لائحہ هفتم** (ستون لائح)

## دست بڪار دل بيار

ورزش اين نسبت شريفه مى بايد كردہ بر وجهى كه در هيچ وقتى از اوقات و حالتى از حالات از آن نسبت خالى نباشىہ چه درآمدن و رفتن و چه درخوردن و خفتنہ و چه درشنيدن و گفتن وبالجمله در جميع حركات و سكنات حاضر وقت مى بايد بودہ تا ببطالت نه گزردہ بلكه واقف نفس باشى تا بغفلت بر نيابد.

**لغات:** بطالت: بيڪاري.

**ترجمو:** هن نسبتِ شريفه (مٿي ڄاڻايل مراقبي) جي اهڙي تہ ورزش (رياضت) ڪرڻ گهرجي جو اوقات مان ڪوبہ وقت ۽ حالات مان ڪابہ

حالت (حال) ان جي نسبت کان خالي نہ هجي. ايندي ويندي، کائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي، ٻڌندي چوندي مطلب تہ هر حالت، هر حال ۾ هوشيار رهڻ گهرجي، تانڪہ هي (حضوري قلب جو اهم فريضو) بيڪار ۽ لاپرواهي ۽ بي توجهي جو شڪار نہ ٿئي، پر پنهنجي نفس کان چڱيءَ طرح واقف هجين تہ جيئن هو غفلت ۾ نہ اچي.

## رباعي

رخ گرچه نمی نمايیم سال بسال
حاشا که بود مهر ترا وهم زوال
دارم همه جا با همه کس در همه حال
در دل تو آرزو و در ديده خيال

**لغات:** بيم: خوف، ڊپ.

**منظوم ترجمو:**

ڪٽي توسان نہ سالن کان ملان مان
نہ ويندي تنهنجي الفت منهنجي من مان
رهين هر حال ۾ هر هنڌ هردم
تمنا دل جي ۽ اکڙين جو ارمان

**نثري ترجمو:** (اي محبوب) توڙي ڪٽي تون سالن جا سال پنهنجو ديدار نہ ڪرائين تہ بہ اهو ممڪن ئي ناهي تہ تنهنجي محبت ۾ ڪا ڪمي اچي. هر هنڌ هر خيال ۽ هر حال ۾ منهنجي دل ۾ تنهنجي آرزو ۽ اکين ۾ تنهنجو تصور آهي.

# ⑧ لائحہ هشتم (اٺون لائح)

## دنياداري کان دوري

هم چنان که امتداد نسبت مذکوره بحسب شمول جميع اوقات و ازمان واجبست، همچنين ازدياد کيفيت آن بسبب تعرّی از ملابسۂ اکوان، و تبرّی از ملاحظۂ صور امکان، اهم مطالبست، و آن جز بجهدی بليغ و جدّي تمام در نفی خواطر و اوهام ميسّر نگردد. هرچند خواطر منتفی تر وساوس مختفی تر، آن نسبت قوی تر، کوشش می بايد کرد تا خواطر متفرّقه از ساحت سَنيّه خيمه بيرون زند، و نور ظهور هستی حق سبحانه بر باطن پرتوافگند، ترا از تو بستاند، و از مزاحمت اغيار برهاند، نه شعور بخودت ماند، و نه شعور بعدم شعور بَلْ لَمْ يَبْقَ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْاَحَدُ. بلڪ الله واحد احد کان سواءِ ڪجهہ نہ رهي.

**لغات:** امتداد: گهڻو وقت. تعرّی: عليحدگی اختيار ڪرڻ، جدا ٿيڻ. تبرّی: ڇوٽڪارو، بيزاري. ملابسه: تعلقات، ميل ميلاپ.

**ترجمو:** جهڙيءَ طرح مٿي ڄاڻايل نسبت (مراقبيءِ ذات) کي لڳاتار هر وقت هر زماني ۾ جاري رکڻ ضروري آهي، اهڙيءَ طرح دنياوي تعلقات کان علحدگي اختيار ڪرڻ ۽ امڪاني صورتن کان ڇوٽڪاري جو اظهار ڪرڻ سان گڏ ان جي لذت ۽ ڪيفيت ۾ بہ اضافو ڪيو وڃي ۽ اهو ان صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن ذهن کي غلط

خيالن ۽ خراب سوچن کان سخت محنت ڪري پاڪ ڪيو وڃي ته جيئن غلط ۽ پريشان خيال، بلند خيالي (عظيم مقصد) جي صحن کان ٻاهر خيمه زن ٿين ۽ الله تعالىٰ سبحانه جي ذات پاڪ جي نور جو عڪس من اندر روشنيءَ جو پرتو ٿي سمائجي وڃي ۽ توکي تنهنجي پاڻ کان ڇوٽڪارو ڏئي ۽ (دل اندر) اغيار جي مزاحمت کان نجات ڏياري. ايتري قدر جو توکي پنهنجي انا (خودي) جو خيال باقي نه رهي ۽ واحد کان سواءِ (تنهنجي دل ۾) ڪابه شيءِ باقي نه رهي.

## رباعي

يا رب مددی کز دَدی خود برهم
از بد ببرم وز بدی خود برهم
در هستی خود مرا ز خود بیخود کن
تا از خودی و بیخودی خود برهم

**لغات:** ددی: وحشي پن. دوئی: ٻيائي. بُدی خود: خود بودن پنهنجو پاڻ سمجهڻ. ببرم: نجات حاصل ڪريان. ڇوٽڪاروپايان. بَد: (زبر سان) خراب. بُد: (پيش سان) بودن هجڻ، موجودهجڻ.

**منظوم ترجمو:**

مدد ڪر رب بچان مان وحشي پن کان
بَدي کان، پاڻ کان منهن موڙيان مان
تون بيخود مون کي پنهنجي ذات ۾ ڪر
خودي ۽ بي خودي پنهنجي ڇڏيان مان

**نثري ترجمو:** اي الله! منهنجي مدد فرمايو ته مان پنهنجي وحشي پن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريان. پنهنجي وجود کان پري ٿيان ۽ پنهنجي

برائيءَ کان نجات حاصل ڪريان. تون پنهنجي (هستي) ذات اندر جذب ڪري مون کي پنهنجي پاڻ کان مدهوش (بي خبر) ڪري ڇڏ (يعني مقامِ فنا في الله هجي) تہ جيئن مان پنهنجي خودي ۽ بي خوديءَ کان نجات حاصل ڪري سگهان.

آنرا که فنا شیوه و فقر آئینست
نی کشف و یقین نه معرفت نه دینست
رفت او ز میان همین خدا ماند خدا
اَلْفَقْرُ اِذَا تَمَّ هُوَ اللّٰهُ اینست

**منظوم ترجمو:**

فنا شيوه ۽ فقر آئين جنهن جو
نہ ڪشف و معرفت ٿيو دين ان جو
هو خود گم تي ويو الله باقي
ٿئي جي فقر ڪامل رب بہ تنهن جو

**نثري ترجمو:** جنهن خوشنصيب جو شيوه (طريقو روش) فنا ۽ سندس ضابطهِ حيات فقر (فقيري) آهي هن وٽ هاڻي نڪي ڪشف ڪرامات يقين نڪي معرفت نڪي دين آهي، ڇوتہ هو پنهنجو پاڻ کان گم ٿي چڪو آهي ۽ رڳو خدائي خدا باقي آهي. جڏهن فقر پنهنجي انتها تي پهچندو آهي تہ پوءِ بس رڳو الله ئي الله هوندو آهي.

## ⑨ لائحہ نهم (نائون لائح)

## فناءُ الفناءِ

فنا عبارت از آنست که بواسطه استیلای ظهور هستی حق بر باطن بما سوای او شعور نماند و پوشیده نباشد که

فنای فنا در فنا مندرجست زیراکه صاحب فنا را اگر بفنای خود شعور باشد صاحب فنا نباشد. بجهت آنکه صفت فنا و موصوف آن از قبیل ما سوای حقّند سبحانہ پس شعور بآن منافی فنا باشد.

**لغات:** استيلا: غلبو.

**ترجمو:** فنا جو مطلب آهي تہ سالڪ جي باطن (اندر) ۾ حق تعالىٰ جي هستيءَ جي ظهور جي غلبي جي ڪري ما سوىٰ الله يعني الله کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي جو شعور باقي نہ رهي ۽ معلوم هئڻ گهرجي تہ فناءُ الفنا يعني فنا کي فنا ڪرڻ جو مطلب آهي تہ ان کي پنهنجي فنا هجڻ جو شعور بہ نہ رهي، ڇوتہ اگر فنا في الذات (حق تعالىٰ ۾ فنا ٿي وڃڻ) کي پنهنجي فنا ٿيڻ جو شعور آهي تہ پوءِ هو اجان فنا (فنا جي مقام) تي نہ آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ خود فنا ۽ صاحبِ فنا ٻئي حق سبحانہ وتعالىٰ کان الڳ شيءِ آهن. تنهن ڪري ان جو شعور اصولي طرح فنا جي خلاف آهي.

## رباعي

زينسان که بقای خویشتن می خواهی
از خرمن هستیت جوی کی کاهی
تا یک سر مو ز خویشتن آگاهی
گردم زنی از راهِ فنا گمراهی

**منظوم ترجمو:**

بقا پنهنجي جا جيسين گيت ڳائين
برابر جؤ نٿو هستي هٽائين

ذرو پر پاڻ کي جيسين ٿو سمجهين
فنا جو دم هڻين گمراهہ آهين

**نثري ترجمو:** جيستائين تون پنهنجي هستي (وجود) جو خواهشمند آهين تيستائين تون پنهنجي هستي (وجود) جي ڪري مان هڪ جَـوُ برابر بہ گهٽ نہ ڪري سگهندين. جيستائين تو هڪ وار جي سري برابر بہ پاڻ کي ڪجهہ سمجهين ٿو ۽ پوءِ بہ فنا جي طريقي جو دعويدار آهين تہ گمراهہ آهين.

**نوٽ:** هي رباعي هڪ ٻئي نسخي ۾ هن طرح آيل آهي:

زينسان که فنا خويشتن مى خواهى
از خرمن هستيت جوئى نه کاهى
تا يک سر مُو ز خويشتن آگاهى
گر دم زنى از راهِ فنا گمراهى

**منظوم ترجمو:**

فنا پنهنجي جا وينو گيت ڳائين
برابر جؤ نٿو هستي هٽائين
اجان پنهنجي انا مان نڪتو ناهين
فنا جو دم هڻين گمراهہ آهين

**نثري ترجمو:** برابر تون پنهنجي فنا جو طلبگار تہ آهين، پر تون جيستائين پنهنجي وجود (هستي) جي ڪري مان هڪ جَوَ جيتري بہ گهٽتائي نہ ٿو ڪرين. يا تون هڪ وار جي سري برابر بہ پنهنجي هستي (وجود) جو قائل آهين ۽ پوءِ بہ فنا جي طريقي جي دعويٰ ڪرين ٿو تہ تون گمراهہ آهين.

## ⑩ لائحه دهم (ڏهون لائح)

## توحيد

توحيد يگانه گردانيدن دلست، يعنى تخليص و تجريد او از تعلّق بما سواى حق سبحانه: هم از روى طلب و ارادت، و هم از جهت علم و معرفت. يعنى طلب و ارادت او از همه مطلوبات و مرادات منقطع گردد، و همه معلومات و معقولات از نظر بصيرت او مرتفع شود، از همه روى توجّه بگرداند و بغير از حق سبحانه آگاهى و شعورش نماند.

**لغات:** گردانيدن: ڦيرائڻ. ڪنهن شيءِ کي ڪنهن شيءِ جي گرد (چوڌاري) حرڪت ڏيڻ.

**ترجمو:** توحيد جو مطلب آهي دل جو (حق تعالیٰ سان) هڪ ٿي وڃڻ. يعني حق سبحانه جي ذات کان علاوه هر تعلق ۽ واسطي کان پاڪ صاف ۽ الڳ ٿي وڃڻ، طلب ۽ ارادي، علم ۽ معرفت جي لحاظ سان. يعني هن جي هر طلب ۽ هر خواهش (دنيا جي) هر مطلوب ۽ مراد (هر شيءِ) کان ڪٽجي وڃي. هر طرح جي معلومات ۽ معقولات هن جي بصيرت واري نگاهه کان پري (جدا) ٿي وڃن. هر طرف کان پنهنجي توجه هٽائي ڇڏي، تاڪه حق سبحانه وتعالیٰ جي ذات پاڪ کان سواءِ نه ڪا آگاهي باقي رهي ۽ نه شعور.

## رباعي

توحيد بعرف صوفى، اى صاحب سير
تخليص دل از توجّه اوست بغير

رمزی ز نهایات مقامات طیور
گفتم بتو، گر فهم کنی منطق طیر

**منظوم ترجمو:**

اي سالڪ صوفي وٽ توحيد چاهي
ڇڏي غيرن کي، دل رب سان لڳائي
مقام اعليٰ اهوئي اهلِ دل جو
چيم سمجهڻ لئي منطقِ طير آهي

**نثري ترجمو:** اي سالڪ! صوفين جي اصطلاح ۾ توحيد دل کي غير (غيرالله) ڏانهن متوجّه ٿيڻ کان پاڪ ڪرڻ آهي. اهو سالڪن جي آخري مقامات ڏانهن اشارو آهي، جيڪو مون توکي ٻڌايو آهي. جيڪڏهن توکي منطق الطير يعني سلوڪ الي الله جي اصطلاح جي آگاهي ٿي آهي.

## ⑪ لائحه يازدهم (يارهون لائح)
## هوا و هوس کان نجات

مادام که آدمی بدام هوا و هوس گرفتار است، دوام این نسبت از وی دشوار است، اما چون آثار جذبات لطف دروی ظهور کند و مشغله محسوسات و معقولات را از باطن وی دور، التذاد بآن غلبه کند، بر لذّات جسمانی و راحات روحانی، کلفت مجاهده از میانه بر خیزد، و لذّت مشاهده در جانش آویزد، خاطر از مزاحمت اغیار بپردازد و زبان حالش بدین ترانه ترنّم آغازد.

**ترجمو:** جيستائين انسان هوا هوس (نفساني خواهشن) جي دام ۾ گرفتار آهي ته پوءِ هن نسبت (تعلق بالله و فنا في الله) سان سندس وابستگي مشڪل آهي، پر جيئن ئي لطيف جذبا هن جي اندر، دل ۾ اثرانداز ٿي ظهور پذير ٿين ٿا ۽ محسوسات ۽ معقولات جا شوق شغل هن جي اندر (قلب) ڪان دور ٿين ٿا، اهڙي طرح جيڪو ڪيف و سرور هن کي ملي ٿو ۽ جيڪا لذت هن کي حاصل ٿئي ٿي، ان ڪان سواءِ ڪيس هر طرح جي جسماني راحت ۽ روحاني آسائش هن جي مقابلي ۾ هيچ نظر اچي ٿي. مجاهدي جي زحمت به برداشت ڪرڻي نٿي پوي ۽ مشاهدي جي لذت حاصل ٿي وڃي ٿي. دل غيرالله جي مزاحمت ۽ ڪشمڪش ڪان خالي (آجي) ٿي وڃي ٿي ۽ حال ۾ اچي هن جي زبان هي ترانو ڳائي ٿي.

## رباعي

ڪای بلبل جانم مست ز یاد تو مرا
وی مایۂ غم پست ز یاد تو مرا
لذّات جهان را همه در پا فگند
ذوقی که دهد دست ز یاد تو مرا

**منظوم ترجمو:**

ڪيو آ مست تنهنجي ياد دلبر
ڪري غم پست تنهنجي ياد دلبر
وڃن ٿيون لذتون دنيا جون وسري
ٻڌائي چست تنهنجي ياد دلبر

**نثري ترجمو:** اي منهنجا محبوب! مان تنهنجي ياد ۾ مست آهيان

۽ تنهنجي ياد منهنجي غمن ۾ ڪمي آهي. جيڪو ذوق و شوق تنهنجي ياد سان حاصل ٿئي، اهو دنيا جهان جي لذتن کي نيست نابُود ڪيو ڇڏي.

## ⑫ لائحه دوازدهم (ٻارهون لائح)

## عشق الٰهي جو نشو

چون طالب صادق، مقدّمه نسبت جذبه را که التذاذ است بياد کرد حق سبحانه در خود باز يابد، می بايد که تمامی همت را بر تربيت و تقويّت آن گمارد، و از هر چه منافی آنست خود را باز دارد، و چنان داند که اگر فی المثال عمر جاودانی صرف آن نسبت کند، هيچ نکرده باشد و حقّ آن کما ينبغی بجای نياورده.

**لغات:** التذاذ: لذت محسوس ڪرڻ. ڪما ينبغي: جيترو هئڻ گهرجي، پوري طرح.

**ترجمو:** جيئن سچو سالڪ نسبت خداوندي جي ڪشش جي شروعات ۾ ٿئي سندس ياد جي لذت محسوس ڪندو ته پنهنجي اندر ۾ حق سبحانه کي پائيندو، ان ڪري کيس گهرجي ته هو پنهنجي پوري همت ۽ طاقت کي ان نسبت (عشق الٰهي) جي تربيت ۽ تقويت ۾ لڳائي ته جيڪا به شيءِ ان جي خلاف آهي، ان کان پاڻ کي پري رکي ۽ ائين سمجهي ته پنهنجي پوري زندگي به ان نسبت جي حاصل ڪرڻ ۾ صرف ڪري ته به ڄڻ هن ڪجهه به نه ڪيو آهي ۽ سچ اهو آهي ته هُن هِن (بي مثال دولت) جو پوريءَ طرح حق ادا نه ڪيو آهي.

## رباعي

برعود دلم نواخت یک زمزمه عشق
زان زمزمه ام ز پای تا سر همه عشق
حقّا که بعهدها نیایم بیرون
از عهده حق گذاری یکدمه عشق

**لغات:** عود: هڪ ساز آهي. زمزمه: آواز، آلاپ.

**منظوم ترجمو:**

ڏنو آواز دل کي عشق اهڙو
سراپا تي ويس خود عشق جهڙو
کيان پل حق ادائي جي ڀ ڪوشش
ڪري سگهندس ادا حق ان جو ڪهڙو

**نثري ترجمو:** منهنجي دل جي ساز تي عشق جو اهڙو آلاپ ڇيڙيو اٿس، جو مان عشق جي ان آلاپ سان سراپا عشق بڻجي ويو آهيان. هاڻي ان عشق جي هڪ گهڙي جي حق ادا ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن صديون (زمانن جا زمانا) ڪوشش ڪريان ته ان جو حق ادا ڪري نٿو سگهان.

## (۱۳) لائحه سيزدهم (تيرهون لائح)

## ذات حق هڪ حقيقت

حقیقت حق سبحانه جز هستی نیست، و هستی او را انحطاط و پستی نی. مقدّسست از سمت تبدّل و تغیّر و مبرّاست از وصمت تعدّد و تکثّر، از همه نشانها بی نشان، نه

در علم گنجد، و نه درعیان، همه چند ها و چون ها از او پیدا، و او بی چند و چون. همه چیزها باو مدرک، و او از احاطه ادراک بیرون. چشم سر در مشاهدهِ جمال او خیره، و دیدهٔ سر بی ملاحظهٔ کمال او تیره.

**لغات:** وصمت: ننگ عار، عيب. انحطاط: پستي، ڪمي. عيان: ظاهر ڏسڻ، اکين سان مشاهدو ڪرڻ. احاطه: دائري ۾ اچڻ.

**ترجمو:** حق تعالیٰ جي هستي (وجود) هڪ حقيقت آهي. سندس هستي کي زوال انحطاط (پستي يا گهٽتائي) نہ آهي. تبديلي ۽ تغيّر (قير قار) کان پاڪ ۽ ڪثرت ۽ گهٽائي جي عيب کان پاڪ صاف آهي. نہ هن جو ڪو پتو آهي، نہ نشان. نہ هو علم جي احاطي ۾ اچي سگهي ٿو ۽ نہ وري اکين جي مشاهدي ۾. سڀ هي هو سندس پيدا ڪيل آهن، پر سندس ذات هي هو هجڻ کان پاڪ آهي. تمام شين جي سڃاڻپ ۽ ادراڪ سندس ذريعي سان آهي، پر هو پاڻ ادراڪ جي دائري کان ٻاهر آهي. اکيون سندس جمال جي مشاهدي کان عاجز ۽ اندر جي بصيرت بہ سندس حد ڪمال ڄاڻڻ کان انڌي (بي بهره) آهي.

## رباعي

يَا مَنْ لِهَوَاهُ كُنْتُ بِالرُّوح سَمَحْتُ
هم فوقی هم تحتی نه فوقی و نه تحت
ذات همه جزو وجود و قایم بوجود
ذات تو وجود ساذج و هستی بحت

**لغات:** سازج: بي نقش و نگار. بحت: وجود محض يعني ذات باري تعالیٰ.

**منظوم ترجمو:**

ڪيم قربان توتي جان سائين
مٿي ۽ هيٺ پڻ آهين ۽ ناهين
هي سڀ ڪجهه جزو تنهنجو توسان قائم
نہ تنهنجو ڏس پتو پر پوءِ بہ آهين.

**نثري ترجمو:** اي (محبوب حقيقي) تنهنجي عشق ۾ مون پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. تون مٿي بہ (موجود) آهين تہ هيٺ بہ. نہ وري مٿي آهين ۾ نہ هيٺ. هر شيءِ تنهنجي وجود (ڪل) جو جزو ۽ تنهنجي وجود سان قائم (موجود) آهي، پر تون پنهنجي وجود جنهن جو اتو پتو ناهي (ساذج) ۽ هر نام و نشان کان بلند بالا (بحت) سان دائم قائم آهين.

بس بی رنگست یار دلخواه ای دل
قانع نشوی برنگ ناگاه ای دل
اصل همه رنگها از آن بی رنگیست
"مَنْ اَحْسَنَ صِبْغَةً مِّنَ اللّٰهِ" ای دل

**منظوم ترجمو:**

نہ منهنجي يار جو ڪو رنگ آهي
نہ دل جو رنگ ٻئي سان سنگ آهي
سمورا رنگ هن بي رنگ جو رنگ
نہ رب جي رنگ جهڙو انگ آهي

**نثري ترجمو:** اي منهنجي دل! منهنجو دل گهريو دلبر نهايت بي رنگ آهي. ان ڪري تون ڪنهن رنگ تي خواه مخواه پاڙي نہ ويهجانءِ. دراصل هنن سمورن رنگن جو وجود انهيءَ بي رنگ ذات جي ڪري آهي. ڀلا جاني، الله جي رنگ کان بهتر ڪهڙو رنگ آهي؟

## (۱۴) لائحه چهاردهم (چوڏهون لائح)
## وجود فقط هڪ آهي

لفظ وجود را گاه بمعنی تحقّق و حصول. که معانی مصدریّه و مفهومات اعتباریّه اند. اطلاق می کنند، و بدان اعتبار از قبیل معقولات ثانیه است که در برابر وی امری نیست در خارج، بلکه ماهیات را عارض می شود در تعقّل چنانکه محقّقان حکما ومتکلّمین تحقیق آن کرده اند، و گاه لفظ وجود می گویند، و حقیقتی می خواهند، که هستی وی بذات خود است، و هستی باقی موجودات بوی، و فی الحقیقة غیر از وی موجودی نیست در خارج، و باقی موجودات عارض وی اند، و قایم بوی، چنانکه ذوق کمّل کبرای عارفین و عظمای اهل یقین بآن گواهی می دهد، و اطلاق این اسم بر حضرت حقّ سبحانه بمعنی ثانی است نه بمعنی اول.

**ترجمو:** ڪڏهن وجود جو لفظ مصدري ۽ اصطلاحي معنیٰ جي لحاظ سان ڪنهن شيءِ جو موجود هجڻ يا حاصل ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. انهيءَ اعتبار سان اهو معقولات ثانيه (جنهن جي حيثيت ثانوي هجي) ۾ شمار ٿئي ٿو، پر خارج ۾ اهڙو ڪوبه وجود نہ هوندو آهي. رڳو خيالي تصوير يا تصوراتي اظهار آهي. تحقيق ڪندڙن ۽ دانشورن اهوئي ثابت ڪيو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن لفظ وجود چوڻ سان اهڙي حقيقت جو بيان آهي، جيڪا هستي (وجود) بذات خود قائم آهي

۽ باقي تمام شين جو وجود (هستي) سندس وجود سان قائم آهي. حقيقت ۾ اها آهي تہ (سندس) ذات سبحانه کانسواءِ ڪا بہ شيءِ خارج ۾ موجود (وجود واري) نہ آهي ۽ باقي سموريون موجود شيون عارضي آهن ۽ (سندن وجود) هن ذات سبحانه سان وابستہ آهن ۽ وڏن ڪامل بزرگن اهلِ دل ۽ اهل يقين عارف حضرات جو اهو ذوق هن جي گواهي (۽ مشاهدو) آهي. ان ڪري لفظ وجود جو ذات باري تعالىٰ سبحانه لاءِ استعمال ٻيءَ معنىٰ ۾ آهي، پهرين ۾ نہ آهي.

## رباعي

هستی، بقیاس عقل اصحاب قیود
جز عارض اعیان حقایق ننمود
لیکن بمکاشفات ارباب شهود
اعیان همه عارضند و معروض رنود

**لغات:** رنود: رند جو جمع آهي.

**منظوم ترجمو:**

چون صاحب بصيرت تا تہ "هستي"
سوا اشياء عالم ڪجھ نہ آهي
مگر اشياء عالم اهلِ دل وٽ
خدا جي هستي جو ئي جلوو آهي

**نثري ترجمو:** اهل قيود (جيڪي زمان و مڪان جي قيد ۾ آهن يعني فلاسفر وغيره) جي عقل ۽ پروڙ مطابق جيڪي ظاهر ۾ شيون ڏسجن ٿيون، درحقيقت اهي ئي وجود آهن، پر اهل شهود (مشاهدي ماڻڻ وارين اهل الله هستين) جي مڪاشفي يعني حقيقت راز

پروڙڻ وارن جي ڪشف و ڪمالات ۾ اشياء عالم سڀ عارض (عارضي خيالي) آهن ۽ موجود (معروض) صرف وجود ئي يا رنود (لاابالي ذات) آهي، جيڪو ذات سبحانہ جو وجود آهي. باقي اشياء عالم ان جو جلوو آهن.

## ⑮ لائحہ پانزدهم (پندرهون لائح)

## حق ۽ صفات حق

صفات غير ذاتند من حيث مَا يَفْهَمُهٗ الْعُقُوْلُ، و عين ذاتند من حيث التّحَقُّقُ والحصول. مثلاً عالم ذاتست باعتبار صفت علم قادر باعتبار قدرت، و مريد باعتبار ارادت. و شکّ نيست که اينها چنانکه بحسب مفهوم بايکديگر متغاريند مر ذات را نيز مغايرند. اما بحسب تحقّق و هستی عين ذاتند. بآن معنیٰ که آنجا وجودات متعدّد نيست، بلکه وجوديست واحد و اسماء و صفات نسب واعتبارات او.

**ترجمو:** (انساني) عقل جي اعتبار سان اللّٰه جون صفتون اللّٰه پاڪ جي ذات کان الڳ آهن، پر حقيقت ۽ اصليت جي اعتبار کان صفات (اهي صفتون) عين ذات آهن. مثلاً صفت علم جي اعتبار سان عالم ذات آهي ۽ صفت قدرت جي لحاظ سان قادر ذات آهي ۽ ارادي ۽ اختيار جي صفت جي اعتبار سان مريد ذات آهي (چوته علم قدرت اختيار ارادو، اللّٰه جون ذاتي صفتون آهن ۽ انهن ذاتي صفتن جي اعتبار سان عالم قادر مريد بہ ٽئي ذاتي نالا آهن) انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهي

صفتون پنهنجي مفهوم جي لحاظ سان هڪ ٻئي کان جهڙيءَ طرح الڳ آهن، اهڙيءَ طرح ذات کان بہ جدا آهن، پر حقيقت ۽ وجود جي اعتبار سان (اهي صفتون) عين ذات آهن، ڇوتہ اتي الڳ الڳ وجود نہ آهن پر (دراصل) هڪ ئي وجود آهي ۽ اهي نالا ۽ صفتون انهيءَ (ذات) جون نسبتون ۽ انداز آهن.

## رباعي

ای در همه شان ذات تو پاک از همه شَيْنَ
نی در حق تو کیف توان گفت نه این
از روی تعقّل همه غیرند صفات
باذات تو و ز روی تحقق همه عین

**منظوم ترجمو:**

خدا هر شان ۾ عيبن کان آجو
پتو ڪنهن کي نہ هُن جي هيئن ۽ هون جو
خرد جي خيال ۾ صفتون الڳ پر
حقيقت ۾ اهي سڀ عين هن جو

**نثري ترجمو:** اي منهنجا رب! هر شان ۾ تنهنجي ذات تمام عيبن کان پاڪ آهي. تنهنجي ذات پاڪ جي باري ۾ ڇئي نٿو سگهجي تہ ڪيئن آهي، ڪٿي آهي. (انساني) عقل و فهم جي اعتبار سان تہ سموريون صفتون الڳ آهن، پر حقيقت ۾ اهي سڀ صفتون تنهنجي عين ذات آهن (ڇوتہ تنهنجي ذات بہ قديم ۽ لامحدود آهي تہ تنهنجون صفتون بہ قديم ۽ لامحدود آهن).

## ⑯ لائحہ شانزدهم (سورهون لائح)
## حق بذاتہِ هڪ آهي

ذات منْ حَيْث هيَ از همه اسماء و صفات معرّاست و از جميع نسب و اضافات مبرّاہ اتّصاف او باين امور باعتبار توجّه اوست بعالم ظهور در تجلّی اوّل که خودبخود بر خود تجلّی نمودہ نسبت علم و نور وجود و شهود متحقّق گشت و نسبت علم مقتضی عالميّت و معلوميّت شدہ و نور مستلزم ظهور و ظاهريّت و مظهريّتہ و وجود و شهود مستنبع واحديّت و موجوديّت و شاهديّت و مشهوديّتہ و همچنين ظهور که لازم نوراست مسبوقست ببطونہ و ببطون را تقدم ذاتی و اوليّتست نسبت باظهور.

پس اسم اوّل و آخر و ظاهر و باطن متعيّن شدہ همچنين در تجلّی ثانی و ثالث الی ما شاء اللّٰہ نسب و اضافات متضاعف می شود و هر چند تضاعف نسب و سماء او بيشترہ ظهور او بلکه خفای او بيشتر "فَسُبْحَانَ مَنِ احْتَجَبَ بِمَظَاهِرِ نُوْرِهٖ وَ ظَهَرَ بِاِسْبَالِ سُتُوْرِهٖ" خفای او باعتبار صرافت و اطلاق ذاتست و ظهور باعتبار ظاهر و تعيّنات.

**ترجمو:** الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذات پنهنجي (ذاتي) حيثيت ۾ سمورن نالن ۽ صفتن کان آجي ۽ سمورين نسبتن ۽ لاڳاپن کان پاڪ آهي. انهن اسمن سان سڏڻ يا صفتن سان موصوف ڪرڻ جو رڳو اهو

مطلب آهي تہ ذات خداوندي پنهنجو پاڻ ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ ڏانهن متوجّه ٿي. پهرين تجلّي جنهن ۾ خودبخود پنهنجو پاڻ تي تجلي ڪيائين تہ علم ۽ نور، وجود ۽ شهود ظهورپذير ٿيا ۽ علم (واري صفت) جي نسبت جي تقاضا سان عالميت (ڄاڻڻ) ۽ معلوميت (ڄاتو وڃڻ) هئي ۽ نور جي صفت سان آشڪارا ڪرڻ ۽ خود آشڪار (ظهور پذير) ٿيڻ آهي ۽ وجود جي صفت تقاضا هئي (احديت) هيڪڙائي ۽ (موجوديت) موجود هجڻ ۽ شهود سان (شاهديت) ڏسڻ ۽ (مشهوديت) ڏٺو وڃڻ. اهڙيءَ طرح "ظهور" (ظاهر ٿيڻ) جيڪو نور جو خاصو آهي تي باطن ۽ ڳجهہ ڪي ترجيح آهي ۽ باطن (ڳجهہ) ظهور جي مقابلي ۾ اول ۽ مقدم آهي. ان بعد اول ۽ آخر ۽ ظاهر ۽ باطن جا اسم (نالا) متعيّن (مقرر) ٿيا. (اها هئي تجلي اول) اهڙي طرح تجلي ٻي، ٽئين يا جيترين تجليون الله گهري، نسبتون ۽ اضافتون وڌنديون ويون ۽ جيترين جيترين نسبتون ۽ نالا وڌندا ويا، اوترا اوترا ظهور ۽ اخفاء (باطن يا ڳجهہ) بہ وڌندا ويا. پاڪ آهي اها ذات، جيڪا پنهنجي تجلّيات جي ڪري مخفي ۽ حجابات جي ڪري ظهورپذير آهي. (معلوم هئڻ گهرجي تہ) سندس اخفاء (مخفي، باطن هجڻ) مطلق ۽ خالص (منزه پاڪ) هجڻ جي اعتبار سان آهي ۽ سندس ظهور فطرت جي نظارن مان آهي.

## رباعي

با گل رخ خویش گفتم ای غنچه دهان
هر لحظه مپوش چهره چون عشوه گران
زد خنده که من بعکس خوبان جهان
در پرده عیان باشم و بی پرده نهان

**منظوم ترجمو:**

چيو دلدار گل رخسار کي مون
حسينن جيئن رکين پوشيده رخ تون
چيائين مرکي ٻين سهڻن جي ابتڙ
رهان پردي ۾ ظاهر ورنہ بي چون

**نثري ترجمو:** مون پنهنجي گل رخسار (گل جهڙي چهري واري) يار کي (مخاطب ٿيندي) چيو تہ اي مکڙيءَ جي منهن (يا زبان) وارا دوست! تون پنهنجي چهري کي هر وقت نازنينن وانگر لڪائي نہ رک. هو کليو ۽ چيائين تہ مان دنيا جي حسينن جي برخلاف پردي ۾ هوندي ظاهر هجان ٿو ۽ پردي ۾ نہ هجڻ وقت لڪل هجان ٿو.

رخسار تو بی نقاب دیدن نتوان
دیدار تو بی حجاب دیدن نتوان
مادام که در کمال اشراق بود
سرچشمه آفتاب دیدن نتوان

**منظوم ترجمو:**

پسڻ رخ بي نقاب آهي نہ ممڪن
بنا پردي جي مشڪل تنهن جو درشن
جڏهن پوري طرح خورشيد چمڪي
ڏسي سگهبو نہ سج جنهن وقت روشن

**نثري ترجمو:** (اي محبوب) پردي کان سواءِ تنهنجو چهرو مبارڪ ڏسڻ ناممڪن آهي ۽ حجاب ۾ هجڻ کان سواءِ تنهنجو ديدار ڪرڻ محال آهي، جوتہ سج جڏهن پنهنجي ڪمال روشني ۾ هوندو آهي تہ ان

ڏانهن ڏسي نٿو سگهجي (پر جڏهن سج ڪڪرن جي اوٽ ۾ هوندو آهي تہ ان وقت ان ڏانهن نهاري سگهبو آهي. اهڙي طرح ڪائنات جي پردي ۾ حق سبحانه کي ڏسي سگهجي ٿو، پر ان کان سواءِ سڌو (عالم موجودات کان سواءِ) پسڻ محال ۽ ناممڪن آهي.

خورشيد چون بر فلک زند رايت نور
در پرتو او خيره شود ديده دور
واندم که کند ز پرده ابر ظهور
فَالنَّاظِرُ يَجْتَلِيْهِ مِنْ غَيْرِ قُصُوْر

**لغات:** رايت: عَلَم، جهنڊو. خيره: بي نور، تاريڪ.

**منظوم ترجمو:**

فلڪ تي سج جڏهن روشن ٿئي ٿو
ڪلي اک سان نہ ڪو ان کي ڏسي ٿو
اچي ٿو اوٽ ڪڪرن جي ۾ جنهن دم
ڏسڻ وارو ڏسي ان کي سگهي ٿو

**نثري ترجمو:** جڏهن سج آسمان تي نور (روشني) جو جهنڊو بلند ڪري ٿو تہ ان جي چمڪ (روشني) جي ڪري اکيون پري کان ئي بي نور ۽ تاريڪ ٿي پون ٿيون. پر جنهن مهل بہ ڪڪرن جي پردي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڏسندڙ هن کي بنا هيڪ (تڪليف) جي ڏسي سگهي ٿو.

## ⑰ لائحہ هفدهم (سترهون لائح)

## احديت ۽ واحديت

تعين اول وحدتيست صرف و قابليّتى است محض،

مشتمل بر جمیع قابلیات، چه قابلیّت تجرد از جمیع اعتبارات و صفات و چه اتّصاف همه باعتبار تجرّد از جمیع اعتبارات، تا غایتی که از قابلیّت این تجرّد نیز مرتبه احدیّتست. و مر اوراست بطون و اولیّت و ازلیّت، و باعتبار اتّصاف او بجمیع صفات و اعتبارات مرتبه واحدیّتست، و مر اوراست ظهور و آخریّت و ابدیّت و اعتبارات مرتبه واحدیّت بعضی از آن قبیلند که اتّصاف ذات بآنها باعتبار مرتبه جمعست، خواه مشروط باشد بتحقق، و وجود بعض حقائق کونیّه، چون خالقیّت ورازقیّت وغیرها، و خواه نباشد چون حیات و علم وارادت وغیرها، اینها اسماء و صفات آلهیت و ربوبیت اند و صورت معلومیّت ذات متلبّسة بهذه الاسماء والصفات حقایق الهیّه است، وتلبّس ظاهر وجود بآنها موجب تعدّد وجودی نیست. "وبعضی از آن قبیلند که اتّصاف ذات بآنها باعتبار مراتب کونیّه است. چون فصول و خواص و تعیّنات که میّزات اعیان خارجیّه اند از یگدیگر، و صوّر معلومیّت ذات، متلبّسة بهذه الاعتبارات، حقائق کونیّه است، و تلبّس ظاهر وجود باحکام و آثار آنها موجب تَعَدُّدُ وجودیست" و بعضی از آن حقایق کونیّه را "عِنۡدَ سَرَیَانِ الۡوُجُوۡدِ فِیۡهَا بِاَحَدِیَّةِ جَمۡعِ شُؤُوۡنِهٖ وَ ظُهُوۡرِ آثَارِهَا وَاَحۡکَامِهَا بِهٖ" استعداد ظهور جمع اسماء الهیّتست "سِوَی الۡوُجُوۡبِ الذَّاتِیِّ

عَلَى اخْتِلَافِ الْمَرَاتِبِ الظُّهُوْرِ شِدَّةً وَّ ضَعْفًا وَّ غَالِبِيَّةً وَّ مَغْلُوْبِيَّةً"
چون کُمَّل افراد انسانی از انبیاء و اولیاء و بعضی را استعداد ظهور بعضی است، دون بعضی علی الاختلاف المذکور، چون سایره وجودات و حضرت ذات باحدیّة جمیع شؤونها الآلهیّة والکونیّة ازلاً وابداً، در جمیع این حقایق. که تفاصیل مرتبه واحدیّت اند. ساریست و تجلّی چه در عالم ارواح و چه در عالم مثال و چه در عالم حسّ و شهادت چه در دنیی و چه در آخرت، و مقصود از این همه تحقیق و ظهور کمال اسمای است که کمال جلا و استجلا است. کمال جلا، یعنی ظهور او بحسب این اعتبارات، و کمال استجلا یعنی شهود او مرخود را، بحسب همین اعتبارات، و این ظهور و شهودیست، عیانی عینی، چون ظهور و شهود مجمل در مفصّل، بخلاف کمال ذاتی که ظهور ذاتست مر نفس خود را از برائی نفس خود بی اعتبار غیر و غیریت. و این ظهوریست، علمی غیبی، چون ظهور مفصّل در مجمل و غنای مطلق لازم کمال ذاتیست، و معنی غنای مطلق آنست که شؤون و احوال و اعتبارات ذات باحکامها ولوازمها علی وجه کلی، جملگی که در جمله مراتب حقایق آلهی و کونی می نماید مر ذات را فی بطونها، و اندراج الکلّ فی وحدتها مشاهد و ثابت باشند، بجمیع صُورها واحکامها کما ظهرت و تثبّت و تشاهد فی المراتب و از این

حيثيت از وجود جميع موجودات مستغنى است كما قال سبحانه "اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِیٌّ عَنِ الْعَالَمِیْنَ"

**ترجمو:** ذات حق جو پهريون تعيّن رڳو وحدت ۽ محض امڪانِ وجود (محض قابليت) آهي، جيڪا سمورين قابليتن (قابليّات/ امڪانات) تي مشتمل آهي. اها قابليت ٻن قسمن جي قابليّت تي مشتمل آهي. هڪ اهڙي قابليت (امڪان وجود) جيڪا سمورين اسماء ۽ صفات کان مبرّا (پاڪ صاف آهي ۽ ٻي اهڙي قابليت (امڪان وجود) جيڪا تمام اسماء ۽ صفات سان لاڳاپيل قابليت آهي. پهرئين قسم جي قابليت يا پهرئين مرتبي (درجي) جو نالو احديّت آهي، جنهن جو خاصو آهي بطون اوّليت ازليّت (يعني ذات حق ازل کان هئي بطون ۾ يعني پوشيده هئي ۽ هر قسم جي تعيّنات ۽ تقيّدات کان پاڪ صاف هئي) پر جڏهن ذات احديّت اسماء ۽ صفات سان متصف ٿي ته پوءِ واحديّت سڏجڻ لڳي، جنهن جو خاصو آهي ظهور آخريّت ۽ ابديّت. مقام واحديت جا مختلف اعتبارات آهن.

هن جا بعض اعتبارات اهڙا آهن جن ۾ ذات واحد جي صفت جمع جي صورت اختيار ڪري وٺندي آهي. خواهه اهي حقائق ڪونيه هجن ۽ اهي ڪٿي زماني ۾ (حقيقت وجود) واقفيت ڏانهن اشارو ئي ڪن، مثال طور خالقيت ۽ رزاقيت جي معنىٰ ۾ اچي ٿو. يا رڳوان جي صفات جو ذڪر ڪن مثال طور حيات، علم ۽ ارادي جو اظهار ڪري. هي اهڙيون صفات آهن، جيڪي اُلهيّت ۽ ربوبيت سان تعلق رکن ٿيون ۽ ذات حق انهن ئي اسماء ۽ صفات جو لباس پائي ٿي. هن سان تعدد وجودي يعني وجود جي گهٽائي (ڪثرت) لازم نٿي اچي (پر اهي تمام نالا ۽ صفتون هڪ ذات واحد جون ئي آهن).

مقام واحديت جا بعض اعتبارات اهڙا آهن، جن جو ذات سان متّصف ٿيڻ مراتب ڪونيه جي اعتبار سان آهي. جهڙي طرح تعيّنات يا اشياء عالم جيڪي خارج ۾ وجود رکن ٿيون ۽ اهي هڪ ٻئي کان عليحده عليحده وجود رکن ٿيون، اهڙي صورت ۾ ذات حق، حقائق ڪونيه يعني تعيّنات ۽ موجودات عالم جي صورت اختيار ڪري وٺندي آهي. ظاهري طرح تعدّد وجود (ڪثرت) ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پوءِ ان حقائق ڪونيه يعني اشياء عالم (جن کي موجودات سڏجي ٿو) ۾ ڪجهه اهڙا آهن، جن ۾ ذات حق (ذات احديّت) پنهنجن سمورين باڪمال صفتن سان سندن مرتبن ۽ استعداد مطابق سڀ کان وڌيڪ موجود آهي. اهڙي طرح ڪجهه ۾ گهٽ ته ڪجهه ۾ وڌيڪ آهي. اهڙي طرح ذات حق بحيثيت ذات احديت پنهنجن سمورن ڪمالات الهيه ۽ ڪونيه سان ازل کان ابد تائين هر شيءِ ۾ جاري ۽ ساري آهي. پوءِ اهو عالم ارواح هجي عالم مثال هجي يا عالم اجسام (عالم ناسوت/ هي عالم) اهو هن دنيا ۾ هجي يا آخرت ۾ هجي.

هن ساري عمل جو مقصد ۽ مدعا اسماء اُلهي جي ڪمالات جو اظهار آهي، جنهن کي جلا ۽ استجلا جي ڪمال جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جلا مان اشياء عالم ۾ اسماء ۽ صفات اُلهي جي ظهور جو ڪمال مراد آهي ۽ استجلا مان خود ذات حق جو انهن ۾ ظهور ۽ ثبوت مطلوب آهي. جلا دراصل اهڙي ظهور ۽ شهود جو نالو آهي، جيڪو جهڙيءَ طرح مجمل کان مفصل ۾ ظاهر ٿيڻ آهي (يعني ڪل جو جز ۾ ظاهر هجڻ) ۽ استجلا يعني ڪمال ذاتي جو ظهور جنهن ۾ پنهنجي ذات جو پنهنجي ذات تي يا پنهنجي ذات واسطي بغير غيريت جي ظاهر ٿيڻ آهي. ۽ اهو ظهور علمي غيبي آهي، جنهن کي مفصل

جو مڪمل ۾ ظاهر هجڻ آهي.

استغنائِ مطلق هڪ اهڙي صفت آهي، جيڪا ذات حق جي ڪمال جو مظهر آهي، جنهن جو مطلب آهي ته هڪ عام ۽ ڪُلّي طريقي سان ذات واحد پنهنجي سمورن اعتبارات ۽ احوال و ڪوائف سان مڙني احڪامات ۽ لوازمات سان گڏ پنهنجي تمام مظاهر ۾ اهڙي طرح ذات واحد جي باطن خيال ۾ جاري ۽ ساري نظر اچن، جو ڄڻ هنن سمورن جو مرڪز ۽ محور بس اها هڪ ذات احديت ئي آهي. ڪٿي انهن جو تعلق ماضي حال يا مستقبل سان هجي ۽ اهي حقائق الٰهي ۽ ڪونيه ۾ ڪٿي ڪهڙي ريت به ظهور ۾ اچي چڪا هجن. هن نقطه نظر مطابق ذات حق تمام موجودات کان بلڪل بي نياز آهي جهڙي طرح الله رب العزت جو ارشاد گرامي آهي:

”اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ عَنِ الْعَالَمِيْنَ“ (۵-۲۱)

## رباعي

دامان غنای عشق پاک آمد پاک
ز آلودگی نیاز بامشتی خاک
چون جلوه گر و نظارگی جمله خود است
گر ما و تو درمیان نباشیم چه باک

**منظوم ترجمو:**

غنائِ عشق جو پاڪ آهي دامن
هو خاڪي جي نياز ڪان پاڪ ليڪن
تماشو خود تماشائي به خود آ
هجڻ تو مان جو وچ ۾ ناهه ممڪن

**نثري ترجمو:** غناء ذاتِ حق جي خاصيت آهي. اسان مشت خاڪ (خاڪي انسان) آهيون ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ انهيءَ خاڪي جي نيازمندي واري آلودگي کان پاڪ (بي نياز) آهي. جڏهن هو تماشو بہ پاڻ آهي ۽ تماشائي بہ پاڻ آهي تہ پوءِ جيڪڏهن تون ۽ مان وچ ۾ نہ هجون تہ پوءِ ڪهڙو فرق پوندو (يعني اسان جو هجڻ نہ هجڻ برابر آهي).

## رباعي

هر شان وصفت که هستی حقّ دارد
در خود همه معلوم و محقّق دارد
در ضمن مقیّدات محتاج بخویش
از دیدن آن غنائ مطلق دارد

**منظوم ترجمو:**

صفت ۽ شان جيڪو حق رکي ٿو
پتو هن کي سمورن جو رهي ٿو
بلا غيري ڏسي ٿو پاڻ تن کي
خيال اشياء کي هن جو هجي ٿو

**نثري ترجمو:** سموريون صفتون ۽ شان جيڪي ذات حق ۾ موجود آهن، انهن سڀني جو هن کي پتو آهي. انهن کي ڏسڻ لاءِ هن کي مقيّدات (اشياءِ عالم) جي ضرورت نٿي پوي، مگر اشياء عالم کي هن جي ضرورت رهي ٿي.

## رباعي

واجب ز وجود نیک و بد مستغنی است
واحد ز مراتب عدد مستغنی است

در خود همه را چون جاودان مي بيند
از ديدن شان بُرون ز خود مستغنی است

**منظوم ترجمو:**

هو بي پرواه ٿيو هر نيڪ بد کان
هو واحد پاڪ آهي هر عدد کان
ڏسي هر شيءِ کي پنهنجي پاڻ ۾ ٿو
هو آهي پاڪ بيروني مدد کان

**نثري ترجمو:** ذات واجب الوجود (اللّٰه تعاليٰ) ڪنهن نيڪ ۽ بد جو محتاج ناهي. جيڪا ذات واحد مطلق آهي، اها عددي انگ اکر کان بالاتر آهي. حق تعاليٰ پنهنجي اندر تمام ڪمالات جون سموريون صفتون رکي ٿو ۽ هو انهن جي ڏسڻ پسڻ ۾ ڪنهن به بيروني مدد کان بي نياز آهي.

## ⑱ لائحه هجدم (ارڙهون لائح)

## جوهر ۽ عرض

چون تشخُّصات و تعيّنات افراد و انواع مندرجه تحت الحيوان را رفع کنی، افراد هر نوعی دروی جمع شوند، و چون مميّزات آن انواع را که فصول و خوّاص اند. رفع کنی، همه درحقيقت حيوان جمع شوند، و چون مميّزات حيوان و آنچه با او در تحت جسم نامی مندرجست. رفع کنی همه در تحت جسم نامی جمع شوند، و چون مميزات جسم نامی را و آنچه با اومندرجست، تحت الجسم رفع کنی، همه درحقيقت جسم

جمع شوند، و چون مميّزات جسم را و آنچه با او مندرجست، تحت الجواهر، اعنی، العقول والنفوس رفع کنی، همه درحقیقت جوهر جمع شوند. و چون ما به الامتیاز جوهر و عرض را رفع کنی همه در تحت ممکن جمع شوند، و چون ما به الامتیاز ممکن و واجب را رفع کنی، هر دو در موجود مطلق جمع شوند، که عین حقیقت وجوداست و بذات خود موجوداست، نه بوجود زاید بر ذات خود، و وجوب صفت ظاهر اوست، و امکان صفت باطن او اعنی "وَالْاَعْيَانُ الثَّابِتَةُ الْخَاصَّةُ بِتَجَلِّيَةٍ عَلٰى نَفْسِهٖ مُلْتَبِسًا بِشُؤُوْنِهٖ" و این مميّزات خواه فصول و خواص و خواه تعيّنات و تشخّصات، همه شؤون آلهی اند که مندرج و مندمج بودند در وحدت ذات، اوّلاً در مرتبه علم بصورت اعیان ثابته بر آمدند، و ثانیا در مرتبه عین بواسطه تلبّس احکام و آثار ایشان بظاهر وجود مجلّی آیینه است مر باطل وجود را، صورت اعیان خارجیه گرفتند. پس نیست درخارج الا حقیقتی واحد که بواسطه تلبّس بشؤون و صفات متکثّر و متعدّد می نماید نسبت بآنان که در ضیّق مراتب محبوس اند و باحکام آثار آن مقیّد.

**لغات:** مندرج ومندمج: داخل ٿيل.

**ترجمو:** جيڪڏهن مختلف افراد ۽ انواع جهڙين شين مان جيڪي جنس حيوان ۾ اچن ٿيون (مثال طور انسان، گهوڙو، ڳئون، ٻڪري) انهن

جون خصوصيات تشخصات (سجاڻپ) تعيّنات (جن کي منطق ۾ ”ما به الامتياز“ چون ٿا) الڳ ڪري ڇڏجن تہ پوءِ سڀ افراد (يا هر قسم جو فرد) ان ۾ اچي ويندو ۽ جڏهن انهن افراد ۽ انواع مان سندن مميزات (تميز ڪندڙ) جيڪي هنن جا خاصا آهن، ڪڍي ڇڏجن تہ پوءِ سڀ حيوان جي ڪاتي (حقيقت) ۾ اچي ويندا ۽ جڏهن حيوان جا مميزات (سجاڻپ، خاصا) جيڪي هن ۾ جسم نامي جي صورت ۾ موجود آهن، ڪڍي ڇڏجن تہ پوءِ اهي سڀ جسم نامي ۾ اچي ويندا ۽ جيڪڏهن مميّزات جسم نامي يا جو ڪجهہ جسم ماتحت ان ۾ شامل آهي، ان کي ڪڍي ڇڏين تہ پوءِ اهي سمورا جسم جي حقيقت ۾ شامل ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن جسم جا مميّزات ۽ جو ڪجهہ ان ۾ شامل آهي جواهر جي صورت ۾ يعني العقول ۽ النفوس (عقل ۽ نفس) ڪڍي ڇڏين تہ سڀ جوهر ۾ شامل ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن جوهر ۽ عرض جو امتياز (فرق، سجاڻپ) الڳ ڪرين تہ سڀ ممڪن ۾ جمع ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن ممڪن ۽ واجب جو مابہ الامتياز (فرق ڏيکارڻ وارو) ڪڍي ڇڏين تہ پوءِ بئي موجود مطلق ۾ گڏ ٿي وڃن، جيڪا وجود جي عين حقيقت آهي ۽ جيڪا بذات خود (پنهنجو پاڻ) موجود آهي، نہ ڪنهن پنهنجي ذات کان وڌيڪ ڪنهن زائد وجود تي هن جو ظاهر صفت جو وجوب آهي ۽ هن جي باطن صفت جو امڪان آهي. جنهن مان مراد آهي ”اعيان ثابتة“ جيڪي پنهنجو پاڻ تي تجلي ڪرڻ سان مختلف تعينات (اشياء) جي صورت ۾ ظاهر آهن (۽ جن جي اندر اهوئي جلوه گر آهي) اهي سمورا امتيازات خواه فصول هجن خواه خواص، خواه تعيّنات ۽ تشخصيات سمورا صفات اُلهي آهن، جيڪي ذات بحت (وحدت ذات) ۾ مخفي (لڪل، ڳجها) هيا ۽ سڀ کان پهريان علم جي

صورت ۾ اعيان ثابتہ (ذهن اُلهي) ۾ ظاهر ٿيا ۽ پوءِ اسماء اُلهي جي تقاضائن موجب خارجي وجود اختيار ڪيو. پوءِ خارج ۾ ڪنهن ٻئي جو بہ وجود ناهي، سواءِ حقيقت واحده جي، جيڪا مختلف صفتن ۾ ملبوسات سان ملبوس ٿي ظاهر ڏسندڙن ۽ تنگ نظر رکندڙن جي نگاهہ ۾ متعدد ۽ متڪثر موجودات ۾ نظر اچي ٿي.

## رباعي

مجموعه کون را بقانون سبق
کرديم تصفّح ورقاً بعد ورق
حقّا که نديديم و نخوانديم در او
جز ذاتِ حق و شئون ذاتيه حق

**لغات:** تصفّح: صفحو صفحو ڪري ڏسڻ.

**منظوم ترجمو:**

سبق وانگر ڏٺم دنيا کي جاچي
پتو هر شيءِ جو ورتو خوب پرکي
صفاتِ حق ۽ ذات حق سوا ڪجهہ
ذرو پر پيي نظر آيو نہ مونکي

**نثري ترجمو:** اسان پوري ڪائنات کي هڪ سبق جي قانون مطابق ورق ورق ڪري پوري غور سان مطالعو ڪيو آهي، پر حقيقت اها آهي تہ ان ۾ ذاتِ حق ۽ صفاتِ حق کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ڪجهہ پڙهيو آهي.

## رباعي

تا چند حديث جسم و ابعاد و جهات
تا کی سخن معدن و حيوان و نبات
يک ذات فقط بود محقّق نه ذوات
اين کثرتِ وهمي ز شئونست و صفات

**منظوم ترجمو:**

سبق منطق جا کيسيتائين پڑهندين
حديث جسم ۽ ابعاد ٻڌندين
فقط هڪ ذات موجود آهي جڳ ۾
ٻيون سڀ صفتون ان جون ئي ڏسندين

**نثري ترجمو:** تون کيستائين منطق جي اصطلاحن مثال طور جنس، انواع، جسم ابعاد حيوان نباتات وغيره ۾ ڦاتل رهندين. حقيقت ۾ رڳو هڪ ذات ئي ثابت آهي، نکي ذاتيون (ذوات). هي جيڪا خيالي کثرت آهي، سا رڳو متعدد صفات ۽ شُئون جي ڪري نظر اچي ٿي.

## ⑲ لائحه نوزدهم (اڻويهون لائح)

## خالق ۽ مخلوق ۾ باهمي تعلق (صفات و موصوف)

مراد باندراج کثرت شئون در وحدت ذات، نه اندراج جزو است در کل، يا اندراج مظروف در ظرف، بلکه مراد اندراج اوصاف و لوازم است در موصوف و ملزوم، چون اندراج نصفيّت و ثلثيّت و ربعيّت و خمسيّت الیٰ مالا نهاية له در ذاتِ واحد عددی، زيراکه اين نسب (نسبت) دروی (نسبت)

مندرجندم و اصلاً ظهور ندارندم مادام که بتکرار ظهور در مراتب جزو اثنین و ثلٰثه و اربعه و خمسه واقع نشودم و از اینجا معلوم میشود که احاطه حق سبحانه و تعالیٰ بجمیع موجودات همچون احاطه ملزومست بلوازمم و موصوف باصفات نه همچون احاطه کل بجزو یا ظرف بمظروف "تَعَالَى اللهُ عَمَّا لَا يَلِيْقُ بِجَنَابِ قُدُسِهِ".

**ترجمو:** جڏهن ائين چيو ويجي ٿو تہ اشياء عالم (ڪثرتِ شئون) وحدت ذات (ذاتِ حق) ۾ شامل آهن تہ ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ جهڙي طرح هڪ جزو، ڪل ۾ شامل آهي ۽ نہ جهڙي طرح مظروف (پاڻي يا ڪا شيءِ) ظرف (برتن) ۾ آهي، پر ان مان مراد آهي تہ اهي اشياء عالم ذاتِ حق جي قدرت جو لازمي نتيجو ۽ موصوف حقيقي جون صفات آهن جهڙي طرح هڪ جي انگ ۾ اڌ، ٽيون حصو، چوٿون حصو ۽ پنجون حصو وغيرها سڀ شامل آهن، پر ظاهري وجود نٿا رکن ۽ ذات جي مراتب جي تڪرار جي ظهور ۾ اهي اڌ، ٽيون حصو، چوٿون حصو، پنجون حصو (نصف، ثلث، ربع، خمس وغيرها) ظاهر ڪونہ ٿا ٿين. هتان معلوم ٿيو تہ تمام موجودات حق تعالیٰ جي قدرت جو لازمي نتيجو ۽ صفات آهن، هن موصوف حقيقي جو. پر اهڙي طرح نہ آهن، جهڙي طرح مظروف (پاڻي) ظرف (ٿانو) ڪي ۽ جزو ڪل ڪي پنهنجي اندر سموهي رکي ٿو. (جهڙي طرح زيد ڪل آهي ۽ سندس هٿ جزو). جيڪا بہ شيءِ شان قدسيءَ جي لائق نہ آهي، الله تعالیٰ ان سان ڪان بلند بالا آهي.

## رباعي

در ذاتِ حق اندراج شان معروفست
شان چون صفت است و ذات حق موصوفست
اين قاعده ياد دار که آنجا که خداست
نه جزو نه کل نه ظرف نه مظروفست

**منظوم ترجمو:**

هي موجودات ذاتِ حق ۾ شامل
صفت موصوف ۾ جيئن آهي داخل
خدا جي ذات واحد هر جا هردم
نہ جز کل ظرف ۽ مظروف شامل

**نثري ترجمو:** ذاتِ حق ۾ شان (اشياء عالمِ موجودات عالم) اهڙي طرح شامل آهن، جهڙي طرح هڪ صفت موصوف ۾ شامل آهي. ان کري هي قاعده کليه ياد رک تہ حق تعالىٰ جي ذات تقسيم ٿيڻ واري نہ آهي، نہ جزو نہ کل ۽ نہ وري ظرف ۽ مظروف.

**تشريح:** عام طرح جڏهن خالق ۽ مخلوق جو باهمي تعلق بيان کيو ويندو آهي تہ ماڻهو وحدت الوجود جي جوش ۾ اچي چوندا آهن تہ اشياءِ عالم/ موجودات عالم خدا بہ نہ آهن ۽ نہ وري خدا کان جدا آهن، ائين چوڻ تہ درست آهي، پر زيد ۽ ان جي هٿ جو مثال يا پاڻي ۽ برتن جو مثال غلط آهي، ڇوتہ خدا تقسيم بہ نٿو ٿئي ۽ نہ وري ڪنهن مقام جو محتاج آهي. ليس کمثله شيءٌ.

## ⑳ لائحه بيستم (ويهون لائح)

## مظاهرءِ اعتبارات

ظهور و خفای شؤون و اعتبارات بسبب تلبّس بظاهر وجود و عدم آن، موجب تغيّر حقيقت وجود و صفات حقيقية اونيست، بلکه مبتنی بر تبدّل نسب و اضافاتست و آن مقتضی تغيّر در ذات نی، اگر عَمَرو از يمين زيد برخيزد و بر يسارش نشيند، نسبت زيد باومختلف نشود، وذاتش باصفات حقيقيه خود همچنان برقرار و همچنين حقيقت وجود بواسطه تلبّس بامور شريفه زيادتی کمال نه گيرد، و بجهت ظهور مظاهر خسيسه نقصان نپزيرد، نور آفتاب هرچند بر پاک و پليد تابد، هيچ تغيّر ببساطت نوريّت اوراه نيابد نه از مشک بوی گيرد، و نه از گل رنگ، و نه از خار عار و نه از خارا ننگ.

**لغات:** مبتني: ٺاهيل- ظاهر ٿيل.

**ترجمو:** وجود جي ظهور ۽ عدم ظهور جي صورت ۾ شيون ۽ اعتبارات (صفات ۽ مظاهر صفات) جي ظاهر ٿيڻ ۽ مخفي ٿي وڃڻ يا مبهم ٿي پوڻ جي ڪري حقيقتِ وجود (ذاتِ حق) ۽ ان جي حقيقي صفتن ۾ ڪا بہ تبديلي نٿي اچي. تبديلي رڳو ظاهري تعلّق ۽ اضافات (نسبت) ۾ واقع ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري ذات ۾ ڪوبہ فرق نٿو پوي. مثال طور جيڪڏهن عَمرو زيد جي سڄي پاسي کان اٿي، سندس کٻي پاسي وڃي ويهي ٿو تہ زيد جي هن سان نسبت بدلجي نٿي وڃي، پر هن جي پنهنجي ذات پنهنجي حقيقي صفتن سان پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. اهڙيءَ طرح خالقِ ڪائنات (حقيقتِ وجود) سڀني مظاهر ۾

ظهورپذير ٿي زياده ڪمال حاصل نٿو ڪري ۽ نہ وري بري مظاهر ۾ ظهورپذير ٿيڻ سان هن جي ذاتي ڪمالات ۾ ڪا ڪمي واقع ٿئي ٿي. سج جو نور (روشني) پاڪ ۽ ناپاڪ شين تي پوي ٿو، پر ان سان سندس نورانيت ۾ ڪابہ تبديلي (ڪمي بيشي) نہ ٿي اچي، نور آفتاب نہ مشڪ ڪان خوشبوءِ وٺي ٿو، تہ نہ وري گل ڪان رنگ، نہ وري خار (ڪنڊن) ڪان ڪيس ڪو عار آهي، تہ نہ وري سنگِ خارا ڪان ڪو شرم.

## رباعي

چون خور ز فروغ خود جهان آرايد
بر پاک و پليد اگر بتابد شايد
نى نور وى از هيچ پليد آلايد
نى پاکى وى ز هيچ پاک افزايد

**منظوم ترجمو:**

جڏهن روشن ڪري سج ٿو جهان کي
پليت ۽ پاڪ تي يڪسان ٿو چمڪي
پليتي سان نہ بگڙي نور سج جو
نہ پاڪائي سان پاڪائي ٿي مهڪي

**نثري ترجمو:** جڏهن خورشيد (آفتاب) پنهنجي روشني (نور) سان جهان کي رونق بخشي ٿو (سينگاري ٿو) ۽ هو پاڪ پليت (شين) تي چمڪي ٿو تہ نہ هن جو نور ڪنهن پليت شيءِ جي آلائش ۾ اچي ٿو ۽ نہ وري هن جي پاڪيزگي ڪنهن پاڪ شيءِ جي ڪري زياده ٿئي ٿي.

## ⑳ لائحه بيست ويكم (ايڪيهون لائح)

## مطلق ۽ مقيّد جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو

مطلق بی مقيّد نباشد، و مقيّد بی مطلق صورت نبندد اما مقيد محتاجست بمطلق، و مطلق مستغنی از مقيّد پس استزلازم از طرفين است، واحتياج از يک طرف، چنانکه ميان حرکتِ يد و حرکت مفتاح که دريد است.

**ترجمو:** مطلق (ذات حق) مقيّد (موجودات، حادث) کان سواءِ نہ هوندو آهي ۽ مقيّد وري مطلق کان سواءِ موجود نٿو ٿي سگهي. مقيّد مطلق جو محتاج آهي، پر مطلق مقيد جو محتاج ناهي (بي نياز آهي) ان ڪري ٻنهي طرفن جو هجڻ لازم آهي، پر احتياج (محتاجي) رڳو هڪ پاسي کان آهي. جهڙيءَ طرح هٿ جي حرڪت ۽ مفتاح جي حرڪت جيڪا هٿ ۾ آهي، هٿ جي حرڪت چابيءَ جي حرڪت جو سبب آهي، پر چابيءَ جي حرڪت هٿ جي حرڪت جو سبب نہ آهي، اگرچہ ٻنهي جو گڏ هجڻ لازم آهي.

### رباعي

اي در حرم قدس تو کس را جا، نی
عالم بتو پيدا و تو خود پيدا، نی
ما و تو ز هم جدا نييم، امّا هست
ما را بتو حاجت و ترا باما، نی

**منظوم ترجمو:**

نہ ذاتِ قدس وٽ ڪنهن جي رسائي
ازل کان تون، بڻائي تو خدائي
نہ تون مون کان نہ مان توکان جدا پر
غني آ ذات تنهنجي مان گدائي

**نثري ترجمو:** اي باري تعالیٰ! تنهنجي مقام اقدس تائين ڪنهن جي بہ رسائي نہ آهي. سارو جهان توکان ئي ظهور پذير (پيدا) ٿيو، پر تون (پوشيده) آهين. مان ۽ تون هڪ ٻئي کان جدا ناهيون، پر فرق هي آهي تہ مون کي تنهنجي ضرورت آهي، پر توکي منهنجي ڪابہ ضرورت (حاجت) نہ آهي).

وايضًا مطلق مستلزم مقيدی است از مقيدات علی سبيل البدليّة، نه مستلزم مقيدي مخصوص، و چون مطلق را بدلی نيست قبلۀ احتيا ج همه مقيّدات اوست لاغير.

**ترجمو:** جڏهن ائين چئجي تہ مطلق مقيد لاءِ لازم آهي تہ ان جو مطلب هوندو تہ مقيدات لاءِ مطلق بطور بدليّت لازم هوندو، نہ ڪنهن خصوصيت جي صورت ۾. يعني ڪو خاص مقيد (مظهر) ضروري نہ آهي، پر ان جي بدلي ٻيو ڪوبہ مظهر ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ذاتِ مطلق جو ڪوبہ بدل نہ آهي، پر ذات مطلق ئي سڀ جي لاءِ قبلهِ حاجت (حاجت روا) آهي، نہ ان (ذاتِ مطلق) جو غير.

## رباعي

قرب تو باسباب و علل نتوان يافت
بی سابقه فضل ازل نتوان يافت
بر هرکه بود توان گرفتن بدلی
تو بی بدلی ترا بدل نه توان يافت

**منظوم ترجمو:**

نہ ٿئي قربِ خدا ڪنهن جي وسيلي
ملي ٿو ”فضل ربي“ جي طفيلي
بدل هر شيءِ جو آ، تنهنجو بدل ناهہ
بدل تنهنجو نہ حاصل ڪنهن بہ حيلي

**نثري ترجمو:** تنهنجو قرب اسباب ۽ ذريعن ذريعي حاصل ڪري نٿو سگهجي، پر تنهنجي ازلي فضل سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. ٻيءَ هر شيءِ جو بدل ٿي سگهي ٿو، پر (اي دوست) تون بي بدل آهين تنهنجو بدل ڳولئي نٿو لڀي.

## رباعي

ای ذات رفيع تو نه جوهر نه عرض
فضل و کرمت نيست معلّل بغرض
هرکس که نباشد تو عوض باشي از او
و آن را که نباشی تو کسی نيست عوض

**لغات:** جوهر عبارت از موجودی است که قائم به ذات و مستقل باشد:
يعني جوهر ان کي چئجي، جيڪو پنهنجو پاڻ مستقل قائم هجي.

عرض عين ۽ راءِ جي زبر سان. عبارت از چيزی است ڪہ قائم بہ جوهر باشد يعني اهڙي شيءِ جيڪا جوهر جي ڪري قائم (موجود) هجي.

**منظوم ترجمو:**

عرض جوهر نہ آهي ذات عالي
نہ تنهنجو فضل آ ڪنهن جو سوالي
نہ جنهن جو آهہ ڪو ان جو خدا آ
خدا ناهي تہ ڇڻ هر شيءِ ڪان خالي

**نثري ترجمو:** اي (اللّٰه) تنهنجي بلند بالا ذات نہ جوهر آهي، نہ عرض، تنهنجو فضل و ڪرم ڪنهن غرض (سبب يا وجه) جو محتاج نہ آهي. جنهن بہ شيءِ جي ڪمي ٿئي تہ تون ان جو بدل يا عوض تہ ٿي سگهين ٿو، پر جنهن جو تون نہ آهين تہ پوءِ (هن لاءِ) تنهنجو ڪوبہ بدل نہ آهي.

استغنائ مطلق از مقيّد باعتبار ذاتست، والاّ ظهور اسماءِ الوهيّت و تحقق نسب ربوبيّت بی مقيّد از محالاتست.

**ترجمو:** ذات مطلق (حق تعالىٰ) جو استغنا (غير جو محتاج نہ ٿيڻ) ذات جي اعتبار کان آهي، ورنہ اسماء ۽ صفات اُلهي لاءِ مقيّد (موجوداتِ عالم) جو هجڻ ضروري آهي. يعني ان کان سواءِ ظهور مشڪل ۽ محال آهي.

## رباعي

ای باعثِ شوق و طلبم خوبی تو
فرعِ طلَب منست مطلوبی تو
گر آئينۂ محبّی من نبود
ظاهر نشود جمال محبوبی تو

**منظوم ترجمو:**

جمالِ يار باعث عشق منهنجو
ٿيو مقصود منهنجو وصل هن جو
هي منهنجو عشق ئي آئينو آهي
ٿئي جنهن ۾ ظهورِ حسن تنهنجو

**نثري ترجمو:** اگرچہ منهنجي ذوق و شوق جو محرّڪ تنهنجو حسن و جمال آهي ۽ منهنجي طلب جو مقصد بہ تنهنجو وصال آهي، پر جيڪڏهن منهنجي محبت جو آئينو نہ هجي ها تہ تنهنجو حسن و جمال (محبوبيّت) ڪيئن جلوه گر ٿئي ها.

لا بلکه هم محبّ حقّستہ و هم محبوب اوۃ و هم طالب حقستہ و هم مطلوب اوۃ مطلوب و محبوبست در مقام جمع احديّتہ و طالب و محبّ است در مرتبه تفصيل و کثرت.

**ترجمو:** ائين نہ آهي پر هو (ذات حق) محب سڄڻ پڻ حق آهي ۽ ان جو محبوب هجڻ پڻ، طالب هجڻ پڻ حق آهي ۽ ان جو مطلوب هجڻ پڻ. هو محبوب ۽ مطلوب آهي مقام جمع احديّت يعني فنا ۾ (احديت ۾ همہ اوست آهي) ۽ طالب ۽ محبّ آهي مقام دوئي تفصيل ۽ ڪثرت ۾ (يعني همہ از وست ۾).

## رباعي

اى غير تو را بسوى تو سيرى، نه
خالى ز تو مسجدى نه وۃ ديرى نه

دیدم همه طالبان و مطلوبان را
آن جمله توئی و درمیان غیری، نه

**منظوم ترجمو:**

سوا اللّٰه کو موجود ناهي
خدا ديرو حرم مسجد ۾ آهي
سمورا طالب ۽ مطلوب جڳ جا
ٿيا سڀ تنهنجو مظهر غير ناهي

**نثري ترجمو:** اي محبوب حقيقي! (محبوب مطلق) توکان سواءِ غير (غيراللّٰه) جو کو وجود ناهي، تنهنجي وجود کان نہ کا مسجد خالي آهي، نہ مندر خالي آهي. توڙي کڻي بظاهر طالب ۽ مطلوب ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر حقيقت ۾ طالب ۽ مطلوب تنهنجي ذات آهي غير جو وجود ئي نہ آهي.

## ⑵⑵ لائحه بيست ودوم (ٻاويهون لائح)

## وجود و اعتبارات وجود

حقيقت هر شی تعيّن وجود است در حضرت علم، باعتبار شانی که آن شی مظهر اوست، يا خود وجود متعيّن بهمان شان درهمان حضرت، و اشيای موجوده عبارت اند از تعيّنات وجود باعتبار انصباغ ظاهر وجود، بآثار و احکام حقائق ايشان، يا خود وجود متعيّن بهمين اعتبارات، بر وجهی که حقائق هميشه در باطن وجود پنهان باشد و احکام و آثار ايشان در ظاهر وجود پيدا، زيراکه زوال صور علميّه از باطن وجود محال

است، والاّجهل لازم آيد "تَعَالَى اللّٰهُ عَنْ ذَالِكَ عُلُوًّا كَبِيْرًا" .

**ترجمو:** ڪائنات جي هر شيءِ يا تہ ذاتِ حق جي ڪنهن اسم ۽ صفت جو مظهر آهي، يا حق تعالىٰ ان اسم ۽ صفت جي لباس ۾ خود ان شيءِ ۾ موجود آهي. ان جي نتيجي ۾ اها شيءِ پنهنجي مخصوص صفتن جي رنگ ۾ مظهرِ شانِ ڪبريائي هوندي، جنهن جي ظهور تي سندس مخصوص صفتن جو رنگ چڙهيل هوندو يا ان ذات جو وجود خود پنهنجي رنگن ۾ جلوه گر نظر ايندو. ان ڪري سمجهڻ گهرجي تہ حق تعالىٰ هر شيءِ جي باطن ۾ هميشہ پنهان (لڪل) آهي پر ان جا اسم ۽ صفات ظاهر آهن. جيڪڏهن علمي صورتن (صور علميه) يعني اسم ۽ صفات کي ذات حقيقي کان خارج ڪري ڇڏجي تہ پوءِ جهل لازم ايندو ۽ ذاتِ خداوندي انهن ڳالهين کان گهڻو بلند بالا آهي.

## رباعي

مائيم وجود و اعتبارات وجود
در خارج و علمِ عارض ذات وجود
در پردۂ ظلمت عدم مستوريم
ظاهر شده عکس ما ز مرآت وجود

**منظوم ترجمو:**

اسان خود ذاتِ حق ۽ خود مَظَاهِرِ
هجون باطن ۾ يا خارج ۾ ظاهر
لڪل ظلمت جي پردن ۾ هياسون
وجود جي عڪس سان عالم ۾ اظهر

**نثري ترجمو:** اسان پاڻ وجود (ذات حق) آهيون ۽ (پاڻ ئي) مظاهر حق آهيون خواه ظاهر (خارج) ۾ خواه ذهن (نور ايمان يا اندر جي روشني) ۾. اسان عدم جي انڌيري واري پردي ۾ ڇپيل هياسون، پوءِ اسان جو عکس وجود جي آئيني مان ڪائنات عالم (موجوداتِ عالم) جي صورت ۾ ظاهر ٿيو.

**پس هر شئ بحسب حقيقت و وجود، يا وجود متعيّن است يا تعيّن عارض مر وجود را، و تعينِ صفت متعيّن است، و صفت باعتبار مفهوم، اگرچه غير موصوف است باعتبار وجود، عين اوست، و تغيار بحسب مفهوم و اتحاد بحسب وجود، موجب صحت حمل.**

**ترجمو:** لهٰذا هر شيءِ حقيقت ۽ واقعيّت جي لحاظ سان يا تہ (فرد) متعيّن وجود رکي ٿي يا ڪنهن صورت ۾ وجود جو مظهر واقع ٿئي ٿي ۽ مظهرِ وجود هجڻ ۾ وجود جي جلوه گري جي صفت آهي. حالانڪہ نظرياتي لحاظ سان هو ان شيءِ کان مختلف آهي، جنهن جي اها صفت ڪئي وڃي ٿي، پر حقيقت ۾ هي ان جي شباهت بہ آهي. اهڙيءَ طرح مفهوم ۾ فرق هجڻ جي باوجود ان شباهت جو وجود تي صحيح اطلاق ٿئي ٿو.

## رباعي

همسايه و همنشين و همره همه اوست<br>
در دلق گدا و اطلس شه همه اوست<br>
در انجمنِ فرق و نهانخانه جمع<br>
بالله همه اوست ثم بالله همه اوست

**منظوم ترجمو:**

پڙوسي همنشين همره همہ اوست
وڳو ڦاٽل ۽ اطلس شہِ همہ اوست
سجن جو ميڙ يا شاهي خزانو
خدا تعالىٰ جو مون کي سنهہ همہ اوست

**نثري ترجمو:** همسايہ (پاڙيسري) همنشين ۽ همراھ همه اوست (سڀ ڪجهہ اهوئي آهي) گدا جي گودڙي ۽ بادشاھ جي اطلس (ريشمي ڪپڙي) ۾ همه اوست (سڀ ڪجهہ اهوئي آهي) سجن جي مجلس هجي يا خزاني جا ڍير (قارون جو خزانو هجي) هر جا همه اوست (سڀ ڪجهہ اهوئي آهي).

## ٢٣ لائحہ بيست وسوم (ٽيويهون لائح)

## موجودات ۾ وجود جو ظهور

حقيقت وجود اگرچه بر جميع موجودات ذهنى و خارجى مقول و محمول مى شودہ امّا اورا مراتب متفاوتستہ بعضها فوق بعضہ و در هر مرتبه اورا اسامى و صفات و نسب و اعتبارات مخصوصه ييبيست كه در سائر مراتب نيستہ چون مرتبه الوهيّت و ربوبيّتہ و مرتبه عبوديّت و خلقيّتہ پس اطلاق اسامى مرتبه الٓهيّت مثلا چون اللّٰه و رحمان وغيرهماہ بر مراتب كونية عين كفر ومحض زندقه باشدہ وهمچنين اطلاق اسامى مخصوصه بمراتب كونيّه بر مرتبه الٓهيّت غايت ضلال و نهايت خذلان باشد.

**ترجمو:** اگرچہ تمام موجودات (اشياء عالم) ۾ وجود جي حقيقت محسوس ۽ معقول رنگ ۾ شامل آهي، پر هر چيز جو مرتبو (ٻئي کان) الڳ الڳ آهي. بعض ۾ ذات جو ظهور زياده آهي تہ بعض ۾ گهٽ. (مثلاً انسان ۾ باري تعاليٰ جون صفات حيوان کان زياده آهن ۽ حيوان ۾ نباتات کان زياده ۽ نباتات ۾ جمادات کان زياده) اهڙي طرح وجودِ حق جو هر مرتبہِ وجود (هر شيءِ) ۾ نالو الڳ آهي. هڪ جي نالي کي ٻئي جي نالي سڏي نٿو سگهجي. باري تعاليٰ جي الوهيت ۽ ربوبيّت جا نالا ڪنهن مخلوق تي صحيح نٿا لڳن ۽ نہ وري مخلوق جي نالن سان حق تعاليٰ کي سڏي سگهجي ٿو. مثال طور جيڪڏهن لفظ اللّٰه ۽ رحمٰن جهڙن مبارڪ نالن سان ڪنهن مخلوق کي سڏيو وڃي تہ اهو ڪفر ۽ الحاد آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن مخلوق جي نالن سان حق تعاليٰ کي ياد ڪيو وڃي تہ حد درجي جي گمراهي ۽ بي ديني آهي.

## رباعي

اى بردہ گمان کہ صاحب تحقیقی
واندر صفت صدق و یقین صدیقی
ہر مرتبہ از وجود حکمی دارد
گر حفظ مراتب نکنی، زندیقی

**منظوم ترجمو:**

ڪٿي تون صاحبِ تحقيق آهين
سچائي جي ڪري صديق آهين
جدا هر مرتبي جو حڪم آهي
نہ ڄاڻين مرتبا زنديق آهين

**نثري ترجمو:** اي دوست! تون پنهنجي خيال ۾ تحقيق جو ڏٽي آهين ۽صِدق ۽ يقين ۾ تون صديق (جي درجي تي فائز) آهين، مگر توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ (هر شيءِ ۾) وجود جو مرتبو الڳ الڳ مقام رکي ٿو. جيڪڏهن تو انهن (حق جي) مرتبن ۾ فرق نہ ڪيو تہ پوءِ تون زنديق (بي دين) آهين.

## ٢٤ لائحہ بيست وچهارم (چوويهون لائح)

## وجود ۽ ان جا مرتبا

موجود حقيقى يکى بيشى نيست، و آن عين وجود حق و هستى مطلق است: اما اورا مراتب بسيار است.

**مرتبہ اول:** مرتبہ لا تعيّن و عدم انحصار است، و اطلاق از هر قيدِ و اعتبار، و از اين حيثيّت منزّہ است از اضافت نعوت و صفات، و مقدس است از دلالت الفاظ و لغات، نہ نقل را در نعت جلال او زبان عبارت است، و نہ عقل را بکنہ کمال او مکان اشارت، هم ارباب کشف از ادراک حقيقتش در حجاب، و هم اصحاب علم از امتناع معرفتش در اضطراب، غايت نشان از او بى نشانى است و نهايت عرفان وى حيرانى.

**ترجمو:** وجود حقيقت ۾ (موجود حقيقي) هڪ ئي آهي، گهٽا نہ آهن ۽ اهو عين وجود حق ۽ هستي مطلق آهي، پر هن جا مراتب (مرتبا) گهڻا آهن.

**مرتبہِ اول:** پهريون مرتبو ”لا تعيّن“ آهي يعني نہ هن کي تعيّن جي قيد ۾ آڻي سگهجي ٿو، نہ وري ڪيس ڪنهن شيءِ ۾ منحصر

(محدود) ڪري سگهجي ٿو ۽ هن حيثيت ۾ هو هر قسم جي هر حدبنديءَ ۽ هر اعتبار ۽ تعلق کان آزاد، هر قسم جي تعريف ۽ صفتن بيان ڪرڻ ۽ لفظن ۽ لغت جي دليل ڏيڻ کان پاڪ صاف آهي. نه نقل (ڪتاب آسماني يا ڪابه لکت) هن جي جلال جي تعريف ۾ ڪجهه چئي سگهي ٿي، نه وري عقل (منطقي دليل، فلسفا وغيره) هن جي ڪمال جي گهراين تائين ڪو اشارو به ڪري سگهي ٿو. جهڙي طرح ڪشف جا ڏٺي هن جي حقيقت جي ادراڪ کان عاجز آهن، اهڙيءَ طرح صاحب علم به ان جي معرفت ڄاڻڻ ۾ مضطرب ۽ بي بس آهن. جيڪڏهن هن جي نشاندهي جي ڪوشش ڪجي ته نتيجو بي نشان آهي ۽ هن جي عرفان (پروڙ) جي ڪوشش ڪجي ته حيراني ئي حيراني آهي.

## رباعي

ای در تو عیان ها و نهان ها همه هیچ
پندار یقینها و گمان ها همه هیچ
از ذات تو مطلقًا نشان نتوان داد
که آنجا که تویی بود نشان ها همه هیچ

**منظوم ترجمو:**

نه ڄاڻ آهي عيان ڪي ۽ نهان ڪي
پتو ناهي يقين ڪي ۽ گمان ڪي
نه ذاتِ حقّ جو آهي نشان ڪو
نه هن تائين رسائي ڪنهن نشان ڪي

**نثري ترجمو:** اي محبوب حقيقي! تنهنجي حقيقت ڄاڻڻ بابت هر عيان توڙي نهان. (ظاهر توڙي باطن) ڪابه حيثيت نٿا رکن ۽ يقين ۽ گمان پڻ

ڪجهہ بہ نہ آهن. تنهنجي ذات بالڪل بي نشان آهي ۽ تنهنجو اهو مقام آهي، جنهن بابت هر قسم جي نشاندهي ڪرڻ هيچ آهي.

## رباعي

هر چند که جان عارف آگاه بود
کی در حرم قدس تواش راه بود
دست همه اهل کشف ارباب شهود
از دامن ادراک تو کوتاه بود

**منظوم ترجمو:**

ڀلي عارف وڏو آگاهہ آهي
حرم اقدس تي هن کي راهہ ناهي
تنهنجي ادراڪ جي دامن کان هر هٿ
ڪشف وارن جو ڀي ڪوتاهہ آهي

**نثري ترجمو:** عارف (باللّٰہ) ڪيتري بہ ڄاڻ رکندو هجي، پر تنهنجي پاڪ حرم تائين ان جي رسائي ناممڪن آهي ۽ سمورا ڪشف ۽ شهود جا ڌڻي ڪيتري بہ ڪوشش ڪن، پر تنهنجي دامن ادراڪ تائين سندن رسائي (پهچڻ) محال آهي.

## رباعي

این عشق که هست جزو لاینفک ما
حاشا که شود بعقل ما مدرک ما
خوش آنکه ز نور او دمد صبح یقین
ما را برهاند از ظلاّم شک ما

**منظوم ترجمو:**

اسان جو عشق آهي يار اڻ ٽر
نہ ٽيندو عقل پنهنجو پنهنجو رهبر
يقين جي صبح هن جي نور سان ٿي
ڪري ظلمات شڪ مان مون کي ٻاهر

**نثري ترجمو:** هي عشق اسان جو اٽوٽ انگ (بيحد ضروري) آهي، ڇوتہ اهو ناممڪن آهي تہ عقل اسان جي رهبري ڪري سگهي. ڪيترو نہ سٺو ٿئي جو هن (عشق) جي نور مان اها يقين واري صبح نروار ٿئي، جيڪا اسان کي شڪوڪ شبهات جي اونداهين کان نجات ڏياري.

**مرتبه ثانيه: تعين اوست بتعيّن جامع مر جميع تعينات فعليّه وجوبيّه الٓهيه راۡ و جميع تعينات انفعاليه امکانيه کونيه راۡ و اين مرتبه مسمّی است بتعيّن اول: زيراکه اول تعينات حقيقت وجود اوست. و فوق او مرتبه لاتعين است لا غير.**

**ترجمو:** حضرت وجود جو ٻيو مرتبو تعيّن اول آهي، جيڪو سمورن وجوبي ۽ امڪاني مرتبن (صفات باري تعالیٰ) ۽ عارضي ۽ دنياوي مظاهرن (صفات مخلوق) جو جامع آهي. هن کي تعين اول (عقل ڪل يا ظهور اول) ان ڪري سڏجي ٿو، جو هو حضرت وجود (وجودِ حق) جو پهريون ظهور يا مقيّد آهي. هن جي مٿان مرتبہ لاتعين آهي ۽ ڪو ٻيو ناهي (هي تعين اول يا مرتبہ دوم حقيقت محمديه آهي، جنهن کي وحدت، عالم جبروت يا عالم صفات جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو.

**مرتبه ثالثه: احديت جمع جميع تعينات فعليّه مؤثره استۡ و اين مرتبه الوهيت است.**

**ترجمو:** ٽئين مرتبي جي حيثيت احديّت (نفع ڪل) جي آهي، جنهن ۾ مقام تعينات فعليه پوري طرح شامل آهن. هي مرتبو الوهيت جي شان آهي (دراصل هي مرتبه سوم حقيقت انسانيه آهي، جنهن ڪي واحديت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هتي اسماءِ ۽ صفات جو ظهور آهي، جيڪو وحدت (تعيّن اول حقيقت محمديه) ۾ اجمالي طور هيو. جهڙي طرح مرتبه ثاني يعني تعين اول ڪي جيڪڏهن دائري جي شڪل ۾ ڏنو وڃي تہ سندس مٿين قوس ذاتِ احديت سان تعلق رکي ٿي تہ وري هيٺين قوس حقيقتِ انسانيه سان. وري اهڙي طرح مرتبه ثالث (تعين ثاني) يعني حقيقت انسانيه جي مٿين قوس جو تعلق مرتبه ثاني (تعين اول) حقيقت محمديه سان آهي ۽ هيٺين قوس جو تعلق مرتبه چهارم (تعين ثالث) سان آهي.




**مرتبه رابعه (چهارم):** تفصيل مرتبهِ الوهيت است، و آن مرتبه اسماء و حضرت ايشانست واعتبار اين دو مرتبه از حيثيت ظاهرِ وجود است ڪه وجوب وصف خاص اوست.

**ترجمو:** هي چوٿون مرتبو (يعني تعين ثالث) ٽئين مرتبي يعني شانِ مرتبه الوهيت جو تفصيل آهي. هن جو تعلق اسماءِ ۾ ان جي مظاهر جي مقامات سان آهي. هيءُ ٽئين مرتبه ۽ پنجين مرتبي ٻنهي تي شامل آهي، ڇوته چوٿون مرتبو عالمِ ارواح يا عالمِ ملڪوت آهي جنهن ۾ تمام مٿيان مرتبه ۽ هيٺيان شامل آهن. يعني هي حقيقت انسانيت ۽ عالمِ مثال ٻنهي جو سنگم آهي.

**مرتبہ پنجم:** خامسه احديت، جمع جميع تعينات انفعاليه است كه از شان ايشانست تاثّر و انفعال و اين مرتبه كونيه امكانيه است.

**ترجمو:** پنجين مرتبي جي حيثيت احديت جي آهي. هن ۾ اهي سمورا جامد مظاهرات شامل هوندا آهن، جن جي اها خاصيت آهي ته اهي انهن سمورن تاثرات کي قبول ڪندا آهن، جيڪي انفعالي هجن ۽ هنن کي ڪونيه امڪانيه سڏيو ويندو آهي. هن کي عالمِ مثال سڏيو ويندو آهي. عالمِ مثال هڪ برزخ آهي، جيڪو عالمِ ملڪوت يعني عالمِ ارواح ۽ عالمِ ناسوت (ڪائنات) جي درميان آهي. يعني جيڪو ڪجهه عالمِ ناسوت يعني هن ڪائنات ۾ موجود آهي، اهو لطيف صورت ۾ عالمِ مثال ۾ موجود آهي.

**مرتبہ ششم/ سادسه:** تفصيل مرتبه كونيه امكانيه است كه مرتبه عالم است و عروض اين دو مرتبه باعتبار ظاهر علمست كه امكان از لوازم اوست و آن تجلئ اوست برخود بصُوَر حقايق و اعيان ممكنات؛ پس فى الحقيقة وجود يكى

بیش نیست که در جمیع این مراتب و حقائق مترّتبه در آن ساریست: و وی در این مراتب و حقائق عین این مراتب و حقائق است: چنانکه این مراتب و حقائق دروی، عین وی بودند "حَیْثُ کَانَ اللّٰهُ وَلَمْ یَکُنْ مَعَهٗ شَیْءٌ" .

**ترجمو:** ڇهون مرتبو ڪونيه امڪانيه (مرتبہ پنجم تعين چهارم) جو تفصيلي بيان آهي، جو عالم مثال آهي ۽ اهي حيثيتون ظاهري علم جي اعتبار سان قائم آهن، ڇوتہ امڪان (ڪونيه امڪانيه) بہ لازمي صفتن مان آهي. حقائق ۽ اعيان (عالمِ ناسوت (ڪائنات) بہ ممڪنات جي صورتن ۾ خود پنهنجي ذات تي سندس (حق تعالیٰ) جي هڪ تجلي آهي، ان ڪري حقيقت ۾ وجود صرف هڪ آهي، جيڪو هنن تمام حيثيتن ۽ موجود حقيقتن ۾ جاري و ساري آهي. اها ذات يعني وجودِ باري تعالیٰ انهن حيثيتن ۽ حقيقتن ۾ خود پنهنجي حيثيت ۽ حقيقت جي روپ جو اظهار آهي. اهڙي طرح واجب الوجود (باري تعالیٰ) جون هي سموريون حيثيتون ۽ حقيقتون گويا سندس ذات جو مظهر ٿي وڃن ٿيون. جيئن تہ اللّٰه صرف هڪ آهي ۽ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي.

## رباعي

هستی که ظهور میکند در همه شئ
خواهی که بری بحال وی باهم پی
رو برسر می حباب را بین که چسان
می، وی بود اندر وی و، وی در مئ می

**منظوم ترجمو:**

وجودِ ذات آ هر شيءِ جي اندر
ڏسڻ چاهين اگر تون هن جو منظر
حباب ۽ پاڻي کي تون غور سان ڏس
هو پاڻي کان نہ پاڻي هن کان ٻاهر

**نثري ترجمو:** ذات حق جو هر شيءِ ۾ ظهور آهي. جيڪڏهن تون گهرين تہ ان جو مشاهدو ڪرين تہ پوءِ شراب ۾ حباب کي ڏس تہ ڪهڙي طرح حباب ۾ شراب ۽ شراب ۾ حباب آهي.

بر لوح عدم لوائح نور قدَم
لائح شد و کس نشد درين سر محرم
حق را مشمر جدا ز عالم زيراک
عالم همه در حقّ حقست و حق در عالم

**لغات:** قِدَم: (قاف تي زير دال تي زبر) قديم، ذات باري تعاليٰ.

**منظوم ترجمو:**

خدا جي نور سان هر شيءِ ٿي روشن
مگر هن راز کي ماڻهو نہ ڄاڻن
نہ ذاتِ حق جدا عالم کان آهي
جدا هڪ ٻئي کان حق، عالم نہ آهن

**نثري ترجمو:** نور قِدَم (ذات باري تعاليٰ) تمام موجودات ممڪنات کي روشن ڪيو آهي. هن نور جي تجليات کان ڪير آگاهہ ناهي. ان ڪري تون حق کي عالم کان جدا نہ سمجهہ ڇوتہ حق عالم ۾ آهي ۽ عالم حق ۾ .

حضرت خواجہ غلام فريد رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ ”مقابيس المجالس“ ۾ هن لائحه جي بعض مقامات جي شرح هن طرح ڪئي آهي:

**متن:** اول مرتبه لا تعين و عدم انحصار است. الخ ذات بحت

(ذات باري تعاليٰ) ڪي هت مرتبه لاتعين ۾ نہ حق چئي سگهجي ٿو تہ نہ وري خلق. بابا بلهي شاهہ هن مرتبه لاتعين يا مرتبه احديت بابت چيو آهي تہ:

جب احد ايک اکيلا تها
نه رب رسول نه اللّٰه تها

ان کان پوءِ حضرت خواجہ صاحب پنهنجي ڪافيءَ جو هڪ شعر پڙهيو تہ:

سلب ثبوت جتان سلوبی
اتهه نه طالب تي مطلوبی

**لغات:** سلب: نفي يعني جتي نفي ۽ اثبات يا عدم ۽ ثبوت ٻئي نہ آهن.

يا شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي هن شعر جي آخري سٽ ۾ چيل آهي تہ:

جتي عرش نہ اپ زمين ناه ذرو
نڪو چارو چنڊ جو نڪو سج سرو
اتي آديسين جو لڳو دڳ درو
پري پيين پرو ناٿ ڏنائون ناهہ ۾

**متن:** نه نقل را در نعت جلال او زبان عبارت است نه عقل را بکنه کمال او امکان اشارات...الخ نقل مان مراد ڪلام الهي، ڪلام انبياء ۽ ڪلام اولياءِ آهي ۽ عقل مان مراد منطقي دليل، علوم عقليه، حڪماء ۽ فلسفو آهي. يعني نہ اسلامي ڪتابن ۾ حق تعالىٰ جون صفتون ڪماحقه بيان ٿي سگهن ٿيون تہ نہ وري منطق فلسفي ۽ معقولات جي ڪتابن ۾ سندس ڪمالات جو احاطو ڪري سگهجي ٿو.

**متن:** نهايت عرفان او حيران (هن جي عرفان جو آخري ڏاڪو حيرت جو درجو آهي).

**شرح:** حيرت ٻن قسمن جي هوندي آهي. هڪ آهي "حيرتِ محمود" اها ڪمال عرفان جو نتيجو آهي. حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا: "رَبِّ زِدْنِيْ فِيْكَ تَحَيُّرًا" (اي الله! مون کي پنهنجي ذات ۾ حيرت عطا ڪر) ٻي "حيرت مذموم" هوندي آهي، جيڪا نتيجو آهي جهل ۽ گمراهيءَ جو. فلاسفر ۽ دهريا انهيءَ حيرت مذموم ۾ مبتلا هوندا آهن.

## رباعي

اين عشق که هست جزو لا ينفک ما
حاشا که بود به عقل ما مدرک ما
خوش آں که دهد نور از صبح يقين
ما را برهاند از ظلام شک ما

**شرح:** هن شعر ۾ لفظ "عشق" مان مراد ذات بحت، لاتعين ۽ هستيءِ مطلق (باري تعالىٰ) آهي ۽ اسان جو عشق (باري تعالىٰ) سان جزو لاينفڪ هجڻ جو مطلب آهي تہ هر شيءِ جي حقيقت "يقينِ وجود" يا

”وجود متعين“ آهي. پوءِ تعين يا وجود متعين هڪ جزو آهي ۽ ذات بحت (باري تعالىٰ) ٻيو جزو آهي ۽ هي جزو اهڙو جزو آهي، جيستائين اسان آهيون (اسان جو وجود آهي) تہ اسان کان جدا نہ آهي، ليڪن ان جي باوجود ذات بحت (ذات باري تعالىٰ) ايتري تہ بي حد و حساب آهي، جو ان جي عظمت ۽ ڪبريائي جو ڪو پرو پاند نہ آهي. ايتري قدر جو هو پنهنجي صفت اعظميت ۽ بي حد و حساب کان بہ پاڪ ۽ مخفي آهي ۽ احساس ۽ ادراڪ کان بہ بالا تر آهي، ڇوتہ بي مثل ۽ بي چون و چرا آهي. دراصل عشق کي ”ذات بحت“ سڏڻ شيخ فخرالدين عراقي جي اختراع آهي. ان کان اڳ اها اصطلاح موجود نہ هئي. هن پنهنجي ڪتاب ”لمعات“ کي عشق، عاشق ۽ معشوق جي رمز ۾ لکيو آهي. هو عاشق مان مراد ممڪن معشوق مان مراد واجب ۽ عشق مان مراد ذات بحت وٺي ٿو.

**متن:** تعينات فعليه وجوبيه الٰهيه را و جميع تعينات انفعاليه کونيه را... الخ (مرتبه دوم)

**شرح:** تعينات (موجودات) خواهہ وجوبيه هجن خواه امڪانيه هجن (ذات حق سان متعلق هجن يا خلق سان) بيشمار آهن. مثال طور: رحمٰن بہ هڪ تعين ۽ مرتبو آهي.

## ۲۵ لائحہ بيست وپنجم (پنجويهون لائح)

## وحدت ڪثرت ڪُلّ

**متن:** حقيقة الحقائق العالم که ذات الٰهی است تعالیٰ جل شانه. حقيقت همه اشياء است و اوفی حد ذاته واحديست که

عدد را باو راه نیست، اما باعتبار تجلّیات متکثره و تعیّنات متعدّده در مراتب، تارةً حقائق جوهریه متبوعه است، و تارةً حقائق عرضیه تابعیه. پس ذات واحد بواسطه صفات متعدده، جواهر و اعراض متکثره می نماید، و من حیث الحقیقة یکی است که اصلاً متعدد و متکثر نیست.

**ترجمو:** حقيقة الحقائق جنهن مان مراد ذاتِ باري تعالیٰ آهي، اها تمام موجودات جي حقيقت آهي. هو پنهنجي ذات ۾ واحد آهي ۽ اعداد کان بالڪل پاڪ آهي، ليڪن پنهنجي تعيّنات ۽ تجلّيات جي گهڻائيءَ سبب پنهنجي مراتب ۾ ڪڏهن ڪڏهن حقائق جوهريہ متبوعه تہ ڪڏهن ڪڏهن حقائق عرضيه تابعيه ٿي پوي ٿي. تنهن ڪري ذات واحد (هيڪڙائي) پنهنجي بيشمار صفات جي ڪري بيشمار جواهر ۾ اعراضيه ڏسجي ٿي، پر حقيقت جي باعتبار هڪ آهي ۽ پنهنجي اصل جي لحاظ سان ڪثرت (گهڻائي) کان پاڪ آهي.

ای برسر حرف این و آن نازده خط
پندار دوئی دلیل بُعد است و سَخَط
در جملۂ کائنات بی سهو و غلط
یک عین محبّ دان و یک ذات فقط

**منظوم ترجمو:**

دنياداري کان ناهين دور جيڪر
ٻيائي جو نتيجو دوري آخر
بنا وهم و گمان عالم سڄي ۾
فقط ذات هڪ دلدار دلبر

**نثري ترجمو:** جيستائين تون هِن هُن (يعني دنياداري) کي نظرانداز نٿو ڪرين تہ يقين ڄاڻ تہ دوئي دوريءَ جو سبب آهي ۽ خراب آهي (اهڙي طرح تون دوئي جي چڪر ۾ رهندين) يقين ڄاڻ تہ پوري ڪائنات ۾ بنا شڪ و شبهي هڪ ئي محب (ذات باري تعالیٰ) آهي ۽ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

**متن:** اين عين واحد از حيثيت تجرّد و اطلاق از تعيّنات و تقيّدات مذکوره حقست. و از حيثيت تعدّد و تکثری که بواسطه تلبس او بتعينات می نمايد خلق و عالم پس عالم ظاهر حقست و حق باطن عالم، عالم پيش از ظهور عين حق بود، و حق بعد از ظهور عين عالم. بلکه فی الحقيقة يک حقيقست، و ظهور و بطون و اوليّت و آخريت از نسب و اعتبارات او. "هوالاوّل والآخر والظاهر والباطن"

**ترجمو:** هن جوهرِ يڪتا کي جيڪڏهن هر طرح جي مظاهرات ۽ تقيّدات کان الڳ ڪري ذات مطلق تسليم ڪجي تہ پوءِ اهو حق ئي آهي، پر جيڪڏهن ان کي ڪثرت ۽ افراط جي اعتبار سان ڏٺو وڃي، جنهن جي ڪري سندس ذات مختلف مظاهرات ۾ جلوه گر نظر اچي ٿي تہ پوءِ هو اها خلقت ۽ ڪائنات آهي. ان ڪري مخلوقات يعني ڪائنات يا عالم، ذات حق جو ظاهر آهي ۽ وري ذاتِ حق هن ڪائنات (عالم) جو باطن غيرمرئي لڪل حقيقت آهي. هي ڪائنات پنهنجي ظهور ۾ اچڻ کان اڳ عين حق (لاتعين، مرتبہ اول يا ذات مثل) جي صورت ۾ موجود هئي ۽ جڏهن حق ذات باري تعالیٰ (تعينات ۽ اعتبارات ذريعي) ظهور پذير ٿيو تہ ان عين ڪائنات (عالم ناسوت) جي شڪل

اختيار ڪري ورتي. سچ بہ اهوئي آهي تہ دراصل حقيقت هڪ ئي آهي، پر ان جو ظاهر باطن اول آخر نسب (اصل) ۾ اعتبارات جي لحاظ سان آهي.

هر شکل بتان رهزنِ عشاق حقست
لا بلکه عيان در همه آفاق حقست
چيزی که بود ز روئ تقييد جهان
واللّٰه که همان ز روئ اطلاق حقست

**منظوم ترجمو:**

بتانِ دلربا دراصل سارا
ٿيا حق، هر جڳه حق آشڪارا
تقيد ۾ آ هر شي هن جهان جي
مگر اطلاق ۾ اُن جا اشارا

**نثري ترجمو:** هربت (صنم مجازي محبوب) جيڪو عاشقن جي دل تي ڌاڙا هڻي ٿو، درحقيقت خود حق ئي آهي. حقيقت اها آهي تہ پوري ڪائنات ۾ حق ئي جلوه گر آهي (ڪو ٻيو صنم ناهي) جيڪا بہ شيءِ تقيد (تعين يا اعتبارات) جي لحاظ سان هن جهان جي لڳي ٿي. اللّٰه جو سنهن تہ اها هر شيءِ اطلاق (لا تعين مرتبه اول) جي لحاظ سان حق ئي آهي. جڏهن ذات حق (باري تعاليٰ) تفصيل سان ظهور ڪرڻ فرمايو تہ ڪائنات جي صورت ۾ ظاهر ٿي، پر جڏهن تفصيل ڇڏي اطلاق اختيار ڪيو تہ پوءِ حق ئي حق آهي.

چون حق بتفاصيل شؤون گشت عيان
مشهود شد اين عالم پرسود و زيان
گر باز روند عالم و عالميان
با رتبه اجمال حق آيد بميان

**منظوم ترجمو:**

جڏهن حق ذرّي ذرّي ۾ عيان ٿيو
تہ ظاهر عالمِ سودو و زيان ٿيو
جهان، اهلِ جهان واپس ٿين جي
تہ پوءِ اجمال ۾ حق ذوفشان ٿيو

**نثري ترجمو:** جڏهن حق (باري تعالیٰ) تفصيلي طور ڪائنات جي ذري ذري (اشياء- شؤون) ۾ جلوه گر ٿيو تہ هي ڪائنات (عالمِ ناسوت) جيڪو سودو زيان جو عالم آهي وجود ۾ اچي ويو، پر جيڪڏهن هن عالم يعني ڪائنات ۽ ان جي هر شيءِ ڪي وري پنهنجي ساڳي صورت ۾ آڻجي تہ هي (پورو تفصيل) اجمال (ذاتِ حق) جي صورت اختيار ڪندو.

حضرت خواجہ غلام فريد رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ هن لائحه جي ڪجهہ مقامات جي شرح پنهنجي ڪتاب ”مقابيس المجالس“ ۾ هن طرح ڪئي آهي:

**متن: تارةً حقائق جوهريه است....**

**شرح:** يعني ذات بحت (احديت، لاتعين) مراتب تنزلات ۾ پنهنجو ظهور ڪري ۽ تعينات ۾ تجلي فرمائي هڪ دفعو حقيقت جوهر ۾ متبوعہ جلوه گري ڪئي تہ ٻئي ڀيري وري حقيقت عرضيہ تابعہ جو لباس اختيار ڪيو. موجود ٽن قسمن جو آهي هڪ اهو جنهن جو هجڻ ضروري آهي ۽ نہ هجڻ ممتنع. ٻيو اهو جنهن جو هجڻ نہ هجڻ ضروري

نہ هجي. پهرين موجود کي واجب الوجود ۽ ٻئي موجود کي ممڪن الوجود سڏيو ويندو آهي. ممڪن الوجود ٻہ ٻن قسمن جو آهي، هڪ اهو جيڪو پنهنجي ذات سان قائم (قائم بذاته) هجي ۽ ٻيو اهو ممڪن الوجود، جيڪو پنهنجي ذات سان قائم نہ هجي. پهرئين قسم يعني جيڪو پنهنجي ذات سان قائم آهي، ان کي جوهر ۽ ٻئي قسم يعني جيڪو پنهنجي ذات سان قائم نہ هجي، ان کي عرض چوندا آهن. اهڙيءَ طرح جوهر بہ ٻن قسمن جو آهي، پهريون اهو جيڪو ابعاد ثلاثه (ڊيگهہ، ويڪر ٿولهہ) کي قبول ڪري، ٻيو اهو جيڪو قبول نہ ڪري. هي ٻيو قسم عقل ۽ نفس آهي. قسم اول يعني جسم جا بہ ٻہ قسم آهن، هڪ اهو جنهن کي جسم نامي سڏجي ٿو، ٻيو قسم اهو، جيڪو نامي نہ هجي. هن ٻئي قسم کي جمادات سڏجي ٿو. اهڙيءَ طرح جسم نامي جا بہ ٻہ قسم آهن، هڪ اهو جيڪو حساس ۽ متحرڪ بالاراده هجي، ٻيو قسم اهو جيڪو حساس ۽ متحرڪ بالاراده نہ هجي. هن ٻئي قسم ۾ نباتات شامل آهي ۽ پهرين قسم ۾ حيوانات آهي. حيوان بہ ٻن قسمن تي آهي. هڪ اها جيڪا مدرڪ امور غريبه هجي ۽ ٻي جيڪا مدرڪ امور غريبه نہ هجي. پهرين قسم ۾ انسان ۽ ٻئي قسم ۾ حيوان مثلاً: اُٺ، گهوڙو، هاٿي وغيره اچي وڃن ٿا. پوءِ هنن ۾ هڪ جوهر متبوعہ آهي ۽ ٻي حقيقت عرضيہ تابعيه جيڪا هن جي تابع آهي. هي تمام حقائق جوهريه ۽ عرضيه حقيقة الحقائق جنهن جو نالو ذات اِلٰهي آهي، جا اعراض آهن، جيڪي حقيقة الحقائق تي عارض ٿيا آهن.

## لائحه بیست وششم (چویهون لائح) ⑳

## کل یوم هو في شان

شیخ رضی الله عنه در فص شعیبی می فرماید که: عالم عبارتست از اعراض مجتمعه در عین واحد که حقیقت هستی است، و آن متبدّل و متجدّد می گردد مع الانفاس والآنات. در هر آنی عالم بعدم می رود، و مثل آن بوجود می آید، و اکثر اهلِ عالم از این معنی غافلند، کما قال سبحانه "بَلۡ هُمۡ فِیۡ لَبۡسٍ مِّنۡ خَلۡقٍ جَدِیۡدٍ" و از ارباب نظر کسی بر این مطّلع نشده است، مگر اشاعره، در اجزای عالم که اعراض است، حیث قالوا: "اَلۡأَعۡرَاضُ لَا یَبۡقِیۡ زَمَانَیۡنِ" (یعنی اعراض (اشیاء عالم) ساڳي حالت ۾ ٻه وقت نٿا رهن) مگر جبّانیه که معروفند به سوفسطائیه. در همه اجزایه عالم چه جواهر و چه اعراض: و هریک از فریقین من وجهی خطا کرده اند.

امّا اشاعره، بسبب آنکه اثبات جواهر متعدده کرده اند، ورای حقیقت وجود و اعراض متبدّله متجدّده را بآنها قائم داشته و ندانسته اند که عالم بجمیع اجزائیه نیست، مگر اعراض متجدّده متبدّله مع الانفاس، که در عین واحد جمع شده اند، و در هر آنی از این عین زائل می شوند، و امثال آنها بوی متلبّس می گردند. پس ناظر بواسطه تعاقب امثال غلط می

افتد. و مى پندارد آن امريست واحد مستمر "كَمَا يَقُوْلُ الْاَشَاعِرَةُ فِيْ تَعَاقُبِ الْاَمْثَالِ عَلٰى مَحَلِّ الْعَرْضِ مِنْ غَيْرِ خُلُوِّ آن مِنْ شخص مِنَ الْعَرَضِ مُمَاثِلَ لِلشَّخْصِ الْاَوَّلِ فَيَظُنُّ النَّاظِرُ اَنَّهَا اَمْرٌ وَّاحِدٌ مُّسْتَمِرٌّ".

**ترجمو:** حضرت شيخ محي الدين ابن عربي قدس الله سره "فصوص الحكم" جي باب نص شعيبي ۾ فرمائي ٿو ته ذات واحد جي اندر مختلف موجودات جو نالو ڪائنات آهي. حقيقت ۾ "هست" (موجود) ذات واحد ئي آهي (ڪائنات ڪا شيءِ نه آهي) جيڪا هر گهڙي هر وقت تبديل پذير آهي. هر آن هر گهڙي هي ڪائنات فنا ٿي وڃي ٿي ۽ ان جي جاءِ تي ان جهڙي ٻي ڪائنات وجود ۾ اچي وڃي ٿي، مگر ڪيترا ماڻهو هن حقيقت کان غافل آهن. جهڙيءَ طرح حق تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: "بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ" (پر هو نئين تخليق بابت شڪ ۾ آهن) ارباب نظر (دانشور، عاقل، متڪلمين) مان ڪوبه هڪ هن حقيقت کان واقف نه آهي سواءِ اشاعره جي ابوالحسن اشعري جا معتقد (علي بن اسماعيل اشعري) (جيڪي معتزله جي مقابلي ۾ ٽين صدي ۾ وجود ۾ آيا) چون ٿا ته ڪائنات جا سمورا اجزاء عالم سموريون شيون اعراض آهن ۽ جيڪي هن ڳالهه جا قائل آهن ته " اَلْأَعْرَاضُ لَا يَبْقِيْ زَمَانَيْنِ" (اعراض (اشياء عالم) ٻه گهڙيون به رهي نٿا سگهن) اهڙيءَ طرح جبانيه جيڪي سوفسطائيه سڏجن ٿا، اهي به اعراض ۽ جواهر جي تبدّل ۽ تغيّر جا ڪنهن حد تائين قائل آهن، مگر انهن ٻنهي طبقن (اشعري ۽ سوفسطائي) مان هرهڪ (اصل حقيقت جي) سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. اشاعره اهو مڃين

ٿا تہ اعراض هر گهڙي تبديل ٿي نئين شڪل اختيار ڪن ٿا، مگر انهن شين (اعراض) جي پويان جيڪا حقيقت واحد ڪارفرما آهي، هو ان ڪي ڪونہ ٿا تسليم ڪن. پر هو هر شيءِ (اعراض) جي عليحده عليحده حقيقت جا قائل آهن. هو تڪڙي تبديلي ۽ تجديد سبب ڏوڪو کائي وڃن ٿا. ۽ سمجهن ٿا تہ عالم جو وجود مستقل آهي. ”كَمَا يَقُوْلُ الْاَشَاعِرَةُ فِيْ تَعَاقُبِ الْاَمْثَالِ عَلٰى مَحَلِّ الْعَرْضِ مِنْ خُلُوِّ آن مِنْ شخص مِنَ الْعَرَضِ مُمَاثِلَ لِلشَّخْصِ الْاَوَّلِ فَيَظُنُّ النَّاظِرُ اَنَّهَا اَمْرٌ وَّاحِدٌ مُّسْتَمِرٌّ“.

بحريست نه کاهنده نه افزاينده
امواج بر او رونده و آينده
عالم چون عبارت از همين امواج ست
نبود دو زمان بلکه دو آن پاينده

**منظوم ترجمو:**

وجودِ حقّ بحرِ بي ڪران آ
هميشہ موجزن آب روان آ
عبارت آ انهن موجن جي عالم
نہ ٻيهر ڪو سندس نام و نشان آ

**نثري ترجمو:** وجود (وجودِ حق) هڪ سمندر آهي، جو نہ گهٽجي ٿو نہ وڌيڪ ٿئي ٿو، پر ان جي موجن ۾ تلاطم (اڇ وڇ اتار چڙهاءُ) آهي. درحقيقت عالم انهن موجن جو نالو آهي، جيڪي هميشہ موجزن آهن ۽ وري وري ٻيهرنٿيون اچن ۽ نہ وري ٻہ لمحا بہ باقي رهن ٿيون.

عالم بود ارنیی ز عبرت عاری
نهر جاری بطور هائ طاری
واندر همه طور هائ نهر جاری
سرّیست حقیقت الحقائق ساری

**لغات:** ارَ: مُخفف آهي اگرجو. نیی: نہ، عاري، خالي. طور: طريقو. طاری: ظاهر. ساری: موجود، سير ڪندڙ.

**منظوم ترجمو:**

ڏئي عالم ٿو عبرت جي گواهي
نهر ۾ موج آ موجن مچائي
هنن دريا جي موجن منجهہ آهي
خدا جي ذات جي جلوه نمائي

**نثري ترجمو:** هي جهان عبرت کان خالي نہ آهي، پر ان موجن وانگر آهي، جيڪي دريا ۾ موجزن آهن ۽ بحر جي انهن موجن اندر ذاتِ حق جو وجود ئي جاري ساري آهي. جهڙي طرح موجن جو الڳ وجود ناهي، پر اُهي سمنڊ جي مختلف روپن صورتن جي تصوير آهن، اهڙي طرح هن ڪائنات (اشياءِ ڪائنات) جو الڳ وجود ناهي پر اهي ذاتِ حق جو اهڙي طرح پرتو آهن، جهڙي طرح سمنڊ جون موجون سمنڊ جو عڪس آهن.

**متن:** و امّا خطای سوفسطائیه آنست که مع قولهم بالتبدّل فی العالم باسره متنبه نشده اند بآنکه یک حقیقت است که متلبس می شود بصور واعراض عالم و موجودات متعیّنه

متعدّده می نماید و ظهور نیست اورا در مراتب کونی جز باین سُور واعراض چنانکه وجود نیست آنها را در خارج بدون او.

**ترجمو:** دراصل سوفسطائين کان اها غلطي ٿي آهي ته هو توڙي ڪٽي عالم جي تبدّل ۽ تغيّر جا قائل آهن، پر هر چيز ۾ ذات حق جي جاري و ساري هجڻ جي حقيقت جا قائل نہ آهن. ڪين اها خبر ناهي تہ درحقيقت هنن شين جي تہہ ۾ اها ذات حقيقي مختلف صورتن ۽ اعراض جي صورت ۾ جلوه نمائي ڪري جدا جدا جلون ۽ گهڻن رخن ۾ نظر اچي ٿي. انهيءَ سبب هنن رڳو ظاهري روپ رنگ ڏسي ان اصل حقيقت (ذات حق) کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪہ اهي ظاهري صورتون ۽ اعراض ئي ان اصل حقيقت جا مختلف روپ رنگ خيال ڪيا وڃن ٿا.

سوفسطائی که از خرد بي خبر است
گوید عالم خیالی اندر گذر است
آری عالم همه خیالستہ ولی
پیوست در او حقیقتی جلوه گر است

**لغات:** آری: هائو.

**منظوم ترجمو:**

سوفسطائي خرد کان آهي خالي
چوي ٿو هي جهان آهي خيالي
خيال آهي بلاشڪ سارو عالم
مگر موجود جلوهِ ذوالجلالي

**نثري ترجمو:** فلاسفر جيڪو عقل ڪان خالي آهي، چوي ٿو ته هي جهان هڪ خيال جو نتيجو آهي. بيشڪ هي جهان هڪ خيال جو نتيجو آهي، پر اهو خيال ڪنهن جو آهي؟ اهو خيال ان خالقِ ڪل جو آهي، جيڪو هر چيز ۾ جلوه گر آهي.

**متن:** واما ارباب کشف و شهود می بینند که حضرت حق سبحانه وتعالیٰ، در هر نفس متجلّی است بتجلّی دیگر، و در تجلّی او اصلا تکرار نیست، یعنی در دو آن بیک تعیّن و یک شان متجلّی نمی گردد، بلکه در هر نفسی بتعیّن دیگر ظاهر می شود و در هر آنی بشانی دیگر متجلّی میگردد.

**ترجمو:** ليڪن ارباب ڪشف و شهود ڏسي رهيا آهن ته حضرت حق سبحانه وتعالیٰ هر لحظه هر گهڙي جلوه گر آهي نئين نئين تجلي سان ۽ هن جي ڪنهن به هڪ تجلي ۾ بلڪل تڪرار (وري وري اچڻ) نه آهي يعني ڪن به ٻن گهڙين ۾ ساڳي هڪ شان ۽ هڪ طرح سان جلوه گر نٿو ٿئي، پر هر گهڙي هڪ نئين تعيّن ۽ نئين شان ۾ ظاهر ٿئي ٿو. يعني جنهن صورت ۾ هو هڪ ڀيرو جلوه گر ٿئي ٿو ته ٻيو ڀيرو ان ۾ ظاهر نٿو ٿئي.

هستی که عیان نیست دو آن در شانی
در شان دیگر جلوه کند هر آنی
این نکته بجو، ز کل یوم هو فی شان
گر بایدت از کلام حق برهانی

**منظوم ترجمو:**

نہ ساڳي شان ۾ اظهار پيهر
مگر نئين شان سان هر بار ديگر
پڙهي ڏس کل يوم هُوَ في شان
گهرين حجت اگر قرآن اندر

**نثري ترجمو:** ذاتِ حق جي اها هستي جيڪا هڪ ساڳي شان ۾ ٻہ دفعا جلوه گر نٿي ٿئي ۽ جيڪا ذات هر آن هر گهڙي نئين نئين شان ۾ ظاهر ٿئي ٿي، قرآن ڪريم جي آيت "کل يوم هو في شان" ۾ اهو نڪتو معلوم ڪر، جيڪڏهن تون الله جي ڪلام مان ڪو دليل معلوم ڪرڻ گهرين ٿو.

**متن:** وسرّ دراين آنست كه حضرت حق را اسما ييست متقابله، بعضى لطفيّه و بعضى قهريّه، و همه دائما بر كارند، و تعطيل بر هيچ يک جائز نه. پس چون حقيقى از حقائق امكانيه بواسطه حصول شرائط و ارتفاع موانع مُستعد وجود گردد، رحمت رحمانيه او را دريابد و بروى اضافۀ وجود كند، و ظاهر وجود بواسطه تلبّس و آثار وا حكام آن حقيقت متعين گردد بتعيّنى خاص، و متجلّى شود بحسب آن تعيّن. بعد از آن بسبب قهر احديّت حقيقى كه مقتضى اضمحلال تعيّنات و آثار كثرت صورى است، از آن تعيّن منسلخ گردد، و درهمان انسلاخ بر مقتضاى رحمت رحمانيه بتعيّنى ديگر خاص كه مماثل تعيّن سابق باشد متعيّن گردد در آن ثانى بقهر احديّت مضمحل گردد

و تعیّنی دیگر بر رحمت رحمانیّه حاصل. وهکذا الیٰ ماشاء اللّٰه. پس در هیچ دوآن بیک تجلّی واقع نشود و در هر آنی عالمی بعدم رود و دیگری مثل آن بوجود آید. اما محجوب بجهت تعاقب امثال و تناسب احوال می پندارند که وجود عالم بر یک حالست و در ازمنه متوالیه بریک منوال.

**لغات:** متواليه: لڳاتار ايندڙ. منوال: طور طريقو.

**ترجمو:** هن ۾ اصل راز اهو آهي تہ حق تعالیٰ جا اسماءِ گرامي متقابله (هڪ ٻئي جي مقابل) آهن. بعض اسماءِ گرامي لطفيّه آهن تہ بعض قهريّه آهن، جيئن تہ باري تعالیٰ جا سڀ اسماءِ گرامي هر وقت مصروف عمل آهن ۽ انهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو تعطّل (رڪجڻ) واقع نٿو ٿئي، تنهن ڪري جنهن وقت بہ موجودات مان ڪنهن بہ شيءِ لاءِ مناسب شرط (حالتون) پيدا ٿي ويندا آهن ۽ ان جا ضد موانعات دور ٿي ويندا آهن ۽ اها شيءِ وجود لاءِ صلاحيت پيدا ڪري ڇڏيندي آهي تہ پوءِ حق تعالیٰ پنهنجي صفت رحمٰن سان ان تي جلوه گر ٿي ويندو آهي ۽ اها شيءِ معرضِ وجود ۾ اچي ويندي آهي. ان ڪانپوءِ جڏهن حق تعالیٰ جي صفت قهريه جلوه گر ٿيندي آهي تہ پوءِ ان شيءِ جو وجود مضمحل (نيست و نابود) ٿي ختم ٿي ويندو آهي. ان ڪانپوءِ وري صفت رحمانيه جلوه گر ٿيندي آهي ۽ اهڙي طرح وري ٻيو تعيّن تجلي (ظهور- جلوو) وجود ۾ اچي ويندو آهي. اهڙي طرح هي سلسلو جاري و ساري رهي ٿو (۽ رهندو جيستائين اللّٰه چاهيندو) اهڙي طرح هر آن هر گهڙي هر لحظہ هر ٻيءَ تجليءَ جو ظهور ٿيندو رهي ٿو ۽ ڪنهن بہ ساڳي هڪ تجلي جو ٻيهر تڪرار (وري وري اچڻ) نٿو ٿئي.

ان ڪري هر گهڙي هڪ نئون جهان وجود ۾ اچي ٿو ۽ آنًا فانًا متجي وڃي ٿو ۽ وري ساڳي گهڙي ۾ ٻيو جهان وجود ۾ اچي وڃي ٿو، پر اهو سڀ ڪجهہ تجدد ايترو تہ سرعت (جلدي جلدي) ۾ ٿئي ٿو جو عوام کي ان تجدد (وري وري اچڻ) جو پتو ڪونہ ٿو پوي ۽ هو سمجهي ٿو تہ ساڳيو جهان لڳاتار هڪ طور طريقي سان ئي موجود آهي.

سبحان الله ز هی خداوند ودود
مستجمع فضل و کرم و رحمت و جود
در هر نفسی برد جهانی بعدم
آورد دگری چو آن همانندم بوجود

**منظوم ترجمو:**

خدا جي ذات بابرڪات باري
سندس فضل و ڪرم رحمت آ جاري
عدم ۾ آڻي عالم هر گهڙي ٿو
وري ساڳي گهڙي بخشي بهاري

**نثري ترجمو:** پاڪ آهي اها ذات بابرڪات (باري تعالیٰ جي) جيڪا جامع آهي جميع صفات فضل و ڪرم ۽ رحمت و سخا جي جيڪا ذات هر لحظ هر لمحہ هر گهڙي هڪ جهان کي عدم ڪري انهيءَ گهڙي انهيءَ مهل ٻيو جهان (اک ڇنڀ اندر) وجود ۾ آڻي ٿي.

انواع عطا گرچه خدا می بخشد
هر اسم او عطیۀی جدا می بخشد
در هر آنی حقیقت عالم را
یک اسم فنا یکی بقا می بخشد

**منظوم ترجمو:**

خدا توڙي ڪري بيحد عطا ٿو
مگر هر اسم ڏئي نعمت جدا ٿو
سڄي عالم کي ئي ساڳي گهڙي ۾
فنا هڪ اسم، ٻيو بخشي بقا ٿو

**نثري ترجمو:** الله تعالىٰ توڙي ڪٽي قسمين قسمين جون نعمتون عطا ڪري ٿو، مگر هن جي هر اسم مبارڪ جي عطا ڪيل نعمت جدا جدا آهي. هر گهڙي سندس هڪ اسم پاڪ ڪائنات کي فنا ڪري ڇڏي ٿو ته وري ساڳئي لمحي سندس ٻيو اسم گرامي فورًا ٻيو جهان وجود ۾ آڻي ڇڏي ٿو.

**متن:** دليل بر آنکه مجموع اعراض مجتمعه است در عين واحد که حقيقت وجود است، آنکه هر چند حقائق موجودات را تجديد مى کند، در حدود ايشان غير از اعراض چيزى ظاهر نمى شود، مثلا وقتى که گويند که انسان حيوان ناطق است و حيوان جسم نامى حساس متحرک بالاراده، و جسم قابل مر ابعاد ثلاثه را، و جوهر موجوديست لا فى الموضوع. و موجود ذاتى است که مر اورا تحقق و حصول باشد، در اين حدود هر چه مذکور مى شود، از قبيل اعراض است الا آن ذات مبهم که در اين مفهومات ملحوظ است، زيراکه معنى ناطق ذات ثبت له النطق است، و معنى نامى، ذات ثبت له النمو وهکذا فى البواقى، و اين ذات مبهم عين وجودِ حق و هستى حقيقى است

که قایمست بذات خودم و مقسومست مر این اعراض را: و آنکه ارباب نظر می گویند که امثال این مفهومات فصول نیستندم بلکه لوازم فصولند که بآن از فصول تعبیر می کنندم بواسطه عدم قدرت بر تعبیر از حقائق فصول بر وجهی که ممتاز شوند از ما عدای خودم بغیر این لوازم یا لوازمی که از اینها اخفی باشدم مقدّمه ییست ممنوع و کلامیست نامسموعم و بر تقدیر تسلیمم هرچه نظر با جوهر ذاتی باشدم قیاس بآن عین واحد عرضی خواهد بودم زیراکه اگرچه داخل است درحقیقتم خارج است از آن عین واحدم و قایم است باو. و دعوی آنکه اینجا امری هست جوهری ورای عین واحدم در غایت سقوط است بتخصیصم وقتی که کشف ارباب حقیقت که مقتبس است از مشکواة نبوت خلاف آن گواهی دهد و مخالف آن عاجز باشد از اقامت دلیل والله یقول الحق وهو یهدی السبیل.

**ترجمو:** هن ڳالهہ جو دليل تہ هي ڪائنات انهن تمام شين جو مجموعو آهي، جيڪي ذات واحد (حق تعالیٰ) ۾ موجود آهن. جڏهن ڪائنات جي انهن شين جي تعريف ڪئي وڃي ٿي تہ سواءِ وجود ممڪن جي ڪجهہ بہ معلوم نٿو ٿئي. مثال طور جڏهن اهو چيو وڃي ٿو تہ ”انسان هڪ حيوان ناطق آهي“ تہ حيوان، اسم نامي آهي جيڪو هڪ ”متحرڪ بالارادہ“ جسم آهي (جيڪو پاڻ خود چُري پري سگهي ٿو) ۽ جسم جي تعريف اها آهي تہ هو هڪ وجود آهي، جنهن جا ٽي پاسا (ابعاد ثلاثه Three Dimentions) آهن، اهي سڀ اصطلاح ۾ تعريفون وجود ممڪن ۾ اچن ٿيون، پر انهن سڀني ۾ هڪ مخفي شيءِ آهي،

جنهن جو نالو ڪڏهن ”ناطق“ آهي يعني جيڪا ذات صاحب نطق آهي. ڪڏهن ان جو نالو ”جسم نامي“ آهي، جنهن جو مطلب آهي اهڙي ذات جيڪا قابل ظهور آهي. اهڙي طرح باقي بيا. هاڻي اها مخفي شيءِ ”ذات حق“ آهي، جيڪا بذات خود قائم آهي ۽ جنهن سان هي سڀ شيون (ڪائنات/ اعراض) موجود آهن.

هيءُ جو فلاسفرن جو چوڻ آهي ته اهڙن اصطلاحن سان ڪو خاص وجه تميز (سڃاڻپ) يا حدِ فاصل قائم نٿي ٿئي، هن مان رڳو اهڙين نشانين جو پتو پوي ٿو، جن سان اسان فرق امتياز معلوم ڪري سگهون ٿا، چو ته اهڙين نشانين ۽ علامتن کان سواءِ انهن امتيازات (فرق ڪرڻ، تميز ڪرڻ) ۽ انهن جي پيچيدگين (مونجهارن) کي سمجهڻ ناممڪن آهي. انهن جو اهو مفروض (بيانيه) نڪو تسليم ڪري سگهجي ٿو ۽ نه وري ان تي غور و فڪر ڪري سگهجي ٿو پر جيڪڏهن بالفرض ان کي تسليم ڪيو وڃي ته پوءِ اهو (مجٽو پوندو ته) جيڪو انهن کي جوهر نظر اچي ٿو، درحقيقت عرض آهي، جيڪو ذات واحد (حق تعاليٰ) سان قائم آهي، انهن جو اهو چوڻ ته حق تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻيءِ شيءِ جو وجود مستقل آهي ته اها انتها درجي جي بيوقوفي آهي. خاص طور ان وقت جڏهن اصحاب حقيقت (ولي الله) جو ڪشف سندن هن دعويٰ کي غلط قرار ڏيندو هجي. ڪشف دراصل اهڙي نعمت (شيءِ) آهي، جيڪا نورِ نبوت جي پيداوار آهي. حق تعاليٰ جي طرفان جيڪو ڪجهه معلوم ٿئي ته اهوئي صحيح ۽ درست هوندو آهي ۽ اهائي ذات (حق تعاليٰ جي) آهي، جيڪا اصل هدايت جو سرچشمو آهي.

## تحقيق معانی از عبارات مجوی
## بی رفع قيود و اعتبارات مجو

خواهی یابی ز علّت جهل شفا
قانون نجات از اشارات مجو

**منظوم ترجمو:**

ڪتابن مان بہ ڪجھہ ھٿ حاصل نہ ٿيندو
تصور غير جو جيسين نہ ويندو
جهالت مان گهرين ٿو ڇوٽڪارو
تہ پوءِ هرگز ڪتابن مان نہ ملندو

**نثري ترجمو:** حقيقت ڪان آگاهي (اصل معنیٰ ڪان واقفيت ٿيڻ) رڳو ڪتاب پڙهڻ سان ڪانہ ٿيندي آهي ۽ نہ وري اها شيءِ اعتبارات، تقيّدات ۽ تعيّنات جي متجڻ ڪان اڳ حاصل ٿئي ٿي. جيڪڏهن تون گهرين ٿو تہ توکي جهالت جي هن مرض ڪان شفا حاصل ٿئي تہ پوءِ تون بوعلي سينا جي ڪتاب "قانون"، "نجات" ۽ "اشارات" مان نہ طلب ڪر، پر انهن مرضن جو علاج اهل حقيقت (اولياء اللّٰه) ڪان حاصل ڪر.

گشتی بوقوف هر موافق قانع
شد قصد مقاصدت ز مقصد مانع
هرگز نشود تا نه کنی رفع حجب
انوارِ حقيقت از مطالع طالع

**منظوم ترجمو:**

جدا راهن جو جيڪر آهين راهي
اها مقصود تنهنجي جي تباهي
نہ جيسين دل تان ٿيندا دور پردا
عطا تيسين نہ ٿيندو نور الٰهي

**نثري ترجمو:** جيڪڏهن تون اهڙي طرح جدا جدا راهن (رستن) تي هلندو رهئين ته توکي اصل مقصد هرگز حاصل نه ٿيندو، جيستائين تنهنجي دل مان حجاب (پردا) پري نه ٿيندا، تيستائين ڪڏهن به توتي معرفت جو نور نروار نه ٿيندو.

در رفع حجب کوش نه در جمع کتب
کز جمع کتب نمی شود رفع حجب
در طیّ کتب کجا بود نشه حب
طی کن همه را و عُد الی اللّٰه و تُب

**لغات:** رفع حُجب: پردا هٽائڻ. طی کتب: ڪتاب پڙهڻ، پڙهي ختم ڪرڻ. طی ڪن: ختم ڪر. عُد: رجوع ڪر، موٽ. تُب: توبه تائب ٿيءُ.

**منظوم ترجمو:**

تون ڪر ڪوشش حجابن جي هٽڻ جي
نه ڪر زحمت ڪتابن گڏ ڪرڻ جي
ڪتابن ۾ محبت جو نه نشّو
فڪر ڪر پنهنجي رب آڏو جهڪڻ جي

**نثري ترجمو:** توکي گهرجي ته ڪتابن جي ڪٺي ڪرڻ بدران حجابات (پردا) دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، ڇوته ڪتاب ڪٺا ڪرڻ سان (دوريءَ وارا) پردا دور نه ٿيندا. ڪتابن پڙهڻ سان اهڙو نشو ڪٿي ٿيندو آهي، جهڙو نشو حُبّ يعني محبت ڪرڻ سان ٿيندو آهي. ان ڪري تون سڀ ڪم ڇڏي الله تعالىٰ جي طرف رجوع ڪريءِ توبه تائب ٿيءُ.

**نوٽ:** حضرت مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ عليه پنهنجي هن لائحه ۾ "تجدّد و امثال" جنهن کي ڪُمون و بُروز (پوشيده هئڻ، ظاهر هئڻ) به سڏجي ٿو،

جهڙي اهم مسئلي کي نهايت زور شور سان ثابت ڪيو آهي. حڪماءَ، فلاسفر ۽ متڪلمين لاءِ بہ هن حقيقت کي منطقي دليلن سان ثابت ڪيو آهي. هي مسئلو بالڪل حق ۽ درست آهي ۽ تمام اولياءِ الله جو اهوئي موقف آهي.

حضرت خواجہ غلام فريد رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ بہ پنهنجي ارشادات ڪتاب ”مقابيس المجالس“ جلد چوٿين ۾ هن لائحہ جي تشريح ڪندي لکيو آهي:

**متن: در آن بعدم مى رود و مثل آن وجود مى آيد.**

**تشريح:** ڪائنات (اشياءِ ڪائنات- اعراض) جي معدوم (گم) ٿي وڃڻ ۽ وري وجود ۾ اچڻ (ظاهر ٿيڻ) جو اصل سبب هي آهي تہ بعض اسماءِ الٰهي لطفي هوندا آهن مثلاً رحمان، رحيم، معطي، جوّاد، خالق، رزاق، ستار، غفار، لطيف، رؤف وغيره ۽ بعض اسماءِ الٰهي قهري هوندا آهن. مثال طور: قاهر، قادر، ڪبير، متڪبر، مُذلّ، عزيز، جبار، منتقم، غيور وغيره. هي تمام اسماءِ الٰهي خواه لطفي هجن يا قهري، هر وقت پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهن. اسماءِ لطفي جو تقاضا آهي تہ اهي فيضانِ وجودي يعني ايجاد عالم جو ظهور ڪن ۽ اسماءِ قهري (اسماءِ جلاليہ) جي تقاضا آهي عالم (اشياءِ ڪائنات) کي معدوم ڪرڻ. ان ڪري اسماءِ قهريہ هر گهڙي ڪائنات کي معدوم ڪندا رهن ٿا، جيئن تہ اسماءِ الٰهي (لطفي يا قهري) ڪنهن بہ اسم کي ڪڏهن تعطل نہ آهي، بلڪ ٻئي اسماءِ الٰهي لطفي ۽ قهري هر گهڙي عمل پذير آهن ۽ ڪائنات تجدد ۽ امثال جي چٽي تصوير آهي، پر سرعت انتقال جي سبب بظاهر ائين نظر نٿو اچي. حقيقت اها آهي تہ تبدل ۽ تغيّر دائمي ۽ هر گهڙي آهي ۽ اهو تبدّل ۽ تغيّر ڪڏهن بہ ٻئي لمحي ساڳيو نٿو ٿئي، بلڪ هر گهڙي نئين آن ۽ شان سان ظهور پذير آهي.

## ٢٧ لائحه بيست وهفتم (ستاويهون لائح)
## اعتبارات عدم محض آهن

عظيم ترين حجابى و كثيف ترين نقابى، جمال وحدت حقيقى را تقيّداتى است و تعدّداتى است كه در ظاهر وجود واقع شده است بواسطه تلبّس آن باحكام و آثار واعيان ثابته در حضرت علم كه باطن وجود است، و محجوبان را چنان مى نمايد كه اعيان موجود شده در خارج و حال آنكه بويى از وجود خارجى بمشام ايشان نريسده است، و هميشه بر عدميت خود بوده اند و خواهند بود، بدانچه موجود و مشهود است، حقيقت وجود است، اما باعتبار تلبّس باحكام و آثار اعيان، نه از حيثيت تجرد از آنها، زيراكه از اين حيثيت بطون و خفا از لوازم اوست. پس فى الحقيقة وجود همچنان بر وحدت حقيقى خود است كه ازلاً بود و ابدًا خواهد بود. امّا بنظر اغيار بسبب احتجاب بصورت كثرت احكام و آثار متقيّد و متعيّن در مى آيد، و متعدد و متكثّر مى نمايد.

**ترجمو:** حضرت حق تعالىٰ جي حسن و جمال جو عظيم ترين (وڏي مان وڏو) ۽ كثيف ترين (موٽي كان موٽو) پردو (حجاب) كثرت تعيّنات (موجوداتِ اشياءِ عالم) آهي، جيكو باطن ۾ (خود) وجود آهي. اهو ان كري حائل آهي تہ الله تعالىٰ جي علم ۾ جيكو كائنات جو نقشو هيو، جن كي اعيان ثابته (اسم اِلٰهي جون صورتون) سڏجي ٿو، ان جي مختلف آثار ۽ تقاضائن جي كري انهن اعيان ثابته ظاهري شين جي

صورت اختيار ڪئي آهي (حالانڪہ اها انهن جي اصل حقيقت نہ آهي) ان ڪري جن جي اکين تي پردا پيل آهن، انهن کي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اعيان ثابته (صور اسماءِ اُلهي، اشياءِ عالمِ اعراض) جو خارج ۾ وجود آهي. حالانڪہ حقيقت اها آهي تہ خارجي وجود جي هن تائين بوءِ بہ نہ لڳي آهي، پر اهو هميشہ عدم محض آهي ۽ عدم محض رهندا. هي جو ڪجهہ موجود آهي ۽ نظر اچي رهيو آهي، ذات حق (حق تعالىٰ) ئي آهي، جنهن اعيان ثابت جي تاثير جو ظاهري لباس ڍڪي ورتو آهي. جيڪڏهن اهو لباس هٽايو وڃي ۽ پوءِ ذات حق مخفي ٿي ويندي ۽ حالتِ بطون ۾ هلي ويندي، ان ڪري دراصل وجود اهڙي طرح آهي، جهڙي طرح ازل کان هيو ۽ ابد تائين رهندو. ليڪن انهن حجابن جي ڪري عوام کي گهڻي تعداد ۾ شيون نظر اچي رهيون آهن. (درحقيقت اها ڪثرت وحدت ئي آهي).

وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلّ
حقّ حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻئي مَ ڀُل
هي هلاچو هل باللّٰه سنڌو سڄڻين.

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ اللّٰہ تعالیٰ علیہ)

بحريست وجودِ جاودان موج زنان
زان بحر نديده غير موج اهل جهان
از باطن بحر موج بين گشته عيان
بر ظاهر بحر و بحر در موج نهان

**منظوم ترجمو:**

وجود جو بحر موجن ۾ مدامي
نظر موجون اچن ان ۾ دوامي

رهي ٿو بحر بي پايان هيٺان
مٿان موجن ۾ پيي ذات گرامي

**نثري ترجمو:** وجود حق (ذات باري تعالیٰ) هڪ عظيم سمنڊ آهي، جيڪو هميشہ موجزن آهي (موجون هڻي رهيو آهي) عوام کي رڳو موجون نظر اچي رهيون آهن. ظاهر ۾ سمنڊ موجن جو مجموعو نظر اچي ٿو، پر باطن (حقيقت) ۾ اهو سمنڊ ئي آهي.

بنگر به جهان سرّ الاهی پنهان
چون آبِ حیات در سیاهی پنهان
پیدا آید به بحر ماهی انبوه
شد بحر در انبوهی ماهی پنهان

**منظوم ترجمو:**

جهان ۾ پنهان آ ذاتِ الاهي
مثل آبِ حيات اندر سياهي
سمنڊ ۾ ماهي ڏسجي بي تحاشا
لڳي سارو سمنڊ ڄڻ آهي ماهي

**نثري ترجمو:** (غور ڪري) ڏس تہ ڪائنات ۾ ذات حق اهڙي طرح پوشيده آهي، جهڙي طرح آبِ حيات جو چشمو پهاڙن جي انڌيري غار ۾ لڪل آهي. يا ائين چئو تہ سمنڊ ۾ مڇيون ئي مڇيون پيدا ٿي ويون آهن، جنهن ڪري رڳو مڇيون نظر پيون اچن ۽ ڄڻڪ سمنڊ غائب آهي (پوشيده لڪل آهي).

**متن:** هرگاه چیزی از چیزی نموده می شود، ظاهر غیرمظهر است. یعني ظاهر دیگر و مظهر دیگر است. و ایضا آنچه نموده

می شود از ظاهر در مظاهر شبح است و صورتہ نه ذات و حقیقتہ الا وجود هستی مطلق که هرجا حاضر است و عین مظاهراستہ و در همه مظاهر بذاته ظاهر.

**ترجمو:** جڏهن هڪ شيءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي ذريعي ڏيکاري ويندي آهي تہ اهي ٻئي شيون (ڏيکاريل شيءِ ۽ جنهن شڪل ۾ اها ڏيکاري وئي هجي) الڳ وجود رکن ٿيون (جهڙي طرح آئيني ۾ عڪس) اهڙيءَ طرح جيڪا شيءِ ڏيکاري وجي ٿي، اها ظاهري شڪل ۾ بہ ان جو غير هوندي آهي تہ باطن ۾ بہ غير هوندي آهي. ليڪن الله تعالىٰ جي ذات گرامي جنهن بہ صورت ۾ ظاهر هجي، اها ان صورت جو عين آهي، ان جو غير نا هي.

گويند دل آئينه آئين عجبست
دروی رخ شاهدان خود بين عجبست
در آئينه روی شاهدان نيست عجيب
خود شاهد و خود آئينه خود اين عجبست

**منظوم ترجمو:**

چون ٿا دل بہ آئيني مثال آه
ڏنو ان ۾ صنم پنهنجو جمال آه
صنم آئيني ۾ ڏسجي عجب ناه
صنم خود آئينو آهي ڪمال آه

**نثري ترجمو:** ماڻهو چون ٿا تہ دل آئينو آهي. هي (آئينو) ڳالهہ بہ ڪهڙي نہ عجيب آهي، ڇوتہ جنهن ۾ خودبين (پاڻ کي پاڻ ڏسندڙ) محبوب پنهنجو چهرو پاڻ ڏسي رهيو آهي، پر معلوم هئڻ گهرجي تہ آئيني ۾

محبوب جو چهرو نظر اچڻ عجب (حيرت) جي ڳالهہ نہ آهي، پر درحقيقت عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ محبوب ۽ آئينو ٻئي هڪ شيءِ آهن، انهن ۾ ڪوبہ فرق ناهي.

اين آئينه را داده جلا صورت تو
يک آئينه کس نديده بی صورت تو
نی نی ز که لطف در همه آئينه ها
خود آمدهيی پديد نی صورت تو

**منظوم ترجمو:**

ٿي آئيني جي رونق تنهنجي صورت
سوا تو آئيني جي ڇا ضرورت
ائين ناهي مگر پنهنجي ڪرم سان
تون آئيني ۾ ظاهر پر نہ مورت

**نثري ترجمو:** هن آئيني کي (دراصل) تنهنجي صورت ئي رونق بخشي آهي. تنهنجي صورت کان سواءِ آئيني جو (پنهنجو) ڪوبہ وجود ناهي، نہ نہ، بلڪ (حقيقت اها آهي تہ) تو پنهنجي لطف وڪرم سان پنهنجو پاڻ اظهار ڪيو آهي، توڙي ظاهري طرح تون بالڪل بنا ڪنهن صورت جي آهين.

## ⑳ لائحہ بيست وهشتم (اٺاويهون لائح)

## هستي ۽ عالم هست

حقيقت هستی بجميع شؤون و صفات و نسب و اعتبارات که حقائق موجوداتند، درحقيقت هر موجودی

ساريست، ولهذا قيل "كل شيء فيه معنىٰ كل شيء" صاحب گلشن راز گويد:

دل يک قطره را گر بر شگافی
برون آيد از او صد بحر صافی

**ترجمو:** ذاتِ حق يعني هستيءِ مطلق (باري تعالىٰ) پنهنجن تمام رشتن تعلقات (تمام شؤون) صفتن نسب ۽ اعتبارات جي لحاظ سان موجودات (موجودات ڪائنات) جي سمورين شين ۾ جلوه پذير آهي (جاري و ساري) آهي بلڪ هر شيءِ جي اصل حقيقت بہ هر شيءِ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ هن جي ذات ۾ موجود آهي. "گلشن راز" جي مصنف محمود شبستري ڪھڙو نہ سٺو چيو آهي تہ تون پاڻ ئي قطري (ڦڙي) جو اندر چيري ڏس تہ توکي ان جي اندران صاف شفاف سمنڊ ملندو.

کبھی قطرے کا دل بھی چیر کر دیکھ
رواں ہونگے کئی دریا اسی سے

## رباعي

هستی که بود ذات خداوند عزیز
اشیا همه دروی اند و وی در همه چیز
اینست بیان آنکه عارف گوید
باشد همه چیز مندرج در همه چیز

**منظوم ترجمو:**

وجودِ ذات باري غير محدود
هو هر شيءِ منجهہ هر شيءِ هن ۾ موجود

اهوئي عارفن جو قول آهي
تہ هر شيءِ آهہ هر شيءِ منجهہ مشهود

**نثري ترجمو:** هستي يعني اللّٰه تعاليٰ جي ذات پاڪ اها آهي، جيڪا هر شيءِ ۾ (موجود) آهي ۽ هر شيءِ ان ذات حق ۾ (موجود) آهي. انڪري عارف (اللّٰه وارا انسان) تہ ”همہ چيز مندرجہ همہ چيز است“ يعني هر شيءِ ۾ هر شيءِ شامل آهي يعني ڪابہ شيءِ ڪنهن شيءِ جو غير ناهي، بلڪ هر شيءِ هر شيءِ ۾ موجود (عين) آهي، ڇوتہ هر شيءِ ذات حق جو عين آهي. (موجود آهي).

**نوٽ:** هن جو اهو مطلب ناهي تہ هر شيءِ خدا آهي، پر ان جو اصل مطلب اهو آهي تہ هر شيءِ نہ خدا آهي ۽ نہ وري خدا کان جدا آهي.

**نوٽ:** وحدت الوجود يعني وجودي نظرئي وارن وٽ موجودات پنهنجو وجود ڪونهي، اهي ذات حق جي عينيت جو مظهر آهن، پر وحدت الشهود يعني شهودي حضرات وٽ موجودات ذات حق جو عين ناهن، پر ظل آهن يعني تجلي ۽ پرتوو آهن. (سچاروي)

## ۲۹ **لائحہ بيست ونهم** (اوڻتيهون لائح)

## اصل فاعل ذات حق آهي

هر قدرت و فعل که ظاهرًا از مظاهر صادر (می نماید) می شود و از ایشان در می نماید، فی الحقیقۃ از حق ظاهر در آن مظاهر، ظاهر است نه از مظاهر. شیخ رضی اللّٰه تعالیٰ عنه در حکمت علیّه می فرماید: "لا فعل للعین بل الفعل لربها فیها فاطمنت العین ان یضاف الیها فعل" پس نسبت قدرت و فعل بنده از جهت ظهور حق است بصورت او و نه از جهت نفس او، "وَاللّٰهُ

خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ" می خوان، و وجود و قدرت و فعل خود را از حضرت بی چون می دان.

**ترجمو:** هر فعل يا قدرت (طاقت) جو ظاهري طور مختلف مظاهر (اشياءِ عالم) کان صادر ٿئي ٿو، اهي انهن شين جي قدرت ۽ فعل نظر اچن ٿا، پر حقيقت ۾ اهي قدرت ۽ فعل اصل ۾ حق سبحانه وتعالىٰ جا آهن ۽ انهن مظاهر (اشياءِ عالم) جا نہ آهن. حضرت شيخ محي الدين ابن العربي فصوص الحڪم جي باب حڪمت عليّه ۾ فرمايو آهي تہ جيڪو بہ فعل ظاهري طرح اشياءِ عالم کان سرزد ٿئي ٿو، اهو اصل ۾ (الله تعالىٰ) حق جو فعل آهي، ڇوتہ ذات حق هر شيءِ ۾ موجود آهي، پر ظاهري طرح اهو فعل ان اشياءِ (شين) ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. پوءِ هر قدرت ۽ فعل جو ٻانهي کان صادر ٿئي ٿو. اهو ان ٻانهي (ماڻهوءَ) ڏانهن ان ڪري منسوب ڪيو ويندو آهي، جو ذات حق ان ٻانهي (ماڻهوءَ) اندر موجود آهي. اهو فعل حقيقت ۾ ان ماڻهوءَ (ٻانهي) کان صادر نٿو ٿئي، الله تعالىٰ قرآن حڪيم ۾ فرمايو آهي تہ "الله تعالىٰ اوهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ اوهان جي افعال ۽ اعمال کي بہ پيدا ڪيو آهي". پوءِ هيءَ آيت سگھوري پڙهندا رهو ۽ پنهنجي هر فعل کي فعلِ حق سمجهندا ڪريو.

از ماهمه عجز و نیستی مطلوبست
هستی و توابعش ز ما مسلوب ست
این او ست پدید آمده در صورت ما
این قدرت و فعل از آن بما منسوبست

**منظوم ترجمو:**

اسان کان انکساري عجز مطلوب
اسان جي هستي ۽ محکومي مسلوب
ٿو سڏجي هر عمل ان هوندي منهنجو
اها قدرت خدا پاران ٿي منسوب

**نثري ترجمو:** اسان سيني (ٻانهن) کان فقط عجز ۽ انکساري مطلوب آهي (يعني اسان کي هميشہ عجز ۽ انکساري ڪرڻ گهرجي) ڇوتہ نہ اسان جي ڪا هستي آهي ۽ نہ وري ڪا قدرت آهي. پر (ان جي باوجود) هي سمورا اعمال، افعال اسان ڏانهن ان ڪري منسوب ڪيا وڃن ٿا، ڇوتہ ذات حق اسان ۾ موجود آهي ۽ ڪارفرما آهي.

چون ذات تو منفی بود ای صاحب هش
از نسبت افعال بخود باش خمش
شيرين مثلی شنو مکن روي ترش
ثبت العرش اولا ثم انقش

**منظوم ترجمو:**

اڙي دانا جڏهن تون ڪجهہ بہ ناهين
تہ پنهنجا فعل ڇو پنهنجا سڏائين
هي منٺي ڳالهہ ٻڌ، ڪڙوو نہ ڪر منهن
اول ديوار پوءِ تصوير ٺاهين

**نثري ترجمو:** اي عقلمند! جڏهن تنهنجو ڪو وجود ئي ڪونهي تہ پوءِ افعال جي پاڻ ڏانهن نسبت ڪرڻ کان خاموش رهہ. هي منٺي ڳالهڙي (غور سان) ٻڌ، پر پنهنجو منهن ڪڙوي ڪرڻ کان بچندو رهہ، ڇوتہ جيڪڏهن ديوار (جو وجود) ئي نہ هوندو تہ پوءِ ان تي نقش و نگار

ڪهڙي طرح ٺپي سگهندو. يعني اول ديوار هوندي پوءِ ان تي نقش و نگار ٺپيندا. اهڙي طرح هتي انسان کي ديوار سان تشبيه ڏئي، ان جي افعال کي نقش و نگار سان تشبيه ڏني وئي آهي. جڏهن انسان جو وجود ئي ناهي تہ پوءِ افعال جي ان ڏانهن نسبت ڪهڙي؟

وَصّافی خود بزعم حاسد تاکی
ترویج چنین متاع کاسد تاکی
تو معدومی خیال هستي از تو
فاسد باشد خیالِ فاسد تاکی

**منظوم ترجمو:**

اجايو پاڻ کي چوٽو پڏائين
هي ڪوڙو مال تون ڪيئن ٿو کپائين
عدم آهين انا جو خيال فاسد
تہ پوءِ هي خيال فاسد چو بڻائين

**نثري ترجمو:** حاسد جي آڏو تون پنهنجو پاڻ ڪيترو پڏائيندين ۽ کوٽي سڪي (مال) کي ڪيترو هلائيندين. جڏهن تون معدوم (ڪجهہ نہ) آهين تہ پوءِ توکي پنهنجي هستي (وجود) جو خيال هجڻ فاسد ۽ بيڪار آهي ۽ اهڙو فاسد خيال ڪيستائين ڪندو رهندين.

## (۳۰) لائحہ سي ام (ٽيهون لائح)

### خير و شر

چون صفات و احوال و افعال که در مظاهر ظاهر است، فی الحقیقة مضاف بحق در آن مظاهر است، پس اگر احیاناً در

بعضی از آنها شرّی و نقصانی واقع باشد از جهت عدمیّتِ امری دیگر تواند بود، زیراکه وجود، من حیث هو وجود خیر محض است، و از هر امری وجودی که شرّی متوهّم می شود، بواسطه عدمیّت امر وجودی دیگر است، نه بواسطه آن امر وجودی من حیث هو امر وجودی.

**ترجمو:** درحقيقت مخلوقات جي افعال ۽ اعمال جو فاعل حقيقي (اصل کندڙ) اللّٰه تعالیٰ آهي، توڙي کڻي اهي افعال ۽ اعمال مخلوق ڏانهن منسوب ڪيا وڃن ٿا. (اهڙي دعویٰ کان پوءِ هتي) سوال پيدا ٿو ٿئي ته ڇا برن ڪمن جو خالق به اللّٰه تعالیٰ آهي؟ ان جو جواب اهو آهي ته اهو برو ڪم ڪنهن ٻيءَ ڳالهه جي ڪري يعني خير جي عدميّت (عدم موجودگي) جي ڪري پيدا ٿيو آهي، ڇوته حق تعالیٰ بحيثيت هويّت خير محض (رڳو خير ئي خير) آهي (تنهن ڪري ان کان شر (خير جو ضد) صادر نٿو ٿي سگهي. ان ڪري جيڪو به شر يا نقص نظر اچي ٿو، اهو ڪنهن ٻئي امر (يعني خير) جي نه هجڻ (عدم موجودگي) سبب وجود ۾ اچي ٿو ۽ اللّٰه تعالیٰ جي طرفان نه پر ان جي (منشا سان) اچي ٿو.

هر نعت که از قبیل خیر است و کمال
باشد ز نعوت ذات پاک متعال
هر وصف که در حساب شرّ است و وبال
دارد به قصور قابلیّات مآل

**لغات:** قبيل: قبيلا، گروهه. قابليّات: سنئون پسنديده. مآل: انجام، نتيجو.

**منظوم ترجمو:**

پلائي ۽ چڱائي وارو هر ڪم
خدا تعالیٰ جو آهي حڪم مُحڪم
برائي جو جتي نالو نشان آهہ
چڱائي جا اتي اسباب مَدھم

**نثري ترجمو:** جيڪو ڪم چڱو ۽ مستحسن آهي، اهو ذات حق (باري تعاليٰ) طرفان صادر ٿئي ٿو، پر جيڪو ڪم برو، شر ۽ وبال آهي، اهو ڪنھن ٻيءِ شيءِ جي عدم موجودگيءَ سبب وجود ۾ اچي ٿو.

**نوٽ:** هن لائحه ۾ حضرت مولانا جامي رحمة الله تعالیٰ عليه چوي ٿو تہ جڏهن هر مخلوق اندر ذات حق (باري تعاليٰ) ڪارفرما آهي تہ ان ڪري هر مخلوق جو فعل ان (باري تعاليٰ) جو ئي فعل آهي. هن سلسلي ۾ سندس وڏيڪ چوڻ اهو آهي تہ هر خير جو ڪم، چڱو ۽ مستحسن فعل تہ ذات حق طرفان ئي صادر ٿئي ٿو، چوتہ ذات حق طرفان هميشہ خير ئي خير آهي، پر برو ڪم يا خراب فعل چڱي ۽ خير واري ڪم جي نہ هجڻ يا عدم موجودگيءَ سبب رونما ٿئي ٿو (جيڪو خدا جي طرفان نہ آهي)، پر انجي منشا سان آهي.

**متن:** حکماء درآنکه وجود خیر محض است، دعوی ضرورت کرده اند و از برائی توضیح، مثالی چندہ آورده اندہ و گفته که برد مثلا مُتلف (مفسد) ثمار است و شرّ است نسبت باثمار شریّت او نه از آن جهت است که کیفیّتی است از کیفیّات زیراکه او از این جهت، کمالیست از کمالات بلکه از آن جهت است که سبب شده است مر عدم وصول ثمار را بکمالات

لائقه خودۃ وهم چنين قتلۃ مثلا که شر استۃ شرّيّت اوۃ نه از جهت قدرت قاتل است بر قتلۃ يا قاطعيّت التۃ يا قابليّت عضو مقتول مر قطع راۃ بلکه از جهت زوال حياتستۃ و آن امريست عدمی الی غير ذالک من الامثلة.

**ترجمو:** حڪماء جو دعويٰ آهي تہ وجود حق (ذات باري تعاليٰ) جو خير محض (سراپا خير) هجڻ ضروري آهي. هن (نظريه) جي وضاحت ڪندي، هنن ڪجهہ مثال بہ پيش ڪيا آهن. هنن جو دليل اهو آهي تہ سرديءَ جي موسم ۾ ميون کي نقصان پهچندو آهي، ان ڪري (بظاهر) اها موسم (ٿڌ) ميون لاءِ نقصان جو سبب آهي، پر حقيقت ۾ اها (ٿڌ) بذاته شر نہ آهي، ڇوتہ ٿڌ (برد) بہ ذات حقيقي جي ڪيفيتن مان هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، پر ٿڌ (برد) ميون لاءِ انهيءَ ڪري نقصان جو سبب (شر) سمجهي وڃي ٿي، جو هن جي ڪري ميون کي بچائڻ واري صلاحيت (ڪيفيت) يعني حرارت جي عدم موجودگي (نہ هجڻ) آهي. اهڙي طرح قتل کي بہ "شر" سڏيو وڃي ٿو، پر قتل ان ڪري شر نٿو سڏجي تہ قاتل ۾ قتل ڪرڻ جي صلاحيت (طاقت) موجود آهي يا وري قتل جي هٿيار کان ڪم وٺي سگهي ٿو ۽ نہ وري ان ڪري تہ مقتول ۾ قتل ٿيڻ جو امڪان آهي، پر قتل ان ڪري شر آهي تہ ان جي ڪري هڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو معدوم ٿيڻ لازم اچي ٿو.

**نوٽ:** قتل ۾ زنده رهڻ (زندگي) جي عدم موجودگي شر آهي نہ ڪہ قتل بذات خود. اهڙي طرح ميون کي بچائڻ واري ڪيفيت (حرارت) جي عدم موجودگي شرّ آهي نہ ڪہ ٿڌ (بروديت) خود بذاته شر آهي.

هرجا که وجود کرده سیر است ای دل
می دان بیقین که محض خیر است ای دل
هر شر ز عدم بودہ عدم غیر وجود
پس شر همه مقتضای غیر است ای دل

**منظوم ترجمو:**

وجودِ حق جو جت پير آهي
يقين ڄاڻج اتي سڀ خير آهي
عدم جت خير جو ڪارڻ اتي شر آ
تہ شر گويا ثبوتِ غير آهي

**نثري ترجمو:** اي دل (اڙي يار) جتي جتي بہ وجود حق (ذات باري تعالىٰ پنهنجو ظهور (جلوه) ڪيو آهي، يقين ڄاڻ تہ اتي خير ئي خير (خير محض) آهي. جيڪڏهن ڪٿي ڪو شر نظر اچي ٿو تہ اهو ڪنهن بہ شيءِ جي عدم موجودگيءَ سبب نظر اچي ٿو. جيئن تہ عدم وجود جي نفي يا وجود جو غير آهي، ان ڪري جت بہ لفظ غير (عدم وجود) جو اطلاق ٿيندو تہ اتي شر نمودار ٿيندو.

## (٣١) لائحہ سي ويڪم (ايڪٽيهون لائح)

## وجود جي صفت علم

شیخ صدرالدّین قونوی قدّس اللّٰه سرّه در کتاب فصوص می فرماید که علم تابعست مر وجود راہ بآن معنی که هر حقیقت از حقائق را که وجود هست علم هستہ و تفاوت علم بحسب تفاوت حقائق است در قبول وجود کمالاً و نقصاناً، پس آنچه قابلست مر وجود را علی الوجه الاتم

الاکمل، قابلست مر علم را، علی هذا الوجه، ومنشأ این تفاوت غالبیّت و مغلوبیّت احکام وجوب و امکانست، در هر حقیقت که احکام وجوب غالبتر، آنجا وجود و علم کاملتر، و در هر حقیقت که احکام امکان غالبتر، وجود و علم ناقص تر، و غالبا که خصوصیّت حکم بتابعیّت علم مر وجود را که در کلام شیخ واقعست، بر سبیل تمثیل است، والا جمیع کمالات تابعه مر وجود را، چون حیات و قدرت و ارادت وغیرها همین حالست و قال بعضهم قدس الله تعالیٰ اسرارهم. هیچ فردی از موجودات از صفت علم عاری نیست، اما علم بر دو وجهست، یکی آنکه بحسب عرف آن را علم می گویند، و دیگری آنکه بحسب عرف آنرا علم نمی گویند. و هر دو قسم پیش ارباب حقیقت از مقولۀ علم است، زیراکه ایشان مشاهده می کنند سرایت علم ذاتی حق را سبحانه در جمیع موجودات، و از قبیل قسم ثانی آب است، مثلا که بحسب عرف او را عالم نمی دارند امّا می بینیم که تمیز می کند میان بلندی و پستی، از بلندی عدول می کند، و بجانب پستی جاری می گردد، و همچنین در داخل جسم متخلخل نفوذ می کند، و ظاهر جسم متکاثف را ترطیب می کند ومی گزرد الی غیر ذالک.

پس از خاصیّت علم است جریان وی بر مقتضای قابلیّت قابل و عدم مخالفت با آن، امّا در این مرتبه، علم در

صورت طبيعت ظاهر شده است، و علىٰ هذا القياس، سراية العلم فی سایر الموجودات بل سراية جميع الكمالات التابعه للوجود في الموجودات باسرها.

**ترجمو:** حضرت شيخ صدرالدين قونوي رحمة الله تعالىٰ عليه پنهنجي ڪتاب فصوص ۾ فرمائين ٿا تہ علم وجود جي تابع آهي. موجودات مان هر موجود صاحب علم آهي. يعني هر موجود شيءِ پنهنجي وجود (هجڻ) جي ڪري معلوم ٿي وڃي ٿي. هر شيءِ جي علم جي مقدار اوتري ئي آهي، جيتري ان ۾ ڪمالِ حق قبول ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي، پوءِ جنهن بہ شيءِ ۾ قبول ڪرڻ جي صلاحيت زياده آهي تہ ان جو علم بہ زياده آهي ۽ جنهن ۾ قبول ڪرڻ جي صلاحيت گهٽ آهي تہ ان جو علم بہ گهٽ آهي. جنهن بہ شيءِ يا هستيءَ ۾ قبول ڪرڻ جو استعداد (صلاحيت) وڌ مان وڌ آهي تہ ان جو علم بہ وڌ مان وڌ آهي، پر جنهن شيءِ ۾ قبول ڪرڻ جو استعداد (لياقت، صلاحيت) نامڪمل آهي تہ ان جو علم بہ نامڪمل آهي. هن فرق جو سبب اهو آهي تہ بعض موجودات (شين) ۾ احڪام وجوب (وجوب جا حڪم) غالب هوندا آهن، جهڙيءَ طرح انسان ۾ ۽ بعض ۾ احڪام امڪان(حدوث، حادث هجڻ) وڌيڪ هوندا آهن، جنهن شيءِ ۾ بہ احڪام وجوب (واجب الوجود هجڻ جيڪا دراصل صفت باري تعالىٰ آهي، پر انسان ۽ فرشتن ۾ بہ ڪجهہ هوندي آهي) غالب تر هوندا آهن تہ ان جو علم بہ ڪامل تر هوندو آهي ۽ جنهن شيءِ ۾ احڪام امڪان غالب تر هوندا آهن تہ ان جو علم بہ ناقص تر هوندو آهي. هتي حضرت شيخ رحمة الله تعالىٰ عليه رڳو علم جو مثال ڏنو آهي، پر تمام صفتون مثال طور حيات قدرت ۽ ارادو وغيره جو بہ اهوئي حال آهي.

بعض مشائخ جو چوڻ آهي ته موجودات مان ڪابه شيءِ علم ڪان خالي نه آهي، پر علم جا ٻه ٻه قسم آهن. هڪ اهو قسم، جنهن کي عام طور (عرف عام) تي علم سڏيو وڃي ٿو، ٻيو اهو جنهن کي عرف عام ۾ (عام طور تي) علم ڪونه سڏيندا آهن، پر ارباب حقيقت انهن ٻنهي قسمن کي علم چوندا آهن، ڇوته هو پنهنجي مشاهدي ۾ ڏسي سگهندا ته ذات حق جو علم تمام موجودات ۾ داخل آهي. هن ٻئي قسم واري علم جو مثال پاڻيءَ جو علم آهي. توڙي ڪٽي جو عرف عام (عام محاوري) ۾ پاڻيءَ کي عالم نٿو سڏجي، پر پاڻيءَ ۾ بلندي ۽ پستي (مٿانهين هيٺانهين) جي سمجهه موجود آهي، پاڻي بلنديءَ ڏانهن ڪونه ويندو آهي، پر پستيءَ ڏانهن ڊوڙندو ايندو آهي. اهڙيءَ طرح پاڻي اهڙين شين ۾ جلدي سرايت (داخل ٿيڻ) ڪندو آهي، جن ۾ مسامات (بدن ۾ چمڙي جا سوراخ) موجود آهن، پر سخت ۽ ٺوس شين جي مٿان مٿان گذري ويندو آهي ۽ اندر داخل نه ٿيندو آهي. هتان معلوم ٿيو ته پاڻيءَ جي رواني يا عدم رواني جو دارومدار ان جي علم تي آهي. اهڙي قسم جي علم کي طبيعت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اهڙي طرح علم تمام موجودات ۾ موجود آهي يعني حضرت وجود جا تمام ڪمالات هر شيءِ ۾ (بقدر استعداد و صلاحيت) موجود آهن.

هستی بصفاتی که در او بود نهان
دارد سریان در همه اعیان جهان
هر وصف ز عینی که بود قابل آن
بر قدر قبول عین گشت هست عیان

**منظوم ترجمو:**

خدا جي ذات آهي پنهنجي صفتن ۾
سدا موجود دنيا جي شين ۾
مگر جنهن شيءِ ۾ جيڏي قابليّت
اچي ٿي اوتري ان جي ضمن ۾

**نثري ترجمو:** ذات حق (ذات باري تعالىٰ) پنهنجي هر صفتن سان ڪائنات جي سمورين شين اندر موجود (سرايت ڪيل) آهي، پر هر شيءِ ۾ اها صفت ايتري قدر موجود آهي، جيتري قدر ان شيءِ ۾ (صفت قبول ڪرڻ) جي صلاحيت موجود آهي.

## (٣٢) لائحه سي ودم (ٻٽيهون لائح)

## ذات حقيقي ۽ صفات

همچنان که حقیقت هستی، از جهت صرافت اطلاق خودش ساریست در ذوات جمیع موجودات بحیثیّتی که در آن ذوات، عین آن ذواتست، چنانکه آن ذوات در وی عین بودند، همچنین صفات کامله او لکلّیتها و اطلاقها، در جمیع صفات موجودات ساری اند، که در ضمن صفات ایشان عین صفات ایشانند، چنانکه صفات ایشان در عین آن صفات کامله، عین آن صفات کامله بودند، مثلاً صفت علم، در ضمن علم عالم بجزئیات، عین علم جزئیاتست، و در ضمن علم عالم بکلیّات عین علم بکلیّات و در ضمن فعلی و انفعالی عین فعلی و انفعالی، و در علم ضمن علم ذوقی و وجدانی عین

علم ذوقي و وجداني، تا غايتی که در ضمن علم موجوداتی که بحسب عرف ايشان را عالم نمی دانند، عين علمست که لائق حال ايشانست، و علیٰ هذا القياس ساير الصفات والکمالات.

**ترجمو:** جهڙي طرح ذات حق (ذات باري تعالیٰ) پنهنجي تنزيه (ڪمال نزهت) اطلاق ۽ لطافت جي ڪري هر شيءِ جي وجود ۾ جاري ۽ ساري آهي، ايتري قدر جو هر شيءِ ذات (ذات حق) جو عين آهي ۽ اهڙي طرح ذات حق جون صفتون(صفات) بہ ڪلي طور تي هر چيز (شيءِ) جي صفات ۾ جاري و ساري ٿي ان جو عين آهن ۽ موجودات جون اهي صفتون پنهنجو الڳ وجود رکڻ جي باوجود بہ اهي ذات حقيقي جون صفات (صفتون) بڻجي وڃن ٿيون ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اهي (صفات) ذات ڪامله سان متصل رهڻ جي ڪري اهي بہ ڄڻ صفات ڪامله بڻجي وڃن ٿيون. مثال طور ڪنهن عالم جو جزئيات ۾ ماهر هجڻ سبب ان جي علم جي صفت بہ جزئيات جي علم جي مشابه هوندي ۽ جنهن عالم جو علم ڪلّيّات ۾ هوندو تہ عين علم بہ ڪلّيّات جي مشابه هوندو ۽ ساڳي شڪل اختيار ڪندو. جيڪڏهن علم ڪسبي ۽ وهبي هوندو تہ صفت علم تي فعلي ۽ انفعالي اثرات غالب رهندا. وجدان ۽ ذوق جو علم رکندڙن تي ان صفت جو رنگ بہ وجدان ۽ ذوق وارو هوندو. اها صورت ان تمام موجودات جي علمن جي بہ آهي، جن جي علم وارن کي اجان معلومات ناهي، ليڪن (هرهڪ ) پنهنجي پنهنجي حيثيت مطابق انهن جي موجود هجڻ سبب انهن جي معلوميّت جو انڪار نٿو ڪري سگهجي. ذات جي ٻين تمام صفتن ۽ ڪمالات جو انهيءَ تي قياس ڪري سگهجي ٿو.

ای ذات تو در ذوات اعیان ساری
اوصاف تو در صفاتشان متواری
وصف تو چو ذات مطلقست امّا نیست
در ضمن مظاهر از تقیّد عاری

**منظوم ترجمو:**

خدا جي ذات هر شيءِ ۾ نمايان
سندس اوصاف سڀ صفتن ۾ پنهان
خدا جي ذات وانگر وصف مطلق
ٻيون سڀ صفتون محدود دامان

**نثري ترجمو:** اي ذات باري تعالیٰ! تنهنجي ذات پاڪ تمام ذوات (اشياءِ عالم) ۾ جاري و ساري آهي ۽ تنهنجون صفات بابرڪات انهن جي صفتن ۾ موجود آهن. فرق اهو آهي تہ تنهنجي ذات پاڪ جي صفات مطلق ۽ لامحدود آهن ۽ ٻين شين (اشياءِ عالم) جون مقيّد (محدود) آهن.

**نوٽ:** هن لائحه جي وڌيڪ وضاحت ايندڙ لائحه ۾ اچي ٿي.

## (۳۳) لائحـه سي وسوم (ٽيٽيهون لائح)

## ذات ۽ آثارِ ذات

حقيقت هستی ذات حضرت حق جل سبحانه و شؤون و نسب و اعتبارات آن صفات او و اظهار او مر خودش را متلبّسا بهذه النسب والاعتبارات، فعل و تاثير او تعيّنات. ظاهر "مرتبة علیٰ هذا الاظهار والآثار".

**ترجمو:** جهان ۾ حقيقي هستي (حقيقي وجود) ذات حق تعالىٰ جي آهي، باقي جيترا بہ شؤون ۽ اعتبارات (اشياء عالمِ موجودات) آهن، اهي سڀ ذات حق جون صفتون آهن، جن جي لباس ۾ حق تعالىٰ پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو آهي ۽ جنهن طريقي سان هن پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو آهي. خود ذات جو پنهنجو فعل ۽ پنهنجو اثر آهي جيڪو مظاهر ۾ ظاهر ٿيندو ٿو رهي ۽ اهڙي طرح ذات جي انڪشافات جي طريقي سان نڪرندڙ نتيجن تي ذات جا آثار سڏجي ٿو.

خود را بشؤون ذاتی آن پرده نشین
شد جلوه ده از مظاهر دنیی و دین
زین نکته که گفتم ای طلبگار یقین
ذات وصفت و فعل اثر چیست ببین

**منظوم ترجمو:**

ٿيو پرده نشين جلوه نما آ
مظاهر ۾ صفات سان برملا آ
محقق ڪر تون هن نڪتي مان معلوم
اثر ذات و صفت ۽ فعل ڇا آ

**نثري ترجمو:** هُن پرده نشين محبوب پنهنجن صفتن ۽ شانن ڪي ڪائنات جي مظاهر (اشياءِ ڪائنات، موجودات) ۾ ظاهر ڪيو آهي. هاڻي اوهان خود ئي سمجهي سگهو ٿا تہ ذات ۽ صفت، افعال ۽ اثر ڇا آهن (يعني ذات حق تعالىٰ جا افعال، صفات ۽ آثار).

## ۳۴ لائحه سي وچهارم (چوٿيهون لائح)

## تجليءِ ذات ۽ تجليءِ صفات

کلام شيخ رضی اللّٰه عنه در بعضی مواضع فصوص مُشَعَّر بآنست که وجود اعيان ممکنات و کمالات تابعه مر وجود را مضاف بحضرت حقّ سبحانه و تعالیٰ. همين اضافه وجود است و بس، وتوابع وجود از مقتضيات اعيان ثابته است و تفرقه ميان دوسخن آنست که حضرت حق سبحانه و تعالیٰ را دو تجلی است، يکی تجلی علمي عينی که صوفيّه از آن تعبير بفيض اقدس کرده اند، و آن عبارت از ظهور حق است سبحانه ازلاً و ابداً در حضرت علم بر خودش بصور اعيان و قابليّات و استعدادات ايشان. دوم تجلی شهودی وجودی که مُعبّر بفيض مقدس می شود و آن عبارت است از ظهور وجود حق سبحانه و تعالیٰ متصنّع بامکان وآثار اعيان، و اين تجلی ثانی مترتّبست بر تجلّی اول، و مظهر است مر کمالاتی را که بتجلّی اول در قابليّات و استعدادات اعيان اندراج يافته بود.

**ترجمو:** حضرت شيخ محي الدين ابن عربي ؓ جي ڪتاب فصوص الحڪم جي ڪجهه عبارتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ موجودات عالم (اشياءِ ڪائنات) ۽ انهن جي صفات ذات حق جو وجود ۽ ذات حق جي صفات آهن. وري ڪجهه عبارتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ صرف اشياءِ عالم (موجودات عالم) جو وجود حق آهي، ليڪن اشياء (اشياءِ

عالم) جون سموريون صفات آهن، اهي اعيان ثابته جو نتيجو آهن.

**نوٽ:** اعيان ثابته مان مراد ڪائنات جو اهو خاڪو يا نقشو آهي، جيڪو تخليق کان اڳ حق تعاليٰ جي علم ۾ يا ذهن ۾ هيو. هن نقشي کي تجلي اول، تعيّن اول، حقيقت محمديه، عالم صفات ۽ عالم جبروت جي نالي سان موصوف ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري هن عبارت جو اهو مطلب آهي تہ حضرت شيخ محي الدين ابن عربي جو فصوص الحڪم جي ڪجهہ مقامات تي جو هي چيو آهي تہ تمام اشياء عالم جي ذات ۽ انهن جي صفات عين ذات حق ۽ صفات حق آهن ۽ وري ڪجهہ جاين تي اهو چيو آهي تہ اشياء جي ذات تہ عين ذات آهي، پر اشياء جي صفات تجلي اول (حقيقت محمديه) جي صفات آهن هنن ٻنهي بيانن ۾ تطبيق (هڪجهڙائي، برابري) هن طرح ڏئي سگهجي ٿي تہ حق سبحانه وتعاليٰ ٻہ تجلّيات ڪرڻ فرمايون. هڪ جو نالو تجلي علمي عيني آهي، جنهن کي صوفي حضرات فيض اقدس جي نالي سان سڏين ٿا. هن مان مراد حضرت حق (حق تعاليٰ) جو اهو مظهر آهي، جو حق تعاليٰ جي علم ۾ اعيان ثابته (حقيقت محمديه) تجلي اول يا تعين اول جي صورت ۾ ٿيو. جنهن ۾ تمام موجودات جون استعدادات قابليات (صلاحيتون) تہ داخل هيون، پر ظهور وجودي نہ ٿيو هيو. ٻي تجلي شهودي وجودي آهي، جنهن کي فيض مقدس جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هن مان حق تعاليٰ جو اهو وجود مراد آهي،جيڪو ظاهري صورت ۾ظاهر ٿيو. هي ٻي تجلّي پهرين تجلّي تي مبني آهي ۽ انهن ڪمالات ۽ صفات جو ظهورآهي، جنهن جي قابليّت ۽ استعداد تجلّي اول ۾ موجود آهي.

یک جود تو نقش بسته صد گونه گدا
و آن جود نصیب هر یکی داده جدا
آن جود نخستین ازلاً بود در آن
این جود پسینی است مرتّب ابدا

**منظوم ترجمو:**

ڪرم هڪ تنهنجو جنهن جا سڀ گداگر
ڪرم ٻيو سڀ جو حصو آ سراسر
ڪرم پهريون ابد کان آهي جاري
ڪرم پويون ازل تائين برابر

**نثري ترجمو:** تنهنجو هڪ ڪرم اِهو آهي، جنهن جا سڀ طلبگار آهن. ٻيو ڪرم اهو آهي تہ هر گدا کي پنهنجو پنهنجو حصو ملي رهيو آهي. پهريون ڪرم ابد کان جاري آهي ۽ ٻيو ڪرم ازل تائين جاري رهندو.

پس اضافه وجود کمالات تابعه مر وجود را بحق سبحانه و تعالیٰ باعتبار مجموع تجلّیتین است، و اضافه وجود بحق و اضافه توابع آن باعیان و اعتبار تجلّی ثانیست، زیراکه مترتب نمی شود و بر تجلّی ثانی الاضافه وجود بر اعیان و اظهار آنچه اندراج یافته بود، در ایشان بمقتضی تجلّی اول.

**ترجمو:** اشياء عالم (موجودات ڪائنات) جي ذات ۽ صفات جو حق تعالیٰ سان منسوب ڪرڻ مان مراد انهن ٻنهي تجليات جي مجموعي

صورت ڏانهن منسوب ڪرڻ آهي يعني اشياءِ عالم جي ذوات (ذات) عين ذات حق آهن ۽ انهن (اشياءِ عالم) جي صفات، نتيجو آهن تجلي ثاني جو، جنهن جي ڪري تمام اشياءِ عالم جو ظهور ٿيو توڙي جو اشياءِ جي حقيقت تجلي اول ۾ به داخل هئي.

بشنو سخنی مشکل و سرّی مغلق
هر فعل و صفت که شد باعیان ملحق
از یک جهت آن جمله مضافست بما
وز وجه دگر جمله مضافست بحق

**منظوم ترجمو:**

ٻڌو هي سخت ۽ مشڪل حقيقت
صفت ۽ فعل جي اشياء ڏي نسبت
اهو هڪ طرح آ منسوب مون ڏي
وري ٻئي پاسي ٿي رب ڏي اضافت

**نثري ترجمو:** ذرا هوش سان ٻڌو مان هڪ نهايت مشڪل ڳالهه ۽ ادقّ (ڳنڀير) راز بيان ڪري رهيو آهيان، اهو هي ته هر فعل ۽ صفت جنهن ڪي اوهان بظاهر اشياءِ ڪائنات سان منسوب ڪريو ٿا، اهي هڪ نقطه نظر ۾ انهن اشياء ڪان صادر ٿين ٿا ۽ ٻئي نقطه نگاه ۾ انهن جو فاعل (ڪرڻ وارو) خود حق تعالىٰ آهي. اهو اهوئي حقيقت ۽ مجاز وارو معاملو آهي حقيقت ۾ فاعل حق تعالىٰ آهي ۽ مجاز ۾ يعني بظاهر ان جو فاعل انسان آهي.

# خاتمه

چون مقصود از این عبارت و مطلوب از این اشارت تنبیه بود بر احاطه ذات حق سبحانه و تعالیٰ و سریان نور او در جمیع مراتب وجود تا سالکان آگاه و طالبان صاحب انتباه بشهود هیچ ذات از مشاهده جمال ذات غافل نشوند و بظهور هیچ صفت از مطالعه کمالات صفات او غافل نگردند و آنچه مذکور شد در ادای این مقصود کافی بود و به بیان این مطلوب وافی لا جرم بدین قدر اقتصار افتاد و بر این چند بیت **رباعي** اختصار کرده شد.

**ترجمو:** دراصل هن عبارت (لکڻي) جو مقصد ۽ هنن اشارن جو مطلب اهوئي هو تہ حق تعالیٰ جي ذات ۽ سندس نور تمام مراتب وجود ۾ سرايت (دخول) ڪيو آهي ان ڪان حقيقت جي راه تي هلندڙ واٿهڙن کي خبردار ڪجي تہ اهي ڪنهن بہ شيءِ جي مشاهدي جي ڪري ذات حق جي مشاهدي ڪان محروم نہ ٿي وڃن ۽ صفات حق جي ڪنهن بہ هڪ صفت جي ظاهر ٿيڻ ڪان غافل رهجي نہ وڃن. اسان جو خيال آهي تہ جو ڪجهہ بيان ٿي چڪو آهي، اصل مقصد جي پيش ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ان ڪري انهيءَ تي اڪتفا ڪجي ٿي ۽ وڌيڪ هيٺ ڏنل **رباعين** جو اضافو ڪجي ٿو:

جامی تن زن سخن طرازی تا چند
افسون گری و فسانه سازی تا چند

اظهار حقائق بسخن هست خيال
اى ساده دل اين خيال بازى تا چند

**منظوم ترجمو:**

او جامي ڪيسين الفاظن جو جادو
فسانہ سازي حسنِ فن جو جادو
بيان ٿيندي نہ حرفن ۾ حقيقت
چڙي ڏي پورڙا خيالن جو جادو

**نثري ترجمو:** اڙي جامي هي لفظن جي دلڪشي افسانا سازي ۽ جادوگري ڪهڙي ڪم جي!! هن مان ڪهڙو فائدو، ڇو تہ اصل حقيقت جو اظهار لفظن ۾ نٿو ٿي سگهي. هي خام خيال آهي. اڙي ساده دل (جامي) اهڙو خيال ڇڏي ڏي.

در ژندۀ فقر عيب پوشى بهتر
در نكته عشق تيز هوشى بهتر
چون بر رخ مقصود نقابست سخن
از گفت و شنيد ما خموشى بهتر

**منظوم ترجمو:**

سٺي آ گودڙي عيبن ڍڪڻ ۾
پلائي عشق جي، تيزي ڪرڻ ۾
بنا مقصد جي جيڪا گفتگو آ
چڱو اهڙي سخن ڪان چپ رهڻ ۾

**نثري ترجمو:** فقر جي گودڙي ۾ تن بدن جي عيب جي پرده پوشي بهتر آهي ۽ عشق جي معاملن ۾ هوشياري ۽ تيز فهمي سٺي شيءِ آهي،

چوڻ سخن يا گفتگو جو ما في الضمير يعني مقصود ۽ مطلوب تي پردو چڙهيل آهي ۽ اهو سخن جو پردو هٽي ويو يعني گفتگو ڪري ويٺو ته ڪيس ڪجھ ظاهر ٿي پوندو. اهڙو سخن جنهن جي الفاظن ۾ حقيقت جي پرده ڪشائي نه، پر پرده پوشي لازم اچي ته اهڙي سخن ۽ ڪلام ڪان خاموش رهڻ بهتر آهي. شيخ سعدي رحمة الله تعالیٰ عليه چيو آهي:

تا مرد سخن نه گفته باشد
عيب و هنرش نهفته باشد

يعني جيستائين ڪو ڳالهائيندو ڪونه، تيستائين سندس عيب ۽ هنر ڍڪيل هوندا.

تاکی چو درای کردن افغان و خروش
یک دم شو از این هرزه درای خاموش
گنجینۂ درهای حقائق نشوی
مادام که چون صدف نگردی همه گوش

**منظوم ترجمو:**

تون ڪيسين دانهيندين گهڙيال وانگر
انهيءَ بڪواس ڪان آ ماٺ بهتر
حقائق جو خزانو هٿ نه ايندو
همه تن گوش ٿي ٻڌندين نه جيتر

**نثري ترجمو:** تون گهنٽي وانگر ڪيستائين شور مچائيندو رهندين. سڻو آهي ته تون خاموشي اختيار ڪر. تون معارف ۽ حقائق جي جواهرات جو هرگز خزانو نه ٿي سگهندين جيستائين تون سپ وانگر همه تن گوش (سراپا متوجه) نه ٿيندين. ياد رکڻ گهرجي ته سپ جي صورت

ٻہ ڪن وانگر آهي، مطلب تہ جيستائين تون مرشد ڪامل جي وعظ و نصيحت تي ڪن لڳائي ڌيان نہ ڏيندين تہ حقيقت ۽ معرفت جي موتين ماڻڪ ڪان محروم رهجي ويندين.

اى طبع ترا گرفته وسواس سخن
مى دار گر اهل دانشى پاس سخن
مكشاى زبان بكشف اسرار وجود
كاين در نشود سُفته بالماس سخن

**منظوم ترجمو:**

طبيعت آ بيان بازي ڏي مائل
سنڀالي گفتگو ڪر مرد عاقل
نہ ڪر اسرار حق ۾ لب ڪشائي
اهي موتي سخن ۾ ايندا مشڪل

**نثري ترجمو:** (اي راقم الحروف، اي مخاطب) فطري طور توکي سخن (ڳالهائڻ، بيان ڪرڻ) جو شوق آهي. جيڪڏهن تون عقلمند آهين تہ پوءِ پنهنجي گفتگوءَ جو خيال رک (گهٽ ڳالهاءِ، زياده بڪ بڪ نہ ڪر) وجود جي رمزن ۽ رازن بيان ڪرڻ بدران زبان کي بند رک، ڇوتہ هي موتي لفظن جي هيرن واري لڙهي (مالها) ۾ پوئي نٿا سگهجن.

يک خط بهتر يکى بعيب اندرکش
وانگه تنتق از جمال غيب اندرکش
چون جلوه آن جمال بيرون ز تو نيست
پا در دامان و سر بجيب اندرکش

**لغات:** تُتُق: (ٻنهي تاء تي پيش) پردو.

**منظوم ترجمو:**

اگر عيب و هنر کي کو کٿي ٿو
جمالِ يار تان پردو هٽي ٿو
پري ان کان جمال جو جلوه ناهي
جهڪائي سر جو گوڏن تي رکي ٿو

**نثري ترجمو:** ماڻهن جي عيب جوئي ۽ پنهنجي هنر تي ناز ڪرڻ تي ليڪو پائي ڇڏ، پوءِ انهيءَ گهڙيءَ تون جمالِ غيب کان فيضياب ٿيندين، ڇوته انهيءَ جمال (جمالِ دوست، جمال غيب) جو جلوو تو کان پري نه آهي، پر تنهنجي اندر موجود آهي، پوءِ گردن جهڪائي (منهن مونن ۾ وجهي) تنهائيءَ جي ڪنڊ ۾ ويهي رهه ته پوءِ توکي جمال يار جا جلوه خود بخود نظر اچڻ شروع ٿيندا.

اى كز غمش افتاده چاكت بكفن
آلوده مكن ضمير پاكت بسخن
چون لال توان بود دروم گر پس از اين
لب را مكشايى بنطق خاكت بدهن

**منظوم ترجمو:**

ڪفن تنهنجو غمِ دلدار ۾ چاڪ
سخن سان ڪر نه آلوده دلِ پاڪ
مثل لال و گهر ٿي ويندين هن بعد
زبان رک بند پنهنجي در دهن خاڪ

**نثري ترجمو:** اي (ادا) تنهنجو ڪفن دوست جي غم ۾ چاڪ ٿي چڪو آهي. تون پنهنجي پاڪ ضمير کي لفظن ۽ ڪلام جي ذريعي آلوده (ميرو) نہ ڪر. تون لال گُهَر ٿي ويندين. رڳو هن بعد خاڪ بدهن، وڏيڪ ڳالهائڻ جي لب ڪشائي نہ ڪر.

جامی غم دوست را به عالم نه دهی
باهر که نه اوست شرح این غم نه دهی
مرغ غم او بحیله شد باما رام
خاموش که مرغ رام را رم نه دهی

**منظوم ترجمو:**

نہ ڏي عالم عوض محبوب جو غم
ڪرين حاسد کي چو هن غم ۾ همدم
هي مرغِ غم بمشڪل ڦاٿو آهي
خموشي ڪر نہ ڏي هن مرغ کي رم

**نثري ترجمو:** اڙي جامي! دوست جو غم اهڙي دولت آهي، جيڪو پوري دنيا جي بدلي ڏئي نٿو سگهجي. جنهن وٽ انهيءَ دوست جي غم جو حل ۽ شرح موجود نہ آهي، ان جي آڏو اهڙي غم کي پيش نہ ڪر (بيان نہ ڪر) هي غم جو پکي وڏن حيلن ۽ مشڪلاتن بعد هٿ آيو آهي، خيال ڪرتہ هي دام ۾ آيل پکي اڏامي نہ وڃي.

تڏهن تہ سعدي شيرازي چيو:

اگر آں ترک شیرازی بدست آرد دلِ ما را
بخالِ هندوش بخشم سمرقند و بخارا را

**ترجمو:** جيڪڏهن اهو شيرازي محبوب مون سان محبت ڪري ته مان سندس ڪاري ترعيوض ڪيس سمرقند ۽ بخارا ڏئي ڇڏيان.

جڏهن بادشاهه سلامت سعدي شيرازيءَ جو اهو شعر ٻڌو ته ڪيس گهرائي تنبيهه ڪئي ته تو سمرقند ۽ بخارا جي اها قيمت ڪئي آهي؟ ان تي سعدي شيرازي وراڻيو ته:

غلط گفتم خطا کردم بها کردن ندانستم
برائی یک نظر دلبر به بخشم هر دو عالم را

**ترجمو:** (سائين منهنجا) مون کان غلطي ٿي وئي، گناهه ٿي ويو، ڇو ته مون پنهنجي محبوب جي (ڪاري تر جي) صحيح قيمت نه لڳائي آهي. (ڪارو تر ته وڏي قيمتي شيءِ آهي) مان پنهنجي محبوب جي هڪ نگاهه عيوض يعني هو رڳو مون ڏي هڪ نگاهه ڪڍي ڏسي ته مان ٻئي جهان ڪيس ان جي بدلي بخشش ڪري ڇڏيان.

مشتاق سچاروي فقير به پنهنجي محبوب کي مخاطب ٿيندي عرض ڪيو ته:

ڏيان پيتا ۾ يادن جي سجڻ سرهاڻ تو توکي
محبت ۾ لکي سارو ڏيان مهراڻ تو توکي

تَمَّتِ الرِّسَالَةُ بِعَوْنِ اللهِ وَ حُسْنِ تَوْفِيْقِهٖ وَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى
عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ
بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ (آمين)

تاريخ 02-02-2018
مطابق ۱۵ جمادي الاول ۱۴۴۰ھ

# حوالا / مددي ڪتاب

1. قرآن ڪريم ۽ احاديث نبوي ﷺ (حوالا موجود)
2. تفسير ضياءُالقرآن: پير محمد ڪرم شاهه الازهري.
3. مقابيس المجالس: حضرت خواجه غلام فريد رحمة الله تعالیٰ عليه
4. سِرّ دلبران: حضرت شاهه سيد محمد ذوقي رحمة الله تعالیٰ عليه .
5. لوائح در عرفان و تصوف: بڪوشش محمد حسين تسبيحي.
6. شرح لوائح جامي: الحاج ڪپتان واحد بخش سيال.
7. لوائح (اردو ترجمه): مترجم سيد فيض الحسن فيضي.
8. لوائح جامي: نسخه مطبوعات حيدرآباد دکن.
9. BY EHWHINFIED (A Treatise on Sufism) LAWA'IH
10. شرح ابيات سنڌي: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو.
11. حقيقت تصوف: شيخ الاسلام ڊاڪٽر محمد طاهر القادري.
12. حسن اللغات جامع (فارسي اردو).
13. شاهه جو رسالو: شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ/ ڪلياڻ آڏواڻي.
14. مثنوي مولانا روم: مولانا جلال الدين رومي رحمة الله تعالیٰ عليه.
15. ومن فضله تعاليٰ "رب اشرح لي صدري ويسرلي امري"

# اقوال حضرت شاهہ ولي الله رحمة الله عليه

- اهو اسان جي جماعت مان نہ آهي، جنهن الله جي ڪتاب تي غور نہ ڪيو هجي ۽ نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جي مبارڪ حديثن ۾ فهم ۽ بصيرت حاصل نہ ڪئي هجي.

- اهو اسان مان نہ آهي، جنهن اهڙن عالمن جي صحبت ترڪ ڪئي هجي، جيڪي صوفي آهن ۽ انهن ڪي ڪتاب ۽ سنت ۾ مهارت حاصل آهي.

- اهي اسان مان نہ آهن، جيڪي اهڙن اهل علم کان ڪناره ڪش ٿي ويا هجن، جيڪي تصوف سان مالا مال هجن ۽ اهڙن محدثين حضرات جي صحبت نہ اختيار ڪئي آهي، جيڪي محدثين هجڻ سان گڏوگڏ فقهاء بہ آهن.

- اهي اسان مان نہ آهن جن ماڻهن اهڙن فقيه حضرات جي صحبت ڇڏي ڏني هجي، جيڪي علم حديث جا بہ ڄاڻو هجن. باقي رهيا جاهل صوفي ۽ جاهل علماء، جيڪي تصوّف جا انڪاري آهن تہ اهي ٻئي چور ۽ رهزن آهن ۽ انهن کان بچڻ گهرجي.

(شاهہ ولي الله جو فلسفۀ نفسيات ۽ تصوّف)

# تعارف

- سچاروي صاحب جي لکڻين جي فني پختگي، وسيع مطالعي جون جهلڪون ۽ سنڌي ٻوليءَ جا رنگ ۽ مناس ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. سچاروي صاحب نہ رڳو عربي ۽ فارسي ٻولين کان آگاهہ آهي، پر انهن ٻولين جو تمام سنو ڄاڻو آهي ۽ پڻ انهن جي اهميت بہ سمجهي ٿو.
- سچاروي صاحب کي اسلامي تعليم جي ڄاڻ بہ گهڻي آهي تہ سنڌي، اردو سان گڏ فارسي شاعري ۽ نثر جو مطالعو بہ گهرو آهي.
- خوش نصيب آهي سنڌيءَ سان گڏ عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جو ڄاڻو سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ۽ نثر نويس محترم سائين غلام حسين مشتاق سچاروي صاحب جنهن کي 'لوائح جامي' جهڙي ڪتاب ترجمو ڪرڻ جو ڀاڳ نصيب ٿيو آهي. سائينءَ جن هيءُ علمي ڪم ڪري ڪمال ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

چيئرمئن

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد